
ٽنڊي باگي جي تاريخ
انور علي عباسي

# ٿنڊي ٻاگي جي تاريخ

انور علي عباسي

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تنڊي باگي جي تاريخ (نثر) |
| ليکڪ: | انور علي عباسي |
| ڇاپو: | پهريون سال 2016ع |
| ڪمپوزنگ: | زوهيب حسن لاشاري، عبدالعزيز ٻليدي |
| | (03453690324)، (03332856646) |
| ڇپائيندڙ: | شهزاد علي عباسي، زاهد علي عباسي |
| | ساجد علي عباسي، جاويد علي عباسي |
| ڇپيندڙ: | .................................................... |
| تعداد | 1000 |
| قيمت: | 300 روپيا |
| رابطي لاءِ | شهزاد علي عباسي 03332598411 |
| ڪور: | ابوبڪر شيخ |
| ملڻ جا هنڌ: | عباسي ٻڪ ڊيپو تنڊوباگو. |
| | سليم نيوز پيپر ايجنسي، تنڊوباگو. |
| | المنصور ڪتري ٻڪ ڊيپو تنڊوباگو. |
| | تنڊوباگو پريس ڪلب، تنڊوباگو. |
| | رحيم ڪتاب گهر، مهراڻ چوڪ،بدين. |
| | سوجهرو ڪتاب گهر، غريب آباد، بدين. |

## ارپنا

بابا مرحوم ” قاضي“ لکاڏنو امڙ امير زادي،

منهنجي دوست مرحوم جميل احمد خاصخيلي ۽

منهنجي شريڪ حيات خديجه جي نالي

هي ڪتاب ارپيان ٿو.

انور علي عباسي

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو | نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|---|---|
| .1 | مهاڳ | 7 | .19 | باگو واهه ڪڍهن ٿيو | 59 |
| .2 | ٻه اکر | 13 | .20 | سائين ڏنو اُڍيجو | 60 |
| .3 | زندگيءَ تاريخ جو سفر | 16 | .21 | شادي خان خاصخيلي | 60 |
| .4 | ليکڪ جي لکڻي | 19 | .22 | گلاب شيدي وڏو | 61 |
| .5 | محبت جي لاٽ جهرڪي ٿي. | 20 | .23 | بلال عرف ننڍو گلاب | 61 |
| .6 | پنهنجي پاران | 22 | .24 | مخدوم حر علي | 63 |
| .7 | ٽنڊو باگو تاريخ جي آئيني ۾ | 26 | .25 | مير باگي جو ڪٽنب | 63 |
| .8 | ساڱرو يا نيرو درياءَ | 38 | .26 | ٽنڊو باگو ۾ رهندڙ ذاتيون | 64 |
| .9 | ٽنڊو باگو جي ٽالپرن جو شجرو | | .27 | مير غلام محمد جو لارينس مدرسو | 78 |
| .10 | ماڻڪاڻي ٽالپر | 40 | .28 | مير جو مسافر خانو | 79 |
| .11 | مير باگي خان جو والد مير مرزو خان | 41 | .29 | مير جو گشتي شفاخانو | 80 |
| .12 | مير باگو خان عرف باگو فقير | 41 | .30 | ويم گهر | 80 |
| .13 | مير باگو ۽ سنڌ راڻي | 44 | .31 | مير جي ڪري | 81 |
| .14 | سونيتي سنڌ راڻي ۽ مير باگي جو عشقيه داستان | 47 | .32 | ڊپٽي جو بنگلو | 81 |
| .15 | مير باگي جو پٽ مير وليو خان | 56 | .33 | ڪدڙا فقيرن جي مڙهي | 82 |
| .16 | ڪيپٽين جو ڪوٽ | 56 | .34 | پيهن جا ڪارخانا | 84 |
| .17 | مير باگو ۽ سنڌ راڻي جو گهر | 58 | .35 | وينجهر فقير جو تنبيلو | 84 |
| .18 | ٽنڊو باگو تعلقو ڪڍهن ٿيو | 58 | .36 | ڪاڪي عمر جي ڪوڙي | 85 |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 37. | ڊڪ | 85 | 58. | سرڪاري اسڪول | 119 |
| 38. | ٽنڊوباگو جو گُتو | 86 | 59. | پرائيويٽ اسڪول | 122 |
| 39. | ٽنڊوباگو جي شاهي بازار | 86 | 60. | اکين واري خيراتي اسپتال | 122 |
| 40. | مگر مان | 88 | 61. | آغا خان هيلٿ سينٽر | 123 |
| 41. | ٽنڊوباگو ۾ ناٽڪ منڊليون | 89 | 62. | پبلڪ پارڪ | 124 |
| 42. | ٽنڊوباگو جا پڙ | 89 | 63 | شادي هال | 124 |
| 43. | ٽنڊوباگو جون درگاهون | 91 | 64. | جمنازيم | 124 |
| 44. | ٽنڊوباگو جون مشهور مسجدون | 93 | 65. | مني اسٽيڊيم | 125 |
| 45. | ٽنڊوباگو جا ديني مدرسا | 96 | 66. | پبلڪ لائبريري | 125 |
| 46. | ٽنڊوباگو جون امام بارگاهون | 97 | 67. | ٽنڊوباگو پريس ڪلب | 126 |
| 47. | ٽنڊوباگو جا جماعت خانہ | 98 | 68. | ماضي ۾ ٽنڊوباگو جا صحافي | 127 |
| 48. | ٽنڊوباگو جا قديم مندر | 98 | 69. | خاڪسار | 127 |
| 49. | ڌرم شالا | 99 | 70. | پن جون پيڙيون ۽ پاڏارا | 128 |
| 50. | چُڙي ۽ ڪنپ جا ڪارخانا | 100 | 71. | رانديون | 129 |
| 51. | ٽنڊوباگو جا کوھ | 100 | 72. | سماجي تنظيمون | 131 |
| 52. | ٽنڊوباگو جون ڪاٽيون | 102 | 73 | عالم دين | 133 |
| 53. | ٽنڊوباگو جا گھاٽا | 103 | 74. | جج | 133 |
| 54. | مشهور درويش ۽ ڪردار | 103 | 75. | وڪيل | 133 |
| 55. | ٽنڊوباگو جا حُر | 107 | 76. | زميندار | 133 |
| 56. | ٽنڊوباگو جون سرڪاري آفيسون | 108 | 77. | واپاري | 134 |
| 57. | ٽنڊوباگو جون بئنڪون | 117 | 78. | اڳوٽا چيئرمين ۽ ميمبر | 127 |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 79. | عورت ڪائونسلر | 134 | 99. | جنسن واريون پيدبيون | 141 |
| 80. | فنڪار | 135 | 100. | سبزي مارڪيٽ | 141 |
| 81. | اسٽامپ وينڊر | 135 | 101. | سبزي منڊي | 141 |
| 82. | ٽانو ٽاهيندڙ ڪاريگر | 135 | 102. | ڪمپيوٽر ڪاتا | 141 |
| 83 | سرن جا ڀٽا | 136 | 103. | ڪمپيوٽر سينٽر | 142 |
| 84. | رازا | 136 | 104. | موبائيل نيٽ ورڪ | 142 |
| 85. | مڱڻهار | 136 | 105. | بسون، ڪوسٽر ۽ وينون | 142 |
| 86 | حلوائي | 137 | 106. | بس اسٽاپ ۽ ڪارن جو اڏو | 142 |
| 87. | ڪاسائي | 137 | 107. | تيل گئس جا پمپ | 143 |
| 88. | درزي | 137 | 108. | ٽنڊوباگو جون مشهور سوغاتون | 143 |
| 89. | آرا مشينون | 138 | 109. | مشهور شخصيتون | 144 |
| 90. | ٽنڊوباگو جون مشهور هوٽلون | 138 | | | |
| 91. | ريزڪي دُڪان | 138 | | | |
| 92. | ڪپڙي جا دُڪان | 139 | | | |
| 93. | بيڪريون | 139 | | | |
| 94. | ڌوبي گهاٽ ۽ ڌوبي | 139 | | | |
| 95. | ڪئبينون | 139 | | | |
| 96. | جتين ۽ بوٽن جا دُڪان | 140 | | | |
| 97. | پرائيويٽ اسپتالون ۽ ڊاڪٽر | 140 | | | |
| 98. | ميڊيڪل اسٽور | 140 | | | |

## مهاڳ

# عشق مان اپريل تاريخ

تاريخ ماضي جي رڙ آهي، تہ تاريخ وحشت ۾ ٻوڙيل وقت جو سُتڪو بہ آهي! تاريخ اورنگزيب جي اگهاڙيءَ تلوار آهي، تہ تاريخ مارئي جي ميريءَ لوئي بہ آهي! تاريخ سرمد جو سُرخ انڪار آهي، تہ تاريخ قرةالعين طاهره جي صوفياڻي نهار بہ آهي! تاريخ شمس تبريز جي لهندڙ کَل آهي، تہ تاريخ مريم عرف سونيتي ايڊيجڻ جي نڙيءَ مان گُذرندڙ گلاب جي پنکڙي بہ آهي! تاريخ رهزنن جي ٻچين ۾ پيل هٿ آهي، تہ تاريخ محبت جو مهتابي ياڪر بہ آهي! تاريخ خود نشان آهي، تہ نشاني تي بہ آهي! صدين ۾ جاڳيل انساني سرگرمين جي پروڙ اسان تاريخ ۾ ٻڌليون ٿا. ڪنوارين جي لٽيل عصمتن جي درد کان نيزن سان ماريل ٻارن جي رَت تائين جو هر رنگ تاريخ جو ڳاڙهو ورق آهي. جتان اسان عجب يا اتساهہ حاصل ڪيون ٿا. تاريخ کي تعصب جي رياڪاري نظريي ۽ نظر وڏو نقصان رسايو آهي. قوميتن، نظرين ۽ مفادن جي طرفداريءَ تاريخ تي اثر انداز ٿيندي آئي آهي. اهوئي سبب آهي جو تاريخي رهزن هيرا سڏبا آيا آهن! تاريخ جو توازن درست ڪرڻ لاءِ شعور جي حامين سدائين احتجاج بلند ڪيو آهي.

تازو عالمي ليول جي محققن آفريڪا ۾ اهڙو هنڌ ڳولي هٿ ڪيو آهي، جيڪو ڏهہ هزار سال اڳ جي ٿيل وڏي جنگ جي نشاندهي ڪري ٿو. ان انساني قتل عام تي کوج ڪندڙ ڏاهن جي هاڻ اها راءِ بيني آهي، تہ اسان کي نئين سِري سان تاريخ لکڻ جي گُهرج آهي! اهڙي ئي دانهن هتي ناميارو تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ علي بہ بار بار ڪندو رهيو آهي تہ " اسان کي غلط ۽ جڙتو تاريخ مان جان ڇڏائڻ گهرجي!" ڇا ڇئجي هتي منڍ کان ئي ابتي تاريخ پڙهائي ذهنن سان زنا ڪيو پيو وڃي! اسان تہ ارتقا جي نظريي تي بہ ليڪ ڏئي ڇڏي آهي! هن صورتحال ۾ باشعور انسانن لاءِ هن فارسي شعر وارو رستو وڃي باقي بچيو آهي تہ "يا تہ پنهنجي طبيعت کي زماني سان هم آهنگ بڻاءِ يا پاڻ ۾ ايڏو حوصلو پيدا ڪر تہ هڪ ئي ڇلانگ ۾ زماني کي اورانگهي اڳيان لنگهي وڃ "اسان لاءِ اهو وڏو اتساهہ آهي تہ اسان وٽ، زماني کي اورانگهي اڳيان لنگهي وڃڻ واري ذهنيت اڄ بہ موجود آهي. ڪيئي ضمير اڃان بہ جاڳندڙ آهن".

ويجهڙ واري عرصي ۾ اسان جي باشعور قلمڪارن جو پنهنجي گم ٿيندڙ تاريخ ڏي توجهہ ڏيڻ وارو لاڙو وڌيو آهي. اها حقيقت بيحد دلربا آهي، پر الميو اهو بہ آهي تہ تاريخ جو بنيادي شعور نہ هُئڻ جي باوجود ڪي دوست هِن ميدان ۾ ٽپي پوندا آهن، جنهن ڪري ڪجهہ بہ هٿ حاصل ناهي ٿيندي، پيو مرحلو هيءُ آهي تہ ماڻهن کان ڳالهيون ٻُڌي تاريخ لکڻ جو سندرو ٻڌو وڃي ٿو. نتيجي ۾ اسان جي پهچ چار صديون بہ اورانگهي ناهي سگهي. سنڌ جي هزارين سال پُراڻي انساني سرگرمين کي سمجهڻ کان اسان اڄ بہ محروم، حيران ۽ پريشان آهيون! اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به سنو عمل آهي جو ڪجهه نه ڪجهه ٿي رهيو آهي، قلم وهي رهيو آهي. تاريخ ڪي قلهورڻ واري ان بيچيني ۾ عاشقن ڪي رُڏل ڏسي دل گلاب ٽيندي رهي ٿي. ان ئي سلسلي ۾ اسان جي ڪاهوڙيي دوست انور علي عباسي جو دلچسپ ڪتاب منهنجي آڏو آهي. جنهن جي مهاڳ لاءِ ڪجهه ڳالهيون سلٽيون آهن. "ٽنڊو باگو جي تاريخ" ڪتاب ۾ دل سان جهاتي پائي اهو خوشگوار احساس اُڀريو آهي ته هن ڪاهوڙيءَ بهترين تحقيقي ۽ تخليقي ڪم سرانجام ڏئي پاڻ ملهايو آهي. هُن نه رُڳو وڏي محنت سان پر دل جي سچائي سان هي پورهيو ڪيو آهي. اهو به سمجهان ٿو ته هن محنت واري ڪم ۾ ڪنهن به ذرهُن سان مناسب تعاون ڪونه ڪيو هوندو، بهرڪيف هُن اهو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. جيڪو سَدڙيا سوچيندي رهجي ويندا آهن. سچ ته هن ڪتاب ڪي اهم چوندي ڪو به وڏاءُ نٿو محسوس ڪريان. هن موقعي تي الاءِ ڇو حافظ شيرازي جو فارسي شعر ياد پيو اچي ته:

"اي زاهد! اچ ته گڏجي جاڪوڙيون ته هِن دنيا جا رنگ، روپ، رونقون، سُونهن ۽ خوشيون گهٽ نه ٿين. نه تنهنجي پارسائي ان جي رنگن کي ڦِڪو ڪري ۽ نه ئي منهنجا اوڳڻ ان ڪي ميرانجهڙو بڻائين."

دل جي ڳالهه اها آهي ته ٽنڊو باگو پر ڳڻو منهنجي لاءِ توڙي پين شاعرن، سانجهوندن لاءِ ڪشش جو سبب رهيو آهي. ان ڪشش جي بنيادي ڪارڻن ۾ هڪ ڪارڻ هي آهي ته هتي روشن خياليءَ جو تسلسل موجود رهيو آهي. ٻيو ڪارڻ هي آهي ته هتي سادگي جي سونهن آهي. مڊل ڪلاس ۽ هيٺين ڪلاس جي زندگين هوندي به ماڻهن جي چهرن تي مُرڪ نظر ايندي آهي. هن علائقي ۾ تخليقي وجد سان پرپل نوجوان نظر اچن ٿا، ۽ سنڌيت جي مهڪ سان دل واسبي رهي آهي. دلچسپ ڳالهه اها به آهي ته هن ڪتاب تي لکندي مون کي جيڪا وبجهيءَ نظر واري عينڪ چڙهيل آهي اها به ٽنڊي باگي جي نشاني آهي، جيڪا پياري ۽ يگاني شاعر منظور سمون سوکڙيءَ ڪري ڏني هُئي! ٽنڊو باگو آفريڪي انسانن جو نڪاٽو بڻيو هو. ان حوالي سان هن شهر جي تاريخي حيثيت وڌيڪ دلچسپ رهي آهي. ٽنڊو باگو جنهن خوبصورتيءَ جو نگر آهي ان جي تاريخ جو هڪ هنڌ، هڪ ڪتاب ۾ سهيڙجڻ بنا شڪ جي شاندار عمل آهي، داد لائق قدم آهي.

توڙي جو لاڙ جي تاريخ لکندڙ اسان جي معتبر تاريخدانن ۽ قلم ڪارن اڳي به ٽنڊي باگي جي ڪردارن ۽ واقعن جا ورق دل سان لکيا آهن، پر انور علي عباسي جي هي تحقيق ان حوالي سان وڌيڪ سگهاريءَ ۽ منفرد آهي جو سڄي تاريخ فقط هن ئي علائقي جي سهيڙيي مڪمل ڪئي آهي، هر واقعي ۽ هر ڪردار کي وضاحت ۽ تفضيل سان پيش ڪري هن جڻ ته نئين زندگي ڏني آهي، نئون روح ڦوڪيو آهي. لڳي ائين ٿو ته ٽنڊي باگي پرڳڻي ۽ شهر جي رڳ رڳ کي هن ڪتاب ۾ جاءِ ملي آهي، تر جيتري گنجائش به انور عباسي ناهي ڇڏي جو ائين چئجي ته ڪجهه رهجي ويو آهي! منهنجي خيال ۾ ڪجهه به ناهي ڇڏيو ويو، اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ڳالھ آهي. مڪمل ذميواريءَ وجداني عشق سان هي تحقيق وجود ۾ آئي آهي، جيڪا داد لائق آهي. اهم ڳالھ اها آهي تہ بيحد خوبصورت ۽ وڻندڙ سگهاري ٻوليءَ ۾ هي ڪتاب لکيو ويو آهي. هُن اجائي مغالطي کي ڪٽي بہ ڪتب ناهي آندو اها وڻندڙ علامت آهي. منهنجي نظر ۾ انور عباسي جهڙا پُر خلوص ڪاهوڙي انسان انهن آرڪيالاجي جي ڊائريڪٽرن کان وڌيڪ عزت لائق آهن، جيڪي ڊائريڪٽر قديم آثارن جي حرمتن کي بہ ٽٽا ليکين. اهڙو مثال هتي نالي واريءَ ليکڪا قرة العين حيدر جي ڪتاب ”ڪاري جهان دراز هي“ مان ثبوت طور پيش ڪجي ٿو، لکي ٿي:

> موئن دڙي جي اڇين اجرين گهٽين مان لنگهندي ڊائريڪٽر آف آرڪيالاجي هڪ پٽ جي سرن مان ڪجھ ٿانون جا ٽڪرا مون کي ڏنا، هڪ هنڌان هڪڙو ننڍڙو هڏو کڻي ان کي ڏيان سان ڏٺو ۽ مون کي چيو تہ مان ڪنهن نوجوان جو هڏو تحفي ۾ ٿو توهان کي ڏيان، اڻ لڀ سوکڙي آهي! مون هن جو ٿورو مڃي پنج هزار ورهيہ اڳ مري ويل انهي انسان جو هڏو کڻي پرس ۾ رکي ڇڏيو!

سنڌين جي هڏن کي تحفي ۾ ورهائيندڙ ماڻهن کان هي اسان جا ڪاهوڙي قلم ڪار سو دفعا وڌيڪ عزت ڀريا آهن، جيڪي پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڳن، مڪانن جي ۽ انهن جي تاريخ جي مالڪيءَ ڪرڻ ۾ مصروف آهن. انهيءَ عشق کي شاباس آهي.

انور علي عباسي عشق ۾ تعمير ڪيل شهر جي تاريخ جي ڪڙيءَ کي ڪڙيءَ سان جوڙي بهترين تحقيقي پورهيو ڪيو آهي. واقعن جي کوج جنهن محبت سان ٿيل آهي، اها محبت بيحد وزنائتي آهي. تاريخ سان هٿ چُراند نہ ٿئي اها سوچ تعميري سوچ آهي. هي لکيل تاريخ لڳ ڀڳ ويجهڙ وارين ٽن چئن صدين تي مشتمل آهي، ان کان پوئتي ڪونہ ٿي وڃي، ٽنڊي باڳي جو بنياد ميرن جي صاحبيءَ ۾ پيو، اڳ اُتي ڪو بہ شهر موجود ڪونہ هو صرف ڪي آڳاٽيون اڻ سڌريل وسنديون هيون، ان ڪري شهر جي بنياد پوڻ جي تاريخي پس منظر کان موجوده دور تائين کي هن ڪاهوڙيءَ جاندار نموني پيش ڪيو آهي. حسن درس جيئن چيو هو ”نئين کي پُراڻو ڪجي دل ڏجي“ ائين انورعباسي بہ وري پُراڻي کي نئون ڪرڻ جي دلچسپ ڪوشش ڪئي آهي، ۽ ان ۾ مڪمل طور ڪامياب پُڻ ويو آهي. اُها ئي هن ڪتاب جي حسناڪيءَ بہ آهي. ڪلھ اڄ جي وچ جا ورق خوشبوءَ ٻٽيا آهن. انور عباسي هن ڪتاب ۾ سومرن جو دور 1026ع ڄاڻايو آهي. جڏهن ساڱرو درياءَ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو هو. جڏهن تہ انگريز محققن سومرن جو دور 1300ع کان 1439ع ڄاڻايو آهي. بهرحال ان دور ۾ ٽنڊو ٻاگو وٽان نيرو درياء گذرندو هو. اهو نيرو درياءَ تي نالو ڇو پيو؟ هن درياءَ تي ڪٽيءَ ڪپڙو رنڱيندا هُئا، نيرسنڌ جو قديم ۽ اهم رنگ رهيو آهي، نير جا ڪپڙا نوجوان ٻيواهن کي پارايا ويندا هُئا، حليم باغي بہ پنهنجي نظم ۾ ”ننگر شهر ۾ نير مهانگو“ خيال پيش ڪري

سوڳ طور ظاهر ڪيو آهي! تي سگهي ٿو ان نيراڻ جي ڪري جيڪا درياءَ ۾ جاڳندي هُئي اهو نالو پيو هُجي. وري به تحقيق گهربل آهي. آئون تحقيق تي زور ان ڪري ڏيان ٿو جو اسان جا ڪجهه تاريخ سان دلچسپي رکندڙ دوست اها راءَ رکن ٿا ته راجا ڏاهر ۽ عربن جي وچ ۾ جنگ لاڙ ۾ لڳي هُئي. اهو به رايو ڏيڻ لاءِ مليو آهي ته راجا ڏاهر جي قبر لاڙ ۾ آهي. اهو به چون ٿا ته محمد بن قاسم لاڙ جي شهر ٻنگارکي به فتح ڪيو هو پر ثبوت گهربل آهن. تحقيق ضروري آهي. اها حقيقت چٽيءَ آهي ته انور علي عباسي ٽنڊي باگي جي اوسر، واڌ ويجهه تبديلين ۽ ان جي بنياد ڪارن کي نهايت شاندار نموني بيان ڪيو آهي. موتيو چانورن مان ٿهيل پيهُن جو هُڳاءُ دل کي اچي ڇهي ٿو. 1786ع ڌاري عاشق مزاج ارڏي انسان مير باگي هن شهر جو بنياد پيار سان وڌو هو پنهنجي سنڌ راڻي سان محبت هن کي هٿي چڪي وني آئي هُئي. هي جيڪو جنگ جوءَ بهادر انسان هو ان کي سنڌ راڻي شرطن تي ملي هُئي، سنڌ جو هي عظيم عشقيه داستان اڍائي صديون اڳ جو آهي. جيڪو ڪشمش سان ٽمٽار آهي. عشق ۾ اڏيل هن شهر جي حقيقت انورعباسي دلفريب انداز ۾ سهيڙي آهي، تاريخ جي لباس ۾ هن سچ کي اجاگر ڪيو آهي. هن داستان کي ڪنهن بي ليکڪ ههڙي تفصيل وار انداز ۾ اڄ ڏينهن تائين ناهي لکيو سچ ته شانائتي تاريخ آرس موڙي جڻ نروار ٿي آهي. سنڌ راڻي جنهن جو اصل نالو مريم عرف سونيتي اڍيجي هو ان کي سنڌ راڻي جو خطاب ته سرفراز ڪلهوڙي نڪاح ڪري ڏنو هو پر ڪنوار نندي هُجڻ ڪري رخصتي نه ٿي سگهي هُئي. ان وچ ۾ سرفراز ڪلهوڙو قتل ٿي ويو ته سنڌ راڻي لاءِ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي ويڙهه شروع ڪري ڇڏي سنڌ راڻي جو نڪاح 1762ع ۾ ٿيو هو. اسان جو بابا پٽائي 1752ع ۾ وفات ڪري چڪو هو يعني ظاهر ٿئي ٿو ته لطيف جي عمر جي آخري عرصي ۾ مريم عرف سونيتي اڍيجڻ جنم ورتو هو. لطيف کان پوءِ هي گلاب سنڌ ۾ ٽڙيو هو! هن حسين سنڌياڻي جون حڪمرانن نندون ڪسيون هيون. بلوچ قبيلن جو زور وڏيل ڏسي ميان عبدالنبي مدد خان پٺاڻ کي دعوت ڏيئي سنڌ تي ڪاهي آيو هو ۽ مدد خان جي گهوڙن جي سنبن سنڌ کي لتاڙي تباهي مچائي هُئي. مير باگو مدد خان وٽ قيدي بڻيو هو پنهنجن جي سازش جو اهو نتيجو هو. مدد خان کان پوءِ ميرن ۽ ڪهلوڙن جي خانه جنگي هالاڻي جي ميدان تي نئون دور شروع ڪيو هو. مير فتح ياب ٿي سنڌ جا حاڪم بڻيا هُئا. سنڌ راڻي جي نصيب جو فيصلو سنڌ جي ورهاست سان واڳجي ويو هو. اقتدار جي ورهاست تي ته با ذوق مير باگو پنهنجي پيءُ جي خون باهه ۾ مليل حصي تان به سنڌ راڻي ڪارڻ هٿ کڻي ويو هو! اها هُن جي عظمت هُئي، محبوبائي هُئي! پر هُن جي حامين جو نظريو ڪجهه مختلف هو! هنن چيو ته: سنڌ راڻي ته اسان کي ڪمائي ڪونه ڪارائيندي! اُهي ڳرا لمحا هُئا. جنگ جي ميدانن جو هيرو حُسن ڪارڻ آزمائش ۾ هو! هن وري به تعميري سوچ جو مظاهرو ڪيو هو ۽ اچي نئون شهر اڏيو هو! تاريخ جو ستم ته ڏسو جو هن عظيم انسان جي آخري خواهش کي به پورو نه ڪيو ويو. هن ٽنڊي باگي ۾ دفن ٿيڻ چاهيو پر هو عمر ڪوٽ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفن ٿي ويو، اڄان بہ اُتي امانت طور پيل آهي! درد ۾ حوصلن جي هي تاريخ واقعي بہ عجيب تاريخ آهي! سنڌ پنهنجي نماڻين اکين سان الاءِ تہ ڇا ڇا ڏٺو آهي!

انورعلي عباسي جي هي سهيڙيل تاريخ وڏي واڪي اسان تي واضع ٿي ڪري تہ لاڙ ڪيئن اوچتو تبديل ٿيو؟ دربدر مهاڻا تہ اتين ئي زندگيون گهاريندا رهيا، پر ڪئين آباد زمينون شڪار گاهن ۾ تبديل ٿينديون ويون! آبپاشي جو انتظام لَٽجي ويو. تحفظ جون ديوارون ڍهنديون ويون. آزاد سنڌ وطن جي عظمت جا آخري آثار ڪر موڙي جاڳي پيا. باغ پيلجي ويا. نڪن مان نٿون لهي ويون. اهو وڏ وجهندڙ سچ تہ مارينڊڙ سچ ۾ احساس آهي! سنڌ جي تاريخ بہ دلفريب تاريخ آهي. حسين عورتن جي حاصلات لاءِ سنڌ ۾ ڪيئي ويڙهون ٿيون آهن. نور محمد ڪلهوڙي جي حسين نڪرائڻ لاءِ ٺر تي ڪاهہ ڪان لاڃان جتڻ ۾ مريم عرف سونيتي ايڊيجڻ تائين، سونل ريپارڻ کان ٻاگهيءَ سومريءَ جي حاصلات تائين سنڌ ۾ رت وهيو آهي. تاريخ ان سچ جي شاهد آهي، تاريخ ان حسن جي پيري آهي!.

انورعلي عباسي انتهائي اهم معلومات اسان تائين پهچائڻ ۾ ايماندارانو ڪردار ادا ڪيو آهي. واسينگ وارا ونگ رڪندڙ ونگي پتڻ کان وٺي سنڌ جي اجهل ۾ اواڪ پاٽي جي حقيقت ڪي هن آٽي سندر ڪتاب ۾ آشڪار ڪيو آهي، ان دريائي پاٽي جي روپ تي سوچجي ٿو تہ اکيون پاڻ پاٽي تي وجن ٿيون. هن ڪاهوڙيءَ جي اپاريل حساسيت ڏاڍي اثرائتي آهي.

هن ڪتاب جا تحقيقي ورق ٻڌائين ٿا تہ 1803ع ۾ مال جي پيل يا چانهين جي ول تان لاڙ پرڳڻي ۾ ويڙهہ ٿي هُئي! هن قسم جي ويڙهن جو عالمي تاريخ ۾ بہ ذڪر ملي ٿو. مثال طور انگلستان ۾ جاگيردارن ۽ زميندارن جي پاڻ ۾ ويڙهہ رهي آهي. هن جهيڙي ۾ ڪيترائي جاگيردار مارجي ويا هُئا. هن جنگ کي تاريخ ۾ "گلابن جي گلن واري جنگ" سڏيو وڃي ٿو! مال جي پيل تان حڪمران ڌرين ۾ ٿيل ويڙهہ کي پڙهي، سنڌ جي آزاديءَ جي آخري دور جي دانهن هينئين ۾ اچي هٿ وجهي ٿي! سنڌ جي ان دور جي حاڪمن وٽ آفريڪي غلامن جو نسل موجود هو. اهو نسل پاڻ کي سنڌيت جي رنگ ۾ رنگي چُڪو هو. جڏهن تہ حڪمرانن سنڌيت کي وساري ڇڏيو هو. مذهبي مت پيدا ڪر ڪٽي بيٺل هو، اهو سڀ هوندي بہ آفريڪي نسل جي سنڌي قوم پرست جرنيل هوشو "مرويسون مرويسون سنڌ نہ ڏيسون" جو نعرو بُلند ڪيو هو. اهو نعرو سنڌ جي آزاديءَ جي آخري شام ۾ رتورت ٿيو هو. پر ان جو پڙاڏو اڄان بہ سلامت آهي! ٽنڊي باڳي ۾ مير باڳي سان گڏ گلاب شيدي جا هٿ بہ نئين شهر جي جنم لاءِ اپريا هُئا. محمد صديق مسافر بہ انهيءَ نسل جو عظيم انسان هو. جنهن سنڌ جي علم ۽ ادب لاءِ پاڻ پتوڙيو هو. مطلب اهو تہ ٽنڊي باڳي جو ماضي گلابن جي هِڳائن سان واسيل رهيو آهي، جنهن تي انور دل سان قلم کنيو آهي، هن نئين دور ۾ پراڻن ورقن تان ڌوڙ ڇنڊي انهن کي اجرو ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب لاڙ جي حوالي سان هڪ نئون تجسس نروار ڪرائي اسان کي اها اهم ڄاڻ ڏئي ٿو ته اوڻهين صديءِ ۾ هتي ڪا خاص ترقي نه ٿي هئي. سمورا نظام هيٺ مٿي ٿيل هُئا. انگريزن اچي تبديلين جو سلسلو شروع ڪيو هو. ويهين صديءَ ۾ هتي فانوس روشن ٿيا هُئا. هتي ٽپال جو به دلچسپ سلسلو نظر ٿي آيو. ٽپال گهوڙن ۾ انن تي ايندي ويندي هُئي. پر ڪلاسيڪيت اها هُئي جو ٽپاليءَ لٺ ۾ گهنگهرو ٻڌي گهمندا هُئا ۽ ٽنڊوباگو ڇم ڇم ڇم ٿي وڄندو هو. مير غلام محمد ٽالپر هن شهر کي پوءِ سنوارڻ شروع ڪيو هو. علاج جي سهولت مهيا ڪئي هئائين. مون پنهنجي وڏن کان ٻُڌو هو ته گهڻو وڏيل ڪپيل ماڻهو ٽنڊي باگي علاج لاءِ موڪليا ويندا هُئا. حيرت آهي ته مير غلام محمد جو قائم ڪيل بورڊنگ هائوس سالن کان بند پيو آهي! هڪ دور ۾ مذهبيءَ رواداريءَ جو روح رهندڙ هي شهر، هي پرڳڻو هاڻ ڪنهن ٻي سوچ ۾ ٻُڏل آهي. اها هاڻي نئين ڳالهه به ناهي. ڇو جو سنڌ يتيم خانو بنيل آهي.

انور علي عباسي جو هي ڪتاب ماضي کي ته ياد ڏياري ئي ٿو پر ان سان گڏ سچ اهو آهي ته موجوده حالتن تي ڪو به مصلحتن جو پردو وجهڻ بدران اهو پردو هٽائي ٿو. اها ضمير جي سچائي جي گواهي آهي، نئي رجحانن جي نشاندهي سان گڏ ماضيءَ جي ويچارگي کي غريب اديب جو جي ويڙهي تائين وٺي اچي سڌو سنئون پيش ڪرڻ، هن جي ٻي باقي جي شاهديءَ لاءِ ڪافي آهي. انور عباسي باشعور قلمڪار طور نروار ٿيو آهي، جنهن کي داد ملڻ گهرجي. هن حقيقتن تان نقاب لاهڻ لاءِ هي پورهيو ڪيو آهي، جيڪو بنا شڪ جي مانائتو آهي. هن لڪل تاريخ کي احساسن جو پيارو لباس ڏنو آهي. قديم مصر جي راڻي قلوپطره لاءِ چيو ويجي ٿو ته هو ايتري ته حسين ۽ نازڪ هُئي جو هن جي نيرن رڳن مان پيئجندڙ پاڻي نظر ايندو هو. سنهريءَ وار ايڏا واڏا ۽ گهاٽا هُئا جو سُمهي اٿندي هُئي ته انهن جا نشان سندس پُنيءَ جي نفيس جسم تي پئجي ويندا هُئا!. انورعباسي ان جو جواب ڏيندي چڻ ٻُڌائي ٿو ته اسان جي سنڌ راڻي به ڪنهن کان گهٽ ڪونه هُئي. اُها پاڻي ۾ گلاب جو پنکڙيون ملائي پيئندي هُئي ته نڙي مان اُهي پنکڙيون نظر ايندي هُيون! هڪ گلاب، ٻئي گلاب کي نڙي سان سنڌ ۾ چمندو هو!

هن ڪتاب جي پوئين حصي ۾ پُراڻين اهم جاين، هنڌن، آثارن جو ذڪر نهايت تفصيل سان موجود آهي، جيڪو دلچسپ ۽ معلوماتي آهي. مندرن، مڙهين، ڍڪ، ناٽڪ منڊلين، ڌرم شالائن، امام بارگاهن، درگاهن بابت بهترين ڄاڻ موجود آهي. ان کان سواءِ بيحد اهم ڄاڻ هن اها به رڪارڊ تي آندي آهي ته ڪهڙا ماڻهو، ڪهڙيون ذاتيون، ڪٿان کان ڪڏهن اچي هتي آباد ٿيون. اُها نئي معلومات بيحد اهم حيثيت رکندڙ آهي، ان قسم جي ڄاڻ نئين نسل لاءِ ڄاڻڻ بيحد ضروري آهي. هن جيڪا جديد دور جي شخصيتن ۽ ذات ڏٺين جي معلومات ڏني آهي اها به بهترين آهي. هن ٽنڊي باگي جي هر سُني شخصيت کي هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو حصو بڻائي هڪ نئين تاريخ پُڻ لکي آهي، جنهن لاءِ هن جو ڪيل ڪم ساراهڻ لائق آهي، هن دل سان پنهنجي پرڳڻي جي مالڪي ڪئي آهي ۽ قوم دوست ڪاهوڙيءَ هُئڻ جو ثبوت پيش ڪيو آهي. تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب هر حوالي سان بهترين ۽ اهميت جوڳو آهي. جنهن جي دل سان آجيان ٿيڻ گهرجي، خاص ڪري نوجوان نسل کي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي، پلي ڪٽي موبائيل ۽ انٽرنيٽ کي اهي سڀ ڪجهه سمجهندا هُجن. پر انٽرنيٽ انهن کي اها حقيقت ڪونه ٻڌائيندي ته مير باگي جي شهر ۾ سڀاڃها غريب سنڌي گهاڻن ۾ اٽ ٻڌي تيل ڪڍندا هُئا. ڦوڳ مان ڪڙ ناهي ويندي هُئي. هن عشقيه داستان جي شهر جو الست رهواسي مصري شيدي گوڏ جي پڙي پائي گوشت جي پڙين تان هڏا هٽ ڪري وجي ڪاٽين ۾ ڪمين جو خوارڪ جو بندوبست ڪندو هوا هن شهر ۾ راهبانا صوفيءَ نانا پالا به جهمريون هٽندو هوا هن شهر جو غريب مائو ڪاريو پڙهي لکي به سرڪاري نوڪري کان محروم رهي لوهه ڪٽيندو رهيوا هن شهر جو مير محمد بخش جادو سکڻ لاءِ وڃي ڪامرو ديس ”بنگال“ نڪتو هو ۽ اُتي هڪ عورت ڪيس ماڻهو مان گهيٽو ناهيو هوا اهڙا ڪل جوڳا مفروضا سنڌ ۾ عام جام آهن. تعلقي ٽنڊي باگي جي رهواسي صالح ڪوسو هڪ وقت ۾ هڪ ساميائي حسينا جي حسن تي هرڪجي ڪوسي مان سامي ٿيو هو. ان ساميائي مان هڪ لڇمڻ پُٽ ڄائو هو ۽ لڇمڻ مان ناٿو فقير پيدا ٿيو هو ناٿي مان ڪانيو پيدا ٿيو جيڪو سامي قبيلي جو سردار بنيو. اهڙي ئي تسلسل جي هڪ قبر جهڏي ۾ پُراڻ جي ڪپ تي لڇمڻ سامي جي ٻڌائي وڃي ٿي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو ڪوسي مان سامي بڻيو هو. ممڪن آهي ته اهو قصو ساڳيو هُجي. مجموعي طور تي هي ڪتاب ”ٽنڊي باگي جي تاريخ“ بنا شڪ جي بهترين علمي ڪاوش آهي، بهترين تحقيقي ڪوشش آهي. ليکڪ محبتن جو مستحق آهي.

ايوب ڪوسو

جنوري 2016ع

## پڌرائي

انور ڪلهوڙي سان منهنجو ڪو ايترو پراڻو واسطو ڪونهي جو ويهي آئون سندس دوستيءَ ياريءَ جي ڪاڙهن، چانون، سانوڻين ۽ سيارن تي ڳالهايان. پر ڪجهه سالن جو جيڪو واسطو آهي اُهو دعا سلام جي سرحدن تي بيٺل آهي، جڏهن به ٽنڊي باگي وڃڻ ٿيو ۽ ٽنڊي باگي ۾ سدائين عثمان راهوڪڙي ۽ نصرالله جروار جي ياريءَ جي ڪري پنڌ پيو آهيان. سو انهيءَ حوالي سان انور سان به ڏيک ويک ٿي. سال ڏيڍ اڳ ۾ جڏهن محترم عثمان راهوڪڙي جو ڪتاب ”سُڪو سنڌو ڪنارا رُنا“ ڇپجي پڌرو ٿيو انهيءَ جي مهيني کن ڪانپوءِ ڪنهن ڏينهن ٽنڊي باگي

پريس ڪلب ۾ ويٺا هئاسون ته ڪنهن دوست چيو ته، انور ڪلهوڙو ٽنڊي باگي جي تاريخ تي ڪتاب ٿو لکي، ڳالهه چڱي هئي سو مون به چيو ته بلڪل لکڻ کپي...ڳالهه آئي وئي ٿي ويئي.

هڪ ٻن مهينن کانپوءِ خبر پيئي ته، انور جي مٽي تي ٽنڊي باگي جي تاريخ لکڻ جو جنون ائين چڙهي ويو آهي جيئن پري جوانيءَ ۾ اڪثر ڪري جن چڙهندا آهن، ڪڏهن خبر پوي ته همراهه مير باگي جي قبر ڳولهڻ عمر ڪوٽ هليو ويو آهي، ڪڏهن تلهار جا پنڌ مطلب ته ٽانڊي تي پير...هڪ ڀيرو دفعو انهيءَ حوالي سان مون وٽ به آيو.

چون ٿا ته، مثبت قدم کڻڻ ته يقينن پلارو عمل آهي پر جيڪڏهن ڪنهن چڱي ڪم لاءِ سوچجي ته اها به پلائي جي ميدان جو سُرهو گل هوندو آهي. انور ڪلهوڙي جي تحرير ڪيل هن ڪتاب ڪي مون سراسري طور ڏٺو آهي ۽ يقينن آئون حيران آهيان ته، ڪنهن ننڍڙي شهر تي هيترو ڪم ڪيئن ٿي سگهي ٿو...!

اُن متعلق ايترو مواد هٿ ڪرڻ هر ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه ڪونهي ۽ نه ئي هرڪو ماڻهو ائين ڪري به سگهي ٿو...پر جي ماڻهو جو عمل سان عشق ٿي پوي ته ماڻهو پڪ سان اُڪري پار پوي ٿو. هونئن ته سنڌ جي تاريخ جيتري تحرير جي صورت ۾ موجود آهي اُها انيڪ مونجهارن جو شڪار آهي، انهن مونجهارن جا انيڪ سبب آهن جن تي گهڻو ڳالهائي سگهجي ٿو... اهڙي منجهيل جهنگل مان پنهنجي علائقي جو مواد ڳولهڻ ۽ اُن تي لکڻ هر ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه ڪونهي.چو ته مون کان جيڪڏهن پڇي ته دنيا جو ڏکيو ڪم ڪهڙا آهن؟ ته منهنجو جواب هوندو ته:...انيڪ ڪم ڏکيا ٿي سگهن ٿا پر اُنهن مان هڪ سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب لکڻ آهي... اهو ان ڪري ته انهيءَ حوالي سان اجان تائين سائنسي بنيادن تي ڪم نه ٿيو آهي.

اسين هن ڪتاب کي ٽنڊي باگي جي ڪٽي مڪمل تاريخ جو اعزاز نه به ڏيون، پر اها به حقيقت آهي ته، ٽنڊي باگي تي هن کان اڳ، هن طريقي سان تاريخي ڪم ڪو نه ٿيو آهي، هن ڪتاب جي اهم ۽ مانائتي ڳالهه اها به آهي ته، ماضيءَ سان گڏ حال تي به تفصيل سان ڪم ڪيو ويو آهي، جنهن جي اهميت و افاديت يقينن ايندڙ وقت ۾ ٿيندي.

مون اڳ به لکيو هو ته، دنيا جو آسان ڪم ڳالهيون ڪرڻ آهي ۽ ڏکيو ڪم عملي قدم کڻڻ آهي، هر شهر مان انور عباسي جهڙو عملي قدم کڻندڙ ماڻهو اُٿي پوي ۽ پنهنجي علائقي جي تاريخ تحرير ڪري وٺي ته ان کان وڏو عملي ڪم ڪهڙو ٿي سگهي ٿو...

ابوبڪر شيخ
ڊيلٽا ڊولپمنٽ پروگرام آفيس
سيراٽي روڊ، بدين.
17 فيبروري 2016،
جا 5 لڳي 35 منٽ، اربع شام.

# زندگي ۽ تاريخ جو سفر

انسان جي ڏرتي تي پهرين وِک کان وٺي هن جديد دور تائين، انسانن جيڪا ترقي ڪئي آهي ۽ جيڪي جنگيون لڳيون. موتمار زلزلن ۾ ڪيئن ساهه وارا ڏبجي ويا. انهن ڏرتي ۾ ڏپيل انسانن جي بستين مان انيڪ بستين ۽ شهرن جي سُڏريل دور ۾ به ڪوتائي ڪونه ٿي آهي، آرين ۽ اڻ آرين وارو قصو به هند ۽ سنڌ جي تاريخ جي جڙت جو مرڪزي سبب آهي. ٽي پوسٽن جي سنڌ جي تاريخ بابت لکيل ڪتاب جو ترجمو نامياري تجرمانگار عطا محمد ڀنڀرو ڪيو آهي. ان ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي ته ميرن جي دور حڪومت دوران سنڌ جي واڻئي واپاري کي صرف گڏهه تي سواري ڪرڻي هُئي. ان جيان ميگهواڙن کي هرک جا ڪپڙا پائڻا ڪونه هُئا، يا ڪن قبيلن کي پاڻ سان گڏ ڪُتا رکڻا هُئا ته اهي ان قسم جا فرمان ڏارين حڪمرانن جا ڌرتي ڌڻين کي سادر ڪيل هُئا. جن مان انساني تاريخ ۾ ٿيل انياءُ ۽ انسانن سان ٿيل ويڌنن جي جهلڪ نروار ٿئي ٿي. اجان تائين ته موئن جي دڙي واري ٻولي پڙهڻ ۾ ڪونه آئي آهي. جنهن ڪري ڪي قياس آرايون ٿيون ڪري سگهجن ته ان سمي هتي لکت واري ٻولي ۾ ڇا ٿي پڙهيو ويو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري به سندس ياد حافظن مرتب ڪرائي. ان جيان اسان تي وري به انگريزن مهرباني ڪئي، جن سنڌي ٻولي جي الفابيٽ ٺاهي. جنهن ڪري عربي، فارسي، هندي توڙي انگريزي ٻولي ۾ تاريخ سميت ٻين ٻولين جا ترجما ٿيا ۽ اسان کي پروڙ پئي ته حڪمرانن جي ثناءُ خواني ۾ ڪنهن ڪنهن تاريخ لکي اڪ ڪارا ڪيا. ڌرتي ڌڻين سان لکتن ۾ ڪيئن ويل وهايا ويا. ظلم جي درياءُ جي وهڪري ۾ اسين هر گهيڙ ۽ گهٽ تان سهڻي جيان ٻُڏا ٿي آهيون. جيڪڏهن انورعلي عباسي طرفان "ٽنڊوباگو جي تاريخ" جو ڇيد ڪبو ته انورعلي عباسي آئون ۽ سُليمان سمون ٻين دوستن سان گڏجي 1990ع کان لکڻ ۽ پڙهڻ لڳاسين. اسان واري سنگت تي انورعلي سميت عبدالواحد آريسر جي تقريرن ۽ تحريرن جو سحر هو. 1990ع کان انورعلي عباسي سان ويجهڙائي ٿي. تڏهن معلوم ٿيو ته انورعلي عباسي مسڪيني حال ۾ جيئي ٿو. هن جو والد قاضي لکاڏنو پنهنجي دور جو بهترين شاعر ۽ زميندار شيخ ڀائرن جي زرعي زمينن جو قاضي هو. جنهن ڪري انورعلي عباسي جو ننڍپڻ ڳوٺ عالي ڦل ۾ گذريو. هن پرائمري تعليم به هتي حاصل ڪئي ۽ جڏهن پرائمري جا پنج درجا پاس ڪيائين ته ڪيس والد مير غلام محمد ٽالپر جي جوڙايل لارينس مدرسو ٽنڊوباگو ۾ ڇهين ڪلاس ۾ داخل ڪرايو ته هن کي ڪلهوڙا محلہ ۾ رهڻ لاءِ ڪا به جاءِ نه ملي، ان ڪري هي هاسٽل ۾ وڃي رهيو. جتي عيدن تي ڪيس سيويون ته نصيب ڪو نه ٿينديون هيون پر لڙڪ نصيب ٿيندا هئا. جيڪي هن خوشي جي موقعن تي پيتا. جڏهن سندس امڙ هڪڙي ڪاري رات جو بنا علاج ٽيڻ جي دم ڏٺي حوالي ڪيو ته ڦلن جي ڳوٺ جي هڪڙي ڪولهي هاري جي بيل گاڏي ۾ انورعلي ٽنڊوباگو تائين ڪچي رستي تان جيڪي لڙڪ لاڙيا، اهي لڙڪ هن جا اهڙا ساٿي ٿيا. جن ڪيس لکڻ ۽ پڙهڻ

سميت مظلوم طبقن جي آزادي لاءِ ڪجندڙ وڪن ۾ ڪيس شامل ڪرائي ڇڏيو. ڇو ته دردن سان انورعلي جو سنگ ته ڄائي ڄم بعد امڙ جي سُتي ڪان ئي شروع ٿي ويو هو. سندس شادي به ٿي ۽ پوءِ گهر جا مسئلا هر برسات ۾ هن جي ڪٿن جي واڏڻ ۾ هٿ، اجهو به اٽيورو. ائين ئي زندگي جي سچن رستن تي هن سفر ڪيو. آهستي آهستي ٻار به وڏا ٿيندا ويس ۽ هي ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 2 مير محله ۾ سنو گهر ناهي وجڻ ۾ ڪامياب ٿيو. پٽن ۽ ڌيءُ جي شادي ڪرائڻ ڪانپوءِ هن کي ٽنڊوباگو جي تاريخ لکڻ جو شوق جاڳيو. مون سان صلاح ڪيائين. مون ڪيس مختلف تاريخ جا ڪتاب پڙهڻ ۽ مواد ڪٺو ڪرڻ جي صلاح ڏني. همراهه رات ڏينهن هڪ ڪري تاريخ جا ڪتاب هٿ ڪري پڙهڻ ۽ ٽنڊوباگو جي تاريخ جا پيرا ڪٽڻ لڳو. ٽنڊوباگو جي تاريخ تي هن جيڪا کوج ڪئي، ڪڏڻ فقيرن جي مڙهي ڪان وني، هن ڪوڪر ذات تي جڏهن قلم ڪنيو ته ڪيس پتو پيو ته ٽنڊوباگو جي ڪوڪر ذات مان ڪو به سرڪاري نوڪري ۾ نه آهي. ان حساب جيان هن سنڌ راڻي تي نهيل اهو اسڪيچ به هٿ ڪيو ته علي دوست عاجز جي لکيل سنڌ راڻي ۽ مير باگو تي اوپيرا به وجهي هٿ ڪئي. مائي جي ڪوهه ڪان وني ڪانيو فقير سامي جي ڪهاڻي جا هن پيرا ڪنيا ته اتي شاعرن، اديبن، صحافين، استادن ۽ هن شهر جي عظيم هستين جا رڪارڊ به ماضي جي دزمان چندي ڦوڪي صاف ڪيائين. ڳولا جي رڻ ۾ پتڪي پتڪي هن دوست جيڪا ٽنڊوباگو جي تڙيل پکڙيل تاريخ مرتب ڪئي آهي. سا هڪڙو اهڙو دستاويز ۽ اهڙو وکر آهي. جيڪو پٽي پُراڻو نه ٿيندو. ٽنڊوباگو جي تاريخ تي سندس لکيل ڪتاب، ان حوالي سان به اهم آهي جو هن ڪتاب ۾ حقيقت نگاري ۽ سچ جي عينڪ پائي دل جي سچائي سان بنا ڪنهن فرق جي جيڪي موتي مالها ۾ پوئيا آهن. تن مان نازبو جي خوشبوءَ جهڙي حقيقي خوشبو اچي رهي آهي. البت ٽنڊوباگو شهر به نيري جي اوپر ڪناري ۽ نار جي پوني تي واقع آهي، اهو نار جو پونو جتي محمد بن قاسم ۽ راجا ڏاهر جي فوجن جو آمهون سامهون ٿيو هو راجا ڏاهر جي لشڪر هار کاڌي هُئي ۽ پوءِ محمود غزنوي ۽ مدد خان پٺاڻ جي گهوڙن جون ٽاپوليون به هن پوني تي پنهنجا نشان ڇڏي ويون آهن. نارو شاهه ۽ هنجهڙو فقير جي قبرن جا نشان به سندن ياد ڏياري رهيا آهن. پر نه آهن ته سنڌ راڻي ۽ مير باگو جون قبرون به هتي نه آهن. انهن جي يادن جو لازوال لوڪ قصو ئي آهي ۽ ٽنڊوباگو پريس ڪلب ئي آهي، جيڪو مير باگي جي نالي تي نهيل آهي، ٽنڊوباگو پريس ڪلب جي سٿ ئي آهي، جنهن مير باگو ۽ سنڌ راڻي ادبي ڪانفرنس ڪيترا ئي پيرا ڪرائي ۽ مون ڪتاب نثر ۾ لکي هن پٽ جي تاريخ تي قلم کنيو ۽ هاڻي انورعلي ”ٽنڊوباگو جي تاريخ“ تي ڪتاب لکيو آهي. جنهن جي ورق ورق ۾ هن پنهنجي سمجهه ۽ عقل موجب انصاف ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪم انتهائي مانائتو ۽ وڏي وسوڪ وارو آهي، هن پنهنجي قلم جي گهوڙي کي تاريخ جي ميدان تي ڊوڙائي ڊوڙائي لفظن جو ڪوٽ اڏيو آهي. ان ڪوٽ کي ڏٺل راڳي ۾ تي سگهي ٿو ته ڪٿي هيٺ مٿاهين ٿي وئي هُجي، پر ”ٽنڊوباگو جي

تاريخ“ ڪتاب جي اتهاس ۾ هڪڙو واڌارو ۽ اهڙو دستاويز آهي، جيڪو ايندڙ وقت ۾ پنهنجو عڪس پسائيندو رهندو ۽ سندس هي ڪتاب جي صورت ۾ ڪيل پورهيو تاريخ جو حصو رهندو. انورعلي عباسي ٿنڊو ياڳو جي گهٽين جي خوشبو کي جيڪا لفظن جي امرتا بخشي امر ڪيو آهي، سو ڪيس تاريخ ڪڏهن به ڪونه وساريندي. سندس پورهيو ڪيس ڪهڙي مجتا ٿو ڏياري سو ته تاريخ ساڻس انصاف ڪندي دير يا سوير پر تاريخ پنهنجي ڪفن کي ڪڏهن به ميرو ناهي ڪندي، مون کي يقين آهي ته انورعلي عباسي جو نالو به ان فهرست ۾ ضرور شامل ٿيندو ۽ ڪيس پنهنجي پورهيئي جو چڱن لفظن ۾ اجورو ملندو ئي رهندو. انورعلي عباسي ناٽڪ منڊلي ۾ اداڪاري به ڪئي. سٺو مقرر ۽ اناؤنسر به آهي، ٿوري شاعري به ڪيائين. هن ڪتاب کان اڳي شهيد رفيق ڪوسو، چاچو عارب لوهار ۽ صاحب محل بابت سندس تحريرون به يادگار ۽ تاريخ جو حصو آهن. ان کان سواءِ سندس نثر ۾ ڪيل ڪم ساراهڻ جوڳو آهي، انورعلي عباسي سرمد جيان عشق به ڪيو! سندس پنهنجن کان وڌيڪ سنگت پر جهلو رهي آهي.

عثمان راهوڪڙو

04 جنوري 2016ع

## ليڪ جي لکڻي

ڪتاب لکڻ ايستائين دل جا تاڪ نٿي کولي، جيستائين اها لکڻي ليڪ جي مطالعاتي تجربي مان ساهه نٿي کڻي! نه ته لکڻي ڪي رڳي لکي ڇڏڻ هڪ اهڙي روايت پٺي جو اڪيچار ڇٻيو جيڪو روايت پٺو انهن اکين جي حصي ۾ ايندو آهي. جيڪي عشق جي گسن جي پنڌن کان اڻ واقف هونديون آهن. جن ڪي ڪتاب سڏُ ٻُڌ ناهي هوندي، هڪ سنجيده ليڪ جي لاءِ اهو بنهه ضروري هوندو آهي ته هو لکڻ مهل ان ليک ۾ ائين گم ٿي وڃي، جئين خوشبو هوا ۾ گهلي ملي ويندي آهي. ائين اها پڻ ڪوشش ڪري ته هو جنهن تجربي مان گذري ان کي لکي رهيو آهي، ان ۾ روانگيءَ سان گڏوگڏ تخليق جو اهو جوهر به ٽانڪي، جنهن سان پڙهندڙ ٻڌندڙان سحر ۾ جڪڙجي وڃي، ايتر بقدر جو ليڪ جي ڪيفيت حقيقي معنيٰ ۾ انهيءَ جي تصوير جو عڪس اڪاري، ڇوته اهو به ليڪ تي لازمي ٿئي ٿو ته سندس ذاتي مطالعي ۽ مشاهدي جي عيوض ان لکڻي جو اصل مقصد يا قصو ائين اظهاريل هجي جو ڪٿي به انهي لکڻي ۾ ڪو خيال يا جهول پنهنجا مهاندا يا منطق وساري نه ويهي. انورعباسيءَ کي به اهڙن ليکڪن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو هن جي ٻولي جو رنگ ۽ ڍنگ پنهنجي سمورن خوبصورت مهاندن جو اهو ملوڪ پٽو رکي ٿو. جنهن کي انيڪ جلوه گيريون آهن، توڙي جو هن جي لکڻ جو انداز بنهه مختلف ۽ نئون آهي، دلچسپ موضوعن کي دلچسپ انداز ۾ لکڻ به وڏو فن آهي. تڏهن ته هو پنهنجي هم اثر ليکڪن ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو اها ٻي ڳالهه آهي ته هن جي لکڻين ۾ هيڪاندين تشبيهن بجاءِ حقيقي لفظن جي منظرنگاري جئين جو تئين پنهنجو اثر ڏيکاريندي محسوس ٿئي ٿي. بلاشڪ ائين چوڻ ۾ ڪو به عار محسوس نٿو ڪريان ته هن وٽ لکڻ جو ڏانءَ نت نئون آهي. جنهن جي آڌار تي هو ڏکهي موضوع جي نزاڪت ۾ ڪٿي به وڃايل نٿو محسوس ڪرائي، اها ئي روا هڪ سنجيده ۽ منفرد ليکڪ جي سڀ کان وڏي گواهي آهي، هن جا موضوع نوان ۽ انهن کي ائين نئين پيرا ۾ لکڻ پڻ هڪ وڏي دانشمندي جو ثبوت آهي، انورعباسي ٽنڊوباگو جي تاريخ جي تاجي پيٽي ۾ جيڪي حقيقي رنگ اٿيا آهن، اهي ڏاڍا دلچسپ ۽ معنيٰ خيز لقاءُ جي مانند آهن، توڙي جو انور عباسي هڪ نئون ليکڪ دوست آهي پر پوءِ به سندس هي ڪتاب پڙهي اکيون پوري اها راءِ ڏيئي سگهجي ٿي ته هن پنهنجي نئين اسلوب ۾ رچي روايت پٺي جي پراڻي ريت کي پُٺي ڏيئي، پنهنجو هڪ الڳ لکڻي ۾ لهجو دريافت ڪيو آهي. جيڪا ڳالهه ڪيس کي پنهنجن سيني هم اثر ليکڪن ۾ ڏار ڪري پيهاري ٿي. انور عباسي جي هن ڪتاب ( ٽنڊوباگو جي تاريخ ) کي اکين جي اها تاريخ به پڙهندي جيڪا ڪڏهن به حق ۽ سچ کي ٻڌڻ نه ڏيندي آهي، جيڪا حقيقتن جي آگر کي پڪڙي زماني جي گهٽين مان گذرندي رهندي آهي، بلڪل اياز جي هن نظم جيان ته

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا
گهايل ڌرتي جي سيني جي
گهري اهڙي چيخ ٿين ٿا
جا صدين کي جاڳائي ٿي
ماڻهن کي بدلائي ٿي.

ابن ڪلهوڙو
25 جنوري 2016 بدين

## محبت جي لاٽ جهرڪي ٿي.

ڪن ماڳن ۽ مڪانن جي جڙڻ پنيان محبتن جون حقيقي ڪهاڻيون سمايل هونديون آهن. اهڙين ئي هن لاڙ پٽ جي شهر ٽنڊي باگي جي وجود ۾ اچڻ واري مير باگي خان ٽالپر ۽ مريم اديجي عرف سنڌ راڻي جي محبت واري حقيقي ڪهاڻي آهي، محبت شعوري نه ٿيندي آهي اتفاق ئي محبت کي جنم ڏيندو آهي. اهڙين ئي مير باگي خان ٽالپر ۽ مريم جي محبت جي نتيجي ۾ ٽنڊي باگي شهر جو وجود پيو. شيخ اياز ننڍي کنڊ جي تاريخ متعلق لکي ٿو ته تاريخ جي ارتقا سمجهه کان ڪيتري نه پري آهي! ڪوئي امڪان کان بعيد واقعو ان جي واڳ موڙي، ان کي ڪيترو نه منزل کان هٽائي ٿو ڇڏي! تاريخ ۾ ڪنهن به شعوري قوت جي تلاش اجائي آهي. واقعي غالب جو اهو شعر ته وقت جو گهوڙو ڊوڙي رهيو آهي ۽ نه ان جي واڳ ۾ هٿ آهي ۽ نه رڪاب ۾ پير. تاريخي نقط نظر کان ڪيترو نه صحيح آهي، هن ننڍي کنڊ جي تاريخ مارڪس جي جدلياتي ماديت کي ڪهڙو نه غلط ثابت ٿي ڪري، هتان جي تاريخ فقط اتفاقي حادثن جو هجوم آهي، جنهن ۾ ڪوئي ارتقائي شعور نظرنٿو اچي. جيڪڏهن مون سان ڪو به ڪنهن ڪائناتي ارتقا مادي يا غير مادي تي بحث ڪري ته، مان هن کي فقط هي جواب ڏيان ته مون کي خبر آهي ته سنڌوءَ بنا ڪنهن سبب جي وهڪروڦيرائي اروڙ کي ناس ڪري ڇڏيو. ( جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي) جيڪڏهن مير باگي ۽ سنڌ راڻي جي محبت جي ڪهاڻي جو وجود نه هجي ها ته شايد ٽنڊو باگو شهر جو وجود به نه هجي ها. ٽنڊي باگي جي جڙڻ جو سبب مير باگي جي سنڌ راڻي سان محبت ئي آهي، اهو ئي محبت جو ڪمال ئي هو جو هن وقت ان ڪمال جي محبت جا پيرا کڻندي منهنجي دوست، انور علي عباسي تاريخ جهڙي انتهائي ڪٺن ڪم ۾ هٿ وڌو. هن ٽنڊي باگي جي تاريخ تي ڪتاب لکي تاريخ سان نياءُ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. تاريخ سان نياءُ تمام ڏکيو ۽ ڪٺن ڪم آهي، هر ڪنن

ڪم ڪي اهو نيائي سگهندو آهي، جنهن جي دل ۾ محبت جي ڏياتين جي لاٽ جهرڪندي آهي. جنهن جي دل ۾ محبتن جا دلڪش رنگ جهرمرڪري پنهنجي پيار جون دلربا صدائون بلند ڪندا آهن. هن مانائتي دوست جيڪا ٽنڊي باگي جي تاريخ لکي آهي، اها حال ۾ لکي ويندڙ منفرد تاريخ جي ڪتابن ۾ هڪ واڌارو آهي. ٽنڊو باگو جي تاريخ لکڻ لاءِ هن ڏينهن رات جيڪا جاکوڙ ڪيئي آهي، ان تي جيڪڏهن لکجي تہ هڪ ڪتاب هن جي خالي جاکوڙ تي لکي سگهجي ٿو. هن ٽنڊي باگي جي تاريخ اهڙي انداز سان لکي آهي جو اسان جي ايندڙ ڪيترن ئي نسلن جي ٽنڊي باگي جي تاريخ متعلق رهنمائي ٿي سگهندي. تاريخون لکيون وڃن ٿيون پر ڪي تاريخون ماضي جون حقيقتون هونديون آهن. ائين ٽنڊو باگو جي تاريخ ڪتاب هن شهر ۽ ان جي آس پاس جي شاندار حقيقت آهي، جنهن لاءِ هي جس لهڻي. ٽنڊو باگو جي پاڙن، گلين، بازارن جي چوڪن ۽ ٽنڊو باگو جي ٻنين، ڍورن، پڊن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي هن شهر جا وقت جي واري هيٺان لڪيل قصا ۽ ڪهاڻيون پنهنجي قلم سان چنڊي صاف ڪري، اسان کي هن شهر جي شاندار ماضي جو دستاويز پيش ڪري پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو آهي. هاڻ اسان جي مٿان ڇڏيل آهي تہ هن جي قلمي پورهئي جو ڪهڙو قدر ٿا ڪيون ۽ ان قلمي پورهئي مان ڪيترو ٿا لاڀ پرايون....

نصرالله جروار ٽنڊو باگو

19-02-2016

## پنهنجي پاران

تاريخ اهڙو سبجيڪٽ آهي جنهن جي ذريعي ڌرتي تي ٿيل ۽ ٿيندڙ لقاءُ محسوس ڪيا ويا ۽ ڪجن ٿا. رب جليل ڪئين ڌرتي کي جوڙيو. حضرت آدم عليه السلام جنت کان جڏهن ڌرتي تي لاٿو ويو ته سندس پير هن ڪائنات ۾ ڪٿي ڪٿي آهن. انهن پيرن جي ڳولا جيان آئون هن ڪتاب ۾ سنڌ جي جنهن خطي جو ذڪر پيو ڪريان اتان ساڳر ويا نير و درياءِ وهندو هو. ان درياءَ مان ڪيترا غوراب ۽ پيڙيون لنگهيون. جتي انهن جا عڪس چٽا نه آهن. اتي ان درياءَ جي ڇولين جڏهن چلڻ بند ڪيو ته انهن جا ڪنارن تي ڏنڏلا عڪس رهجي ويا. هن ماڳ تي ڪنهن ڪنهن جا پير مٽي سان ملي مٽي ٿي ويا. تنهن بابت انهن جا احوال ان ڪري نه ٿا ملن جو سنڌ جي تاريخ گهڻي پاڳي ٻاهرين حملي آورن جي حامي تاريخدانن لکي، جن جو هتي جي ٻهارن سان ڪوبه تعلق ڪونه هو. سنڌ جي پراڻي تاريخ جيڪا بادشاهن کي خوش ڪرڻ ۽ انهن جي درٻارن جو شان ۽ مان قائم رکڻ لاءِ لکي ويئي هئي، ان جو پنهنجو معيار آهي. انهن تاريخن جي لکت ۾ قلم، مس ۽ ڪاغذ غريبن جي هڏن، رت ۽ چمڙي مان ٺهيل هوندا هئا. سنڌ ۾ ڪاهن مٿان ٿيل ڪاهن، حملن، زلزلن، قدرتي آفتن موضوع واري پٽ تي اهڙا چٽ چٽيا آهن، جيڪي ڦاٽل ڪاڳرن ۽ ٽُٽل ٺِڪرن وانگر ٽڙيا ۽ پکڙيا پيا آهن. سنڌ جيڪو ڪڏهن هڪ آزاد خوشحال ۽ خوبصورت خطو رهيو آهي، هي سونهاري سنڌ جيڪا ڪڏهن اوج وارين مستين ۾ هئي، جڏهن هن تي سومرن، سمن، ڪلهوڙن جي حڪمراني هئي، تڏهن سنڌ ملڪ جون سرحدون بمبئي ۽ لاهور سان ٿي لڳيون. تڏهن سنڌ جي ماڻهن جي سونهن، سچائي ۽ عشق جون عظمتون شاهه لطيف، سچل، سامي ۽ خليفي نبي بخش قاسم پنهنجي شاعري ۾ سمايون ته پيو اهڙو به دور هو جڏهن هن سونهاري سنڌ کي ارغونن، ترخانن ۽ پناڻن وقتن به وقتن تاراج ڪري پيليو آهي. انهن جي ڪٽن عملن تي ڪافي لکيل تاريخن ۾ پردو رکي ڪين ساڏ ڪري پيش ڪيو ويو. سنڌ جا سمورا شهر هڪ ٻي کان وڌيڪ اهم ۽ تاريخي آهن. هر شهر جي پنهنجي الڳ تاريخ رهي آهي، ڪيترن ئي وڏن اديبن، تاريخدانن سنڌ جي پنهنجي علم، تجربي ۽ تحقيق سان ڪجهه سالن کان تاريخ لکي آهي. جنهن ۾ ننڍن شهرن جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ وڏن شهرن قومن، ذاتين، اهم ماڻهن ۽ خاص جڳهين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي، موجوده وقت جي محققن، اديبن، ڪالم نگارن پنهنجن شهرن جي پراڻي ۽ نئين تاريخ لکڻ شروع ڪئي آهي. ٽنڊوباگو شهر به سنڌ جي تاريخي شهرن مان هڪ آهي. هن شهر جو وجود ۾ اچڻ ميرباگي جي سنڌڙاڻي سان عشق واري ڪهاڻي جي ڪري ٿي. ساڳري ۽ نيري درياءَ جي ڪناري تي هڪ پيار ڪهاڻي جي تڪميل ڪانپوءِ هن شهر ۾ سوين پيار ڪهاڻين جنم ورتو. هن شهر لاءِ مشهور آهي ته جنهن ماڻهو هن شهر جو پاڻي پيتو اهو ماڻهو هن شهر جو ٿي ويو. ٽنڊوباگو شهر جنهن کي ميرباگي اڏيو. ان شهر کي هتان جي هڪ جاگيردار مير غلام محمد ٽالپر علم جي روشني سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙڪايو. هن شهر وڏا اديب، دانشور، اسڪالر ۽ استاد پيدا ڪيا ته ان سان گڏوگڏ هن شهر حساس جذبن وارا شاعر، بيباڪ صحافي ۽ ليکڪ پڻ پيدا ڪيا آهن. هن شهر ۾ سياسي ۽ سماجي سرگرمين جي ڪڏهن کوٽ محسوس نه ٿي آهي. لاڙ علائقي سان تعلق هئڻ ڪري اڄ به هن شهر ۾ موتيو ۽ رتڙين چانورن جي مهڪ محسوس ٿئي ٿي. سارين جو فصل، ڪمند جو فصل، ٽماٽا، ڦٽيون پيندبيون ۽ مڇي هتي جام ٿين. پر (ول واري جنگ) جو سبب بنيل چاهيون ۽ گدرا به هن علائقي جي سڃاڻپ بنجي ويا آهن. ذڪ صرف اهو آهي ته فقط ٽنڊوباگو جي تاريخ اڳ لکيل نه هئڻ جي ڪري هڪ اهڙي وقت سهيڙي رهيا آهيون، جڏهن ٽنڊوباگو جا اهي وڏڙا جيڪي پاڻ ڪڏهن خود زنده تاريخ هئا، اهي هاڻ نه رهيا آهن. انهن جي وڇڙي وڃڻ جي ڪري ڪيترين ئي تاريخي ڪٿائون رهجي ويون آهن. 1786ع ۾ هن شهر جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ هن شهر جي جاءِ تي ڇا هو؟ ڪوڳوٺ هو يا نه؟ هتي انساني آبادي هوندي هئي يا نه؟ تاريخ جي ڄاڻو سائين فتح محمد ٽيپو موجب ته نيرو درياء جي اپرندي ڪپ پرسان موجوده ٽنڊوباگو کان اڳ هن هنڌ تي ڏني ملاح نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو. جڏهن ته هن شهر جي هڪ استاد شبير احمد خاصخيلي پنهنجي ابن ڏاڏن ۽ وڏڙن جون پراڻيون ڳالهيون نوٽ ڪري لکي رکيون آهن، جن مان پتو پئي ٿو ته 1786ع ۾ ميرباگي پاران هن شهر کي اڏڻ کان اڳ هتي هڪ مٽي جي دڙي تي ڪوڳوٺڙو هو جنهن ۾ ملاح، سک، واڻيا، ڪاڇي (هندو) ۽ خاصخيلين جا ڪجهه گهر هوندا هئا، هتي ڪرڙ ڄارين ۽ ڪنڊين جا وڏا وڻ هوندا هئا، جنهن ڪري هن ڳوٺ کي ڪنڊين وارو ڳوٺ چيو ويندو هو. پر اها ڳالهه اڃان به تحقيق طلب آهي. موجوده ٽنڊوباگو شهر جيڪو پراڻي سنڌو درياء جنهن کي نري وٽان ساڳرو ۽ ٽنڊوباگو وٽان نيرو چيو ويو جي ٿو جي اپرندي ڪناري پرسان قائم آهي، به ڪلوميٽر اتر طرف اوڀايو چانهيو جي ڳوٺ وٽ لنجوفقير ملاح جو پتڻ هو. اتان جڏهن نيرو درياء وهندو هو تڏهن ان جڳهه تي ٻيڙيون هلنديون هيون. جتان ٻيڙين ذريعي مقامي ماڻهو درياءَ جي هن پاسي ويندا هئا. ٻي طرف ٽنڊوباگو شهر کان 3 ڪلو ميٽر ڏکڻ ۾ اولهه جي ڪنڊ تي شورا پتڻ هوندو هو شورا پتڻ پرسان نيري جي الهندي ڪناري سان لڳ شورن جو شهر هوندو هو جتي شورا، پان، واڻيا، سک، ملاح ۽ ٻين ذاتين جا ماڻهو رهندا هئا. الياس پان موجب اتي پتڻ هوندو هو ان پتڻ تي ٻيڙا ۽ غوراب مال لاهيندا هئا ۽ ڪٽندا هئا. جڏهن سنڌو درياء پنهنجو پراڻو وهڪرو مٽائي موجوده حيدرآباد وارو وهڪرو شروع ڪيو ته اهو شورا پتڻ پوءِ قدرتي ڦاٽ واري قليلي واهه تي منتقل ٿي ويو جيڪو ٽنڊوباگو جي ننهڻ کان لڳ ڀڳ سئوسال اڳ جو چيو وڃي ٿو. 1786ع ۾ جڏهن ٽنڊوباگو شهر وجود ۾ اچي راس ٿيو ته ان شهر مان سک، واڻيا ۽ ٻين ذاتين جا ماڻهو لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺا. جڏهن ته پان اڄ به ان هنڌ تي ويٺا آهن. اڄ به شورن جي نالي پٺيان شورڪي ديهه مشهور آهي. ڏکن جي ڏيهه جهڙي منهنجي زندگي ۾ ڪئين لاها ۽ چاڙها آيا، منهنجو جنم 1964ع ۾ ٽنڊوباگو پرسان ڦلن جي ڳوٺ ۾ ٿيو. جتان پرائمري جا پنج درجا

پاس ڪرڻ کان پوءِ ٽنڊوباگو جي مير غلام محمد ٽالپر واري تاريخي درسگاهه ۾ ڇهين درجي ۾ داخلا ورتم. هاسٽل ۾ رهڻ دوران غلام محمد چانگ، عبدالغفار ڪوسو عبدالخالق رستماڻي، محمد بخش خاصخيلي سان دوستي ٿي وئي. ستين درجي ۾ اچڻ کان اڳ والده اميرزادي ڪي قدرت واري گهرائي ورتو ۽ اسين ڀيڻ ڀاءُ ڇورڙا ٿي وياسين. امان جي وفات کان پوءِ بابا اسان کي ڪڏهن به ماءُ نه هئڻ جو احساس ٿيڻ نه ڏنو. سنڌس خواهش هئي ته آئون پڙهي ڊاڪٽر يا وڪيل ٿيان پر بابا جي گهٽي پائڻ ۽ گهٽا پئسا ڏيڻ ڪري مون ۾ پڙهڻ جو شوق گهٽ ۽ گهمڻ جو شوق گهڻو ٿي پيو. بابا کان سواءِ مون کي پڙهائڻ ۾ الهڏنو عباسي ۽ محترم سائين عبدالغفور جوڻيجو صاحب اڳوڻو "ڪمشنر انڪم ٽيڪس" جو وڏو هٿ هو. سنڌن همٿائڻ سبب مون مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ سائين الهڏنو عباسي جي مون تي شفقت رهي جو آئون اڄ جنهن به حال ۾ آهيان، اهو مون تي هن جو وڏو احسان آهي. اسڪول ۾ پڙهائيندڙ محترم استادن ۾ نٿومل موروائي، سائين بخش ٽالپر، مير محبوب ٽالپر، محمد ابراهيم ڏيٿو عبدالمجيد رستماڻي، منظوراحمد گهانگهرو، مرحوم انورعلي خواجه، مرحوم يار محمد خاصخيلي ۽ مرحوم سائين قاضي قمرالدين بهترين استاد هئا. ان کان سواءِ محمد سليمان سمون، غلام علي خاصخيلي، مرحوم غلام اڪبر رستماڻي ۽ مرحوم جميل احمد خاصخيلي جو مون سان بچپن جو ساٿ رهيو. انهن جي سنگت جي سهاري تي ڏکيو وقت به کلندي ڪٽجي ويو. هن وقت جن دوستن جو ساٿ آهي انهن ۾ مظفر حسين خواجه، امين سنڌي، گل حسن ڪوسو، الهڏنو ڪلهوڙو، روپو ريباري، سرمد ڪلهوڙو ۽ پيا دوست آهن. منهنجي گهر واري خديجه سان شادي ٿيڻ کانپوءِ سنڌس پاڳ، نصيب ۽ دعائن سان زندگي تبديل ٿي وئي. 1989ع ۾ جڏهن پهريون پٽ شهزاد علي ڄائو ته غريباڻي گهر ۾ خوشين جا جهول پرجي آيا، ٻه سال کان پوءِ ٻيو پٽ زاهد علي پيدا ٿيو جنهن بعد نياڻي پيدا ٿي ته گهر ۾ خوشيون ئي خوشيون ٿي ويون. ان بعد گل جهڙو پٽ ساجد علي پيدا ٿيو ٻه سال کان پوءِ وري بابا جي شڪل جهڙو پٽ جاويد علي پيدا ٿيو جنهن کي گهر ۾ سڀ قاضي سڏين. جنهن کان پوءِ ڇهين نمبر تي نياڻي ڄائي، جيڪا منهنجي ڪائنات آهي.سڪندر علي جي نياڻي "دعا" ۽ ساجد علي جي نياڻي "تسڪين"منهنجي گهر جا خوبصورت گل آهن، ان کان سواءِ منهنجي زندگي ۾ ٽيون شخص منهنجو استاد محمد عثمان راهوڪڙو آهي، جنهن مون کي ادبي دنيا ۾ اچڻ بعد لکڻ سيکاريو. سنڌس پيار شفقت ۽ دوستي مون کي لکڻ جو ڏانءُ ڏنو. هن هر وقت آرٽيڪل ۽ اسٽوري لکڻ دوران منهنجي رهنمائي ڪئي، سنڌس لکڻ واري ڏنل درس سبب آئون هن جبل جيڏي اوکي ڪم کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي نڪتس ۽ سنڌس بهترين رهنمائي جي ڪري اُڪري پار پيس. آئون نه ڪو وڏو ليکڪ آهيان ۽ نه ئي تاريخ سان منهنجو گهرو واسطو رهيو آهي، پوءِ به جڏهن هن کان اڳ ٽنڊوباگو جي تاريخ ڪنهن ليکڪ نه لکي ته مون کي ۽ منهنجي استاد محمد عثمان راهوڪڙو کي ڏاڍو ڏک ٿيو ڇاڪاڻ ته ٽنڊوباگو ۾ 1920ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ميرغلام محمد ٽالپر انگريزي اسڪول قائم ڪيو جيڪو1925ع ۾ هاءِ اسڪول جي درجي تي پهتو جتان هن وقت تائين هزارين جي تعداد ۾ شاگرد پڙهي وڏن عهدن تي پهتا ۽ رٽائر ٿي ويهي رهيا پر ٽنڊوباگو جي قديم تاريخ کي ڪنهن هٿ لائڻ جي تڪليف گوارا نه ڪئي. هن ڪتاب لکڻ ۾ جن دوستن منهنجي رهنمائي ۽ مدد ڪئي انهن ۾ سيٺ مهدي محمد خواجہ محقق ۽ تاريخدان ابوبڪر شيخ . پيربخش شيدي، عبداللطيف شيدي، محمد سليمان سمون، نصرالله جروار، ابن ڪلهوڙو، منورعلي راهوڪڙو، سائين فتح محمد ٽيٻو، محمد عثمان راهوڪڙو، عبدالواحد هڪڙو، فراق هاليپوٽو، ميرعرفان ٽالپر، لکاڏنو جت، ادريس لنڊ جهونو استاد غلام علي پرڳڙي، فيض اديجو، عبدالمجيد جمالي، سڪندر علي ڪلهوڙو، شهزادعلي عباسي، محمد ملاح، غلام شبير لغاري، محمد يوسف ميراڻي، عبدالعزيز بليدي جن جو نهايت تمام گهڻو شڪر گذار آهيان، جن هن ڪم ۾ منهنجي مدد ۽ رهنمائي ڪئي. مون منهنجي استاد محمد عثمان راهوڪڙو جي ڇپر ڇانوَ ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو ڪيترو بهتر ۽ سٺو آهي اهو اوهين محسوس ڪري سگهو ٿا. وڏو وڙ ڪري مشهور شاعر ۽ نثر نگار ياءُ ايوب ڪوسو مهاڳ لکيو. منهنجي پياري دوست محقق ۽ تاريخدان ابوبڪر شيخ به اکر لکڻ سميت ڪور ڊيزائن ڪيو. مشهور نقاد فتح محمد شهزاد ٽيٻو، نوجوان شاعر ۽ نثر نگار ابن ڪلهوڙو ۽ منهنجي استاد عثمان راهوڪڙو منهنجي ڪتاب ۽ منهنجي زندگي جي جيڪا لفظن ۾ عڪس بندي ڪئي آهي، ان لاءِ آئون سندن ٿورائتو آهيان. اتي هن ڪتاب کي ڪمپوز ڪندڙ زوهيب حسن لاشاري ۽ عبدالعزيز بليدي جو پڻ شڪر گزار آهيان. آخر ۾ اهي دوست جن هن ڪتاب کي اوهان جي هٿن تائين آڻڻ ۽ ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي جن ۾ فتح الله جوٽيجو، ديوان هيمون مل لوهاڻہ، ديوان ڏرمون لوهاڻہ، سائين حاجن سهتو، ماما مراد، مير محمد بخش ٽالپر، دلبر سنڌي،مير فراز علي ٽالپر، مير ڪاشف ٽالپر،مير منير احمد ٽالپر، حاجي سائين بخش جمالي، ڊاڪٽر مراد بلوچ، سڪندر علي خواجہ، شاهد ميمڻ، اختر خواجہ، سڪندر علي ميمڻ، سيٺ پهو مل، ڪائي شنڪر لوهاڻہ، والي حيدر ميمڻ، غلام اڪبر خواجہ، احسان علي خواجہ ۽ روبو ريباري جو تمام گهڻو شڪر گذار آهيان. اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو.

انورعلي عباسي

# ٽنڊوباگو تاريخ جي آئيني ۾

آڳاٽي دور ۾ هتان جا ماڻهو انن گهوڙن، گڏهن ۽ بيل گاڏين تي سفر ڪندا هئا. تڏهن وڻج واپار، اچ وڃ ۽ آمدرفت جو ذريعو درياءَ ۽ ان جون ڇاڙون هونديون هيون. جيڪي ملتان کان ٺٽو ۽ علي بندر کان بهاولپور تائين درياءَ ۽ ان جي ڇاڙن هاڪڙي، ساگري پراڻ ۽ ريڻ ذريعي سنڌ جا ماڻهو وڻج واپار ڪندا هئا. انهن دريائن ۽ ڇاڙن ۾ غوراب، ٻيڙا، هوڙها ۽ سڙهه واريون ٻيڙيون هلنديون هيون، جيڪي نه رڳو حڪومتي مشينري لاءِ استعمال ٿينديون هيون. پر انهن تي سنڌ جا واپاري وڻج واپار به ڪندا هئا. سنڌ جا واپاري لاڙ جا رتڙيا چانور، چمڙو هرک وارو ڪپڙو، ريشمي ڪپڙو، اجرڪون، ڏاس مان ٺهيل ڪتا، لوهون، پرت وارا گج، هڏن مان ٺهيل چوڙا، ململ ۽ ٻيو سامان عربستان جي بندرگاهن يمن کان بابل نينوا (ڪربلا)، مصر ۽ يونان تائين ٻي طرف لنڪا کان جاوا، انڊمان جا سيئي ٻيٽ ويندي چين جي ملڪن تائين، سنڌ جا سوداگر پنهنجو وکرو ڪڻندا ۽ ٻين ملڪن جون گهرج واريون شيون پرڏيهه مان ڏيهي ماڻهن کي پڄائي ناڻو ڪمائيندا هئا. سنڌ جي ململ مصر ۾ بادشاهن ۽ سندن مُردن (ممين) ۾ عام جام ۽ فخريه استعمال ٿيندي هئي، هتي جا ملاح ۽ واڍا ٻيڙيون، ٻيڙا، هوڙها پڻ ٺاهيندا هئا. دريائن ۽ ان جي ڇاڙن تي پتڻ هوندا هئا، انهن پتڻن وارا شهر واپار جو مرڪز هوندا هئا، جن ۾ هاڪڙي تي چار وارو پتڻ، پراڻ تي باغ جو پتڻ، ساگري تي لنجي فقير وارو پتڻ، نيري تي شورا پتڻ، ڦليلي تي جمالي ڦڙدو ۽ وُهڻائين وارو پتڻ مشهور پتڻ هئا. سنڌ جي تخت گاهن وٽ بندرگاهه هوندا هئا، جتي ننڍا وڏا جهاز ۽ ٻيڙا اچي لنگر انداز ٿيندا هئا. ان وقت سنڌو درياءَ هالا پرسان نڪري نصرپور کان ٿيندو چمبڙ، شيخ پرڪيو وٽان ٿيندو نري وٽ پهچندو هو. جتي 1026ع ڌاري سومرا حڪمرانن جو تخت گاهه هوندو هو. نري وٽان گذرڻ کان پوءِ ساگرو درياءَ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو هو هڪ حصي کي ريڻ ۽ ٻئي حصي کي نيرو ۽ ساهو سڏيو ويجي ٿو. ريڻ متارا هوٽل جي اوپر کان ٿيندو تلهار شهر جي اولهه پاسي کان روپا ماڙي کي ريجائيندو ڪوري ڇاڻ ۾ وڃي ڪرندو هو ان نديءَ کي ڪوري ريڻ نديءَ پڻ چيو وڃي ٿو. ٻيو حصو نري کان ٿيندو شهبازي پرسان گذرندو ٽنڊوباگو شهر کي ڇهندو زئورن ۽ سوهن جي ڳوٺ وٽان وري ٻن ڇاڙن ۾ تقسيم ٿيو وڃي. ٽنڊوباگو وٽان گذرندڙ درياءَ کي نيرو درياءَ چيو وڃي ٿو سوهن جي ڳوٺ وٽان هڪ حصو ننڊو وٽان گذري وڃي پراڻ ۽ هاڪڙي جي ڇاڙ سان ملي ٿو ٻيو حصو وهڻائي شهر جيڪو ڪلهوڙن جي بادشاهي ۾ وهڻائي پتڻ وارو وڏو شهر ۽ تجارتي مرڪز هو وٽان ٿيندو اڱيان جمع ابڙو ۽ اسماعيل ڪلهوڙو جي ڳوٺن پرسان گذري علي بندر وٽان شڪور ڍنڍ ۾ چوڙڪري سمنڊ ۾ پوندو هو. ٽنڊوباگو سميت ساگري درياءَ جي ڪپرن تي قائم ٿيل شهر جن ۾ واٽين ۽ سکن جي گهاٽائي رهندي هئي، انهن شهرن ۾ ڦڙدو جمالي، نري، وهڻائي، شورا ڳوٺ ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن ٽنڊوباگو شهر نهيو ته هتي جي ٻن سيٺن ريجومل واڻيو ۽ پورا سنگه سک سنڌ ۾ پيهون ناهڻ جا به وڏا ڪارخانه ٽنڊوباگو ۾ قائم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا. جن ۾ لاڙ ۾ ٺينڊڙ موتيو سارين وارن چانورن کي پسائي ڪُٽي ان مان پيهُون ٺاهيون هيون. جيڪي ڏيساور جي شهرن ڏانهن وڪري لاءِ موڪليون ويندون هيون. موتيو چانورن مان ٺهيل اهي پيهون مسلمان توڙي هندو پنهجي عيدن جي ڏهاڙن تي رڌي, وڏي شوق سان اڄ تائين کائين ٿا. ٺٽو ۽ باگو جي ڪارخانن ۾ ٺهيل اهي پيهون لاهور, ملتان, بهاول پور ۽ هندستان جي شهرن ڪڇ ڀڄ, گجرات, جيسلمير ۽ راجستان سميت ٻين ڪيترن ئي شهرن ڏانهن موڪليون وينديون هيون. جتان پيو سامان خريد ڪري هتي وڪڻندا هئا. اهو به وقت هو جڏهن سنڌ آزاد ملڪ هو سندس سرحدون ملتان کان اڳتي ۽ ڪڇ ڀڄ, جيسلمير تائين هيون. ان وقت سنڌ جا قديم شهر, ڪوٽ ۽ قلعا سڀ جا سڀ سنڌو درياءَ ۽ هاڪڙي درياءَ جي ڪپرن, ڪنارن ۽ چاڙهن تي هوندا هئا. ان وقت پريءَ جي ولايتن سان واپار ۽ حڪومتي اچ وڃ جو واحد ذريعو بحري دريائي ذريعو هوڙن, غورابن ۽ جهازن وسيلي هوندو هو. تڏهن بسون, لاريون, موٽرڪارون نه هيون. هتان جا ماڻهو خشڪي وارو سفر اٺن, گهوڙن, گڏهن ۽ ٻيل گاڏين تي ڪندا هئا. سرندي وارا مسلمان حج ڪرڻ لاءِ بحري جهازن تي مڪي پاڪ اسهندا هئا ۽ گهٽ پئسي وارا غريب ماڻهو بلوچستان کان ايران عراق رستي پيدل حج ڪرڻ ويندا هئا. سنڌو درياءَ جڏهن پاسو ڦيرائي پنهنجو وهڪرو مٽايو ته نارو, ساڱرو ۽ ريڻ نديءَ سڪي ويا, سنڌو درياءَ مغرور بادشاهه وانگر منهن موڙي حيدرآباد پرسان ڄامشوري وٽان ملاڪاتيار کان ٺٽو جي اوپر کان ٺينڊو وچي شاهه بندر پرسان سمنڊ ۾ چوڙ ڪيو ته وقت بدلجي ويو. ميرن کان انگريزن صاحبي ڦري ته سنڌ جي صورتحال تبديل ٿيڻ لڳي, ڪلهوڙن ڄامشورو وٽان وڏو واهه کوٽرايو جنهن کي ماتلي ۽ تلهار وٽ ڦليلي ۽ اڳيان گوني ڪري سڏين ٿا. گوني ماتلي کان تلهار, ڦڏو جمالي کان سترموري ۽ وهٽاين کي وسائيندي علي بندر جي پٽن پرسان ڏنو خان چانڊيو ۽ فريد خان جي زمينن کي آباد ڪري ٿي. ساڳري ۽ ريڻ رستي جڏهن پيڙائتن جو سفر پڄاڻي تي پهتو ته ڦليلي ۽ گوني نندين پيڙين جي شاهراهه بنجي ويون. جن مان واپارين جو سامان حيدرآباد کان علي بندر تائين پيڙين وسيلي پهچندو هو. سن 1786ع ۾ جڏهن ميرباگو سنڌڙاٽي کي وني ونگو پٽڻ پرسان مير ناري خان جي ڪيٽي کي چڏي ساڳري ۽ نيري درياءَ جي ڪپ تي ٺٽو باگو کي وسايو ته نيري جي ڪپ تي هڪ نئين شهر جو جنم ٿيو. ميرباگي سان گڏ آيل سندس ٻن مختيارخاص سائينڏنو اڍيجو ۽ شادي خان خاصخيلي جڏهن ڏنو ته حاڪم سنڌ مير فتح علي خان پاران ميرباگي ۽ سنڌ راڻي کي مليل خرچ واري رقم تيزي سان ختم ٿي رهي آهي ته هنن گوني مان هڪ واهه ڪڍي, مير باگي ۽ سنڌ راڻي کي مليل جاگير واري زمين کي آباد ڪرڻ جي مير باگي کي صلاح ڏني. جنهن بعد پرپاسي جي راڄن جي ماڻهن کي گڏ ڪري "راڄ چيڙ" ذريعي, گوني مان هاٽوڪي ستر موري پرسان هڪ نئين واهه کان پوءِ راڄ جي راڻن جي ڪوڏرن جي ڪڙڪاٽن سان گوني مان بنگار تائين واهه کوٽجي تيار ٿي ويو. جنهن تي ميرباگي خان جي نالي پنيان باگو واهه جو نالو پيو. جنهن مان اڳتي هلي

1964ع ۾ ٽنڊوباگو پرسان ريٽن وارن پيرن جي ڳوٺ پرسان ٺهون ٺاهي، ان مان ٽي واهه شادي لارج واهه، بهادر واهه ۽ چينل واهه ٺاهيا ويا. پراڻي باگي واهه جي ٻنهي پاسي ميرباگي جي جاگير هئي، جيڪا باگي واهه جي پاڻي تي آباد ٿيندي هئي، جيڪا اڳتي هلي ميرباگي جي خاندان ۾ تقسيم ٿي وئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن جاگيرون ٽٽيون ته انهي جاگير مان هزارين ايڪڙ زمين سرڪار بي زمين هارين کي الاٽ ڪري ڇڏي، باقي اڄان به هزارين ايڪڙ زمين ميرباگي جي خاندان جي پوئنيرن وٽ موجود آهي. شروعاتي ڏينهن ۾ ميرباگي سان گڏ جيڪي ماڻهو آيا، انهن ۾ سنڌراڻي جو پياءَ سائينڏنو اديجو، گلاب شيدي، شادي خان خاصخيلي ۽ پيا ڪيترائي نوڪر چاڪر ۽ فوج جا سپاهي هئا. جيڪي ٽنڊوباگو شهر ۾ آباد ٿي ويهي رهيا. ٽنڊوباگو شهر جي چئوطرف درويشن جون درگاهون، آستانا ۽ مقام آهن، جيڪي وقت جا پهتل بزرگ ۽ اولياءُ الله ٿي گذريا آهن، جن جي صحيح تاريخ ته نه ٿي ملي ته ڪٿان آيا ۽ ڪڏهن آيا، پر سندن مزارون ۽ مقبرا اڄ به ٽنڊوباگو ۾ موجود آهن، جن ۾ سيد برهان شاهه بکردار خليفو نظر محمد شاهه نورعلي بابا، سيد مصري شاهه سيد معصوم شاهه سيد بچل شاهه بادشاهه سيد جمن شاهه ۽ سيد ٺارو شاهه ميرباگي پاران ٽنڊوباگو شهر قائم ڪرڻ کان پوءِ هتي ٽالپرن سان گڏ شيدي، خاصخيلي، واڍيان، سک، ملاح ۽ هندو ڪڇي اچي ويٺا، جنهن بعد آهستي آهستي هن شهر ۾ ميرباگي جي وفات کان پوءِ خواجه، ميمڻ، سمان، کٽي، کوکر ساٽي، سيد، ڪلهوڙا، مڱڻهار، کهيري، بليدي وارڊ 7 ۾ پاڳ پان جي خاندان جا پان، مڱريه، جاڙا، درس، ڪاتيار، لغاري، ڪلوئي ۽ ٻيون 70 کان وڌيڪ ذاتين جا ماڻهو لڏي اچي ويٺا، هن شهر ۾ مختلف ڪاروبار ڪرڻ لڳا. انهن شروعاتي ماڻهن جي سوين خاندان جا پويان اڄ به هن شهر ۾ رهندا اچن. ان وقت گوني مان ڪوٽيل باگو واهه ڇه ماهو وهندو هو. جنهنڪري ڇه مهينا واهه ۾ پاڻي وهندو هو، جنهن تي هتان جا ماڻهو فصل پوکيندا هئا. ميرباگي ماڻهن جي پيئڻ واري پاڻي جي سهولت لاءِ به پڪا کوهه جن کي واءِ به چيو ويندو آهي کوٽايا هئا. جن مان هڪ موجوده مختيارڪار جي آفيس جي اوپر دنگ تي ۽ ٻيو سندس ديري ۾ سيد برهان شاهه جي موجوده درگاهه پرسان جتان شهر ۾ رهندڙ ماڻهو پاڻي ڀريندا هئا. جيڪي هاڻي بند ٿي ويا آهن، ان کان سواءِ باگو واهه جي ڪپ تي هڪ هندو عورت مائي واڇاڻي پڻ هڪ وڏو ۽ پڪو کوهه کوٽرايو هو، جتان بعد ۾ سڄي شهر جا ماڻهو پاڻي ڀريندا هئا. ان کان سواءِ نورعلي بابا جي درگاهه پرسان به ڪنهن انسان دوست خيراتي پڪو کوهه کوٽرايو هو، جتي ڌوٻين جووڏو ڌوٻي گهاٽ پڻ هوندو هو، ان کان سواءِ بدرقاضي جي دڪان پويان ۽ عبدالواحد فاروقي جي موجوده مدرسي پرسان پڻ پڪو کوهه هوندو هو.

انگريز سرڪار 1878ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ نيري درياء جي الهندي ڪپ تي هڪ انسپيڪشن بنگلو ٺهرايو، جنهن کي هن وقت به ڊپٽي جو بنگلو ڪري سڏيو وڃي ٿو، جتي انگريز سرڪار جا ڪمشنر ۽ ڊپٽي اچي منزل انداز ٿيندا هئا. 1898ع ۾ ٽنڊوباگو ايريگيشن سب ڊويزن قائم

ٿي، جنهن جو پهريون انجنيئر آفيسر هڪ گورو صاحب هو. ان وقت ايريگيشن واري آفيس ڊپٽي واري بنگلي ۾ هلندي هئي، 1908ع ۾ ٽنڊوباگو شهر ۾ ايريگيشن جي آفيس ٺهي راس ٿي، جنهن بعد ڊپٽي جي بنگلي مان اها آفيس نئين ٺهيل بلڊنگ ۾ منتقل ٿي، جيڪا پوءِ 1950ع کان پوءِ شادي سب ڊويزن جي نالي سان اڄ بہ قائم آهي.

سن 1878ع ۾ انگريز سرڪار ٽنڊوباگو کي تعلقي جو درجو ڏنو ۽ هتي مختيارڪار جي آفيس قائم ڪئي وئي. ٽنڊوباگو جو پهريون مختيارڪار ۽ سٽي مئجسٽريٽ محبوب علي لالواڻي مقرر ٿي آيو جيڪو ڪيترائي سال هتي مختيارڪار ٿي رهيو. پراڻي مختيارڪار آفيس موجوده پوليس ٿاڻي پويان هوندي هئي، جتي هڪ ئي بلڊنگ ۾ اڳئين روڊ واري حصي ۾ مختيارڪار آفيس ۽ پوين ٻن حصن اولهہ واري حصي ۾ پوليس ٿاڻو ۽ ايس ايڇ او جي آفيس ۽ ڪوٽ وغيره ۽ اوپر واري حصي ۾ جيل هوندو هو جتي سڄي تعلقي جا بنا سزا وارا ڪچا قيدي ان جيل جي باريڪن ۾ رکيا ويندا هئا. ان سب جيل جي مٿان اسسٽنٽ مختيارڪار يا سينئر ڪلارڪ سب جيلر هوندا هئا. تعلقي جي ملازمن جي پگهارن ۽ سرڪاري بلن لاءِ سب ٽريزري آفيس پڻ مختيارڪار آفيس ۾ قائم هوندي هئي.

سن 1920ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ پوسٽ آفيس قائم ٿي، جنهن ذريعي هتان جي ماڻهن جو ٻين شهرن جي ماڻهن سان خط ڪتابت جو سلسلو شروع ٿيو. ان وقت گاڏيون نہ هيون، جنهن ڪري ٽپالي اٺن، گهوڙن جن کي خاص قسم جا گهنگهرو ٻڌل هوندا هئا، انهن تي ٽپال وارا خط کڻي ٻين شهرن ڏانهن ويندا هئا. ننڍين شهرن ۾ خاص ڳوٺن ڏانهن وري مقرر ٽپالي جن کي وڏي لٺ ۾ گهنگرو ٻڌل هوندا هئا، اهي انهن جي موسيقي جي آواز تي ٽپال ۾ ڊوڙندا ويندا هئا.

ميرباگي خان هن شهر جو بنياد رکي هن شهر کي اڏيو پر هن شهر کي مشهور ڪرڻ واري هستي ميرباگي جي خاندان مان 1876ع ۾ پيدا ٿيل ميرغلام محمد خان ٽالپر وڏو جاگيردار هوندي روايتي وڏيرو نہ هو هن هتان جي غريب ۽ ابوجه ماڻهن جي حالت تبديل ڪرڻ لاءِ تعليم جي مشن کي کڻيو هن ٽنڊوباگو ۾ 1920ع ۾ پنهنجي ذاتي خرچ سان هڪ وڏي تعليمي درسگاه قائم ڪئي. جتي پري پري جي غريب ماڻهن جي ٻارن کي بورڊنگ هائوس ۾ رهائي تعليم ڏيڻ سان گڏ مفت ۾ رهائش ۽ کاڌو پڻ ڪارايو ويندو هو. ميرغلام محمد ٽالپر جيڪو هڪ وڏو جاگيردار هو جنهن کي انگريزن خانبهادر جو لقب ڏنو. ان جو قائم ڪيل لارينس مدرسو ۽ چوڪرين جو پرائمري اسڪول اڄ بہ قائم ۽ دائم آهي، جتان هزارن جي تعداد ۾ شاگرد پڙهي وڏن عهدن تي وڃي پهتا آهن. ميرغلام محمد جي ياد ۾ سندس اسڪول ۾ هر سال 12 فيبروري تي سندس ورسي ملهائي وڃي ٿي. ميرغلام محمد ٽالپر سنڌ جي مهمان نوازي کي قائم رکندي ٽنڊوباگو ۾ باگي واهہ جي پل پرسان مسافرخانو ٺهرايو جتي ٻهراڙين جي ڳوٺن ۽ پري پري کان ايندڙ مسافرن کي رهايو ويندو هو. کين مفت ۾ ماني، هنڌ،

ڪٿون ڏنيون وينديون هيون ۽ سنڌن سواري وارن وهٽن کي مفت ۾ چارو پڻ ڏنو ويندو هو. سنڌس وفات کان پوءِ اهو مسافرخانو بند ٿي ويو مسافر خاني جي عمارت ماڻهن ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي، اتي هن وقت ڪِن ڪچري جي وڏي اروڙي آهي. مسافرخاني جي چوڌاري شهر جي ماڻهن قبضا ڪري ڇڏيا آهن. ان غربت واري دور ۾ ميرغلام محمد ٽالپر غريب ماڻهن کي صحت جون سهولتون ڏيڻ لاءِ گشتي شفاخانو قائم ڪيو جنهن ۾ ڏهين پندرهين ڏينهن تي ڊاڪٽر بيل گاڏي ۾ چڙهي علائقي جي مختلف ڳوٺن ۾ وڃي بيمار ماڻهن جو علاج ڪندا هئا. کين دوائون ڏيندا هئا. ان کان سواءِ هن سخي انسان ٽنڊوباگو شهر ۾ پنهنجي ذاتي خرچ سان ڀرا ڙي جي مسڪين ۽ غريب عورتن جي لاءِ ويم گهر تعمير ڪرائي ان ۾ پنهنجي خرچ سان ليڊي ڊاڪٽر ۽ سنيون دائيون رکيون. جيڪي علائقي جي غريب عورتن کي مفت ۾ ويم جي سهولت ڏينديون هيون. ۽ ان ئي ويم گهر ۾ حيدرآباد کان سنيون ڊاڪٽرياڻيون اچي، هن علائقي جي مختلف ڳوٺن جي عورتن کي ويم ڪرائڻ بابت سکيا ڏينديون هيون. ميرغلام محمد ٽالپر جي اهڙي انسان دوستي ۽ سخاوت جي ڪري انگريز سرڪار کيس خانبهادر جي لقب سان گڏ اعزازي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا، کيس ڏوهارين کي ڪجه ڏينهن سزا ڏيڻ جا پڻ اختيار ڏنا هئا، پر ميرصاحب اهي سزا وارا اختيار ڪڏهن به استعمال نه ڪيا. ميرغلام محمد ٽالپر جي وقت ۾ سنڌس بنگلي اڳيان هڪ وڏو ٿلهو ٺهيل هوندو هو جتي هو شام جو ويهي ماڻهن جا مسئلا ٻڌي فيصلا ڪندو هو. اڄ هتي ميرغلام محمد ڪونهي، پر سنڌس اسڪول اڄ به قائم آهي ۽ اسڪول جي اها بورڊنگ هائوس جنهن ۾ پري پري جا غريب ماڻهن جا ٻار رهي تعليم حاصل ڪندا هئا. ان بورڊنگ هائوس کي هلائڻ لاءِ ان وقت ميرغلام محمد ٽالپر پنهنجي پاران ساڍا ٽي لک روپيا بئنڪ ۾ رکرايا هئا، اها رقم اڄ به بئنڪ ۾ موجود آهي، پر ڪيترن سالن کان وٺي ميرغلام محمد ٽالپر جي قائم ڪيل بورڊنگ هائوس بند پئي آهي، هاسٽل کي تالا لڳل آهن، لکين روپين جي لاڳت سان غريب شاگردن جي ماني کائڻ وارو شاهاڻو ڊائننگ هال کنڊر بڻجي ويو آهي. ميرغلام محمد ٽالپر پاران جوڙايل لارينس مدرسي کي 1992ع ۾ هائير سيڪنڊري اسڪول جو درجو ڏنو ويو جتي 12 ڪلاس تائين شاگردن کي تعليم ڏني وڃي ٿي.

1935ع ۾ سنڌ جي شهرن ۾ لوڪل بورڊ ڪاتي پاران سينٽري ڪميٽيون ٺاهيون ويون، ٽنڊوباگو ۾ قائم ٿيل سينٽري ڪميٽي جو پهريون چيئرمين محمد ابراهيم ميمڻ کي چونڊيو ويو قيام پاڪستان بعد هندوستان جي ڳوٺ گُڙگائون مان لڏي آيل عبدالرزاق ڀلاڻي عرف ڪارو ڊاڪٽر کي ميرخدابخش ”لان برڊ“سينٽري ڪميٽي جو چيئرمين چونڊايو جنهن بعد سيٺ عزيز خواجه سينٽري ڪميٽي جو چيئرمين بڻيو. جڏهن ته سينٽري ڪميٽي جي باقي سموري عرصي دوران ميرغلام محمد ٽالپر جي خاندان جو هڪ نيڪ انسان، حاجي نورحسين ٽالپر سينٽري ڪميٽي ۽ ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين رهيو سنڌس چيئرميني وارو

دور لازوال دور هو. سندس چيئرميني واري وقت ۾ شهر ۾ سنا ڪم ٿيا. شهر جون گليون ۽ روڊ پڪين سرن مان ٺاهيا ويا. شهر ۾ صفائي وارو نظام بهتر ڪيو ويو مير نورحسين ٽالپر جي بهترين ۽ فيصلا ساز شخصيت جا هتان جا ماڻهو مثال ڏين ٿا. ان وقت ٽنڊوباگو شهر ۾ بجلي نه هئي، جنهنڪري شهر جي چوڪن، چوراهن، مک رستن، گلين ۾ روشني ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جا ٿلها داسا کوڙي، ان مٿان شيشي وارا فانوس ۽ شمع دان لڳايا ويا. جن کي ٻارڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ سعيدو دين مهاجر ۽ جاڙو خاصخيلي کي نوڪري ۾ رکيو ويو. جيڪو روز شام جو فانوس جي صفائي ڪري انهن ۾ تيل لڳائي کين ٻاريندا هئا. صبح جو وري انهن کي اجهائيندا هئا.

ٽنڊوباگو ۾ پهرين بس جنهن کي ان وقت "لاري" چئبو هو، ساڌو رام واڻيون آندي، جيڪا ٽنڊوباگو کان تلهار تائين ڪچي رستي تي هلندي ٽنڊوباگو جي ماڻهن کي تلهار کان حيدرآباد وينڊڙ ريل گاڏي تائين پهچائيندي هئي. جتان ماڻهو ريل گاڏي تي چڙهي حيدرآباد ويندا هئا. ان لاري کي ڊرائيور جمع ڪُڪڙ شيدي هلائيندو هو. جنهن بعد سيٺ علي محمد ميمڻ بس ورتي، جيڪا پنگريو ٽنڊوباگو ۽ تلهار جي ڪچن رستن تي هلندي هئي، ان بعد حاجي الهبچايو کتي پڻ بس ورتي، جيڪا پنگريو کان بدين تائين هلندي هئي، ان کان پوءِ پنجاب کان آيل استاد سنگهر، ماما فرمان ٽنڊوباگو ۾ بسون ۽ لاريون هلائڻ لڳا. استاد سنگهر ۽ ماما فرمان شهر جي ٻچڙيوال مسافرن کي گهرن جي درن تان کڻندا ۽ لاهيندا هئا. ان وقت لارين جا نه گيرج ۽ اسٽاپ شهر جي مک ٻن وڏن پڙن بخاري ۽ لڪياري جي پڙ ۾ هوندا هئا، جتي لاريون ۽ بسون بيهنديون هيون.

1973ع ۾ ٽنڊوباگو شهر ۾ بجلي آئي ته پراڻو فانوسن ۽ شمعدانن وارو دور پڄاڻي تي پهتو. جنهن بعد شهر جي روڊن تي بجلي جي پولن ۾ بلب ۽ ٽيوب لائيٽون هٽي اسٽريٽ لائيٽ وارو سسٽم شروع ڪيو ويو. 1979ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ ٽائون ڪميٽي ٺهي، جنهن ۾ هيٺيان ست وارڊ ٺاهيا ويا. وارڊنمبر 1 شيدي محله هن وارڊ ۾ وڏي تعداد ۾ شيدي ذات جا ماڻهو رهن ٿا، انهن کان سواءِ هن وارڊ ۾ ميمڻ، ملاح، پنگي، پنهور، اديجا، سيال، راهمان ۽ ٻيون ذاتيون پڻ رهن ٿيون. وارڊ 2 مير محله هي ٽنڊوباگو ٽائون ڪميٽي جو سڀ کان وڏو وارڊ آهي، جنهن ۾ ميرباگي جي خاندان جا پويان رهن ٿا، پر هن وارڊ ۾ اڪثريت خاصخيلي ذات جي ماڻهن جي آهي. ان کان سواءِ هن وارڊ ۾ پنجابي، ميگهواڙ، شيدي، ڪلوئي، لغاري، راهوڪڙا، جروار، ڪلهوڙا، مڱڻهار، سيد، رستماڻي ۽ ڪڇين سميت ٻيون ذاتيون به رهن ٿيون. وارڊ 3 غريب آباد، هن وارڊ ۾ سيد، ملاح، شيدي، ڪولهي، رستماڻي، پير، چانڊيا ۽ جمالي رهن ٿا. وارڊ 4 ڪنيار محله هن وارڊ ۾ خواجه، ڪلهوڙا، لوهاڻه، سمان، ڪوڪر، جت، شيخ، ڪنيار ۽ ميمڻ به رهن ٿا. وارڊ 5 ميمڻ محله هن وارڊ ۾ ميمڻ، پرگڙي، خاصخيلي، پير، قاضي، شيدي ۽ واڻيان به رهن ٿا. وارڊ 6. خواجه محله هن وارڊ ۾ خواجه، لوهاڻه، کتي ۽ ڪجهه گهر ميمڻن جا پڻ رهن ٿا. وارڊ 7. فتح پورهاڻي نئون آباد هن وارڊ ۾ خواجه، کهيري، رستماڻي، مير، پنجابي، ٻُليدي، ڪنيار، ڪُوڪڙي، سمان،

ڪولهي، عمراڻي، ڪاتيار، ملاح، سومرا، ٻڪاري، ميمڻ، لسڪاڻي، چانديا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ذاتيون رهن ٿيون.
ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو ٺهڻ کان پوءِ ٿيل پهرين چونڊن ۾ ٽنڊوباگو شهر جو مشهور ڪپڙي جو واپاري سيٺ حاجي احمد عرف آمون ميمڻ پهريون چيئرمين چونڊيو ويو جيڪو مسلسل اٺ سال ٽائين ٻه پيرا چيئرمين رهيو. سندس چيئرميني واري دور ۾ شهر ۾ آڪٽرا ٽيڪس هٽي ناڪا قائم ڪيا ويا، شهر ۾ خميس ڏينهن تي ننڍي ۽ وڏي چوپائي مال جي وڪري واري وڏي مال پڙي قائم ٿي، شهر ۾ واٽر سپلائي جون لائينون وڇايون ويون. گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ڊرينج سسٽم ٺاهيو ويو، شهر ۾ روڊ رستا، گليون گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ناليون ۽ گٽر پڪا ٺاهيا ويا، شهر ۾ سرڪاري دڪان پڪا ٺاهيا ويا ۽ تمام گهڻو ترقياتي ڪم ڪرايو ويو.
1975ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو حيدرآباد ضلع کي ٽوڙي بدين کي ضلعو ٺاهيو ۽ ٽنڊوباگو کي بدين ضلع جو تعلقو ٺاهيو. 1977ع ۾ جنرل ضياءُالحق، ذوالفقارعلي ڀٽو جي جمهوري حڪومت تي راتاهو هڻي ملڪ ۾مارشلا هڻي، پاڻ مارشلا ايڊمنيسٽريٽر ٿي ويهي رهيو. 4 اپريل 1979ع تي چونڊيل سنڌي وزيراعظم ذوالفقارعلي ڀٽو کي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاهي تي چاڙهائي ڇڏيو. 1983ع ۾ضياء جي مارشلا خلاف ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿي ته، ٽنڊوباگو ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ جي پهرين ميٽنگ پير بابو شاھ جي اسپتال ۾ ٿي، ٻي ڏينهن ٽنڊوباگو ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت تي ٽنڊوباگو ۾ شروع ٿيل تحريڪ دوران ٽنڊوباگو جا ٻارنهن نوجوان گرفتار ٿيا، جن کي حيدرآباد، خيرپور، سکر ۽ ڪراچي جي جيلن ۾ سخت اذيتن ۾ رکيو ويو. جن ۾ ڊاڪٽر حسن ميمڻ، ڊاڪٽر لڪاڏنو عباسي، ڊاڪٽر عارب ملاح، اشرف سمون، عبدالعزيز خواجہ، جمن شاھ ڏوبي، فرمان رستماڻي، محمد سومار مڱڻهار، علي احمد سمون، وبلا رام وڪيل ۽ محرم عرف بالو شيدي شامل هئا.
1985ع ۾ ٿيل غير جماعتي چونڊن ۾ ٽنڊوباگو ۽ ماتلي تڪ تان ايم اين اي تي حاجي عبدالله هاليپوٽو ۽ صوبائي تڪ تان مير الهبخش ٽالپر چونڊيا ويا. 1988ع ۾ ضياء الحق جهاز حادثي ۾ فوت ويو. جنهن بعد ٿيل عام چونڊن ۾ شهيد ڀٽو جي پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي ۽ وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو ٿي، ان وقت ماتلي ۽ ٽنڊوباگو جي قومي تڪ تان حاجي عبدالله هاليپوٽو ۽ ٽنڊوباگو جي صوبائي تڪ تان بشير احمد لغاري پ پ پاران چونڊيا ويا. 1992ع ۾ ٿيل چونڊن ۾ هتان حاجي عبدالله هاليپوٽو صوبائي تڪ تي بشير احمد لغاري وري ٻہ چونڊ کٽي پر ٻن سالن کان پوءِ بيماري سبب بشير احمد لغاري وفات ڪري ويو جنهن جي خالي سيٽ تي پير پاڳاري جو پٽ پير صدرالدين شاھ راشدي الهبخش سومرو کان ضمني چونڊ کٽي ڪامياب ٿي ويو. ان وقت سنڌ ۾ جام صادق ۽ مرڪز ۾ نوازشريف جي حڪومت هئي. 1996ع ۾ ٿيل چونڊن ۾هتان قومي اسيمبلي تي پ پ جو عبدالستار سريوال صوبائي تڪ تي پ پ جو مير الهبخش ٽالپر چونڊجي ڪامياب ٿيا. 1999ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرويزمشرف، نواز شريف جي حڪومت ڪي ختم ڪري پاڻ ايمرجنسي لڳائي ڇڏي ۽ ڪجھ وقت ڪان پوءِ چونڊون ڪرائي پاڪستان جو صدر چونڊجي ويو. 2002ع جي ٽيل چونڊن ۾ هتان پ پ پ جو غلام علي نظاماڻي ايم اين اي ۽ ٽنڊوباگو تڪ تان سيد علي بخش شاھ عرف پپوشاھ پ پ پ جي حاجي عبدالڪريم پرڳڙي کي هارائي ايم پي اي ٿي ويو. ناظمن واري پهرين چونڊ ۾ تعلقي ٽنڊوباگو جي چونڊن ۾ فڪشنل ليگ جو پير حامد علي شاھ راشدي تعلقہ ناظم، سردار غلام رسول جمالي نائب ناظم چونڊجي ويا. يوسي ٽنڊوباگو تي قادر نواز ميمڻ ناظم ۽ علي حيدر شاھ نائب ناظم چونڊيا ويا. ان وقت ضلع بدين تي پ پ پ جو سردار ڪمال خان چانگ ضلع ناظم ۽ سهيل اڪبر مرزا نائب ناظم چونڊيا ويا. 2005ع ۾ ٽيل ناظمن واري چونڊن ۾ پير حامد علي شاھ راشدي ٻيهر تعلقہ ناظم ۽ احسان علي پرڳڙي نائب ناظم چونڊيا ويا. انهن چونڊن ۾ يوسي ٽنڊوباگو جي چونڊن ۾ عوام دوست پينل تي ٽنڊوباگو شهر جا غلام محمد خواجہ عرف دلبر سنڌي ناظم ۽ سڪندر علي ميمڻ نائب ناظم چونڊيا ويا. ان وقت ضلع ناظمي تي انور علي هاليپوٽو ضلع ناظم ۽ عزيزالله ڏيرو نائب ناظم چونڊيا ويا. جنهن جو تعلق ارباب گروپ سان هو. 2000ع جي ٽيل عام چونڊن ۾ قومي واري تڪ تان پ پ جو غلام علي نظاماڻي ٽنڊوباگو جي صوبائي تڪ تان پهريون ڀيرو سيد علي بخش شاھ عرف پپو شاھ ڪامياب ٿيا. سيد پپو شاھ ٽنڊوباگو ۾ سوئي گيس جي سهولت ڏياري ۽ وڏي پبلڪ لائبريري پنهنجي والد سيد عبد الرسول شاھ جي نالي سان ٺهرائي. 2007ع تي عام چونڊن کان اڳ راولپنڊي ۾ عام جلسي کان پوءِ شهيد بينظير ڀٽو کي بم ڌماڪي ۾ شهيد ڪيو ويو تہ سڄي ملڪ ۾ باھ جا شعلا ڀڙڪي پيا. ٽن ڏينهن تائين سڄي سنڌ بند ٿي وئي، ماڻهن شهرن ۾ سرڪاري عمارتن ۽ آفيسن کي ساڙي ڇڏيو. ٽنڊوباگو ۾ پيچ ڊاھ ۾ نيشنل بئنڪ، زرعي بئنڪ، مختيارڪار آفيس، پوليس ٿاڻو نادرا آفيس تعلقہ ميونسپل سول ڪورٽ، يوٽيليٽي اسٽور سميت سڀني آفيسن ۾ پيچ ڊاھ ڪري رڪارڊ ساڙيو ويو جن مان پيون تہ آفيسون ٺاهي مرمت ڪري شروع ڪيون ويون. پر يوٽيليٽي اسٽور اڄ تائين وري کلي نہ سگهيو آهي. شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ 2008ع واري ٽيل عام چونڊن ۾ هتان قومي تڪ تان غلام علي نظاماڻي چونڊيو ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا پ پ پ پاران پهريون ڀيرو وڏي اڪثريت سان صوبائي تڪ تي ڪامياب ٿيو. ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا کي سنڌ ڪابينا ۾ گهرو وزارت ڏني وئي. ان سان گڏ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جي گهر واري ڊاڪٽر فهميده مرزا ٽنڊوباگو بدين، گولاڙچي واري گڏيل تڪ تان ايم اين اي چونڊجي، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چونڊجي وئي. ٽنڊوباگو ۾ هن زال مڙس واري جوڙي گهڻا ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ هزارين بي روزگار نوجوانن کي نوڪريون ڏئي روزگار سان لڳايو. ان ئي دور ۾ پير حامد علي شاھ راشدي تعلقي ناظم کي بي اعتمادي رٺ ذريعي هٽائي، يوسي ٽنڊوباگو جي نائب ناظم سڪندر علي ميمڻ کي وقتي تعلقہ ناظم چونڊايو ويو. جيڪو چوڏهن مهينن

تائين ناظم رهيو پر چوڏهن مهينن کان پوءِ پير حامد علي شاهه راشدي کي سنڌ هاءِ ڪورٽ پيهر تعلقه ناظم طور بحال ڪري ڇڏيو. 2011ع ۾ ڊاڪٽر ذوالفقارعلي مرزا سنڌ جي گهرو وزارت ۽ ايم پي اي شپ تان استيعفيٰ ڏئي ڇڏي. جنهن بعد ٿيل ضمني چونڊ ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جو وڏو پٽ بئريسٽر حسنين علي مرزا سيد علي بخش شاهه کي شڪست ڏيئي، هن تڪ تان ايم پي اي چونڊجي ويو. جنهن پڻ هن تڪ ۾ گهڻا ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ سوين بي روزگار نوجوانن کي نوڪريون ڏياريون. 2011ع جي ٿيل طوفاني ٻوڏ ۾ ٿر پارڪر ميرپورخاص سان گڏ بدين ضلعو به مڪمل طور تي برسات جي پاڻي ۾ ٻڏي ويو. ان ٻوڏ ۾ وڏ کان وڏ تعلقو ٽنڊوباگو ۾ نقصان ٿيو. جنهن ۾ سوين ڳوٺن سان گڏ پنگريو، ملڪاڻي، ڪوسڪي، شادي لارج ۽ خليفو قاسم شهر پڻ پاڻي جي گهيري ۾ اچي ٻڏي ويا. جنهن ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجا سر بچائي وڃي ٻين هنڌن تي رهيا. انهن علائقن ۾ گاڏين بجائي ٻيڙيون هلڻ لڳيون. امير توڙي سڀ ماڻهو بي گهر بنجي سرڪاري خيمن ۾ رهڻ لڳا. ان وقت مرزا فيملي هتي جي عوام سان خوب نڀايو. سندن ڪيل ڪمن کي ماڻهو زمانن تائين ياد رکندا. ڊاڪٽر فهميده مرزا، ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ۽ حسنين مرزا جي دور ۾ ٽنڊوباگو شهر ۾ هڪ پبلڪ پارڪ، شادي هال، ورزش گهر، هاءِ اسڪول جي گرائونڊ تي راند جو عاليشان اسٽيڊيم، پڪا رستا، پلون، بائي پاس روڊ، پنگريو شهر سميت ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن کي سوئي گئس جي سهولت، سوين ڳوٺن کي بجلي ڏيڻ، ٽنڊوباگو جي قديم درسگاهه لاءِ ايران حڪومت کان ٻارنهن ڪروڙ جي رقم واري شاندار بلڊنگ ۽ وڏو آڊيٽوريم هال ٺهرائڻ شامل آهن. 2013ع جي ٿيل عام چونڊن ۾ قومي جي تڪ تان سردار ڪمال خان چانگ، صوبائي تڪ تان بئريسٽر حسنين مرزا ڪامياب ٿيا. ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جا سندس دوست آصف علي زرداري سان اختلاف ٿيڻ کان پوءِ هن تڪ ۾ ڪوبه ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي، نه ئي ڪا وڏي اسڪيم ملي آهي. ٽنڊوباگو شهر ۾ اڪثريت مسلمان آبادي جي آهي، پر هن شهر ۾ هندو ڌرم جي ماڻهن جو وڏو تعداد آباد آهي، هتي مسلمانن جون عبادت گاهون، مسجدون، مدرسا ۽ امام بارگاهون آهن، هندن جا مندر ۽ مساڻ به آهن. هن شهر ۾ وڏو تعداد اسماعيلي خواجن جو آباد آهي، انهن جا جماعت خانه به آهن. هن شهر ۾ ميرن جي اوائلي دور ۾ قائم ٿيل خواجه سرائن واري ڪدڙا مڙهي به اوتروئي قديم آهي، جيترو هي شهر. ڪو وقت هو جو هن شهر ۾ رهندڙ سمورا ماڻهو مذهبي ڏينهن گڏجي ملهائيندا هئا. هتي جا ماڻهو اڳي امامن جا محرم وارا ڏهاڙا گڏجي ملهائيندا هئا ته نبي پاڪ جي ڄمڻ واري خوشي ۾ عرس وارا پٽ هر سنڌي مهيني جي ٻارهين تي گڏجي کير ورهائيندا هئا. ڪو وقت هو هتان جا هندو ۽ مسلمان گڏجي ستن رنگن واري هولي جي عيد به گڏجي ملهائيندا هئا. ٽڏڙي واري عيد تي مٺا لولا گڏجي کائيندا هئا، پر وقت ماڻهن جي سوچن کي بدلائي ڇڏيو. اهي محبتون موڪلائي ويون، ويچا وڏي وجهڻ ڪري گلو ميمڻ ۽ جڙيو ڪلهوڙو جي دوستين کي نظر لڳي ويئي، هاڻي رڳو سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحافت جي سرواڻ علي قاضي جي سڏ تي ايڪتا ڏهاڙي تي سمورا سنڌي، مسلمان، هندو، سني ۽ شيعا هڪ ڏينهن لاءِ پاڻ کي سنڌي قوم هئڻ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيندا آهن. باقي سنڌن مذهبي ڏهاڙن تي هڪ ٻي لاءِ مڪمل اجنبي بنيل هوندا آهن. ٽنڊوباگو شهر ۾ شيعه مذهب جي وڏي تعداد ۾ هجڻ ڪري هتي شيعه فرقي جا ٻه وڏا امام بارگاهه آهن. جن ۾ هڪ لڪياري جي پڙ ۾ خواجه جماعت وارو مرڪزي امام بارگاهه ۽ ٻيو بچل شاهه درگاهه پرسان الفقرا امام بارگاهه قائم آهن. ۽ ان سان گڏ لڪياري جي پڙ ۾ عورتن جي الڳ محفلِ زينبيه نالي سان امام بارگاهه آهي، جتي ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ مجلسون ۽ ماتم داري ڪئي ويجي ٿي. ان کان سواءِ هن شهر ۾ قديمي چار وڏا علم پاڪ وارا پڙ آهن جن ۾ ٽارو شاهه لڪياري وارو پڙ، بخاري وارو پڙ، بچل شاهه وارو پڙ، سمن شاهه وارو پڙ سميت 50 کان وڌيڪ ٻيا ننڍا پڙ ۽ علم آهن. جتي پهرين محرم کان 10 محرم تائين سيج طابوت ۽ جهنڊا ڪيڏي گرزن ۽ ڇرين تي ڌمال وارو ماتم ڪيو ويجي ٿو. ٽارو شاهه لڪياري پڙ جي ڪربلا ۾ اڄ تائين ٽي سئو سال پراڻو ٽامي وارو نغارو، علم لاهڻ وارو وڏو ٽلهو رسو ۽ قديمي طابوت پيل آهن. جيڪي ٽنڊو غلام علي جي ميرن پاران ڏنل آهن. ٽنڊوباگو شهر ۾ اهل سنت جا وڏا مدرسا قائم آهن. جن ۾ سوين ڀهراڙي ۽ شهر جي ٻارن کي ديني تعليم ۽ قرآن شريف پڙهايو ۽ حفظ ڪرايو ويجي ٿو انهن مدرسن ۾ رهندڙ پري وارن شاگردن کي رهائش سان گڏ مفت ۾ کاڌو پڻ کارايو ويجي ٿو. انهن ديني مدرسن ۾ پهريون مدرسو اشرف العلوم جيڪو 1970ع ۾ قائم ٿيو جيڪو ٽنڊوباگو جو پهريون مدرسو هو. جنهن بعد 1987ع ۾ ٻيو مدرسو”باب الفيوض الهاشميه“ قائم ٿيو ۽ ان کان پوءِ باگي واهه جي ڪپ تي قاري عبدالواحد مگريو پڻ مدرسه ”اشرف العلوم“ نالي سان مدرسو قائم ڪيو. چوٿون مدرسو ٽنڊوباگو جي نئون آباد جي محلي ۾ جماعت اسلامي ٽنڊوباگو پاران هڪ وڏو مدرسو ”جامعه عربيه تعليم القرآن“ جي نالي سان قائم ڪيل آهي. ضلع بدين ۾ هي پهريون مدرسو آهي، جنهن ۾ ديني تعليم سان گڏوگڏ دنوي تعليم پڻ ڏني ويجي ٿي. هن مدرسي ۾ تمام سبجيڪٽ انگريزي تائين پڙهايا وڃن ٿا ۽ هن مدرسي ۾ ”ڪمپيوٽر ليب ۽ هڪ لائبريري“ پڻ آهي، انهن سمورن مدرسن ۾ پري پري جي علائقن جا سوين طالب ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هتي مسلمانن جي عبادت نماز ادا ڪرڻ لاءِ وڏيون ۽ خوبصورت مسجدون ٺهيل آهن. جنهن ۾ ميرن جي قديمي مسجد، هاءِ اسڪول واري قديمي مسجد، صديق اڪبر مسجد، محمديه مسجد، حافظ رفيق واري بلال مسجد، فاروقيه مسجد، مسجد حيدرڪرار، مسجد علي، زئورن واري مسجد، مسجد علي المرتضيٰ (قاري عبدالواحد واري)، نئون آباد واري محمدي مسجد، ڪٽين واري جامع مسجد، مسجد مُحسن (بُليدي محله)، شيعن واري معصوميه مسجد ۽ مير جي بنگلي واريون مسجدون مشهور آهن. هن شهر ۾ هندو ڌرم سان تعلق رکندڙ واڻيان، لوهاڻه، کتري لوهاڻا، ڪولهي، ڀيل، ميگهواڙ، ڪوڪڙي، سوٿهڙ ۽ ٻڙا پڻ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. جنهن جي مذهبي پوڄا پاٺ لاءِ گرناري مندر، جهولي لال مندر ۽

فقير پار برهمر وارا تي وڏا مندر ۽ پيا ڪيترائي ننڍا ننڍا مندر ٺهيل آهن. جتي هندو ڌرم جا ماڻهو مذهبي پوڄا پاٺ ڪن ٿا. ان کان سواءِ باڳي واهه جي ڪپ تي هندن جو مسان ۽ شمشان گهاٽ آهي، جتي هي پنهنجي مري ويلن جو ڪريا ڪرم ڪندا آهن. جڏهن ته ٽنڊوباگو شهر جي پنگريو روڊ تي هندو ڌرم جي ماڻهن جو قبرستان ۽ ٽنڊوباگو جهڏو روڊ تي ڪانيو فقير وارو قبرستان پڻ مشهور آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳي هندو ڌرم جي ماڻهن پاران ٺهرايل وڏو ڌرم شالا هوندو هو. جتي پري پري جا مسافر اچي ٽڪندا هئا، جن کي اتي رهائش سان گڏ ماني ٽڪي پڻ ملندي هئي، انهي ڌرم شالا تي روينيو جي ٽپيدارن قبضو ڪري ٽپيدارن جي آفيس ٺاهي ڇڏي جيڪا 1990ع کان پوءِ واپس خالي ٿي هنن کي ملي، جتي هن وقت هندن جو ڪميونٽي هال ٺهيل آهي. جيڪو مسلمانن کي پڻ شادين لاءِ ڪم اچي ٿو. اسماعيلي خواجن جو پڻ هن شهر ۾ وڏو تعداد رهي ٿو جن جو پڻ ٽنڊوباگو جي خواجه محلي ۾ جماعت خانو ۽ نئون آباد محلي ۾ جماعت خانو آهي. جتي هي پنهنجي حاضر امام جي عبادت ڪندا آهن. ٽنڊوباگو ۾ اسماعيلي خواجن جو بدين روڊ تي نئون آباد محلي ۾ الڳ قبرستان آهي. ٽنڊوباگو شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس، مختيارڪار روينيو جي آفيس، ڊي ايس پي آفيس، پوليس اسٽيشن، پوسٽ آفيس، ايريگيشن آفيس، ٽائون ڪميٽي آفيس، نادرا آفيس، تعليم ڪاتو ميل، تعليم ڪاتو فيميل آفيس، روڊس ڪاتي جي آفيس، ايجوڪيشن ورڪس آفيس، يونين ڪائونسل ٽنڊوباگو، يونين ڪائونسل پهاڙمري، يونين ڪائونسل سارنگ فقير ڪلهوڙو، مارڪيٽ ڪميٽي آفيس، زرعي بئنڪ، نيشنل بئنڪ، سونهري بئنڪ، بئنڪ الحبيب، تعلقه اسپتال، ويمر گهر، وٽنري اسپتال، ايل آر بي تي اکين جي خيراتي اسپتال آهي. هتي بلاول پٿو جي نالي سان بهترين پبلڪ پارڪ سان گڏوگڏ شادي هال ۽ لائبريري آهي، ان جي پرسان شهرين جي ورزش لاءِ جمنازيم ٺهيل آهي. هن شهر ۾ ڪرڪيٽ راند لاءِ مني اسٽيڊيم ٺهيل آهي، ٽنڊوباگو شهر ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر جو قائم ڪيل قديمي درسگاهه سان گڏ ڪاليج آهي، جتي هزارين شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا. ڇوڪرين جي تعليم لاءِ هاءِ اسڪول به مڊل اسڪول آهن. ان ڪانسواءِ مير غلام محمد ٽالپر پاران نياڻين جي تعليم لاءِ 1928ع ۾ قائم ڪيل گرلس اسڪول سميت شهر ۾ 4 گرلس پرائمري اسڪول آهن. هتي 1895ع ۾ ڪليل قديمي پرائمري اسڪول سان گڏ ميرمحله، غريب آباد، نئون آباد ۽ ڪنڀار ڪالوني ۾ پرائمري اسڪول آهن. هن شهر ۾ پنج پرائيويٽ اسڪول پڻ آهن. جن ۾ اورينٽ پبلڪ اسڪول، سي بي ايس اسڪول، وسيم پبلڪ اسڪول، تعمير ملت پبلڪ اسڪول ۽ ريحان پبلڪ اسڪول آهن. ٽنڊوباگو ۾ ٽرديپ ۽ ڪشف فائونڊيشن نالي به ننجي ادارا آهن. جيڪي غريب ماڻهن کي وياج تي ڪاروبار لاءِ قرض ڏين ٿا. ٽنڊوباگو ۾ اين آر ايس پي، شمع ڊوولپمينٽ، ڪنسرنس ۽ الخدمت فائونڊيشن (جماعت اسلامي) چار سماجي تنظيمون ڪم ڪن ٿيون. 2015ع ۾ الخدمت فائونڊيشن پاران ٽنڊوباگو شهر ۾ يارنهن

غريب ماڻهن کي ٻن ڪمرن تي مشتمل پڪا گهر ٺهرائي ڏنا آهن. هن شهر ۾ هڪ گئس واري سي اين جي اسٽيشن ۽ پنج پيٽرول پمپ آهن. هن شهر جي وچان باگو واهه وهي ٿو جيڪو پڻ هن شهر جي ماڻهن لاءِ تفريحي جو وڏو ذريعو آهي. ٽنڊوباگو شهر ۾ سارين جا 9 ڪارخانا آهن، جتي واپاري ڪتي ۾ هزارين مڻ ساريون خريد ڪن ٿا ۽ هاڻي هي شهر ڦٽين جي خريداري جو پڻ وڏو مرڪز ٿي ويو آهي. هن شهر ۾ مڇي جي خريداري جي وڏي منڊي آهي، جتي روز سوين مڻ مڇي ڏينڊن تان اچي وڪرو ٿئي ٿي، پوءِ اها مڇي حيدرآباد ۽ ڪراچي ڏانهن موڪلي وڃي ٿي. هتي هڪ سبزي منڊي پڻ آهي، جتي ٽماٽو پيئبدي ۽ ٻيون سبزيون وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. هتان چونڊيل ايم پي اي ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سيد علي بخش شاهه عرف پپو شاهه 2007ع ۾ ٽنڊوباگو شهر کي سئي گئس جي سهولت ڏياري ۽ سندس والد مرحوم سيد عبدالرسول شاهه جي نالي سان هڪ ڊجيٽل لائبريري ٺهرائي، ۽ ان سان گڏ ٽنڊوباگو ۾ هن هڪ بهترين آءِ ٽي ڪاليج منظور ڪرايو جيڪو اجان تائين زير تعمير آهي. ٽنڊوباگو ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر جي قديمي درسگاهه جي پراڻن شاگردن جي هڪ اولڊ بوائز ايسوسيئشن ٺهيل آهي، جيڪا هر سال 12 فيبروري تي مير غلام محمد ٽالپر جي ورسي ملهائيندي آهي. جڏهن ته هن شهر ۾ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن سگا نالي سماجي تنظيم جو يونٽ ڪليل آهي، ۽ ان ڪان سواءِ هتي سنڌي ادبي سنگت جي شاخ پڻ ڪليل آهي. جتي نوجوان شاعر ۽ اديب پنهنجون لکڻيون ۽ تخليقون پيش ڪندا آهن. هن شهر ۾ هڪ وڏو پريس ڪلب آهي، جتي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چينلن جا 29 صحافي ميمبر آهن. بيباڪ صحافت ڪرڻ سبب هي پريس ڪلب سدائين مالي مسئلن جو شڪار رهيو آهي، ٽنڊوباگو پريس ڪلب جي صحافين ۾عثمان راهوڪڙو نصرالله جروار امين سنڌي سيد جڙيل شاهه بخاري، حنيف سمون ۽ سليم ميمڻ جو سنڌ جي وڏن صحافين ۾ نالو شمار ٿئي ٿو. ٽنڊوباگو شهر جي سياسي اڳواڻن ۾ مرزا گروپ جا غلام محمد خواجه عرف دلبرسنڌي، سڪندرعلي ميمڻ، پ پ پ جا علي مراد زئور مير ڪاشف ٽالپر، حاجي رمضان ڪاتيار، حاجي احمد ميمڻ، يار محمد خاصخيلي عوامي تحريڪ جا عارف زئور، فاضل هاليپوٽو ۽ سومار هاليپوٽو سنڌ ترقي پسند پارٽي جا احسان علي عمراڻي، رجب علي عمراڻي، نواز ليگ جا لعل بخش عرف پوپٽ جمالي ۽ غلام ملاح، فنڪشنل ليگ جا پير حامد علي شاهه راشدي نصرالله جروار ۽ خليفو غلام مصطفي ڪلهوڙو فقير گل محمد ڪوسو جماعت اسلامي جا محمد حسن ٻُليدي ۽ عبدلڪريم ٻُليدي ايم ڊبليو ايم جا انتظار مهدي خواجه سڪندر علي خواجه جمعيت علماءِ اسلام جا قاري عبدالواحد فاروقي، اشفاق احمد ميمڻ، هندو پنچائت جا جيوت وڪيل ۽ تارا چند لوهاڻه جسقم جا غلام رسول انڙ ۽ دودو زئور واپاري ايسوسيئشن جا ارشاد علي خواجه ۽ امام بخش خواجه مشهور آهن. ٽنڊوباگو شهر ۾ نالي وارا اديب ۽ شاعر آهن. جن ۾ سائين پون سنڌي ،ڀيشم ڪمار آزاد، منصور ڪتري، سليمان امر سمون، منظور سمون،

مبشر کتري، پيربخش صابر شيدي، شاهد حميد، غلام شبير لغاري، منور اقبال، مقبول هاليپوٽو، فراق هاليپوٽو ۽ عثمان راهوڪڙو نزاڪت شاھ ڏاڏاهي پيا ڪيترائي مشهور شاعر آهن. هن شهر جي استاد پرفيسر محمد اسماعيل ميمڻ مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعري تي پي ايچ ڊي ڪئي آهي، پروفيسر ضرارعلي رستماڻي مولوي حاجي احمد ملاح جي شاعري جو ڪتاب ڇپرايو آهي، هتان جي پلوڙ صحافي محمد عثمان راهوڪڙو به ڪتاب ڇپيل آهن ۽ مرحوم محمد طالب لوهار جي شاعري جو ڪتاب سندس نياڻي آپا زيب النساء ڇپرايو آهي.

ٽنڊوباگو شهر جي نوجوانن ۾ ڪرڪيٽ جي راند جو جنون جي حد وارو شوق آهي، جنهن ڪري هن شهر ۾ ڪرڪيٽ جا بهترين ۽ مشهور رانديگر پيدا ڪيا آهن، جن ۾ رستماڻي پائرن ۾ ڊي ايس پي خالد بلوچ، صلاح الدين رستماڻي، شاهد بلوچ، غلام رضا ڪلهوڙو، بچل خاصخيلي، ذيشان زئور، عدنان زئور، قاضي سڪندر ۽ سندس پٽ جنيد ۽ فهد، مقصود احمد ٻليدي مشهور رانديگر آهن.

ٽنڊوباگو جيڪو ڪڏهن رتڙين ۽ موتيو چانورن جي ڪري مشهور هو پر هاڻي هتي اهي رتڙيا ۽ موتيو چانور ڪونه ٿين. هاڻي هتي 6 ايري ۽ ايري 8 ڳاڙها چانور جام ٿين ٿا. ٽنڊوباگو شهر لاڙ جي مشهور شهرن مان هڪ آهي. شهر جي پر پاسي ۾ مڇي جون وڏيون ۽ مشهور ڍنڍيون آهن. انهن ڍنڍن جي مڇي پوري پاڪستان ۾ ٽنڊوباگو جي نالي سان مشهور آهي. ٽنڊوباگو جا ماڻهو اڄ به ڳاڙهن چانورن جي ماني ۽ مڇي جو ٻوڙ وڏي شوق سان کائيندا آهن.

## ساڱرو يا نيرو درياءُ

سن 1000ع (ڏهه سئو) ڌاري جڏهن سنڌو درياءُ هالا، اڏيرولال، نصرپور، شيخ پرڪيو ۽ ٽري پرسان وهندو هو ته 1026ع ۾ سومرا حڪمرانن ٽري وٽ سنڌو درياءَ جي ڦاڪ ساڱرو تي تخت گاهه قائم ڪيو هو. ٽري کان سنڌو درياءُ جا ڦاڪ ٻن حصن ۾ ورهائبا هئا. انهن ورهايل حصن مان اوپر واري حصي کي ساڱرو ۽ اوله واري حصي کي ريڻ سڏيو ويندو هو. ساڱرو ڦاڪ ٽري کان اڳتي نڪري جڏهن لنجو فقير جي پتڻ پرسان ٽنڊوباگو ۽ شورا ڳوٺ واري شورن جي پتڻ کان ٿيندو سوهن جي ڳوٺ وٽان وري ٻن حصن ۾ تقسيم ٿي ويندو هو هڪ حصو ڪوسڪي ۽ ننڍو شهر پرسان وڃي پراڻ ۾ ملي ٿو ۽ ٻيو حصو وهنائي شهر کان ٿيندو شادي ۽ جمع ابڙي جي ڳوٺ وٽان وڃي علي بندر کان اوله طرف سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو ان زماني ۾ سومرن جي حڪومت جو اوج هو. سنڌ سکي ۽ ستابي هئي، سنڌ جا ماڻهو واپاري ۽ مالوند هوندا هئا، جيڪي درياءَ جي ذريعي سمنڊ سان ڳنڍيل هئا. ان وقت سنڌ جا واپاري ساڱري ريڻ ۽ پراڻ ذريعي وڻج واپار ڪندا هئا. سنڌن واپار ۽ آمدرفت جو ذريعو سنڌو درياءُ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جون ڇاڙون هونديون هيون. درياءَ ۾ ان جي ڇاڙن تي وڏا پتڻ هوندا هئا، جتي پاڻي وارا غوراب، جهازَ ۽ ٻيڙا اچي لڳندا هئا، انهن پتڻن تي وڏا شهر اڏيل هوندا هئا، جيئن ٺري، شورا پتڻ، ونگوپتڻ، ڇارجو پتڻ، وهٽائي پتڻ ۽ علي بندر وغيره. ان وقت سنڌ جي واپارين ۾ هندو واپارين جي اڪثريت هوندي هئي. جيڪي انهن پتڻن وارن شهرن ۾ رهندا هئا. جڏهن 1658ع کان پوءِ سنڌو درياءَ پنهنجو رخ موڙيو ته ساڪرو ۽ ريڻ سڪي ويا. سومرا ڪيترا ورهيه اڳ ٺري کي ڇڏي وڃي جاتي پرسان شاهه طور شهر اڏي اتي پنهنجو تخت گاهه ٺاهي ويٺا، ته ساڪري ۽ ريڻ جا پتڻ به پوئين پساهن ۾ اچي ويا. ساڪري ۽ ريڻ جي سُڪڻ ڪري مٿن موجود شهر به کنڊرن ۾ تبديل ٿيڻ لڳا. اڳي جيڪي ٻيڙائتا سيٺ سڏبا هئا، اهي مڃي مارينڌڙ ملاح بنجي ويا. جڏهن سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي ته حڪومتي فوج ۾ وڏو تعداد بلوچن جو ڀرتي ڪري بلوچن جي سردارن کي فوج جي اهم عهدن تي مقرر ڪري ڇڏيو. ٽالپر جيڪي ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ فوج جي اهم عهدن تي فائز هئا، انهن ڪلهوڙا حڪمرانن جي اندروني اختلافن جو فائدو وٺي 1783ع ۾ ڪلهوڙا حاڪمن کان سنڌ جي حڪمراني کسي ورتي ۽ ٽالپرن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي پاڻ سنڌ جا والي ٿي ويهي رهيا، ٽالپر حڪمرانن سنڌ ۾ حڪومت ڪرڻ دوران وڏ کان وڏ زور شڪار ڪرڻ تي ڏنو هنن وڏيون وڏيون شڪارگاهون قائم ڪيون جن ۾ مهراڻو ۽ ونگو واري ڪيٽي هنن جون مشهور شڪارگاهون هيون.

ايم ايڇ پنهور پنهجي ڪتاب سنڌ جي ريجاڻي تاريخ جي صفحي(218) تي لکي ٿو ته ٽالپر حڪمرانن جي دور ۾ سنڌ جون ٻليون ٻليون ٻنيون شڪارگاهن لاءِ رک ڪرائي ٻيلا بنايا ويا هئا. جنهن ڪري سندن حڪومت جي آخري سالن ۾ سنڌ جي پوکي گهٽجي 9 لک ايڪڙ وڃي بچي هئي. اهوئي سبب هو جو ٽالپرن جي حڪومت ۾ وهندڙ واهن ۽ ڇاڙن جي ڪاٽي يا انهن جي مرمت جو ڪو به بندوبست نه ٿيو. جنهن ڪري درياءَ جون ڇاڙون سڪي ڊورا، واهه ريتجي شاخون ۽ شاخون ڪسيون ٿي ويون. سنڌو درياءَ پاسو ڦيرائڻ سبب ساڪرو ۽ نيرو مان پراڻ ۽ ڊورو ٿي ويو. سنڌ جا ٽالپر سنڌ تي 60 سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ انگريزن کان هالاڻي واري جنگ هارائي حڪمرانن مان ڦري جاگيردار ٿي ويا. ٽالپر ڪلهوڙن کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيندا هئا ۽ پاڻ کي ڪلهوڙن جا مريد سڏائيندا هئا. ٽالپر ڪلهوڙن جي آخري حڪمران ميان عبدالنبي جي حڪمراني جي آخري سال 1782ع تائين ڪلهوڙن سان گڏ رهندا پي آيا.

# ماڻڪاڻي ٽالپر

ٽالپر بلوچ آهن ۽ ميرهوت خان جي اولاد مان آهن ۽ هوت خاندان جي هڪ شاخ آهن. ميرڪگوخان ٻه شاديون ڪيون هيون هڪ مري ذات مان ۽ ٻي باگراڻي بلوچڻ مان. مري ذات مان جيڪو اولاد ٿيو انهن کي ماڻڪاڻي شاخ چيو وڃي ٿو. ماڻڪاڻي ٽالپرن جي حڪومت لاڙ ٿر ۽ ناري تي رهي آهي. جڏهن سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني هئي ته ان وقت ٽالپر ڪلهوڙا حڪومت جي اهم انتظامي عهدن تي مقرر ٿيل هئا. ٽالپر بلوچ هئڻ ڪري وڏا ويڙهو جنگجو هئا. جنهن ڪري ڪلهوڙا حڪمرانن کين سندن فوج جي اهم عهدن، يعني سپه سالار ۽ نائب سالار کان سواءِ وڏن حڪومتي عهدن تي مقرر ڪري ڇڏيو هو. اهوئي سبب هو جو ٽالپر ڪلهوڙا حڪومت جي اهم عهدن ۽ لشڪر جي سپه سالاري ڪري ڪلهوڙن جي هر ڪمزوري کان واقف ٿي ويا هئا. ويتر ڪلهوڙن حڪمرانن کان انعام ۾ مليل جاگيرن هنن جي طاقت کي پيڙهو وڌائي ڇڏيو هو. ايم ايڇ پنهور سنڌ جي ريجاڻي تاريخ ۾ لکي ٿو ته ميان نورمحمد ڪلهوڙو 1718ع کان 1738ع جي وچ تائين سڄي سنڌ تي قبضو ڪري، بلوچ قبيلن کي پنهنجي سپه ۾ ڀرتي ڪري، ان عيوض انهن قبيلن جي سردارن کي سنڌ ۾ ٻنيون جاگيرون ڪري ڏنيون. 1758ع ڌاري سنڌو درياء هالا کان حيدرآباد جي اوله طرف کان نئون وهڪرو ناهي وهڻ لڳو. جنهن ڪري اڏيرولال، نصرپور، شيخ پرڪيو ٽري ۽ جوڻ وارو پراڻو وهڪرو بند ٿي ويو. ريجاڻي تاريخ ۾ ايم ايڇ پنهور موجب 1758ع کان پوءِ دريائي وهڪرن ۾ آيل ڦيري سبب سنڌ جي پوکي 21 لک ايڪڙن مان گهٽجي، يارنهن لک ايڪڙ وڃي بچي. ڪلهوڙا حڪمرانن سمجهيو ته سندن آندل ۽ جاگيرون ڏيئي وسايل بلوچ قبيلا گهڻو زور وٺي ويا آهن. کين ڏکيا پئجي رهيا آهن. جنهن ڪري ٻنهي پاسن کان حالتون تنگ ٿي ويون ۽ گهرو ويڙهه شروع ٿي ويئي. جنهن جي شروعات ميان مراداب خان جي جاءِ تي ميان غلام شاهه کي آڻڻ سان ٿي. ميان عبدالنبي ڪلهوڙو ٽالپرن جو زور ٽوڙڻ لاءِ مدد خان پناڻ کي وڏيون لالچون ڏيئي سنڌ وٺي آيو. جنهن سنڌ ۾ اچڻ شرط لٽ مار شروع ڪري ڏني ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن کي ساڙي تاراج ڪري ڇڏيو. ٽنڊو باگو پرسان ان وقت جو مشهور واپاري مرڪز وارو شهر وهٽائي شهر به مددخان پناڻ لٽ مار ڪرڻ کان پوءِ ساڙي ڇڏيو هو. آخر هالاڻي جي جنگ ۾ ٽالپرن ميان عبدالنبي کي شڪست ڏيئي سنڌ مان ڀڄائي ڪڍي ڇڏيو. ان جنگ کان پوءِ ٽنڊو باگو جو بنياد رکي شهر اڏيندڙ مير باگوخان عرف باگو فقير، سر ڌڙ جي بازي لڳائي اهڙو وڙهيو جو هو هالاڻي واري جنگ جو ٻيو نمبر هيرو سڏيو وڃي ٿو. ٽالپرن هالاڻي واري جنگ کٽڻ کان پوءِ سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪري، پاڻ سنڌ کي ستن حصن ۾ تقسيم ڪري، سنڌ جا والي بڻجي ويا. ان وقت شروع ٿيل خانه جنگي واري صورتحال، ٻنهي ڌرين يعني ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن لاءِ جياپي جي جنگ هئي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاران نندين نندين ڳالهين ۾ ڪوڙن بهتانن تي هڪ ٻي جو ڪوس ڪرڻ جو ڏوهه نه ڪلهوڙن تي ڏيئي سگهجي ٿو ۽ نه ئي ٽالپرن تي ڏوهه ڏيئي سگهجي ٿو.

## ميرباگي خان جو والد ميرمرزوخان ٽالپر

مير مرزو خان ٽالپر مير الهيار خان پهرين جو پوٽو ۽ ميرجادو خان جو پٽ هو. مير مرزوخان وڏو بهادر جنگجو ۽ تلوار هلائڻ جو ماهر لکيو ويندو هو. سندس بهادري ۽ تلوار بازي جي ڪري کيس مير فتح خان جي سائي ٻانهن سڏيو ويندو هو. ميرمرزو خان کي سندس بهادري جي ڪري ڪلهوڙا حڪمرانن پاران، ونگو پرڳڻي ۾ وڏي جاگير مليل هئي. هڪ ڀيري ڪلهوڙا حاڪمن جي عملدار سيد احمد شاهه ونگو جاگير ۾ مير مرزو خان جو پيل اناج زوري ڪٽائي ويو. جنهن تي هن ارڏي انسان صبر کان ڪم وٺي وقت جي حاڪم جي دربار ۾ وڃي فريادي ٿيو. جنهن تي حاڪم وقت جي حڪم تي ڪلهوڙا حڪومت جي وزيراعظم ميربجارخان ٽالپر کيس سيد احمد شاهه ڏانهن هڪ فرمان لکي ڏنو. جنهن تي ميان عبدالنبي جي بادشاهي مهر لڳل هئي. ان مهر تي خادم الفقراء لکيل هو. جڏهن اهڙو فرمان سيد احمد شاهه وٽ پهتو ته هن فورن حڪم جي تعميل ڪري، سمورو اناج واپس ڪري ڇڏيو. ماٽڪاٽي ٽالپرن جي تاريخ لکندڙ مهر ڪاڇيلوي موجب اها سند ٽنڊ وياگو جي ميرحاجي ڪرم علي وٽ موجود هئي. مير مرزو خان پهرين ٽنڊومحمد خان شهر پرسان ٽنڊو سائينداد ۾ رهندو هو. بعد ۾ ونگو پٽڻ وٽ ميرن جي ڪيٽين ۾ اچي رهيو. مير فتح خان مير مرزوخان ميرعبدالله خان (شهداٽي) کي ميان عبدالنبي ڪلهوڙو مدد خان پٺاڻ جي وجڻ کان پوءِ دربار ۾ گهرائي گرفتار ڪري قتل ڪرائي ڇڏيو. ان جي قتل کان پوءِ مير فتح علي خان ۽ مير باگو خان وڏو لشڪر گڏ ڪري هالاڻي جي ميدان تي فيصلاڻتي جنگ وڙهي، سنڌ جي حڪومت ميان عبدالنبي کان ڦري ورتي. مرزوخان چٽوڙي جي قبرستان ۾ هڪ ئي مقبري ۾ دفن ٿيل آهن. پر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مير مرزو ۽ مير وليو جو مقبرو ڏيٽي واري قبرستان ۾ ٻڌايو آهي، ۽ اهڙي تصديق مير باگو خان ٽالپر جي خاندان جو فرد مير عرفان علي ٽالپر پڻ ڪري ٿو. مير مرزو خان کي چار پٽ هئا 1 مير باگو خان 2 مير بهادر خان 3 مير پيڙو خان 4 مير محمد خان.

## ميرباگو خان عرف باگو فقير

مدد خان پٺاڻ جڏهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙو جي چوڻ تي سنڌ تي ڪاهي آيو ته هن سنڌ ۾ ڦرلٽ ۽ مارا ماري ڪري ڏني، تاريخ جي ڪتابن ۾ ملي ٿو ته مدد خان سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن کي ويران ڪري ڇڏيو. ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن کي ساڙي رک جو ڍير بنايو ويو. ميرفتح خان ۽ ميرباگو خان ٻين ميرن کان ڌار ٿي وڃي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ رهيا. مددخان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ٻڌايو تہ هنن وٽ ننڍو لشڪر آهي، جنهن ڪري مدد خان پٺاڻ عمر ڪوٽ تي ڪاهي ويو. ميرفتح خان سان لغارين جو لشڪر هو جن عمر ڪوٽ ۾ پرسان مدد خان پٺاڻ سان وڏي چوٽ ڪاڏي پر لشڪر ننڍو هئڻ ڪري جنگ هارائي ويا. ان جنگ ۾ مير فتح خان ۽ مير باگو ٻئي گرفتار ٿي ويا. ڪجهہ وقت کان پوءِ مير فتح خان وجهہ وٺي مددخان پٺاڻ جي قيد مان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر ميرباگوخان مدد خان پٺاڻ جي قيد ۾ بند رهيو. مدد خان پٺاڻ سنڌ کي ڦري لٽي، واپس قنڌار وڃڻ وقت ميرباگي کي ميان عبدالنبي حوالي ڪري ويو ڇاڪاڻ تہ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي ٽالپرن پيهر حاڪم تسليم ڪري ورتو هو جنهن بعد ميان عبدالنبي جنهن کي ٽالپرن تي اڳئي گهٽي ڪاوڙ هئي، تنهن هڪ دعوت جو بهانو بنائي ميرباگي کي وٺي وڃڻ لاءِ ٽالپر سردارن ڏانهن نياپو موڪليو جنهن تي ڪيترن ئي ٽالپر سردارن کين وڃڻ کان منع ڪئي، پر مير فتح خان، مير عبدالله ۽ مير مرزوخان ان جي ڳاله تي اعتبار ڪري عبدالنبي جي دربار ۾ پهتا تہ ميان عبدالنبي اڳي مير باگي کي آزاد ڪري عمرڪوٽ روانو ڪري ڇڏيو هو جتي ان وقت سمورا مير رهندا هئا. آيل ٽالپر سردارن ميان عبدالنبي تي اعتبار ڪيو پر ميان چالاڪي سان آيل تنهي ٽالپرن سردارن کي دربار جي محافظن هٿان قتل ڪرائي ڇڏيو. انهن تنهي ٽالپر سردارن جي قتل تي ميرفتح علي، ميرباگو خان ۽ مير ٺاروخان گڏجي وڏو لشڪر گڏ ڪري هالاڻي جي ميدان تي ميان عبدالنبي ڪلهوڙي سان وڏي جنگ جوتي، جنگ ۾ مير فتح علي، مير باگو ۽ مير ٺاروخان جي اڳواڻي ۾ ٽالپرن جي لشڪر اهڙي تہ جنگ وڙهي جو حڪمران فوج جا ڪنڌ ڪنهن لاباري جيان لڙندا ويا. ميان عبدالنبي ڪلهوڙو هالاڻي واري جنگ هارائي سنڌ کي ڇڏي هليو ويو ۽ ان بعد ٽالپرن سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. ميان عبدالنبي جي چوڻ تي جڏهن تيمور شاهہ سنڌ تي لشڪر موڪليو تہ مير فتح علي ميرباگي سان گڏجي ان لشڪر سان جنگ ڪئي ۽ تيمور شاهہ جي لشڪر کي شڪست ڏئي ڀڄائي ڪڍيو. ٽالپر سردارن سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ سيني سردارن جو حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ اجلاس ڪري، سنڌ کي ستن حصن ۾ تقسيم ڪيو جنهن ۾ چار حصا مير فتح علي ۽ سندس ڀائرن جن کي حيدرآباد وارا شهداڻي ٽالپر چيو وڃي ٿو کي مليا، ٻہ حصا مير ٺاري خان کي ڏنا ويا، جن کي ميرپورخاص وارا مانڪاڻي ٽالپر سڏيو وڃي ٿو ۽ هڪ حصو خيرپور ميرس واري مير صوبدار خان کي ڏنو ويو. ان مجلس ۾ ويٺل ميرباگي خان کان جڏهن پڇيو ويو تہ هن اهو چئي پنهجي والد جي قتل جي خون بها ۾ مليل حصي تان هٿ کنيو تہ کيس هڪ پوني ڪتي، دزدانہ گهوڙي ڏيو ۽ مريم اديجي عرف سنڌ راڻي سان شادي ڪرايو باقي حڪومت جاڻو اوهين جاڻو. مون کي صرف سنڌ راڻي کپي. جنهن بعد مير باگي جي اها شرط مڃي وئي، هي خوشي مان سرشار ٿي حيدرآباد واري ڪچي قلعي ۾ ويٺل پنهنجي لشڪر وٽ پهتو تہ جن هن کان پڇيو تہ اوهان کي حصي ۾ ڇا مليو؟ تہ مير باگي پنهنجي لشڪر وارن کي ٻڌايو تہ آئون صرف سنڌراڻي

حصي ۾ ڪٽي آيو آهيان، باقي حڪومتي حصا ٻين ٽالپرن کي مليا آهن. ميرباگي جي اهڙي فيصلي تي سڄو لشڪر ڪاوڙجي پيو ۽ لشڪر جي سالار ڪيس ڇوڙڻ لڳا ته تون ۽ سنڌ راڻي ته ٽالپر سردارن جي خرچ تي گذارو ڪري وڃنداڻ پر هيڏو وڏو لشڪر ڪٿان ڪائيندو سنڌ راڻي ته اسان کي ڪمائي ڪونه ڪارائيندي. ان ڳاله تي سوچڻ کان پوءِ ميرباگي پنهنجي لشڪر کي مڪي شاهه واري ڪچي قلعي ۾ صف بند ڪرائي قلعي، جي اوپر واري برج کان شاهي پڪي قلعي جي اوله واري پاسي تي توبن جي گولاباري شروع ڪرائي ڏني. جڏهن اهڙي خبر پڪي قلعي ۾ موجود ٽالپر سردارن کي پئي ته هنن سنڌن عورتن کي انن جي ڪجاوَن تي چاڙهي ميڙ ڪري ميرباگي ڏانهن موڪليو. جڏهن اهو عورتن وارو قافلو ڪچي قلعي جي دروازي تي پهتو ته ميرباگي پنهنجي برادري جي عورتن کي وڏي عزت ۽ احترام سان قلعي اندر وٺي ويو. ميرن جي عورتن ميرباگي کي چيو ته ٽالپر سردار اوهان کي حڪومت مان حصو ڏيندا، اوهان گولاباري بند ڪريو. جنهن تي ميرباگي فورن گولاباري بند ڪرائي ڇڏي جنهن بعد ٽالپر سردارن گوني وارو علائقو ميرباگي کي سنڌ راڻي ۽ سنڌن لشڪر جي گذاري لاءِ جاگير طور ڏنو. جنهن بعد ميرباگو سنڌ راڻي سان لائون لهي ڪيس لشڪر سميت ونگو پٽڻ لڳ ميرناري جي ڀرين تخت گاهه ڪيٽين جي ڪوٽ ۾ وڃي اچي رهڻ لڳو. ڪجه ڏينهن کان پوءِ ميرباگو لشڪر لاءِ مليل جاگير کي گهٽ ڏسي ڪڇ تي حملو ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. مگر سنڌس خاص صلاحڪار ۽ سالار شادي خان خاصخيلي جيڪو وڏو سياڻو انسان هو ان مير باگي کي صلاح ڏني ته ڪڇ تي حملو ڪرڻ سان ٻنهي ڌرين جو وڏو خون خرابو ٿيندو، تنهن ڪري گوني مان هڪ واهه کوٽرايو وڃي. جنهن سان علائقي جي ماڻهن کي به وڏو فائدو ٿيندو. ميرباگي خان کي شادي خان خاصخيلي جي اها صلاح وڻي وئي. جنهن بعد شادي خان خاصخيلي جي نگراني ۾ راڄ ڇيڙ ذريعي ٽنڊوباگو کان چار پنج ڪلو ميٽر اوله طرف گوني مان هڪ واهه کوٽيو ويو. جيڪو اڄ تائين باگي واهه جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو ۽ اهو واهه هن وقت ٽنڊوباگو شهر جي وچ مان وهي ٿو. ميرباگو پنهنجي پيءُ مير مرزو خان وانگر بهادر ۽ جنگ جو ماهر هوندو هو. ميرباگو عاشق مزاج ۽ درويش طبعيت انسان هو جنهن ڪري ڪيس باگو فقير ڪري سڏيو ويندو هو. سنڌ راڻي جي وفات کان پوءِ ڪيترا سال ميرباگو خان گمنامي واري زندگي ۾ رهيو پر مير باگي جي ويجهي ساٿي شادي خان خاصخيلي ۽ ٻين ڪيس ٻيهر شڪار جو شوق ڏياريو. مشهور اديب تاريخدان فتح محمد ٽيڀو جي روايت موجب، ميرباگو جي عمر ڪوٽ جي راڻن سان سنگت هئي، جنهن ڪري هو پنهنجي دل تان بار هلڪو ڪرڻ لاءِ عمرڪوٽ پرسان شڪار ڪرڻ لاءِ ويو. جتي شڪار ڪندي ڪيس ڪاري نانگ ڏنگي وڌو. ميرباگي کي سنڌس نوڪر ۽ راڻي جا ماڻهو عمرڪوٽ علاج لاءِ کڻي پي آيا، پر جسم ۾ گهڻو زهر ڦهلجڻ ڪري مير باگو وفات ڪري ويو. جسم ۾ ايترو زهر ڦهلجي ويو جو عمرڪوٽ جي راڻن، ميرباگي جي لاش کي ٽنڊوباگو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪلڻ بجاءِ امانت ڪري عمرڪوٽ ۾ دفنائي ڇڏيو. ميرباگو خان 1804ع ڌاري وفات ڪئي. سندس مزار هن وقت عمرڪوٽ جي گرلس اسڪول ۾ موجود آهي. جنهن تي باگو فقير جو نالو اڪريل هو پر هن وقت مير باگي واري قبر تي نالو (واگهوفقير) لکيل آهي. اهڙي تحقيق نامور اديب ۽ شاعر شمشير الحيدري ڪئي هئي. ميرباگوخان سندس خاندان ۾ ماٽڪاٽي ميرن کان وسري ويو ۽ سندس لاش اڄ به عمرڪوٽ ۾ امانت بنيل آهي. ميرباگي جي دلي خواهش هئي ته مرڻ بعد ڪيس به سندس محبوب سنڌ راڻي جي پير ۾ دفنايو وڃي، پر سندس اها خواهش ڪڏهن پوري ٿيندي؟ اهو هڪ وڏو سوال آهي.

## ميرباگو ۽ سنڌ راڻي

سومرن جي پراڻي تخت گاهه نري پرسان سردار چاڪر خان اديجي جو ڳوٺ هوندو هو هاڻ اهو ڳوٺ کنڊر بنيل آهي، اتي اديجا ذات جي ڪري اڄ به ديه اديجاڻي مشهور آهي. چاڪر خان اديجي جو پاءُ ناروخان نري کان چار ڪوهه پري سور هڏي پرسان رهندو هو. جتي سندس وڏو ڪوٽ اڏيل هوندو هو. اهو اڄ به ناري جي نالي سان ڪوٽ مشهور آهي. اديجن بابت روايت آهي ته هي ملتان کان آيل شاهه هارون جنهن کي شاهه ديوانو پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو جنهن جي نري پرسان درگاهه آهي جا مريد ٿي ويا. چاڪر خان اديجي کي اولاد ۾ به ڌيئرون ڪريمان عرف ڪلان بي مريم عرف سونيتي ۽ هڪ پٽ سائينڏنو هو چاڪر خان جون ڌيئرون سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. ڪلان عمر ۾ وڏي ۽ سانوري رنگ جي هئي ۽ سونيتي عمر ۾ ننڍي ۽ رنگ جي تمام گهڻي ڳوري هئي. جڏهن شاهه هارون ڪلان کي ڏٺو ته مٿس موهجي پيو. هن چاڪرخان کان ڪلان جو سڱ گهريو ته چاڪرخان سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چاڪرخان پاران سڱ جو انڪار ڪرڻ تي شاهه هارون ناراض ٿي، اديجن کي بد دعا ڏني ته اوهان ۾ نه سونهن هوندي نه ئي اوهان کي سوڀ ملندي. جڏهن سونيتي عرف مريم پاڻي جو دلو کڻڻ جيڏي ٿي ته سندس سونهن ڪنوڻ وارا تجلا ڏيڻ لڳي، سندس سونهن جو پڙدو اديجا ذات جو هڪ چڳو مڙس سونيتي جو سڱ وٺڻ لاءِ چاڪرخان وٽ آيو جنهن کي سردار چاڪرخان سڱ ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو. ان ساڙ ۾ اهو چڱو مڙس سڌو سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز خان ڪلهوڙي وٽ خدا آباد وڃي پهتو. ميان سرفراز اڳيان سونيتي عرف مريم جي حسن جي اهڙي ته واکاڻ ڪيائين جو ميان سرفراز ڪلهوڙو حيران ٿي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ سنڌ جو حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙو ڪنهن بهاني سان نري ۾ پاڻي جي ان تلاءُ پرسان منزل انداز ٿيو. جتي روز صبح جو سونيتي سهيلين سان گڏ پاڻي ڀرڻ ايندي هئي. ٻي ڏينهن ميان سرفراز صبح جو سوير اڪيلو پسار بهاني تلاءُ جي پرسان وڃي ويٺو ته، سهيلين سان گڏ سونيتي به گهڙا کڻي تلاءُ تي پاڻي ڀرڻ لاءِ آئي، ميان سرفراز سونيتي جي حسن کي ڏسندي پنهنجا هوش حواس وڃائي ويهي رهيو ۽ ترت اديجا سردار کي گهرائي

ڪائونس پارڻ لاءِ سونيتي جو سڱ گهريائين. حاڪم سنڌ جو حڪم هڪ معمولي سردار ڪري ته چا ڪري ۽ ڪيئن انڪار ڪري، نيٺ چاڪرخان حاڪم سنڌ جو حڪم ان شرط تي مڃيو ته نينگري اجان ننڍي آهي. جڏهن لائق ٿيندي ته پوءِ وٺي وڃجو باقي نڪاح پلين هينئر ڪري ڇڏيو. جنهن بعد 13 مارچ 1762ع تي ميان سرفراز ڪلهوڙي جو سونيتي عرف مريم سان نڪاح ٿيو. نڪاح بعد ميان سرفراز سونيتي عرف مريم کي سنڌراڻي جو خطاب ڏئي واپس خدا آباد روانو ٿي ويو. جڏهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙو ميان سرفراز کي قتل ڪرائي پاڻ سنڌ جو حاڪم بڻيو ته هن پاڻ به ڪڏهن سڪون سان حڪومت نه ڪئي. ميان عبدالنبي سنڌ راڻي جو سڱ وٺڻ ٿري پهچي ويو. هن چاڪرخان اديجو کي گهرائي بادشاهي ڪنوار سندس حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جنهن تي چاڪر خان انڪار ڪيو ته هن ڪجھ ڏينهن کان پوءِ لشڪر موڪلي اديجن تي حملو ڪرايو جنهن ۾ ٿي سئو کان وڌيڪ اديجا ذات جا ماڻهو چاڪرخان سميت مارجي ويا ۽ ڪيترن ئي اديجا ذات جي ماڻهن ڀڄي وڃي چاڪرخان جي ڀاءُ ٺاري خان جي ڪوٽ ۾ پناهه ورتي. جڏهن ته ٿري پرسان هڪ اديجا ذات جي چڱي مڙس منٿون ڪري اهو چئي جان بچائي ته اسين غريب ماڻهو آهيون. اسان جو جهيڙي ۾ جنگ سان ڪوبه واسطو نه آهي، اسان کي بخش ڪريو. جنهن بعد انهن جي جان بچي ويئي، اهو ڳوٺ اڄ به غريب اديجو جي نالي سان قائم آهي. باقي چاڪرخان اديجي جي ڳوٺ وارن اديجن مان ڪيترائي اديجا ذات جا ماڻهو ٺٽو، ٻنورو، محمدپور ۽ تاجوديرو ڏانهن لڏي ويا. چاڪرخان جي مارجڻ کان پوءِ سنڌ راڻي ۽ سندس ڀاءُ سائينڏنو عبدالنبي ڪلهوڙو جي فوج جي قيد ۾ رهيا، ملڪي حالتون خراب ٿيڻ سبب ميان عبدالنبي سنڌراڻي کي ماڻي نه سگهيو ۽ جلد ئي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ 1783ع ۾ هالاڻي وٽ جنگ لڳي، جيڪا ٽالپرن کٽي ۽ ميان عبدالنبي جنگ هارائي ڀڄي ويو. سنڌ جي حڪومت تي ٽالپرن قبضو ڪري ورتو. ميرفتح علي خان حيدرآباد کي پنهنجو تخت گاهه بڻايو ۽ اتي سنڌ کي ٽالپرن ڏار پرڳڻن ۾ ورهائي انهن جون حدون مقرر ڪيون، حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ ٽالپرن جي ٿيل اجلاس ۾ سنڌ کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو. جنهن مان چار حصا مير فتح علي ۽ سندس ڀائرن کي مليا، هڪ حصو خيرپور واري مير سهراب خان کي ۽ به حصا ميرٺارو خان کي مليا. جڏهن ته سنڌ راڻي بابت اهو فيصلو ٿيو ته جيڪو سنڌ راڻي سان نڪاح ڪندو ته ان کي سنڌ جي حڪمراني ۾ ملڪيت تان هٿ ڪڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته سنڌ راڻي سابقه حڪمرانن جي مڱ هوندي به هن کي ڪير ماڻي نه سگهيو. ڪيس نياڳ جي نشاني سمجهيو ويو هو. جنهن ڪري سنڌ راڻي کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو شرط رکيو ويو هو. ميرباگو خان جنهن سنڌ راڻي کي هڪ جهلڪ ڏسڻ سان ڪيس دل ڏئي ڇڏي هئي، اهو هڪدم اٿي بيٺو ۽ وڏي سڏ اعلان ڪيائين ته مون کي ڪجھ نه گهرجي مال ملڪيت حڪومت سڀ اوهين کڻو مون کي رڳو سنڌ راڻي ڏيو. اجلاس ۾ مير فتح علي جيڪو پڻ سنڌ

راڻي کي حاصل ڪرڻ لاءِ سوچي آيو هو پر مصلحت خاطر ماٺ هو ان شرط رکيو ته سنڌ راڻي کان پڇبو جي اها راضي هوندي ته نيڪ ورنه زوري ڪون ڪبي. مير فتح علي جڏهن سنڌ راڻي کان پڇا ڪئي ته هن ها ۾ جواب ڏنو. ان بعد ميرفتح علي ٻئُ بنجي سنڌ راڻي کي ميرباڳي سان پرڻائي ڪيس ۽ ميرباڳي کي هاٽوڪي ٽنڊي باڳي تعلقي وارو علائقو جاگير ڪري ڏنو. ان وقت سنڌ راڻي جي عمر 16 سال هئي. جڏهن ميرباڳو ڪيٽين کي ڇڏي پنهنجي نالي سان نئون شهر اڏي اچي ٽنڊوباڳو ۾ رهڻ لڳو. سندس جاگير جو سڄو سنڀالو سنڌ راڻي جي پاءُ سائينڏني حوالي هوندو هو. جيڪو ميرباڳو جو مختيار خاص هئڻ سبب وڏو سرڪش انسان بنجي ويو هو. ميرباڳي جي عمرڪوٽ جي راڻي سان سنگت هوندي هئي. هي ٻئي گڏجي نئون ڪوٽ پرسان مهراڻو ۾ شڪار ڪندا هئا. هڪ ڏينهن چوپڙ راند دوران سائينڏنو ۽ راڻو ڪنهن ڳاله تي تڪا تي پيا. جنهن تي سائينڏني راڻي کي ٿورو گهٽ وڌ ڳالهايو ته ميرباڳو وچ ۾ پئي ڳاله ختم ڪرائي ڇڏي پر ڪجه ڏينهن کان پوءِ ميرباڳو ۽ سائينڏنو جڏهن شڪار تي مهراڻو پهتا ته شڪار دوران اوچتو وٽن ۾ لڪل راڻي جي ماڻهن. رويهلڙو جي گهيڙ تي سائينڏنو تي حملو ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن پاءُ جي قتل جي خبر سنڌ راڻي کي ملي ته پاءُ جي موت تي سندس هوش خطا ٿي ويا. ۽ منهن مٿوپٽڻ لڳي. پاءُ جو لاش ڏسندي سنڌ راڻي ٻنهي هٿن کي ڇاتي تي زور سان هٽي پٽ تي ڪري ته بيهوش ٿي وئي، ڪجه ڏينهن بيمار رهڻ کان پوءِ وفات ڪري وئي. ان وقت سنڌ راڻي جي عمر 26 سال ڇئي وڃي ٿي. سنڌ راڻي جي وصيت موجب ميرباڳو سندس لاش کڻي وڃي، پراڻي نري پرسان شاه ديوانو قبرستان ۾ دفنايو. ميرباڳي پنهنجي پياري زال جي قبر سنگ مرمر جي پٿر سان جوڙائي، ان جي چئو طرف چئوديواري نهرائي. ان ۾ مختلف گل ۽ وڻ پوکايا. ميرباڳي جي پهرين شادي سندس خاندان مان ٿيل هئي، جنهن مان کيس هڪ پٽ مير وليو پيدا ٿيو. جيڪو پڻ نوجواني ۾ وفات ڪري ويو. مير وليو جي مزار ڏٺي واري قبرستان ۾ سندس ڏاڏي مير مرزو سان گڏ هڪ مقبري ۾ آهي.

## سونيتي سنڌ راڻي ۽ ميرباگي جو عشقيہ داستان:

سنڌراڻي ۽ ميرباگي جو ھي عشقيہ داستان سنڌ جي لوڪ داستانن عمرمارئي، سسئي پنھون، راڻو مومل، سھڻي ميھار، ليلان چنيسر جيان لوڪ داستان آھي. پر سنڌ جي تاريخدانن ھن عشقيہ داستان کي خبر نہ آھي چو نظرانداز ڪري ڇڏيو آھي. مون ھن مھل تائين جيڪي بہ سنڌ جي تاريخ جا ڪتاب پڙھيا آھن، انھن مان صرف ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شيخ محمد سومار، شمشير الحيدري، پروفيسر قادربخش مگسي، علي دوست عاجز، مھر ڪاڇيلوي، عثمان راھوڪڙو، مرزا قليچ بيگ ۽ عبدالله ملاح سنڌ راڻي ۽ ميرباگي جي عشقيہ داستان تي لکيو آھي. باقي سنڌ جي تاريخ جي وڏن ڪتابن ۾ ھن داستان تي ھڪ سٽ بہ لکيل نہ آھي. حالانڪ ھن قصي کي بہ سئو پنجاھ سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آھي، عشق ۾ سونھن جي پوڄاري پنھنجو محبوب ۽ محبت کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي حڪومتي حصي، مال ۽ ملڪيت تان ھٿ کڻي پنھنجي پيار کي ھميشہ لاءِ امر بنائي ڇڏيو. ان جي پيار ۽ محبت تي ڏنل ھيڏي وڏي قرباني کي ائين لڪائي يا فراموش ڪري ڇڏجي. اھا ميرباگي ۽ سنڌ راڻي سان وڏي ويساھ گھاتي ٿيندي بھرحال جڏھن سنڌ تي ميان غلام شاھ ڪلھوڙي جي حڪومت ھوندي ھئي، ان وقت سومرا حڪمرانن جي پراڻي تخت گاھ ٺري پرسان ديھ اڍيجاڻي ۾ رھندڙ اڍيجا ذات جي چڱي مڙس چاڪرخان اڍيجو جي گھر ۾ گلاب جي گل جھڙي خوبصورت نياڻي جائي تہ ڳوٺ ۽ راڄ جا ماڻھو چاڪرخان کي مبارڪون ڏيڻ آيا. چاڪرخان ڌيءَ جو نالو مريم رکيو پر مريم ايڏي تہ خوبصورت ھئي،جو گھروارن سندس نالو مريم مان مٽائي سونيتي رکيو. سونيتي جيئن جيئن وڏي ٿيندي وئي تہ سندس سونھن بہ چنڊ جي چانڊوڪي جيان نکرندي ويئي، جڏھن سونيتي پاڻيءَ جو گھڙو کڻڻ جيڏي ٿي تہ سندس سونھن کنوڻ وارا تجلا ڪرڻ لڳي، سونيتي جي سونھن ۽ معصوميت جي ڪري سندس ساھيڙيون کيس گھڻو پائينديون ۽ پيار ڪنديون ھيون. سونيتي جي سونھن جو اھو عالم ھو جو سندس سون جھڙا سونھري وار ڪڙين کي پيا ڇھندا ھئا، سندس ڪونج جھڙي ڊگھي ڳچي ۽ چنڊ جھڙو چھرو اھڙو تہ اڇو ۽ خوبصورت ھوندو ھو جو جڏھن ھوءَ پاڻي پيئندي ھئي تہ ساھيڙيون سندس پاڻي واري ٽانون ۾ گلاب جا پن وجھي ڏينديون ھيون، سونيتي جڏھن گلاب جي پنن وارو پاڻي پيئندي ھئي، تہ جڻ گلاب جا پن سندس نڙي مان مٽيندي پيا ڏسبا ھئا. جڏھن سنڌ جو حاڪم ميان غلام شاھ ڪڇ جي رائي "ويسون جي" جي ڌيءَ پرڻجي ٺري پرسان اڍيجن جي ڳوٺ وٽ اچي منزل انداز ٿيو تہ ھر ڪنھن جي وات تي اھائي وائي ھئي تہ ميان غلام شاھ سنڌ راڻي پرڻجي آيو آھي. اھا ڳالہ جڏھن سونيتي جي سھيلين ٻڌي تہ چوڻ لڳيون تہ ڪڇ جي راءِ جي ڌيءَ سھڻي ھئڻ سبب سنڌ راڻي آھي، تہ اسان جي سھيلي بہ ڪا گھٽ نہ آھي. سو پاڻ ۾ پہ ڪري سونيتي کي "سنڌ سونيتي" سڏڻ لڳيون.

علي دوست عاجز سونيتي يعني سنڌ راڻي ۽ ميرباگي خان تي سندس لکيل ”سوني باگو“ واري اوپيرا ۾ سنڌ راڻي ۽ ميرباگي جي پيار جي جيڪا عڪاسي ڪئي آهي. اها ڪمال جي عڪاسي آهي. عاجز سنڌ راڻي ”سوني“ ۽ ”باگي“ ميرباگو خان جي بابت جيڪا شاعري ۾ عڪس بندي ڪئي آهي، مون ان شاعري مان هيٺيان بند لکڻي ۾ شامل ڪيا آهن.

پاڻي پيئي ته نڙي مان ڏسجي
ڳالهائي ته رڳو پيو ٻڌجي
چپ تي تر جڻ چاهه ڦٽا هُئا
ڏرتي تي جڻ گاهه ڦٽا هُئا

سنڌ راڻي ايڏي ته خوبصورت ۽ حسين هئي جو جيڪو به ڪيس ڏسندو هو ته ان جي اکين مان ننڊ ڪوهين ڏور هلي ويندي هئي.

جنهن جنهن هڪ وار ڏٺي هئي.
تنهن جي ويئي ننڊ ڦٽي هئي.
هير اُني جي هنيانو ڇُهي ويئي.
ڪلنڌي ڪئين خان ڪُهي ويئي.
جلوا اپ تي ڌرتي سوني
چورس چنڊ ننگر تي سوني.

سونيتي جڏهن سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙو جي مڱ تي ته، ميان سرفراز کيس سنڌ راڻي جو خطاب ڏنو. ميان سرفراز ڪلهوڙو گهرو سازش ڪري پنهنجن هٿان قيد ٿي، حڪومت وڃائي ويٺو ميان عبدالنبي ڪلهوڙي حڪومت جون واڳون سنڀاليندي ميان سرفراز کي قتل ڪرائي ڇڏيو ميان عبدالنبي جيڪو پڻ سنڌ راڻي کي ڏسندي مٿس عاشق ٿي پيو هو ان ميان سرفراز جي قتل کان پوءِ رستي کي صاف ڏسندي سنڌ راڻي جي پيءُ چاڪر اديجي ڏانهن سنڌ راڻي جي سڱ وٺڻ لاءِ پنهنجا خاص ماڻهو موڪليا. پر سنڌ راڻي جي انڪار ڪرڻ تي چاڪر خان ميان عبدالنبي لاءِ سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تان ميان عبدالنبي ڪلهوڙي ڪاوڙجي اديجن تي لشڪر ڪشي ڪرائي، سنڌ راڻي جي پيءُ چاڪر خان سميت ٽي سئو کان وڌيڪ اديجا ذات جي ماڻهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ سنڌ راڻي کي سندس پياءَ سائينڏنو سان گڏ ٽالپرن وٽ قيد ڪري رهايو ويو. جڏهن سنڌ راڻي ۽ سندس پياءَ سائينڏنو ميان عبدالنبي جي ظلم جو داستان ميرباگي خان کي ٻڌايو ته ميرباگو کين ٽالپر سردار ميرفتح علي خان وٽ وٺي ويو. جنهن کين پناهه ڏيئي پاڻ وٽ رهايو. هالاڻي جي جنگ کان پوءِ جڏهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙو جنگ هارائي سنڌ ڇڏي

ويو تہ سنڌ تي ٽالپرن قبضو ڪري حڪومت سنڀالي ورتي. حيدرآباد جي قلعي ۾ جڏهن ٽالپر سردارن سنڌ کي حصن ۾ تقسيم ڪري رهيا هئا. تہ ان وقت سنڌ راڻي بابت پڻ وڏو بحث شروع ٿي ويو. ٽالپر سردار ميرفتح علي خان جي خواهش هئي تہ سنڌ راڻي سان شادي ڪري ڪيس راڻي بڻائجي، پر ڪلهوڙا حڪمرانن جي حڪومتي تباهي جو ڪارڻ سنڌراڻي جي نياڳ کي سمجهي ٽالپرن جي ڪچهري ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌراڻي سان اهو لائون لهندو جيڪو مال ملڪيت ۽ حڪومت تان هٿ کڻندو.

مــلــڪ ۽ مـلــڪـيــت جـــو بہ چــڏيـنـدو.
ســوئـــي دل ســـــان ســـونـهن ســڏيـــنـــدو.
هر شـئـي تـــان هـــٿ ڪـڻـندي ڪِـلــنـــدو.
ســـونـــي جو هـٿ تـنـهن کي مـــلــنـــدو.

انگلينڊ جي بادشاه ايڊورڊ اٺين کي جڏهن تخت ۽ تاج سنڀالڻ لاءِ چيو ويو تہ هن اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيو تہ اهڙي بادشاهي ڪهڙي ڪم جي، جيڪا پنهنجي محبوبہ سان شادي ڪرڻ کان روڪي، جنهن ڪري هن تخت ۽ تاج کي مير باڳي جيان ٺوڪر هڻي، پنهجي پيار خاطر بادشاهي ٺڪرائي ڇڏي. دربار ۾ ويٺل سڀ ٽالپر سردار پاڻ ۾ سُس پُس ڪري رهيا هئا تہ اوچتو! دربار ۾ ميرباڳي خان جو آواز گونجيو. تہ مون کي نہ حڪومت مان حصو کپي نہ ملڪيت کپي مون کي سونيتي کپي:

تــخـت تہ ڇا هـــڪ ـــٽـــانءَ نہ ڪـــڻـــنـــدس.
پـــئـــســـي پـــڳـــَـجــونـــانءَ نہ ڪـــڻـــنـــدس.
ســـونـــيـــتـــيءَ جـــي پـانـهـن مـون کـي ڏيـــو.
مـــنـــهـــنـــجـــي دل جـــي دانـهـن مون کـــي ڏيـــو.

ميرباڳي خان جي پري محفل ۾ اهڙي اعلان ڪرڻ تي، مير فتح علي خان جو رنگ هئيڊو ٿي ويو. پر هن پنهنجي دل تي پٿر رکندي چيو تہ پهرين مائي کان مرضي معلوم ڪجي تہ اها ميرباڳي کي قبولي ٿي يانہ. پوءِ ميرفتح علي خان ڪوٽ اندر وڃي سنڌراڻي کان سندس مرضي معلوم ڪئي. جنهن تي سنڌراڻي ميرفتح علي خان کي وراڻي ڏني تہ پريل ڪچهري ۾ مون تي ميرباڳي جونالو پيو آهي تہ مون کي قبول آهي. هاڻي پيو نالو ڪٽي پاڻ تي ٽڪو نہ لاهيندس . جنهن بعد ميرفتح علي واپس ڪچهري ۾ اچي اهو اعلان ڪيو تہ سنڌ راڻي جو سڱ ميرباڳي حوالي آهي. هاڻي ملڪيت ۽ ملڪ ۾ سندس ڪوبہ حصو نہ هوندو. باقي سنڌ راڻي جي گذران لاءِ ڪيس اجازت آهي تہ گوني مان وڃي واهہ کوٽائي، ان واهہ جي ٻنهي پاسن کان پيل زمين سندس جاگير هوندي، ميرفتح علي خان سنڌراڻي کي پيءُ بنجي ميرباڳي سان پرڻائي، هڪ پلي گهوڙيءَ ۽ پوني ڪتي ڪين تحفي ۾ ڏني. جنهن بعد ميرباڳو خان سنڌراڻي ۽ سندس پياءَ سائينڏني کي گڏوني ونگو پتڻ ۾ ميرناري جي ڪيٽي ۾ اچي وينو جتي بہ ٽي سال

رهڻ ڪان پوءِ اچي موجوده ٽنڊوباگو جي اوله پاسي نيرو درياءَ جي ڪپ تي ماڙي اڏائي ويٺو. ائين ان جاءِ تي ميرباگي جي نالي سان نئون شهر ٽنڊوباگو وجود ۾ آيو. ميرباگي نيري جي ڪپ تي جيڪا ماڙي اڏائي، ان جي اڳيان هڪ عاليشان باغيچو لڳرايو هو جنهن ۾ هر قسم جا گل ۽ ميوي دار وڻ پوکرايا هئائين. جن جي سرهاڻ سان ماحول واسيل رهندو هو. ميرباگو سنڌ راڻي جي عشق ۾ايترو ته محو هو جو ڪيترن مهينن تائين ماڙي تان هيٺ ئي نه لٿو. ميرباگو جنهن سنڌ راڻي لاءِ تاج ۽ تخت کي محبت تي گهور ڪري ڇڏيو هو ان بابت علي دوست عاجز موجب ته

هــــڪــــڙي پـــاســــي تـــا ج رکــــــو تـه بـه
هـــــٿ ۾ آڻــــــي چــــنـــڊ ڏيـــــــو تـه بـه
ســـــونـــــي ڏي اک پــــوري وڏنـــــــدس
بـي ڪـنـهـن شـئـي کي مـور نـه ڇـهـنـدس

ميرباگي سنڌ راڻي جي عشق ۾ پاڻ کي بادشاهه مان فقيربنائي ڇڏيو هو. جنهن ڪري سندس نالو”باگو فقير“ مشهور ٿي ويو:

مـــون کـــي ڪـــو ڏنــــــوان نـه ڪــــونــــي.
مــــيـــــر وڏيــــــرو خــــــان نـه ڪــونــــي.

ميرباگي لاءِ جيڪا مايا هئي، اها صرف سنڌ راڻي هئي، جنهن ڪري هن مايا کان وڌيڪ سنڌ راڻي جي پريت کي اهميت ڏني:

پـــــئـــــســــــن جـــــي لـئـــي پـــيــــار چـــڏي ڏيـــــان.
ڏن جــــــي لــــــئــــــي دلـــــــدار چــــڏي ڏيـــــان.
اهــــــڙو ڪـــــو جــــهــــو ڪــمــر ڪــــيـــــان ڇــــــو.
آئـــــون ٺـــــڪــــي جـــــو نـيـــــٽ ٺـــيــــان ڇــــــو.

جڏهن ميرباگو سنڌ راڻي کي وٺي سندس نالي پنيان نئون شهر ٽنڊوباگو اڏي اچي ويٺو ته پري پري جي علائقن ۾ ميرباگي ۽ سنڌ راڻي جي پيار ڪهاڻي بحث جو موضوع بنجي ويئي، هرڪنهن جي وات تي اهائي وائي هئي ته ميرباگي سنڌراڻي جي عشق ۾ تخت ۽ تاج کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ هر ڪنهن ماڻهو تي چيو ته:

بـــــا بــــا بـــا گـــــو ڪـــيــــر ســـــــڏائــــــــــي.
ڪـــيـــر ٺـــــو تـــــاج ۽ تـــــخـــت ســــهـــــائـــي.
باگــــي پـنـهــنـــجــي بـــــات مـــــــٿـــي ڪـئـــي
مـحـبـت جـي جـنـهـن ذات مــــــٿـــي ڪـئـــي.

مير باگو پنهنجي ماڙيءَ ۾ ويهي رات ڏينهن پنهنجي محبوب جي چهري کي ڏسي پيو خوش ٿيندو هو. کيس هر وقت اهو احساس ڏياريندو هو ته توکان ۽ تنهنجي پيار کان سواءِ آئون اڌورو هوس. هاڻي جڏهن توکي ماڻيو اٿم ته آئون مڪمل ٿي ويو آهيان.

مون تي قرب ڪڪر ٿي ڇانئين.
منهنجي ياد ۾ تون آئين.
تخت ويو پر بخت مليو ويو.
توکي پاتم ڇا گهر جي پيو.

سنڌ راڻي مير باگي جي اهڙي پيار کي ڏسي خوشي مان سرشار ٿي، پنهنجي چهري کي مير باگي جي ويڪري ڇاتي تي، بيٺل گهاٽن وارن جي ڪوساڻ ۾ لڪائي ننڍا ڪڙي لهجي ۾ چوندي هئي:

باگا پاڪر منجهه پري ڇڏ
جو دل چاهي پيار ڪري ڇڏ.
توسان جڏهن ڪان ليڪ لکيو هو.
تنهنجو تڏهن مون نانءُ سکيو هو.

ٻن پيار ڪندڙ پريمين جي ڪچهري به عجيب ڪچهري هوندي آهي. جڏهن هو ملندا آهن ته سندن عجيب ڪيفيت هوندي آهي، سنڌ راڻي پاڻ سان مير باگي جي محبت کي جيڪو محسوس ڪيو سو سندس زبان مان هيئن نڪتو:

دنيا کي حيران ڪيو تو.
منهنجو واڇو مان ڪيو تو.
مان هڪ ڳهلي ۽ ڳوٺاڻي،
ريجهي راءِ بڻايئي راڻي.

مير باگي سنڌ راڻي جي اهڙي ڳالهه تي جواب ڏنو ته:

منهنجو ساهه بدن وانگي تون.
منهنجي سنڌ وطن وانگي تون.
ما يا ڇا يا ڇار ڪٽان ها.
محبت جي نه ميار ڪٽان ها.

سنڌ راڻي مير باگي جي ويڪري ڇاتي تي پنهجي هٿ جي آڱرين سان لڪيرون ڪيندي، مير باگي کان پڇيو. تون ته وڏو جنگجو سپاهي هئين. تنهنجي سيني ۾ هيڏي وڏي پيار ڪندڙ دل ڪٿان آئي؟ ان تي مير باگي سنڌ راڻي کي جواب ڏنو ته:

مان هڪ اڙ ڏو جُنگ سپاهي،
سختين سورن رڻ جو راهي.

جــڏهــن جـــڏهـــن بـــ ڏنـــم تـــي تــــــوڏي،
دل جـــا بـــرج چـــڏيـــئـــي تـــي لــــــوڏي.
ميرباگي جا اهي لفظ ٻڌي سنڌ راڻي جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ ميرباگي کي چوڻ لڳي
:
تـون تان گـهـور تـيـان مـان سـاجـــان،
يـا ڳ پـلـيـرا پـنـهـنـجـا سـمـجـهـان.
چانڊوڪي رات هئي، ميرباگو ۽ سنڌ راڻي پنهنجي گهر جي اڱڻ تي ستا پيا هئا، ٿڌڙي هير جي لهرن ۾ سنڌ راڻي جا سونهري وار مير باگي جي ڇهري کي ڇُهي رهيا هئا ته سنڌ راڻي ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳي پئي، سنڌ راڻي جي ڇرڪ ڀرڻ تي ميرباگو پڻ جاڳي پيو ۽ هن سنڌ راڻي کان ڇرڪ ڀرڻ جو پڇيو ته سنڌ راڻي روئڻهارڪي لهجي ۾ کيس خراب سپنو ڏسڻ جو ٻڌايو ته:
ڪاهـڪـشان تـي پـيـو آ رسـتـــو،
چـيـتـيـچـنـڊ بـڻـيـو گـلـدسـتـو.
حـورن صـــاف لـــتـــا پـــهـــرايـــا،
مَـلـڪـن جـهـنـڊا پـي لـهـرايـــــا.
مير باگي سنڌ راڻي کي پنهنجي ڀاڪرن ۾ ڀري کيس سمجهائڻ لڳو ته هر انسان اهڙا خراب خواب ڏسندو آهي تون ڊپ نه ڪر کيس چيائين ته:
اهـڙا سـپـنـا چـو ڏسـنـــــــــــدي آن،
مون سان گڏ آن تـــ بـــ ڊڄـنـــــدي آن،
سـپـن کـي سـايـــيـان ڏيـنـدا ســـيـن.
ڪـاهـڪـشـان ڏي گـڏ هـلـنـدا سـيـــن،
ڪـرڪـي پـيـار ڪـرڻ جـون ڳـالـهـيـون.
مـنـڙي نـــ ڪــر مـرڻ جـون ڳـالـهـيـــون،
تـون تـــ اجـان مـڪــڙي آهــــــيــــــن،
پـــورو چـنـــڊ بـــــ تـي جـڻ نـاهـيــن.
مـاڻـيـنـدا ســـيــن چـيـٽ سـهـايـــون،
واسـيـنـدا سـيـن ڪـل خـدايـــــون.
مير باگي سنڌراڻي جي حالت کي ڏسي کيس چاتي سان لاءِ دلداريون ڏيندي چئي ٿو ته:
مـــوت تــــــ سـپ تـــي اچـڻـو آهــــــي،
ڪـــويـــ نــــ ان کـان بـچـڻـو آهــــي.
هـــي جـــي هــــــــتـــهــــــتـــن ۾ آهـــن،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙ کي هِڪ وطن ۾ آهن.
راڻا راڻيون آيون ويندیون،
ڳالهيون پنهنجون ڳايون ونديون.

هڪ رات مير باگو پوائتي خواب مان ڇرڪ ڀري اٿي ٿو. پريشاني جي حالت ۾ سوچڻ لڳي ٿو ته:

باگو سپني مان پيو جاڳي،
پانيئن سوني ناهي ساڳي.
سپني ۾ هن ويس متايا،
ڪهڙا خيال الاهي آيا.
چمڪي چمڪي لاٽ ڪري ويئي،
۽ پوءِ اونداهه ٻاٽ ڪري ويئي.

اهڙي عجيب خواب کان پوءِ مير باگي جي اکين مان ننڊ ڪوهين ڏور اڏامي وئي. ڪيس ڪيترائي وسوسا ورايو وجن ٿا. هو سنڌ راڻي کي ڏسي ٿو جيڪا گهري ننڊ ۾ ستل هئي، چنڊ جي چانڊاڻ سندس ڇهري کي چُهي رهي آهي. سنڌ راڻي مير باگي کي چنڊ ستارن ۽ ڪهڪشائن جهڙو ڪائنات جو خوبصورت حصو لڳي ٿي، مير باگو سنڌ راڻي جو هٿ ڪٽي پنهنجي اکين تي رکي ٿو. سنڌ راڻي ٿورو سجاڳ ٿئي ٿي، هو ننڊا ڪين ۽ اڌ ڪليل اکين سان مير باگي ڏانهن نهاري وري اکيون پوري ٿي ڇڏي، مير باگي سنڌ راڻي جي ڇهري مٿان پنهنجو ڇهرو آڻي ڪيس چئي ٿو:

تنهنجو هٿن ۾ ڏيئي،
جي ويندس مان عمريون ڪيئي.
منهنجو ساهه سپاڳ تون سوني،
ننڊ نه ڪر اڄ جاڳ تون سوني.
ڪاچي ٿر جيان آئون اُجارو،
ساوڻ جيان ڪر ڪووسڪارو.

سنڌ راڻي شرارتي انداز ۾ پاسو ورائي، ٻي طرف منهن ڪري هلڪو مسڪرائي اکيون پوريو ڇڏي ٿي، مير باگو وري ساڻس مخاطب ٿي چئي ٿو:

آئون ته جُنگ جهڪائڻ وارو،
ساهه سپه جو سڪائڻ وارو.
ميدانن ۾ ماري ڄاڻان،
وار ڪري هٿ ٺاري ڄاڻان.
آئون نه ڪڏهن پاڪر پائڻ وارو

ماري مڙس مچائڻ وارو.
سيني ۾ سنگين لڳي تہ بہ
باگو پنتي کين هٽي تہ بہ
سنڌ راڻي پيار مان ميرباگي کي چڪي چاتي سان لائي ٿي ۽ کيس پيار مان چئي ٿي:
ڪومل ڳلڙا ڪوسيون چاتيون،
صبح سدورا سُرهيون راتيون.
سمجهي سپ ڪجهه هاڻ پلي تون،
لمحون لمحون ماڻ پلي تون.
محبت ريءَ مري ويون ڪيئي،
مان تہ جيان ٿي توسان پيئي.
ڪوبہ نہ الڪو اوسيئڙو ڪر،
مون کي پنهنجي پاڪر ۾ پر.
اهي ٿي جوين جا ڏينهن هئا جڏهن سنڌ راڻي جي پاءُ سائينڏني جي اوچتي موت سنڌ راڻي جي جيءُ کي جهوري وڌو. پاءُ جي غم ۾ ڪارا ڪپڙا پائي رات ڏينهن پئي روئيندي هئي، پاءُ جي فوت ٿيڻ تي سنڌ راڻي جو سينو چيهون چيهون ٿي پيو. هوءَ پاءُ جي وڇوڙي ۾ بيمار ٿي پئي، ميرباگي سنڌراڻي جي دل تان پاءَ جي ڏک کي لاهڻ لاءِ وڏا حيلا هلايا، پر سندس ڪابہ ڪوشش ڪامياب ٿي نہ سگهي.
سڏڪا سڏڪا ساري تر ۾،
ڪنگ رڙن پيا نينهن نگر ۾.
پيئونر اڏاٽا پيرا پيري،
پاڳ وري ويا پيرا ڦيري
مير باگو پنهنجي ماڙي جي اڱڻ ۾ بيهي هيٺ نيري درياء ۾ پيٽل پاڻي کي تڪي رهيو هو، تيز هوا جي جهونڪن سان نيري جي پيٽل پاڻي ۾ هلڪيون لهرون اڀرنديون ۽ گم ٿينديون پي ويون. پيٽل پاڻي تي سنڌ راڻي جو عڪس هلڪين لهرن سان ميسارجندي پي ويو، مير باگي کي پنهنجي دل جي ڌڙڪن رڪندي محسوس ٿي تہ سندس اکيون ساوڻ جي برسات جيان وسي پيون. ميرباگي دل تي ضبط ڪري سنڌ راڻي ڏانهن نهاريو تہ سنڌ راڻي جون بند ٿيل اکيون آخري پيرو پنهنجي محبوب لاءِ ٿورو کليون، انهن اڌ کليل اکين مان لڙڪن جا بہ موتي ڏاٽا ڪريا ۽ پوءِ سنڌ راڻي جون اهي خوبصورت اکيون هميشہ لاءِ پورجي ويون:
چاندوکيون ۽ چيٽ نہ ساڳيا،
جاڳن اکڙيون پاڳ نہ جاڳيا.
ڳالهيون ڳوڙها سپ هڪ ٿي ويا،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنا تاندبن تي پچري ويا.
تدبيرون سر توڙي بيٺيون،
تقديرون گل روڙي بيٺيون.
مندبل مان هڪ خاموش صدا ابري، باغيچي مان هڪ اداس ڪوئل جي ڪوڪ آئي، مير باگي جي اکين رت رنو هو سنڌ راڻي جي مڙهه کي چنبڙي پيو. وقت ييهي رهيو هن جي ڪائنات اج هن جي هٿن ۾ ساهه ڇڏي ڪنيو۽ سندس زندگي جي آخري شام ٿي وئي. سنڌ راڻي جي ڪيل وصيت موجب کيس اباڻي قبرستان شاهه ديوانو جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جتي سنڌ راڻي جي قبر کي سنگ مرمر جي پٿر سان پڪو ڪرائي، قبر جي چئو ڦير چار ديواري ڏياري ان ۾ خوبصورت گل پوکرايا. سنڌ راڻي جي قبر تي سندس وفات جي تاريخ 5 رمضان 1204ھ لکيل آهي يعني 1790ع ۾ سنڌ راڻي جي وفات ٿي:
هڪ هڪ ٿي ويا سارا هلندا،
ڪيڏي ويا سڀ پيارا هلندا.
پهر وجي ٿو پويون ڏلندو
سپڪو اڳ پوءِ ايڏهن هلندو.
ڳالهيون ۽ ڳڻ ر'جي ويندا،
محبت جا پيا ميلا ٿيندا.
ڪلندي خوشبو خواب ڇڏي ويا،
سچ جا سهڻا باب ڇڏي ويا.
جن کي جڏهن دهرايو ويندو
گيتن وانگي ڳايو ويندو.
محبت واريون دلڙيون ڏڙڪي،
ڏيندويون پيون تحسين وفا کي.
جنهن بہ محبت جاتي دل سان،
تنهن جا توجڙ پاڪ خدا کي.
سنڌ راڻي جي وڇوڙي کان پوءِ مير باگو گمنامي واري زندگي ۾ هليو ويو. 1804ع ڌاري عمرڪوٽ پرسان مير باگي کي ڪاري نانگ ڏنگيو وڌو۽ هو اتي ئي وفات ڪري ويو نانگ جو گهٽو زهر چڙهڻ ڪري کيس عمرڪوٽ ۾ امانت ڪري دفن ڪيو ويو جتي اج بہ باگي فقير جي قبر سيد حيدر علي شاه (واگهو فقير) جي نالي سان مشهور آهي:
تون سونيتي منهنجي، مان باگوڙي باگو
تون ساڻ تہ مان پائرُ، تون ڏار تہ ڪيتي بَرُ.
گڏجي تہ پَريو ڪاچو مان باگوڙي باگو.

## ميرباگي خان جو پٽ ميروليو خان ٽالپر

مير باگي خان کي ٽالپر خاندان جي پهرين زال مان هڪ پٽ نالي مير وليوخان هو. ميرباگي خان جي وفات بعد مير وليو خان جتي هن وقت مير غلام محمد خان ٽالپر جو ٺهرايل هائي اسڪول جي عمارت آهي، ان هنڌ تي 1806ع ۾ هڪ ڪوٽ اڏائي اتي رهڻ لڳو ۽ ڪوٽ جي ٻاهرين پاسي ڪان هڪ مسجد ٺهرائي، جنهن هنڌ تي اڄ بہ هائي اسڪول واري مسجد موجود آهي. اهڙو ذڪر مشهور استاد، شاعر ۽ اديب محمد صديق مسافر پنهنجي سوانح حيات ڪتاب ”ڪُليات مسافر“ جي صفحہ نمبر 3 تي ڪيو آهي. مير وليو ٽالپر ٽنڊوباگو ۾ پنهنجي نئين ٺهنڊڙ ڪوٽ (ديري) لاءِ ننگر ٺٽي مان سنگتراش گهرايا هئا. جن مان هڪ مشهور سنگتراش غلام علي هو. جيڪو پنهنجن ٻارن ٻچن سان گڏ باگي واهہ جي ڪپ پرسان موجوده پارڪ واري هنڌ تي تنبو اڏي اچي ويٺو هو. مير وليو خان کي ڪوبہ اولاد نہ هو هي نوجواني جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات ڪان لڳ ڀڳ نوي سال پوءِ ان جي خاندان جي اهم ۽ مشهور جاگيردار مير غلام محمد خان ٽالپر، مير وليو جي گهر واري جڳه تي پنهنجي ذاتي خرچ سان هڪ وڏي تعليمي درسگاهہ ٺهرائي، جيڪا اڄ بہ ان ئي هنڌ تي قائم ۽ دائم آهي. مير وليو لاولد هو هن جي وفات نوجواني ۾ ٿي، سندس مزار ڏيٽي جي قبرستان ۾ آهي.

## ڪيٽين جو ڪوٽ

1758ع کان اڳ جڏهن سنڌو درياءَ نصرپور کان پوءِ ڇاڙون ٿي وهندو هو ان وقت سنڌو درياءَ جون جيڪي ڇاڙون نڪرنديون هيون، انهن کي اپرندو پراڻ، اولهندو پراڻ يعني ساگرو ۽ نيرو سڏيندا هئا. اپرندو پراڻ جڏهن جهڏو ۽ روشن آباد کان ٿيندو چار جي پتڻ وٽ نئون ڪوٽ ۽ نهتو وٽان ايندڙ هاڪڙي درياءَ جو جتي پاڻ ۾ سنگم ٿئي ٿو اتي ملن ٿا تہ پراڻ ۽ هاڪڙي مان هڪ ٿيل اهو درياءَ. جڏهن ونگو لڳ ميرن جي ڪيٽين وٽ پهچندو هو تہ ان جو اتي عجيب منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن کي ڏسڻ سان دنيا جا ذهين انجنيئر بہ دنگ رهجو وڃن. سنڌو درياءَ جي هن ڇاڙ جا ونگو بازار وٽ ميرن جي ڪيٽين جي چئوڦير جيڪي واسينگ نانگ وارا ونگ آهن، ان ڪري ان نالي سان ونگو بازار، ونگو پتڻ ۽ ونگو شهر سڏجڻ لڳا. درياءَ جي ونگ واري وچ ۾ دوآبي ۾ هڪ وڏو گهاٽو ٻيلو ۽ قدرتي چراگاهہ هوندو هو جتي قسم قسم جا جانور هوندا هئا. جتي ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپر حڪمران اچي شڪار ڪندا هئا. هي علائقو ڪلهوڙا حڪمرانن مير باگي خان جي والد ميرمرزوخان ٽالپر کي بهادري جي انعام طور جاگير ڪري ڏنو هو. جڏهن ٽالپرن سنڌ کي سٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٽڪاٽي ٽالپرن جي سردار مير ٺارو خان ڪيس مليل حڪومت جو پهريون تخت گاهه ونگو پٽڻ پرسان ميرن جي ڪيٽين ۾ قائم ڪيو. جتي مير باگوخان به سنڌڙاٽي سان پرڏجي ڪيس وٺي اچي ميرٺاروخان سان گڏ رهيو. مير ٺاري پاران ونگي واري (دوآبي) ميرن جي ڪيٽين کي پنهنجو تخت گاهه قائم ڪرڻ جو سبب صرف اهو هوتہ ان هنڌ کي چئوطرف درياءَ جو وڏو ونگ ڏنل هو. ڪيٽين واري ڪوٽ جي چئوطرف پاڻي هو. ان ۾ اچڻ لاءِ ڪوبہ خشڪي جو رستو نہ هو جنهن ڪري ڪوبہ دشمن آساني سان حملو ڪري نہ ٿي سگهيو. ميرٺاري خان ان دوآبي واري ڪيٽي ۾ 16 ايڪڙن جي ايراضي تي وڏو ڪوٽ اڏايو هو. جنهن جي چئني ڪنڊن تي وڏا برج ٺهيل هوندا هئا. جنهن تي هر وقت چاڪ چوبند چوڪيدار ۽ فوجي رات ڏينهن پهرو ڏيندا رهندا هئا. هن ڪوٽ کي اوله طرف کان هڪ وڏو دروازو هوندو هو. جنهن جي سامهون درياء جي پتڻ تي ميرن جون ٻيڙيون ۽ غوراب هر وقت تيار بيٺا هوندا هئا. ان وقت هن ڪيٽي جي چئوطرف درياءَ تي ڪابہ پل نہ هئي، جنهن ڪري ڪوبہ زميني رستو نہ هوندو هو. صرف ٻيڙين ذريعي هن ڪيٽي تي اچ وڃ ٿيندي هئي. ڪيٽين واري ڪوٽ ۾ حڪمرانن جي رهائش لاءِ چار رهائشي عمارتون، مهمان خانو، دربار ۽ عيش عشرت ۽ دل وندرائڻ لاءِ الڳ هڪ مخصوص سراءِ ٺهيل هوندي هئي. ڪوٽ جي اوپر طرف هڪ وڏو ٻيلو هوندو هو. جنهن کي شڪار گاهه پڻ چئبو هو. جتي ڪيترائي سپاهي جاسوسي جي ڊيوٽي تي لڳل هوندا هئا. 1803ع ۾ وهڻائي پرسان شهداداڻين ۽ ماڻڪاڻي ٽالپرن وچ ۾ مال جي ڀيل يا چاهين جي ول تان لڳل جنگ، جنهن کي ول واري جنگ چيو وڃي ٿو ان کان پوءِ ميرٺارو خان ڪيٽين جي ڪوٽ کي ڇڏي وڃي ميرپورخاص اڏي اتي تخت گاهه قائم ڪيو. هاڻي نہ ڪيٽين ۾ مير آهن نہ اهو ڪوٽ رهيو آهي، نہ ئي اهو شڪار گاهه وارو ٻيلو رهيو آهي، نہ ئي گلاب ۽ موتيو جا گل ۽ نہ ئي ليمن ۽ انبن جا وڻ آهن. اڳي جتي شڪارگاهه واري ٻيلي ۾ هرڻ، روجھ ،سها، تتر ۽ ٻيا جانور وڏي تعداد ۾ هوندا هئا. ان هنڌ تي هن وقت ڇارين ۽ ديوين جا وڻ آهن. اتي شڪار وارن جانورن ۽ پکين بجاءِ گدڙ ۽ رولو ڪتا پيا هلن. ڪيٽين وارو ڪوٽ سنڀال نہ ٿيڻ ڪري ڊهي پٽ پئجي ويو آهي. هاڻ صرف ان جا ڏنڏلا آثار بچيا آهن. جن کي ڏسڻ سان محسوس ٿئي ٿو تہ هتي ڪڏهن خوبصورت عمارتون هونديون هيون .هاڻي ڪيٽين جي ڪوٽ پرسان بوڙينبدي ساز جي عظيم فنڪار ذوالفقار لنڊ جو ڳوٺ ڪيٽي مير محمد لنڊ آهي.

## ميرباگي ۽ سنڌراڻي جي گهر بابت

مير باگو ٽنڊوباگو شهر جي اولهه طرف ساگرو جي اوڀرندي ڪپ تي ماڙي ٺهرائي ويٺو، ٽنڊوباگو ۾ سندس رهائش گاهه بابت متضاد رايا ملن ٿا. ٽالپرن جي تاريخ جي ڄاڻ رکندڙ مرحوم مير محبوب ٽالپر موجب، ميرباگي خان جو گهر موجوده مختيار ڪار آفيس ٽنڊوباگو پرسان نيرو درياءَ جي اولهه واري ڪپ سان لڳ هو، جتي ماڙي جا ڦٽل نشان موجود آهن. جڏهن ته ميرباگي جي خاندان جي مير محمد حسن عرف ميرحاجن ٽالپر موجب ته، موجوده ميرن جي ديري (ميرمحلي ۾) جتي ميرن جي پراڻي مسجد آهي، ان جي پاسي ۾ ميرباگي خان جو گهر هوندو هو. اڄ به ميرباگي جي خاندان وارا ٽالپر ان هنڌ تي ويٺل آهن. ان ڪانسواءِ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ سيٺ مهدي محمد خواجه جو چوڻ آهي ته، ميرباگي خان جوگهر موجوده سرڪاري اسپتال ۽ اکين واري خيراتي اسپتال واري هنڌ تي هو. سندس گهر سامهون ميرباگي خان جي جوڙايل جامع مسجد جيڪا 50 سال کن اڳ زبون حال ٿي شهيد ٿي ويئي، اتي ڪيڙن جو وڏو ويڙهو هو، جتي هن وقت ڪٽين جا گهر آهن. ميرباگي سان گڏ آيل گلاب شيدي جو گهر سيد برهان شاهه جي مزار پرسان هو، جتي اڄ به سندس خاندان جا شيدي رهن پيا. آخري ڳالهه ان ڪري به وزن واري آهي، جو ميرباگي جو گهر نيرو درياءَ جي اوڀرندي ڪپ تي هو. جنهن ڪري موجوده ٽنڊوباگو شهر ان وقت کان وٺي اڄ ٽائين اوڀرندي پاسي آهي.

## ٽنڊوباگو تعلقو ڪڏهن بڻيو

1758ع کان اڳ جڏهن سنڌو درياءَ نصرپور، شيخ پر کيو ۽ ٽري وٽان ٿي موجوده ٽنڊوباگو شهر جي اوله پاسي کان وهندو هو ته، هن وقت ٽنڊوباگوجي شيدي محله واري هنڌ تي ٽنڊوباگوشهر جي وجود کان ڪيترائي سال اڳ اتي، ڏنوملاح جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو. ان ڳوٺ ۾ ملاحن سان گڏ ڪڇي هندو، خاصخيلي، راحمان ذات جي ماڻهن جا ٿوري تعداد ۾ گهرهوندا هئا. ان وقت نيرو درياء وهندو هو جنهن ڪري ڏني ملاح جي ڳوٺ جي ماڻهن جو گذرسفر جو ذريعو نيرو دريا هوندو هو. جنهن مان هو مڇي ماريندا ۽ درياءَ ۾ ٻيڙيون هلائيندا هئا. جڏهن ڏني ملاح جو هتي ڳوٺ هو ته هتي ڪنڊين، ڪرڙن ۽ ڄارين جا وڏا وڻ بيٺل هوندا هئا. جنهن ڪري هن ڳوٺ کي ڪنڊين وارو ڳوٺ به سڏيو ويندو هو. انهن ڪنڊين واري وڻن جي آخري نشاني وارو سادا تي سوسال کان به وڏو ڪنڊي وارو وڏو وڻ، شيدي محله ۾ ٽنڊوباگو جي مشهور صوفي راڳي ۽ ڏوبي ميانجي ڦوٽو شيدي جي گهر جي اڱڻ تي بيٺل هو. جيڪو ويهارو سال اڳ طوفاني برسات ۾ ڪري ختم ٿي ويو. جڏهن موجوده ٽنڊوباگو شهر جي اترطرف لڳولڳ گرو سنگه سک جو هڪ وڏو ڳوٺ هوندو هو. جتي 50،40 گهر سکن (خالصن) جا هوندا هئا. 1786ع ڌاري ميرباگوخان ٽالپر مير ٺاري خان ٽالپر جي تخت گاهه ميرن جي ڪيٽين مان اچي نيرو جي اڀرندي ڪپ تي ماڙي اڏي، سنڌراڻي سان گڏ رهڻ شروع ڪيو ته ٽنڊوباگو شهر جو بنياد پئجي ويو. جنهن بعد ميرباگي خان جي فوج ۾ رهندڙ سپاهين پڻ

ميرباگي سان گڏ هن شهر ۾ رهڻ شروع ڪيو. جن ۾ خاصخيلي، شيدي، راحمان، اديجا، مگڻهار ۽ ٻيا شامل هئا. اڻين جلدي هي ڳوٺ شهر ۾ تبديل ٿي ويو. جنهن بعد هن شهر ۾ ٽالپر، سک، واڍيان، ميمڻ، کتي، شيدي، خاصخيلي، خواجه، ڪهيري، ڪولهي، سيد، پير، ڪلهوڙا، ٻليدي ساٿي ۽ ٻين مختلف ذاتين جا ماڻهو ٻين هنڌن تان لڏي اچي هتي آباد ٿي ويهي رهيا. 1878ع ڌاري انگريز سرڪار ٽنڊوباگو کي تعلقه جو درجو ڏنو. جنهن بعد هتي محبوب علي لالواڻي پهريون سٽي مئجسٽريٽ ۽ مختيارڪار مقرر ٿي آيو. ان وقت حيدرآباد ضلع هو ۽ ٽنڊومحمد خان سب ڊويزن هئي. ان بعد 1975ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بدين کي ضلع جو درجو ڏنو. ٽنڊوباگو کي بدين ضلع جو تعلقو بنايو ويو. ٽنڊوباگو شهر هن وقت تعلقه هيڊ ڪواٽر آهي ۽ تعلقه هيڊڪواٽر وارين سمورين سرڪاري آفيسون هن شهر ۾ آهن. هن وقت ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو ۾ 9 وارڊ آهن. جن جي آدمشماري 50 هزارن کان مٿي آهي.

## باگو واهه کڏهن ٺهيو

مير باگي وٽ حيدرآباد جي حڪمران ٽالپر سردارن کان مليل خرچ واري رقم جو وڏو حصو ختم ٿي ويو ته ميرباگي شادي خان خاصخيلي جيڪو ميرباگي جي فوجي دستي جو سالار ۽ سندس اعتماد وارو ماڻهو هو کي حڪم ڪيو ته ڪڇ تي حملي ڪرڻ جي تياري ڪئي وڃي. شادي خان خاصخيلي مير باگي خان کي چيو ته ڪڇ تي حملو ڪرڻ سان وڏو خون خرابو ٿيندو. ان ڳاله کي ڇڏي گوني مان واهه کوٽرائجي، جنهن سان اوهان کي به فائدو ٿيندو. علائقي جي ماڻهن کي پڻ وڏو فائدو ٿيندو ۽ هو تمام گهڻو خوش ٿيندا. ميرباگي کي شادي خان خاصخيلي جي اها صلاح دل سان لڳي. هن ڪيس چيو ته علائقي جي راڄن جي ماڻهن کي گڏ ڪري واهه کوٽرايو. جنهن بعد شادي خان ۽ سائينڏنو اديجو علائقي جي مختلف ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهو گڏ ڪيا. وڏي راڄ چيڙ وسيلي گوني مان واهه کوٽڻ لاءِ ڪاٽي شروع ڪرائي وئي. تقريبن ٽن چئن مهينن اندر گوني کان ٻنگار تائين 1790ع ۾ واهه کوٽجي راس ٿيو. جنهن تي ميرباگي خان جو نالو "باگو واهه" رکيو ويو. جيڪو اڄ تائين ان نالي سان مشهور آهي. باگي واهه جي کوٽجڻ سان واهه جي ٻنهي پاسن تي هزارين ايڪڙ زمين آباد ٿيڻ شروع ٿي وئي. ان سان نه رڳو ميرباگي کي فائدو ٿيو پر علائقي جي سوين ڳوٺن جي ماڻهن کي زمين آباد ڪرڻ جو موقعو مليو. اهڙي طرح ان واهه جي پاڻي تي 50 هزار ايڪڙن کان وڌيڪ زمين آباد ٿيڻ لڳي. جنهن بعد ٻيهر شادي خان خاصخيلي جي صلاح تي هڪ پيرو ٻيهر وڏي راڄ چيڙ وسيلي باگو واهه مان شادي واهه ۽ بهادر واهه کوٽايا ويا. جيڪي اڳتي وڃي کوسڪي، شادي لارج ۽ ونگو پتڻ جي زمينن کي سيراب ڪرڻ لڳا.

## سائين ڏنو اديجو

جڏهن ميرباڳي ڪيٽيون چڙي ٽنڊوباڳو شهر اڏيو ته سائينڏنو کي ميرباڳو پنهنجي جاگير جو مختيارخاص بڻايو. ميرباڳي پاران ڪيس گهٽوپائڻ ۾ مختيارخاص بنائڻ تي سائين ڏنو سرڪش بنجي ويو هو. ميرباڳو خان جڏهن به شڪار تي ويندو هو ته سائينڏنو ساڻس گڏ هوندو هو. هڪ ڀيري عمرڪوٽ جو راڻو ميرباڳي جي دعوت تي ٽنڊوباڳو آيو رات جو چوپڙ راند دوران عمرڪوٽ جو راڻو ۽ سائينڏنو ڪنهن ڳاله تي پاڻ ۾ توڙجي پيا، جن کي ميرباڳي اوڏي مهل ته ماٺ ڪرائي ڇڏيو. پر ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ميرباڳو ۽ سائينڏنو نئون ڪوٽ پرسان مهراڻو ۾ شڪار ڪرڻ ويا. شڪار دوران قديم قتل درياء هاڪڙو جي ٻوري جي رويهلڙو گهيڙ وٽ راڻي جي لڪل ماڻهن حملو ڪري سائينڏنو اديجوکي قتل ڪري ڇڏيو. اهڙي خبر ٽنڊوباڳو ۾ ڳورهاري سنڌ راڻي کي ملي ته هو ياءُ جي موت جي صدمي ۾ بيهوش ٿي وئي، ان صدمي جو اثر مٿس تمام شديد ٿيو ۽ هو اهڙي دکدائڪ لمحن ۾ سخت بيمار ٿي پئي، بدين ضلعي جي برک تاريخدان شيخ محمد سومار موجب ميرباڳي خان سائينڏنو جي لاش کي ڪٽائي نري ۾ شاه ديوانو جي قبرستان ۾ دفن ڪرايو. ڪيس سنڌراڻي سان ڪيل واعدو ته سائين ڏنو جي هو پاڻ شادي ڪرائيندو، پورو نه ٿي سگهيو.

## شادي خان خاصخيلي

جڏهن ميرباڳو ڪيٽيون چڙي اچي ٽنڊوباڳو کي آباد ڪيو ته شادي خان خاصخيلي به پنهنجي اهل عيال سان گڏ شهر ۾ رهڻ شروع ڪيو. ميرباڳي خان گوني مان واه کوٽرائڻ جي ذميواري به شادي خان خاصخيلي تي رکي، جيڪا هن انتهائي ذميداري سان نڀائي، هن وڏي راڄ چيڙ وسيلي گوني کان ٻنگار تائين واه کوٽرايو. ان واه مان ريٽن وارن پيرن جي ڳوٺ کان کوسڪي ۽ شادي لارج تائين به ٻيا واه کوٽرايا، ائين 1790ع ڌاري باڳو واه ۽ ان مان به ٻيا واه کوٽيا ويا. جنهن ڪري علائقي جو زمينون سرسبز ۽ شاداب ٿيون. شادي خان خاصخيلي پاران ميرباڳي جي نالي سان کوٽرايل باڳو واهاڄ به شهر جي وچ مان وهي ٿو. ميرن جي صاحبي جي خاتمي کان پوءِ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته هنن ڪيترن ئي مشهور ۽ نالي وارن ماڻهن کي سندن خدمت ۽ بهادري سبب جاگيرون انعام ۾ ڏنيون. شادي خان خاصخيلي کي پڻ راڄ چيڙ ذريعي هن علائقي کي سرسبز ڪرڻ لاءِ واه کوٽرائڻ تي انگريز سرڪار سندس خاندان کي جاگير انعام طور ڏني. جاگيردار ٿيڻ کان پوءِ شادي خان خاصخيلي جو خاندان سرائي سڏجڻ لڳو. ٽنڊوباڳو ۾ ڪيترائي خاصخيلي ذات جا خاندان رهن ٿا. جن ۾ ڪي جتاڻي، ڪي ٻڪاڻي ۽ ڪي وري شاداڻي پاڙي وارا سڏجن ٿا. شادي خان جي خاندان وارا شاداڻي خاصخيلي سڏجن ٿا، جيڪي پاڻ کي سرائي پڻ سڏائيندا آهن.

شادي خان جي اولاد مان گل محمد شاداڻي، نبي بخش شاداڻي وارا هئا. جيڪي پنهنجو وارو وڄائي ويا. سنڌن خاندان جون ڪجھ عورتون هيون، جيڪي پڻ ٻين شهرن ڏانهن پرڻجي ويون.

## گلاب شيدي (وڏو)

مير باگو خان ٽنڊو باگو شهر اڏيائي هتي ويٺو ته هن سان گڏ سندس فوجي دستي جا سپاهي، نوڪر ۽ چاڪر به پنهنجي خاندان سان گڏ لڏي ٽنڊو باگو جي شهر ۾ ويٺا. ان وقت مير باگي سان گڏ آيل شيدي ذات جي ماڻهن ۾ گلاب نالي هڪ نيڪ دل انسان هو جنهن جي نه رڳو شيدي ذات جا ماڻهو سندس عزت ڪندا هئا، پر شهر جا سمورا ماڻهو به کيس عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. کيس شيدي برادري جي پنچائت پنهنجو پٽيل چونڊيو. شيدي برادري جا ماڻهو کيس جمعدار ڪري سڏيندا هئا. شيدي ذات جي ماڻهن جا برادري وارا جهيڙا، نبيرا، فيصلا ۽ شادين واربون سڱاوتيون به وٽس ٿينديون هيون. سندس برادري وارو ڪيل فيصلو لوھ تي لڪير مثل هوندو هو. پاڻ عمر رسيده ۽ برادري جو پٽيل هئڻ باوجود گهرن کي مٽيءَ سان راڳڻ جي مزدوري ڪندو هو. کيس اولاد نه هو هو ۽ سندس گهر واري اڪيلا رهندا هئا. گلاب شيدي لڳ ڀڳ سئو سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

## بلال عرف ننڍو گلاب

آفريڪا جي علائقي زنجبار ۾ حبشي شيدين جا اهڙا قبيلا رهندا هئا، جن جو دستور هو ته جڏهن به قبيلا پاڻ ۾ وڙهندا هئا ته انهن مان جيڪو فاتح قبيلو هوندو هو اهو هارائيندڙ قبيلي جي مرد، عورتن ۽ ٻارن کي قيدي بنائي سمنڊ جي ڪناري تي عرب سوداگرن جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. عرب سوداگر کين مسقط ۾ آڻي حبشي غلامن جي منڊي ۾ وڪڻندا هئا. اهڙي دور ۾ هڪ ڇهن سٽن سالن جو ڇوڪرو به غلام ٿي مسقط جي منڊي ۾ پهتو، جتي شيخ حسين نالي عرب ٻين حبشي غلامن سان گڏ هن کي به خريد ڪيو. خريد ڪيل غلامن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار هئا. پر هن ڇوڪري سان گڏ نه هن جي ماءُ هئي نه پيءُ هو. هن ڇوڪري جا پاڳ پلا هئا، جو شيخ حسين هن کي ڏسڻ شرط کيس پنهنجي گهر جي ڪم ڪار لاءِ غلام ڪري رکيو ۽ سندس طهر ڪرائي سندس نالو بلال رکيو. بلال ٻن سالن تائين شيخ حسين وٽ رهيو. جڏهن شيخ حسين غلامن جو هڪ وڏو ٽولو وڪري لاءِ سنڌ روانو ڪيو ته بلال به ان ۾ شامل هو. جڏهن شيخ حسين جو غلامن وارو ٻيڙو ٺٽي جي بندرگاهه تي پهتو ته غلام علي سنگتراش هن ڇوڪري کي خريد ڪري گهر ۾ ڪم ڪار لاءِ وٺي ويو. ان سمي ٽنڊي باگي ۾ مير وليو خان ٺٽي مان گهر ٺاهڻ لاءِ سنگتراش گهرايا، جن سان غلام علي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگتراش ٽنڊوباگو آيو. ان سان گڏ بلال به گڏ هو. هڪ ڏينهن غلام علي سنگتراش مڇي جو ڪرڙو وٺي گهر واري کي ٻوڙ ناهڻ لاءِ چيئي، پاڻ مير وليو جي گهر جي ڪم تي هليو ويو. غلام علي جي گهر واريءَ مڇي کي وڏي بلال کي ٿال ۾ وجهي ڏني ته وڃي واهه تان ڌوئي اچ. بلال واهه تي مڇي کي ڌوئي رهيو هو ته مڇي وارو ٿال هٿ مان ترڪي وڃي واهه ۾ ڪريو ۽ ائين مڇي ۽ ٿال ٻئي پاڻي ۾ ڪري پيا. جنهن تي بلال روئيندي اچي گهر مائي کي ڳاله ٻڌائي ته مائي به پريشان ٿي ويئي. ڇاڪاڻ ته غلام علي گهڻو سخت ۽ چيڙاڪ طبيعت هو. غلام علي ٻنپهرن جو ماني ۾ مڇي جو ٻوڙ نه ڏسي آپي مان نڪري ويو. هن زال کان مڇي بابت پڇيو مائي جي ٻڌائڻ تي هن ڪاوڙمان بلال کي به تي چماٽون هڻي کيس ڪن مان جهلي شهر ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن غلام علي ڪٽين جي جامع مسجد پرسان گلي مان لنگهيو ته اتي ويٺل مخدوم حر علي نالي بزرگ حبشي ڇوڪري کي روئيندي ڏسي سبب پڇيو هي ڇو پيو روئي؟ هن ويچاري کي ڪيڏانهن وٺيو ٿو وڃين؟ اهڙي سوال تي غلام علي جواب ڏنو منهنجو غلام آهي، وڪڻڻ لاءِ شهر پيو وٺيو وڃان. ان جواب تي مخدوم حر علي غلام علي کي اتي ويهاري گهران پئسا ڪڍي آيو ۽ غلام علي کي ڇوڪري جي قيمت ادا ڪري بلال کي پنهنجي گهر وٺي ويو. جتي مخدوم جي بيبي ڇوڪري کي پرچائي ماٺ ڪرايو ۽ کيس گهر جي ڪم ڪار تي لڳائي ڇڏيو. مخدوم حر علي کي ڪوبه اولاد نه هو. جنهن ڪري مخدوم ۽ سندس بيبي بلال کي پنهنجي اولاد جيان پاليندا هئا. کيس اٿڻ ويهڻ جا آداب سيکاري نماز ۽ ذڪر جي عادت وڌي هڪ پيري بلال بيمار ٿي پيو ته پين حيلن سان گڏ بيبي مخدوم کي بلال جو نالو مٽائڻ جي صلاح ڏني، جنهن تي مخدوم حر علي هن جو نالو بلال مان بدلائي گلاب رکيو. جڏهن هي جوان ٿيو ته مخدوم حر علي هڪ نوجوان حبشاڻي خريد ڪري ان سان گلاب جو نڪاح ڪرايو جنهن جو نالو سليمت هو. گلاب اوطاق ۽ حويلي جو ٻاهريون ڪم ڪار ڪندو هو. سليمت حويلي جو اندريون ڪم ڪار ڪندي هئي. 1843ع ۾ جڏهن ميرن کان انگريزن سنڌ ڦري ورتي ته راڻي وڪٽوريا اعلان ڪيو ته غلامن جي خريد فروخت قانوني ڏوهه آهي. جنهن ڪري سمورا حبشي غلام آزاد ٿي ويا. مخدوم حر علي به گلاب ۽ سندس گهر واري کي غلامي مان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي گهر پرسان هڪ جدا گهر ٺهرائي ڏنو. جتي هو پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ رهڻ لڳو. گلاب ان وقت جايون راڳڻ جو ڪم شروع ڪيو هو. ان وقت ٽنڊوباگو ۾ رهندڙ حبشي شيدين جو مُکي يا جمعدار وڏو گلاب هوندو هو. جنهن سان ننڍڙي گلاب جي وڏي انسيت ٿي ويئي هئي. هي وڏي گلاب جي خدمت چاڪري به ڪندو هو. وڏي گلاب کي اولاد نه هئڻ ڪري هن وفات کان اڳ سيني برادري جي ماڻهن کي گهرائي وصيت ڪئي هئي، ته سندس مرڻ کان پوءِ چڱ مڙسي ۽ جمعداري جي پڳ ننڍي گلاب کي ڏجو. وڏي گلاب جي وفات کان پوءِ شهر ۽ آسپاس جي شيدين ننڍي گلاب کي جمعداري جي پڳ ٻڌرائي. جنهن بعد کيس مُکي گلاب ۽ جمعدار گلاب ڪري سڏيندا

هئا. ننڍي گلاب کي پهرين زال سليمت مان 18 ٻار ڄاوا، جيڪي ننڍي هوندي گذاري ويا. جنهن بعد گلاب جي زال سليمت به گذاري ويئي. مائي سليمت جي وفات کان پوءِ ننڍي گلاب جي برادري مان مائي بيگم نالي ڪنواري ڇوڪري سان شادي ڪرائي وئي. جنهن مان پڻ ننڍي گلاب کي 12 ٻار پيدا ٿيا، جن مان 11 ٻار گذاري ويا، باقي هڪ پٽ محمد صديق مسافر زنده بچيو ۽ اڳتي ان جو اولاد وڌيو. جيڪو هن وقت به ٽنڊوباگو ۾ رهائش پذير آهي.

## مخدوم حر علي

ٽنڊوباگو شهر ۾ رنگريزن (ڪتين) جي محلي ۾ جامع مسجد پرسان مخدوم حُرعلي جي حويلي هوندي هئي. مخدوم حرعلي وڏو بزرگ ۽ الله وارو ماڻهو هوندو هو. پاڻ اگهاماڻي ڪوٽ واري مشهور بزرگ ۽ اولياءُ مخدوم اسماعيل سومرو جي خاندان مان هو. سندس ٽنڊوالهيار ۾ لاڙجا پاتولي ميمڻ خاص مريد هوندا هئا. مخدوم حر علي کي اولاد نه هو هو ۽ سندس بيبي ٽنڊوباگو ۾ رهندا هئا. غلام علي سنگتراش کان مخدوم حر علي حبشي غلام بلال ڇوڪرو خريد ڪري پاڻ وٽ رهايو جنهن کي هي پنهنجو اولاد وانگر پائيندا هئا، جڏهن اهو بيمار ٿي پيو ته هنن جو نالو بلال مان مٽائي گلاب رکيو ۽ گلاب جڏهن جوان ٿيو ته مخدوم حر علي هڪ نوجوان حبشاڻي خريد ڪري ان جو گلاب سان نڪاح ڪرايو. مخدوم حرعلي ٽنڊوباگو ۾ ڪيترا سال رهڻ کان پوءِ تلهار روڊ تي لڏي وڃي وينو ۽ اتي ئي سندس وفات ٿي. وفات بعد مخدوم حر علي کي شهيد رحمت الله عليه جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. جيڪو پڻ تلهار روڊ تي مخدومن جي ڳوٺ وٽ مشهور اولياءُ آهي.

## ميرباگي خان جو ڪٽنب

سن 1786ع ۾ جڏهن مير باگوخان سنڌڙاڻي کي وٺي اچي پنهنجي نالي سان ٽنڊوباگو شهر جوڙي اچي هتي رهڻ لڳو ته ميرباگي سان گڏ ميرن جو وڏو خاندان هتي اچي آباد ٿي وينو جنهن ۾ ميرباگي خان جا پاٽر ۽ انهن جو اولاد شامل هو. مير باگي خان کي پهرين گهرواري مان هڪ پٽ مير وليوخان هو جيڪو پڻ ميرباگي جي وفات کان پوءِ نوجواني جي عمر ۾ گذاري ويو. کيس ڪوبه اولاد نه هو. اڻين ميرباگي خان جو خاندان سندس پشت مان وڌي نه سگهيو پر سندس پاٽرن جي اولاد مان وڌندو رهيو. هن وقت به ميرباگي خان جي پاٽرن ۽ پيٽرن جو اولاد ٽنڊوباگوجي مير محلي ۾ رهائش پذير آهي. ميرباگي خان جي جاگير مان ڪيتري ئي زمين وٽن موجود آهي. ميرباگي خان کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ ڪيترائي ناليوارا ۽ مشهور ٽالپر ٿي گذريا آهن. جن ۾ مير ولي محمد ٽالپر، ميرغلام محمد خان ٽالپر(باني هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو) ميرحاجي خدا بخش خان عرف (لان ٻرڊ) مير نور حسين ٽالپر، ميرعبدالحسين ٽالپر، مير محمد بخش عرف جادوگر، ميرقاسم علي، ميرغلام رسول، ميرغلام

قادر، ميرشاهه محمد، ميرولي محمد، مير حاجي محمدخان، ميرعلي نواز خان، ميرحسن علي خان، مير نياز حسين، مير شاهد احمد، مير محبوب علي ۽ موجوده ميرن ۾ مير محمد حسن عرف مير حاجن، مير عطا حسين، مير لطف علي، مير عبدالحسين عرف مير ڪاشف، مير فراز علي، مير بخش علي، مير محمد بخش، مير عمير، مير منير احمد، مير الفت علي، مير اظهر، مير عرفان، مير ولي محمد ۽ ٻيا مير شامل آهن. جيڪي سڀ جا سڀ زميني ڌاري طبقي سان لاڳاپيل آهن ۽ پنهنجون پنهنجون زمينون آباد ڪرائين ٿا.

## ٽنڊوباگو ۾ رهندڙ ذاتيون

**خاصخيلي:** ٽنڊوباگو شهر ٺهڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين خاصخيلي ذات مان شادي خان خاصخيلي جيڪو ميرباگي جو انتهائي وفادار ساٿي هو. اهو پنهنجي خاندان سان گڏ اچي رهيو. ان کان پوءِ ڪنڊڙي جوڳوٺ، جهوڙ، ادوڙي، ڦڙدو جمالي، ڊيهڙو وُهٽايون، ننڊو ۽ ٻين ڪيترن ئي هنڌن تان خاصخيلي ذات جا ماڻهو لڏي اچي هتي آباد ٿيا، جن ۾ نور احمد خاصخيلي، اميرو ڪوتار، ڪمدار حسين، ڪمون ڪوتار، ميانجي عثمان، خليفو ربو، محمد اسماعيل ٽپيدار، احمد خان مختيارڪار، ناٿو ملنگ، استاد قادربخش خاصخيلي، ماستر يار محمد، مرحوم جميل احمد( فوجي) تاج الدين، محمد سليمان ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. اڳي هن ذات جي ماڻهن جو وڏو تعداد مزدوري وارا ڪم ڪندو هو پر تعليم حاصل ڪرڻ سبب هن ذات جا ڪيترا ماڻهو سرڪاري ادارن ۾ نوڪريون ڪن ٿا. هن وقت ٽنڊوباگو ۾ هن ذات جي ماڻهن ۾ غلام علي خاصخيلي، يار محمد خاصخيلي، عبدالرزاق خاصخيلي، غلام قاسم، شبير احمد، انتخاب عالم، محمد بچل، عبدالعزيز آبدار ۽ ٻيا مشهور ماڻهو آهن.

**شيدي:** ٽنڊوباگو ۾ شيدي ذات جي ماڻهن جو وڏو تعداد ميرباگي سان گڏ آيو هو. جن ۾ گلاب شيدي (وڏو) جيڪو ٽنڊوباگو جي شيدي برادري جو مکي ۽ جمعدار هو ۽ ان کان سواءِ شنگهالو شيدي ان جو خاندان بہ ان وقت ٽنڊوباگو ۾ اچي آباد ٿي ويئو هن شهر جو مشهور استاد، شاعر ۽ تاريخ جي محقق محمد صديق مسافر جو والد بلال عرف ننڍو گلاب بہ زنجبار ملڪ مان ننڍپڻ ۾ غلام ٿي وڪامندو اچي ٽنڊوباگو پهتو. پوءِ پوري حياتي هن شهر ۾پوري ڪيائين. ان کان سواءِ ٽنڊوباگو ۾ آيل شيدي شينهن نظاماڻي، ڪنڊڙي ڊيهڙو بيگ پور، وهٽايون ۽ ٻين هنڌن تان لڏي اچي هتي آباد ٿيا. شيدي ذات جي مردن جو وڏو تعداد گهرن وارين جايون ٺاهڻ وارو رازڪو ڪم، ڇوٽ مزدوري ۽ گاڏين تي ڊرائيوري ڪن ٿا، هاڻي هنن ۾ تعليم جو رجحان وڌيو آهي. جنهن ڪري تعليم حاصل ڪرڻ سبب هنن جا ڪيترائي نوجوان استاد، پٽيوالا، ڪلارڪ ۽ ٻين سرڪاري نوڪرين ۾ لڳي ويا آهن. اڳاٽي زماني ۾ شيدي برادري جو مخصوص ڍُهل جهڙو ساز جنهن کي مگرمان چيو ويندو هو اهو شادي غمي يا برادري جي فيصلن ڪرڻ لاءِ برادري کي اطلاع ڏيڻ لاءِ وڄايو ويندو هو پر هاڻي شيدي برادري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ماڻهو سندن مخصوص ڏهاڙن تي مگرمان وجائي ان تي ناچ واري ڏاڏي راند ڪندا آهن. ٽنڊوباگو ۾ شيدين ۾ وڏو گلاب، ننڍو گلاب، محمد صديق مسافر، شنگهالوشيدي، استاد عطاالله بزمي، استاد نثاراحمد، استو وڪيو، استو سجاول، مصري بابا درويش، عبدالرحمان شيدي، مولوي سيف الدين شيدي، جمون، هوشو شيدي ۽ ميانجي ڦوٽو شيدي انتهائي مشهور ماڻهو ٿي گذريا آهن. موجوده وقت ۾ استو سومار شيدي، شفيق الرحمان، ماستر شفيع محمد، ماستراسلم، ماستر پيربخش، لقمان شيدي، منيراحمد، ماما غلام حسين شيدي، استاد عبدالطيف شيدي، محرم علي عرف بالو شيدي ۽ 90 سالن جو چاچو بلال شيدي تمام گهڻا مشهور شيدي آهن.

**واڻيان ۽ لوهاڻا**: سنڌ ۾ هندو مذهب سان تعلق رکندڙ واپاري کي واڻيون چيو وڃي ٿو اصل ۾ واڻيون ڪا به ذات نه آهي، پر هنن کي ڏنڊي جي ڪري واڻيون سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ٽنڊوباگو جو بنياد پيو ته واڻيان لوهاڻن جو وڏو تعداد هن شهر ۾ اچي ويٺو. جيڪي پنگريو، بنگار، ڏيئي، وهڻايون، ڦڙدو جمالي، ماچوري ۽ هسڻ جي پاڙ ۽ ٻين هنڌن کان لڏي اچي ويٺا. ٽنڊوباگو جو رهواسي سيٺ ڪشومل موجب ٽنڊوباگو ۾ سڀ کان پهرين هتي ٽي وڏا خاندان لڏي آيا جن کي هتي رهندي ست پيڙهيون گذري ويون آهن. هتي سڀ کان پهرين آباد ٿيندڙن ۾ ڪاڪو مولچند، ڪاڪو موٽومل، ڪاڪو مرچ مل هئا. جنهن بعد ٻيا لڏي آيا. جن جو خاندان اڄ به هن شهر ۾ موجود آهي ۽ هتي واپار ۽ نوڪرين ۾ لڳل آهن. هن شهر جو وڏو طبقو هندو واڻين جو ليکيو وڃي ٿو جيڪي وڏا واپاري ۽ سيٺ آهن. لوهاڻا واڻيان هندو ڌرم ۾ اوچي ذات سمجهي وڃي ٿي. ڪاروباري هئڻ ڪري مايا واري ديوي مٿن تمام گهڻو مهربان رهي آهي. ٽنڊوباگو جي لوهاڻا واڻيان ذات ۾ وڏا نالا ٿي گذريا آهن جن ۾ سرڳواسي ڪاڪو ليکومل، موٽومل، مرچ مل، تيجومل، ٽانون مل، مکي نهال چند، هيمن داس، دريانومل، گيهي مل، تارا چند، ڪنول لوهاڻو وڪيل، چاڳومل، ماڌو جي، ٽتومل موروواڻي ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن ته حال حيات ۾ ڀالو مل وڪيل، جيوت رام وڪيل، تارا چند، درپن ڪمار، صوفي ڪلومل، صوفي لڇومل، نانا جهامن داس، ڊاڪٽر ساڌو رام، ڊاڪٽر راجڪمار، چين راءِ، ديوان هيمون مل، راجا پون، ٽيڪم داس ۽ انيل ڪمار شامل آهن. جيڪي هن وقت مشهور آهن.

**اسماعيلي خواجه** :. هي شيعا فرقي سان تعلق رکن ٿا، هنن کي آغا خاني خواجه به چيو وڃي ٿو. ڇهين امام حضرت جعفر صادق عليه السلام کان پوءِ سندن امامن جو شجرو عثنا عشري شيعن کان هٽي، آغا اسماعيل کان ٿيندو سندن موجوده حاضر امام پرنس ڪريم آغا خان تائين پهچي ٿو. سنڌ ۾ 1430ع ۾ آغا صدرالدين شاهه اچي لوهاڻن، ڀاٽين ۽ ٻين هندن کي مسلمان ڪري کين خواجه جو لقب ڏنو جيڪي هن جا مريد ٿيا ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ خواجه سڏائين ٿا. 1843،44ع ۾ جڏهن جهرڪن ۾ جنگ لڳي ته جهرڪن مان جمع ۽ ڀاڳو خواجه نالي به ڀائر لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺا، جن جو خاندان اڄ به ٽنڊوباگو ۾ رهندو اچي، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد ۾ پين ڪيترن ئي هندن تان خواجه ذات جا ماڻهو لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ وڃي ويٺا ۽ اڄ ٽنڊوباگو ۾ سندن ذات پنيان خواجه محلو آهي. جنهن ۾ هي تمام گهٽي تعداد ۾ رهن ٿا. هنن ٽنڊوباگو ۾ پهريون سارين جو ڪارخانو قائم ڪيو. ٽنڊوباگو ۾ سيٺ مهدي محمد خواجه جي والد سيٺ سبز علي خواجه جو وڏو سارين جو ڪارخانو هوندو هو ۽ سيٺ سبز علي خواجه جون ڪيتريون ئي ڏيڍي گاڏيون هونديون هيون. واڻين کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ اسماعيلي خواجه وڏا مالدار ليکيا وڃن ٿا. جن جو اڄ به هن شهر جي ڪاروبار تي مڪمل ڪنٽرول آهي. اسماعيلي خواجن ۾ جمع، پاڳو سيٺ سبز علي، سيٺ عزيز، سيٺ پيار علي،سيٺ غلام علي،سيٺ حسن علي بابلو وڏا ڪارخانيدار ٿي گذريا آهن.جڏهن ته حال حيات ۾ سيٺ مهدي محمد خواجه، سيٺ انورعلي، سيٺ محمد علي، سيٺ اسلم، سيٺ شيري بابو سيٺ شفقت خواجه، سيٺ رسول بخش، سيٺ شيرعلي، نوازعلي، عبدالعزيز عبدالڪريم، سليم اڪبر، جاويد علي، عاطف علي،طارق احمد، غلام اڪبر۽ عرفان مهدي خواجه هتان جا مشهور واپاري، زميندار ۽ نوڪري پيشه ماڻهو آهن.

**اثنا عشري خواجه** : اثنا عشري يا جعفري خواجه جن کي شيعا خواجه پڻ سڏيو وڃي ٿو اهي ٽنڊوباگو ۾ 1947ع کان پوءِ آيا. سڀ کان پهرين ڳوٺ پهاڙمري مان حاجي محمد ابراهيم عرف حاجي ابوءِ سندس ٽي پٽ حاجي امام ڏنو حاجي قربان علي ۽ غلام رسول عرف غلان لڏي اچي ٽنڊوباگو جي لکياري پڙ ۾ ويٺا. ان بعد حاجي قاسم، غلام علي، رسول ڏنو ۽ علي بخش، مولابخش سندس پٽ حبيب الله، عبدالستار ۽ عبدالرزاق ، فقير قربان علي، عطا حسين، غلام مصطفي عرف شبو خواجه اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺا. اڳي هي اسماعيلي فرقي سان تعلق رکندا هئا. پر پوءِ هنن اهو فرقو ڇڏي شيعا مذهب اختيار ڪيو. اڄ به هنن جا ڪيترائي اسماعيلي خواجه مائٽ آهن، پر انهن سان هاڻي هنن جي مٽي مائٽي نه رهي آهي، هنن ٽنڊوباگو ۾ لکياري جي پڙ ۾ امام بارگاهه قائم ڪري شهيد ڪربلا جي ذڪر کي عام ڪيو. هنن جي ٽنڊوباگو ۾ اچڻ کان پوءِ جديد عزاداري جو بنياد پيو ۽ ٽنڊوباگو ۾ شيعا فرقي ۾ وڏو اضافو ٿيو. خواجه امام ڏنو جي ڪوشش سان ٽنڊوباگو ۾ وڏي امام بارگاهه ۽ مسجد معصوميه جو بنياد پيو. حاجي قربان علي ٽنڊوباگو جي مشهور مرثيه خوان آهي، سندس پٽن ۾ اقبال احمد خواجه سيشن جج ۽ سڪندرعلي خواجه مشهور وڪيل آهن ان کان سواءِ هن ذات جا ارشاد علي حبيب الله خواجه، مظفر حسين خواجه سپروائيزر، برڪت علي خواجه، احسان علي خواجه ۽ دلبر سنڌي، انتظار مهدي، فدا حسن خواجه ۽ ڊاڪٽر زوار حسين، ماما شڪيل خواجه ۽ قصيدا خوان عاطف علي خواجه، خادم حسين خواجه، عمران علي خواجه، فرحت عباس خواجه، سلمان علي خواجه ۽ ماستر ارشاد علي مشهور آهن.

**کتري**: هن ذات وارا اصل ۾ کتري پر صرف ڏوبڪي ڏنڌي ڪري کين کتي ۽ ڪپڙا رڱڻ ڪري رنگريز چئبو هو. ڪرت ۽ ڌنڌي سبب کين کتي به سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ٽنڊو باگو جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود پيو تہ کتري ذات جا ماڻھو ڪڇ پيچ مان بہ سو سال اڳ اچي هتي آباد ٿيا. ان وقت کان وٺي اڄ تائين سندن محلو”کتري محلي“جي نالي سان مشهور آهي. اڳي نورعلي جي درگاه وٽ هنن جو ڌوبي گهاٽ هوندو هو. 1958ع کان پوءِ پراڻي باگي واھ جي مشينن سان کاٽي ڪري واھ کي ويڪرو ڪيو ويو تہ مائي واڃاڻي واري ڪوھ وٽ واھ تي هنن ڌوبي گهاٽ قائم ڪيو. پراڻي دور ۾ ٽنڊوباگو ۾ کترين ۽ رنگريزن جا چُر ۽ کنيپ جا ڪارخانا هوندا هئا. جتي ڪاٽ جي پور سان ڪوري ڪپڙي تي چر ڪٽي ويندي هئي. انهن کي پين شهرن ڏانهن وڪرو لاءِ موڪليو ويندو هو. ان وقت ٽنڊوباگو ۾ حاجي پورو کتري، سيٺ عبدالله ۽ يوسف کتري جا چُر وارا ڪارخانا هوندا هئا. جتي ڪيترائي ڪاريگر ۽ مزدور ڪم ڪندا هئا. ڪو زمانو هو جو هتي جي چُر وارن ڪارخانن ۾ٺهيل ڪپڙو ڏيها ڏيهہ مشهور هيون. هن جديد دور ۾ ٽنڊوباگو جا کتري هاڻي چُر ۽ ڌوبڪو ڪم ڪونہ ڪن. هاڻي هنن ۾ ڪيترائي ڪپڙي جا واپاري ۽ نوڪري پيشہ ٿي ويا آهن. ميرن جي دور واري کتي محلہ ۾ کتين واري جامع مسجد اڄ بہ قائم آهي. کتين ۾ حاجي پورو . سيٺ احمد اسماعيل کتري، سيٺ عبدالله، يوسف کتري، محمد بچل کتري، يونس کتري ۽ آدم کتري مشهور ٿي گذريا آهن. حال حيات ۾ ڊاڪٽر محمد جمن کتري، ڊاڪٽر عبدالواسع کتري، انجنيئر رافع کتري، عمر کتري، منور تبسم کتري، منصور کتري، وڪيل نور عالم. ڊاڪٽر علي احمد کتري، عامر علي کتري تمام مشهور آهن.

**ميمڻ**: هن ذات جا پهريان ماڻهو ارڙهين صدي ڌاري خالقڏنو ميمڻ ۽ سندس خاندان، مريدي شهر کان ٽنڊوباگو لڏي اچي وينا. خالقڏنو ميمڻ جو پٽ محمد ابراهيم ميمڻ جيڪو 1935ع کان پوءِ ٽنڊوباگو جي سينٽري ڪميٽي جو پهريون چيئرمين چونڊيو ويو .سيٺ محمد ابراهيم ميمڻ جو ٽنڊوباگو واري پراڻي شاهي بازار ۾ پنسارڪو دڪان هوندو هو. جيڪو وفات بعد سندس پٽ خالقڏنو ميمڻ جيڪو انگريزي ۽ اردو زبان جو وڏو ماهر ۽ ٽنڊوباگو ۾ مگهن مل کان پوءِ ٽيو نمبر صحافي هو هلائڻ شروع ڪيو. خالقڏنو ميمڻ انگريزي ۾ ايترو تہ هوشيار هوندو هو جو ان وقت شهر جي ماڻهن کي انگريزي، سنڌي يا اردو ۾ اهڙي تہ درخواست لکي ڏيندو هو جو پڙهڻ وارو دنگ رهجي ويندو هو. هن خاندان کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ محمد بچل ميمڻ لڏي اچي وينو محمد بچل ميمڻ مختيارڪار ٽنڊوباگو وٽ نائيڪ جي سرڪاري نوڪري ڪندو هو. کيس چار پٽ هئا جن ۾ سيٺ محمود علي ميمڻ، جعفر ميمڻ ڊڪ منشي، علي محمد ميمڻ ٽرانسپورٽر ۽ لکاڏنو ميمڻ ٽپيدار هئا. پر سيٺ محمود علي ميمڻ جو نالوءِ شخصيت سيني کان وڏيءِ معتبر هئي. هنن بنهي خاندانن ٽنڊوباگو ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجي برادري جي ڪيترن ئي ميمڻن کي ٽنڊوباگو ۾ گهرائي آباد ڪرايو. ٽنڊوباگو جي ميمڻن جا ڪيترائي پاڙا ۽ نکون آهن. جن ۾ تورائي، گجائي، مريدي، پهاڙائي، ونگائي، بهرائي، پيرائي ۽ پٽياڙا ميمڻ وغيره. ٽنڊوباگو ۾ ميمڻن جي وڏي اڪثريت آبادي آهي، اهوئي سبب آهي جو بہ پيرا حاجي احمد ميمڻ ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو چيئرمين، قادرنواز ميمڻ يوسي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناظم، سڪندر علي ميمڻ يوسي نائب ناظم ۽ وقتي تعلقہ ناظم ٽنڊوباگو رهيا آهن. جڏهن تہ سيٺ محمود علي ميمڻ ڪيترائي پيرا بنا مقابلي مارڪيٽ ڪميٽي جو چيئرمين رهيو آهي. ٽنڊوباگو جي شهري ڪاروبار ۾ پڻ ميمڻ ذات جا گهڻا واپاري شامل آهن. جيڪي ريزڪي، ڪپڙو جتيون، سگريٽ سميت ٻيا وڏا ڪاروبار ڪن ٿا ۽ سون جي تعداد ۾ سرڪاري نوڪرين ۾ آهن. ٽنڊوباگو جي ميمڻن ۾ سيٺ محمد ابراهيم، خالقڏنو ميمڻ، سيٺ محمود علي ميمڻ، علي محمد ميمڻ، محمد صالح ميمڻ، قاضي قمرالدين ميمڻ پاٽولي، حاجي حيات ميمڻ، ماستر عبدالله ميمڻ ڪانسواءِ حال حيات ۾ حاجي احمد ميمڻ، سڪندر علي ميمڻ، قادر نواز ميمڻ، مولوي عبدالواحد، محمد امين ميمڻ، اشفاق احمد ميمڻ، امتياز علي ۽ گلاب ميمڻ، غلام مصطفيٰ ميمڻ، قاضي بدرالدين پاٽولي، امين ميمڻ سنڌي ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ، لياقت علي ميمڻ، حاجي محمد ميمڻ،محمد يعقوب ميمڻ، ننگر علي ميمڻ، الهبچايو ميمڻ، حافظ رفيق ميمڻ ۽ نواز علي ميمڻ، عبدالله ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور ماڻهو آهن.

**ملاح**: ملاح ذات جا ماڻهو ٽنڊوباگو جي وجود کان اڳ هتي رهندا پيا اچن. جن ۾ ميدان علي ملاح ڏوبي، ماما عارو، الهبچايو ٽپيدار، قاسم ملاح، ڪمون ۽ جمعو ملاح، نورمحمد داروغو کان سواءِ عاري ملاح جو ڳوٺ جيڪو ٽنڊوباگو شهر سان لڳو لڳ آهي ۽ هن وقت ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 2 مير محلہ ۾ آهي. آڳاٽي زماني ۾ جڏهن نيرو درياء وهندو هو تہ هن ذات جا ماڻهو ٻيڙيون ۽ هوڙا هلائيندا هئا. اڄ بہ هن ذات جي ماڻهن جي اڪثريت مڇي ماري پيٽ گذر ڪن ٿا. ٻهراڙي ۾ رهندڙ ملاح پڪا، تڏا، توريون ناهڻ ۽ مڇي مارڻ جو ڌنڌو ڪن. شهر ۾ رهندڙ ملاح مڇي وڪڻڻ جا دڪان هلائين ۽ ٻيو ڪاروبار ڪن.

**ڪولهي**: هن ذات جي ماڻهن جو وڏو تعداد ٽنڊوباگو شهر ۾ رهي ٿو. ڪولهي هندو ڌرم سان تعلق رکن ٿا. هنن کي سنڌ جي قديم ذات ۽ اصل سنڌي چيو وڃي ٿو. ڪولهين ۾ ڪيتريون ئي نکون آهن. جن ۾ واگڙيا، ميواسي، ڪڇي ڪولهي ۽ پارڪريا ڪولهي مشهور آهن. هي هاري ناري ۽ مزدور ماڻهو آهن. سندن عورتون بہ ٻهراڙين ۾ مردن سان گڏ ٻني ٻاري جو هر ڪم ڪنديون آهن پر شهر ۾ رهندڙ اڪثر ڪولهين جون عورتون گهرو ڪم ڪن. هنن جو وڏو تعداد زراعت سان واڳيل آهي، پر شهرن ۾ رهندڙ هن ذات جا ماڻهو ڇوٽ مزوري ڪندا آهن. رازڪي ڌنڌي ۾ هن ذات جي ماڻهن جو وڏو تعداد آهي. ٽنڊوباگو ۾ ڪولهي ذات جا مشهور رازا آهن. جن ۾ استاد رامچند، استاد ويرم ڪولهي، استاد سلو ڪولهي سٺا رازا آهن. ان کان سواءِ جيوو ڪولهي، ماستر سوپراج ڪولهي ۽ ٻيا مشهور آهن.

**ڪڇي هندو**: هن ذات جا ماڻهو ڪڇ جي ڏڪار جنهن کي ڇپني وارو ڏڪار چيو وڃي ٿو ان دوران هتي لڏي اچي ويٺا. هن ذات جا ماڻهو ٽنڊوباگو کان اڳ ڏنو ملاح جي ڳوٺ ۾ اچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينا، جيڪي ٽنڊوباگو شهر جي وجود ڪان ڪيترو پوءِ ٻين هندو ذاتين سان مڪس ٿي ويا. هن وقت ٽنڊوباگو شهر ۾ هن ذات جو ماڻهو ڪجي هندو طور تي ڪا به سڃاڻپ نه ٿو رکي.

**ڀيل**: هي ذات پڻ هندو ڌرم سان تعلق رکي ٿي، هن ذات جا ماڻهو1947ع کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ اچي آباد ٿيا جن ۾ پنجو ڀيل انتهائي مشهور هو. پنجو ڀيل ڦيرين چمڙي جو ڪاروبار ڪندو هو پوءِ سبزي ۽ آخر ۾ مڇي جي پڙي لڳائي مڇي وڪڻندو هو سندس وفات کان ڪجه سال پوءِ سندس خاندان جن ۾ پٽ ڌيءُ ۽ ناٺي شامل آهن، مسلمان ٿي ويا آهن ۽ اڃان تائين ٽنڊوباگو ۾ غربت واري زندگي گذاري رهيا آهن.

**ڪاريا**: هنن جو ڌنڌو لوهه مان زرعي اوزار ٺاهڻ آهي جن ۾ ڪوڏر، ڪهاڙي، ڏاٽو، ڦارچوني ۽ ٻيو سامان ٺاهن. هي شروع ۾1947ع کان اڳ 3 گهر لڏي اچي وينا. جن ۾ ٻبوتو ڪاريو راڻو، گينو ۽ پورو شامل هئا. بعد ۾ ٽنڊو آدم ۽ ٻين هنڌن تان 20 گهرن کان مٿي لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ وينا. هن ذات مان صرف ٻن نوجوانن مئٽرڪ پاس ڪئي، پر ٻنهي کي نوڪري نه ملي سگهي1980ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪندڙ ماڻو ڪاريو جيڪو ڪيترائي سال سرڪاري ماستري واري نوڪري لاءِ سياسي ۽ سرڪاري ماڻهن کي منٿون ڪندو رهيو. اهو نوڪري نه ملڻ کان پوءِ مجبورن اباڻي ڌنڌي ۾ شروع ٿي ويو. سندس چوڻ آهي ته اسان غريبن کي نوڪريون نه ٿا ڏين ته اولاد کي پڙهائي ڌنڌي کان ڇو ڪاريون. هن ٻڌايو ته ڦلاج ڀڳت جي پٽ پاراتي سبب ڪاريا قوم جا ٽپڙ مٿي تي اچي ويا، ۽ هو سالن جا سال لاڏائو قبيلو بڻجي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين رلندا رهيا. هن ٻڌايو ته اڳ هر خاندان وٽ ڪاٺ واري ڏڪي گاڏي هوندي هئي، جنهن کي ريڪڙو چئبو آهي، جنهن تي هو ٽپڙ ڪٽي ٻيا هلندا هئا. جتي ويهندا هئا اتي گهر نه اڏيندا هئا،صرف ان ريڪڙي هيٺ ۽ مٿي رهندا ۽ سمهندا هئا. ڪاريا ذات جون عورتون به سڄو ڏينهن پنهنجي مردن سان گڏ سانداڻ تي متر ڪا هٿي لوهه ڪٽڻ ۾ مدد ڪنديون آهن.

**ڀنگي**: پاڪستان ٺهي وڃڻ کان پوءِ سرڪار ننڍن شهرن ۾ سينٽري ڪميٽيون ٺاهيون، جيڪي چونڊيل نمائندن جي هٿ هيٺ ڪم ڪنديون هيون. ٽنڊوباگو ۾ سينٽري ڪميٽي ٺهڻ کان پوءِ شروعاتي طور تي هتي ٽي گهر هريجن ڀنگي ذات جي ماڻهن جا لڏي اچي وينا. جن ۾ جمڙو ڀنگي سندس ڀاءُ لشڪري ڀنگي، ناگجي ڀنگي، ڪارو ڀنگي. سينٽري ڪميٽي وارن هنن کي ٽنڊوباگو شهر جي صفائي ۽ سٿرائي واري ڪم لاءِ نوڪرين ۾ رکيو. جنهن بعد هن برادري جا ٻيا گهر اچي هتي آباد ٿي وينا. هن وقت پنجاهه کان وڌيڪ هنن جا گهر ٽنڊوباگو ۾ وينل آهن.اڳي جڏهن هن شهر ۾ گٽر نالا نه هئا، تڏهن ماڻهن جي گهرن اڳيان گهر جي گندي پاڻي واريون هوديون ٺهيل هونديون هيون. جن مان گڏهه گاڏي تي پاڻي ڪڍي شهر کان ٻاهر وڃي اڇلائيندا هئا .هن وقت شهر ۾ ٽائون ڪميٽي ۾ 150 کان مٿي صفائي واري عملي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنگين جا مرد ۽ عورتون نوڪري ۾ آهن جيڪي شهر مان صفائي جو ڪم ڪن ٿا. هي پنهنجي اولاد کي گهٽ پڙهائن ۽ سمجهه لائق ٿيڻ سان سندس هٿ ۾ بوهارو ڏيو ڇڏين.

**ميگهواڙ**: هنن کي رکيا يا ميگهه وسني سڏيو وڃي ٿو سندس تعلق هندو مذهب سان آهي. هي 1850ع کان پوءِ هندوستان جي شهر ڪڇ ۽ ڀڄ کان هتي لڏي اچي آباد ٿي ويا. ٽنڊوباگو ۾ شروعاتي آيل هن ذات جي ماڻهن ۾ پونجو پٽيل، ننگو ميگهواڙ، لکمڻ ميگهواڙ، وستو ڪارو ميگهواڙ جيڪو ٽنڊوباگو جي چمڙي جو وڏو واپاري هو ويرو مل ڪوماٽو پڳت، هيمون مدو ڪاپڙي، اٽندو ويرو پرمال ۽ لکمڻ بصر ۽ ٻيا اچي هتي ويٺا. سندن ٻهرين رهائش مير غلام محمد ٽالپر جي اسڪول اڳيان راند جي ميدان واري پٽ تي هئي، جڏهن 1919ع ۾ مير غلام محمد ٽالپر ٽنڊوباگو جو اسڪول ٺهرائڻ شروع ڪيو. مير غلام محمد، پونجو پٽيل کي گهرائي چيو اسڪول اڳيان ٻارن لاءِ راند جو ميدان کپي، جنهن ڪري اوهان هتان اٿي ڏيئي جهڏو روڊ جي ڀرين پاسي منهنجي ڪَرِي ۾ وڃي ويهو. اتي ڪري ۾ جيڪو به ان پيل آهي اهو اوهان جو ٿيو. جنهن بعد هي لڏي وڃي اتي ويٺا ۽ اڄ ڏينهن تائين اتي رهن پيا. ان کان سواءِ ٽنڊوباگو جي نئون آباد محلي ۾ هنن جو وڏو پاڙو آهي. اڳي هي جوتن ٺاهڻ وارو ڪم ڪندا هئا، پر هاڻي هنن ۾ تعليم وڌي وڃڻ ڪري اهو ڌنڌو گهٽ ڪن. هنن جا اڻ پڙهيل يا بي روزگار نوجوان درزڪي ڌنڌي ۾ وڏي تعداد ۾ اچي ويا آهن، ڪيترائي انهن جا نوجوان سرڪاري نوڪرين ۾ آهن. ٽنڊوباگو جي ميگهواڙن ۾ نارائڻ ڪاپڙي، گيلو مل، ماستر آچار، ماستر ڪيريو، پورو مل ۽ ڏاملو مشهور آهن.

**ٻـــڙا**: هي هندو ڌرم سان تعلق رکندڙ لاڏائو قبيلو آهي پر گذريل 25،30 سالن کان وٺي هي هڪ هنڌ ويهي رهيا آهن. ماتلي، ٽنڊوباگو ۾ هنن جو وڏو تعداد آباد آهي. ٽنڊوباگو ۾ هن قبيلي جي اڳواڻ عورت آمي نالي آهي جيڪا برادري جا سمورا فيصلا پڻ ڪندي آهي، هن قبيلي جا مرد عورتن جا سامان ۽ ٻارن جا رانديڪا ٺاهي وڪڻن، جڏهن ته سندن عورتون سڄو ڏينهن شهر مان خيرات وٺنديون آهن. هنن کي پنڻ ۾ ڪو به عيب محسوس نه ٿيندو آهي، هنن پنڻ کي ڌنڌو بنائي ڇڏيو آهي.

**ڪـــڇـــي**: هندوستان جي علائقي ڪڇ مان لڏي آيلن کي ڪڇي سڏيو وڃي ٿو. جڏهن گڏيل هندوستان تي انگريزن جي حڪومت هئي، ان وقت گجرات، راجستان، احمد آباد، جيسلمير ۽ ڪڇ ڀڄ مان سومرا، عمراڻي، پنيرا، نوتيار پريار، منڌرا ذاتين جا ماڻهو لڏي اچي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ويٺا. انهن کي ڪڇي سڏيو وڃي ٿو پاڪستان ٺهڻ بعد ٽنڊوباگو ۾ ڪجهه گهر ڪڇين جا لڏي اچي ويٺا. جن اچي هتي ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪيا، پوءِ آهستي آهستي هنن جي برادري وڌندي ويئي، هن وقت ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 2 مير محلي ۾ هنن جا 100 کان وڌيڪ گهر آباد آهن. ڪڇين ۾ نانا صالح ڪڇي، ڊاڪٽر فردوس،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻو عمراڻي، فاروق پنھيرو مولوي گل محمد حيدري، سليم پنھيرو شهزاد مبشر ڪڇي، شيراز ڪڇي ۽ استاد حسن ڪڇي ٽنڊوباگو جا مشهور ماڻهو آهن.

**سِک:** ٽنڊوباگو شهر جي وجود کان اڳ هتي رهندا هئا. اڳي هتي جڏهن ٽنڊوباگو شهر وجود ۾ نہ آيو هو ۽ هتي ڏني ملاح جو ڳوٺ هو. تڏهن هن ڳوٺ جي اوير طرف لڳو لڳ گروسنگه سک جو وڏو ڳوٺ هوندو هو. جڏهن ميرباگي هن شهر جو بنياد رکيو تہ هن جي ڏهہ پندرنهن سالن کان پوءِ اهو ڳوٺ ڦٽي ختم ٿي ويو. ان ڳوٺ جي سکن مان ڪجھ اچي ٽنڊوباگو شهر ۾ ويٺا، جن ۾ پورا سنگه، سک جو خاندان ۽ ٻيا شامل آهن، پوراسنگه سک وڏي پئسي وارو واپاري هوندو هو. ڪيس موجوده ميمڻن واري مسجد پرسان عاليشان ماڙي وارو گھر هوندو هو هن ٽنڊوباگو ۾ سارين مان پيهون ناهڻ جو ڪارخانو قائم ڪيو هو ان کان سواءِ 1886ع ۾ جڏهن ٽنڊوباگو ۾ پرائمري اسڪول قائم ٿيو ان جو پهريون هيڊ ماستر ويساک سنگه خالصو سک هو. 1947ع ۾ جڏهن پاڪستان ٺهيو تہ هن کان پوءِ خالصا سک هتان لڏي هندستان هليا ويا. سندن زمينون ۽ جڳهيون مقامي ماڻهن کي مفت ۾ ۽ پگڙن جي مٺ جيتري رقم ۾ ڏئي ويا.

**سيد:** ٽنڊوباگو ۾ سيد ذات جا ماڻهو ميرباگي جي وفات کان پوءِ اچي هتي آباد ٿيا. جن مان ٽنڊوباگو جا مشهور درويش ۽ اولياءَ بہ شامل آهن، جيڪي وڏين ڪرامتن وارا بزرگ هئا جن ۾ نارو شاهہ لڪياري سيد نظرمحمد شاهہ سيد بچل شاهہ سيد برهان شاهہ سيد اسماعيل شاهہ سيد مصري شاهہ ۽ ٻيا شامل آهن. جن جا ٽنڊوباگو شهر اندر مقبرا، مزارون ۽ قبرستان آهن. انهن جي نالن سان ٽنڊوباگو ۾ مشهور وڏا پڙ پڙڻ آهن. انهن سيدن کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ وهٽائي وارن سيدن مان سيد الهيار شاهہ سيد خان محمد شاهہ ڏاڏاهي سيدن مان غلام مصطفيٰ شاهہ عرف بودلو شاهہ اوڏڙي وارن سيدن مان، مشهور صحافي خداڏنو شاهہ روشن علي شاهہ ۽ ٻيا سيد اچي هتي آباد ٿي ويٺا. ٽنڊوباگو جي سيدن جو هن شهر ۾ سياسي طور تي وڏو نالو رهيو آهي. جنهن ۾ پٽي جي دور ۾ غلام مصطفيٰ شاهہ عرف بودلو شاهہ بعد ۾ سيد الهيار شاهہ ۽ سندس ڀاءُ خان محمد شاهہ ۽ ان کان پوءِ سيد علي بخش عرف پپو شاهہ جو سئوٽ سيد غلام حسين شاهہ مشهور سيد آهن.

**پير:** ڪڇ پيچ جي علائقي لوٽي شريف جيلاني درگاهہ جي پير محمودشاهہ جي خاندان مان هڪ سنياسي حڪيم، پير عبدالغفور شاهہ ملاڪاتيار شهر ۾ حڪمت جو ڪم ڪندو هو. جيڪو وقت جو وڏو جراح حڪيم هوندو هو ان جو پٽ جڏهن جهونا ڳڙهہ مان حڪمت پاس ڪئي تہ پاڻ اچي ٽنڊوباگو شهر ۾ حڪمت شروع ڪئي، ڪجھ سالن کان پوءِ پنهنجي خاندان سميت ٽنڊوباگو ۾ بچل شاهہ جي درگاهہ پرسان گھر اڏي ويهي رهيو. اڄ بہ سندس پٽ پير عنايت علي شاهہ عرف بابو شاهہ 40 سالن کان وٺي ٽنڊوباگو جي بخاري واري پڙ ۾ حڪمت جو ڪم ڪري ٿو ۽ ٽنڊوباگو جو مشهور حڪيم آهي. ٽنڊوباگو ۾ هن خاندان کان سواءِ

مشهور اولياء خان شاهه جي خاندان جا پير پڻ اچي رهيا آهن. ان کان علاوه ريٽن واري پيرن مان ڪجهه پير هن شهر ۾ رهائش پذير آهن.

**ڪلهوڙا**: ٽنڊوباگو ۾ ڪلهوڙا پاڪستان ٺهڻ يعني 1947ع کان هڪ سال اڳ ڳوٺ هسڻ جو پاڻ مان لڏي اچي هتي ويٺا. جڏهن واڻيان، سک ۽ ٻيا هندو لڏ پلاڻ ڪري هندوستان وڃي رهيا هئا. ٽنڊوباگو ۾ ڪلهوڙا ذات جي ماڻهن جو تعداد تہ صفا ٿورو آهي، پر هن ذات مان تمام وڏا نالا ٿي گذريا آهن. جن ۾ ٽنڊوباگو جو مشهور مذهبي ۽ سماجي اڳواڻ سيٺ الهچايو ڪلهوڙو، جيڪو ٽنڊوباگو جو مشهور مٺائي وارو دڪاندار پڻ هو انتهائي مشهور ٿي گذريو آهي. ان کان سواءِ سنڌس نڊيوياءَ ۽ مشهور تعليمي ماهر استاد الهڏنو عباسي، محمد عمر عرف خادم حسين ڪلهوڙو جي خاندان ۾ پ پ جو باني ميمبر ڪامريڊ احمد ڪلهوڙو بہ انتهائي مشهور سياسي اڳواڻ رهيو آهي. هن خاندان مان ڊاڪٽر لکاڏنو عباسي، عباس علي عباسي، مير محمد عباسي، رازق ڏنو ڪلهوڙو، غلام رضا عباسي، ظهير عباسي، شهزاد علي، ساجد علي، سڪندر علي، زاهد علي، رضوان علي، نعيم حيدر، ممتاز علي، غلام شبير، منور عباس عباسي، امير بخش عرف بابو ۽ راقم الحروف شامل آهن.

**ڀــهـــلاٽــــي**: هي اردو ڳالهائيندڙ ذات اصل ۾ هندستان جي ڪڙ ڳائون ڳوٺ جي آهي. هن ذات جو هڪ شخص عبدالرزاق عرف ڪارو حڪمت جو ڪورس ڪري 1919ع ۾ ڪڙ ڳائون مان لڏي اچي شڪارپور رهيو. ٻن سالن کان پوءِ هي لڏي ٽنڊوباگو اچي رهيا. جتي حڪيم عبدالرزاق ڀهلاٽي ڪارو ڊاڪٽر بنجي ويو ۽ مشهوري ماڻي، سنڌس دوستي ٽنڊوباگو جي مشهور جاگيردار مير خدا بخش لانبرڊ سان ٿي، جنهن اڳتي هلي ڪيس ٽنڊوباگو ۾ سينٽري ڪميٽي جو چيئرمين چونڊرايو. ڪاري ڊاڪٽر جي خاندان کان سواءِ ٽنڊوباگو ۾ شڪارپور مان 10 ڪن گهر هن ذات جا ٻيا لڏي اچي رهيا. ڊاڪٽر ڪاري جو پٽ عبدالرحمان پيءُ وانگر حڪمت ۽ ڪمپائونڊري جو ڪورس پاس ڪري پنهنجي اسپتال هلائي ٿو. ٽنڊوباگو جا شهري ڪين مهاجر سڏين ٿا تہ هي ناراض ٿيو پون. پاڻ کي مهاجر نہ ٿا سڏرائين. ڊاڪٽر عبدالرحمان موجب تہ 1947ع کان پوءِ 5هزار مهاجرن جا گهر هتي آيا هئا. پر ٽن ڏينهن کان پوءِ ٻين شهرن ڏانهن هليا ويا.

**رســتــمــاڻـي**: هن ذات جا ماڻهو اصل ۾ ٽنڊوباگو کان 12 ڪلو ميٽر پري ڳوٺ نبي بخش رستماڻي ۾ رهندا هئا. پر پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هن ذات جو چڱو مڙس مرحوم حاجي عبدالله رستماڻي ۽ سنڌس پياءَ امير بخش رستماڻي لڏي اچي هتي ويٺا. هن ذات ۾ تمام وڏا نالا پيدا ٿيا آهن. جن ۾ مرحوم حاجي عبدالله، امير بخش، مرحوم محمد خان، حاجي ٺارو خان، حاجي احمد، مرحوم غلام اڪبر، بيگ محمد، ماسٽر علي نواز، ماسٽر علي غلام، نورزمان، انورعلي، عابد حسين، عمر فاروق، پروفيسر ضرار احمد، خالد احمد، صلاح الدين، شاهد بلوچ. پر مرحوم علي اڪبر رستماڻي جو ڪو مٽ نہ هو.


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**جمالي**: هن ذات جا ماڻهو ٽنڊوباگو شهر ۾ 1800ع جي پڇاڙيءَ ۾ ڳوٺ هسڻ جو پاڙ کان لڏي اچي ميرن جي پاڙي ۾ ويٺا. جن ۾ پيڙو جمالي، سومار جمالي، لڪاڏنو جمالي ۽ ٻيا شامل هئا. پيڙو جمالي جي پوٽي ماستر ذوالفقار جمالي موجب ته سندن وڏا ان وقت ميرن وٽ هاري ڪندا هئا ۽ جڏهن مير غلام محمد خان ٽالپر ٽنڊوباگو ۾ 1919ع ۾ هاءِ اسڪول ٺهرائڻ لڳو ته سندن ڏاڏو پيڙو ۽ ان جا پاءَ هاءِ اسڪول جي ڪم تي ڏهاڙي تي مزدوري ڪندا هئا. 1947ع بعد ڏيئي پرسان ڳوٺ غلام حيدر جمالي مان ڪريم بخش جمالي ۽ سندس پٽ لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺا. جن جو خاندان اڄ به ٽنڊوباگو شهر ۾ رهي پيو. هن خاندان مان غلام حيدر ۽ غلام اڪبر ٽپيدار مشهور ٿي گذريا آهن. پيڙو جمالي جي خاندان مان ماستر ذوالفقار علي جمالي، مختيار علي ۽ زوار علي جمالي ۽ ڪريم بخش جي خاندان مان اويس احمد جمالي، طارق ۽ مسڪان مشهور آهن. ان کان سواءِ 1990ع کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ ڳوٺ سونو خان جمالي جو حاجي سائين بخش جمالي ۽ سندس پاٽر عطا حسين جمالي، سردار غلام رسول جمالي، شاهنواز جمالي ۽ خان صاحب جمالي ٽنڊوباگو ۾ آيا. هي سڄو خاندان سياست ۾ شامل آهي.

**پرڳڙي**: هن ذات جا ماڻهو 1947ع کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ اچي ويٺا. عبدالحميد پرڳڙي ٽنڊوباگو جو انتهائي مشهور ماڻهو آهي، پهرين روينيو کاتي ۾ ٽپيدار هوندو هو پر پوءِ نوڪري ڇڏي ڏنائين. جنهن بعد هن ٽنڊوباگو جي شهر ۾ سڀ کان پهريون پيٽرول پمپ کوليو. جيڪو وڏو عرصو وڏي ڪاميابي سان هليو پر 2008ع کان پوءِ خانداني جهيڙي جي ورچڙهڻ سبب اهو پيٽرول پمپ بند ٿي ويو. جيڪو ٻنهي ڌرين ۾ ناهه ٿيڻ کان پوءِ 2015ع ۾ ٻيهر چالو ٿي ويو آهي. اڄ به ٽنڊوباگو ۾ رئيس عبدالحميد پرڳڙي، سندس پٽ نياز احمد ۽ امتياز احمد پرڳڙي نالي وارا شخص آهن. ان سان گڏ ڊاڪٽر نظير احمد پرڳڙي به ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جو خاص هئڻ سبب مشهور شخص آهي.

**ڪنيار**: ٽنڊوباگو ۾ ڪنيار ذات جي ماڻهن جو وڏو تعداد رهي. ٿو سندن ذات پنيان ٽنڊوباگو جي شهر ۾ ڪنيار محلي نالي سان وارڊ قائم آهي. جتي اڪثريت ته هاٽي ٻين ذاتين جي آهي، پر اهو وارڊ اڄ به ڪنيار محله جي نالي سان آهي، ٽنڊوباگو ۾ هن ذات جا ماڻهو مختلف هنڌن تان پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ لڏي اچي ويٺا . ٽنڊوباگو جي ڪنيارن جو ڪم سرن جي ٻٺن ۽ نڪر جا ٿانو ناهي وڪڻ آهي. ٽنڊوباگو ۾ رهندڙ ڪنيار پنهنجي پراڻي ڪِرت گڏهن تي ٻٺن تان سرون ڪٽي شهر ۾ وڪرو ڪرڻ ۽ نڪر جا ٿانون جن ۾ مَٽ، دِلا، ناديون، گرا، ڪُنا ۽ ماٽيون ناهڻ وارو مٽي جو ڪم چڪ تي ڪندا اچن . هن ذات جي ماڻهن ۾ ٽنڊوباگو ۾ هارون ڪنيار، ماستر هاشم ڪنيار، ڪاڪو ڪانڊيرو ڪنيار ۽ ماما آچار ڪنيار تمام مشهور ڪنيار ٿي گذريا آهن. جن مان آچار ڪنيار شاهه ڪاريگر هو جنهن کي سرڪاري طور تي حڪومت پاڪستان پاران لنڊن ۾ دنيا ليول جي ثقافتي ميلي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پاڪستان ۾ سنڌ جي ثقافت جي نمائندگي ڪئي هئي. ان جا پويان ۾ مائٽ اڄ تائين آچار ڪنيار جي فن کي زنده رکيو اچن. هن وقت ۾ غلام محمد ڪنيار، عبدالحڪيم ڪنيار، محمد اسماعيل، ڪامل ڪنيار، رمضان ڪنيار ۽ ٻيا ٺڪر جي ٿانون جا مشهور واپاري آهن. جڏهن ته محمد ابراهيم، عبدالستار، ابن ڪنيار، الهبچايو ۽ سومار ڪنيار ۽ ٻيا ٽنڊوباگو جا مشهور ڪنيار آهن.

**جـــت**: ٽنڊوباگو ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جت ذات جا ٻه چار گهر رهندا هئا پر هاڻي انهن مان ڪوبه هتي موجود نه آهي. 1958ع ۾ اولياء خان شاهه کان لڏي آيل گل محمد جت جو خاندان، اڃان به ٽنڊوباگو ۾ رهندو اچي. ان کان سواءِ محمد جت، احمد جت ۽ انور جت وارا پڻ ٽنڊوباگو ۾ رهائش پذير آهن. ٽنڊوباگو ۾ جت ذات سان تعلق رکندڙ امداد حسين جت ٽنڊوباگو شهر جو مشهور استاد آهي. پاڻ هن وقت مير غلام محمد جي تاريخي اسڪول ۾ استاد طور نوڪري ڪري ٿو ۽ نئون آباد جي علائقي ۾ هن هڪ پرائيويٽ اسڪول قائم ڪيو آهي، جيڪو هو پاڻ هلائي ٿو.

**ڪـــهـــيـــري**: هن ذات جا اٺ، ڏهه گهر 1858ع ڌاري اچي آباد ٿيا، جن ۾ غلام محمد ۽ پيارو ٻه سڳا ڀائر هئا. هي ٻئي ڀائر ان وقت پلن گهوڙن جو واپار ڪندا هئا. غلام محمد ۽ پيارو هتان کان پلا گهوڙا خريد ڪري هندستان جي مختلف شهرن ڪڇ ڀڄ، جيسلمير وغيره ڪاهي ويندا هئا ۽ اتي انهن گهوڙن کي وڪرو ڪري اتان کان پن، سوپاريون ، ڦوٽا ۽ ٻيو سامان خريد ڪري اچي هتي وڪرو ڪندا هئا. هي اصل ۾ اڳي لاڏائو قبيلو هوندو هو پر سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت اچڻ کان پوءِ هن قبيلي جا ماڻهو مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هڪ هنڌ آباد ٿي ويهي رهيا. ٽنڊوباگو ۾ اڳي هن ذات جا وڏا عورتن جي ٻانهن ۾ پائڻ وارا سفيد چوڙا جيڪي اڳي هاٿي جي هڏ جنهن کي آج به چيو ويندو هو مان ٺاهي وڪڻندا هئا. ان کان سواءِ اٺن ، ڏڳن جا ڳانا، مُهرا، واڳون، مُڇون وغيره ٺاهي وڪڻندا هئا. ٽنڊوباگو جي ڪهيرين ۾ غلام محمد، پيارو خان، گمن، عارب ۽ ملهار ڪهيري مشهور ٿي گذريا آهن. هن وقت محمد عرس عرف بالو گانبيو ۽ ٻيا مشهور آهن.

**مڱڻـهـار**: ٽنڊوباگو ۾ ميرن جي پاڙي ۾ رهندڙ مڱڻهار ذات جا ماڻهو ٽنڊوباگو جا شروعاتي ۽ قديم رهاڪو آهن. هن ذات جي ماڻهن مان سڀ کان پهرين چيڙ فقير ۽ دلاور ڪڍهرو کان پرسان ڳوٺ جهوڙ مان لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺا. ان بعد ڪبڙ فقير حيدرآباد مان لڏي اچي هتي ويٺو. هن وقت ٽنڊوباگو ۾ 50کان مٿي مڱڻهارن جا گهر آباد آهن. مڱڻهارن جو مائٽاٽو ڏنڊو دهل، شرنايون ۽ ٻيا ساز وڄائڻ آهي. هنن ۾ مشهور فنڪار ٿي گذريا آهن. مراد فقير ۽ بلال فقير واڍڪي ڪم جا شاهه ڪاريگر هوندا هئا. هن وقت مڱڻهارن جا نوجوان، نائي وارو حجام ڪو ڪم ڪن، پن جون ٻيڙيون ٻڌن، ٽيڪسيون هلائين ۽ ڪيترائي مڱڻهار مائٽاٽي فن دهل ۽ شرنايون شادين ۾ وڄائين ٿا. هن خاندان مان لکاڏنو مڱڻهار جي نياڻي آپا زينب

1960ع ۾ فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد ٿي ۽ هن وقت رٽائر آهي. جڏهن ته هن خاندان جي هڪ 120 سالن کان وڏي جهوني ناني سائڻ اجان تائين حياتي آهي.

**سمان، لوهار:** ٽنڊوباگو شهر ۾ سمان لوهار ذات جا ماڻهو1800ع کان پوءِ هندوستان جي ڪڇ پيج ۽ ڳوٺ واڳڙ واري ندي مان لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺا، جن ۾ سڀ کان پهرين محمد هاشم سمون ۽ ابراهيم سمون جو خاندان آيو ابراهيم سمون کي چار پٽ هئا جن مان ٻه راڻو ۽ عمر پيءُ سان گڏ هتي رهيا ۽ ٻه پٽ جمال ۽ ڏهيسر بدين ۽ ننڍي ۾ وڃي ويٺا. سمان ذات جا ماڻهو لوهارڪو ڏنڊو ڪندا هئا، بعد ۾ ان ڏنڍي سان گڏ بندوقون ٺاهڻ جو به هنر سکي وڏا ڪاريگر ٿي ويا، محمد هاشم سمون وڏو توبچي هوندو هو. ٽنڊوباگو جي سمن مان مرحوم نانا عبدالله هن شهر جو مشهور لوهارڪو ڪاريگر هوندو هو ان کان سواءِ 1940ع ڏاري ڳوٺ ادوڙي مان استي سومار جو خاندان پڻ ٽنڊوباگو ۾ لڏي اچي ويٺو. جنهن ۾ مرحوم محمد طالب لوهار وڏو سگهڙ ۽ اديب ٿي گذريو آهي، سندس ننڍو ڀاءُ محمد يوسف لوهار به ٽنڊوباگو جو پيپي پي جو ڪارڪن ۽ شهيد پيٽي جو وڏو شيدائي هو ان کان سواءِ مرحوم احمد لوهار، حنيف عرف پوڙهو لوهار، چاچا عارب لوهار، نورمحمد ٽپيدار به تمام گهڻا مشهور ماڻهو ٿي گذريا آهن. هن وقت هن خاندان ۾محمد صالح سمون، سعيد اختر سمون، محمد سليمان سمون، سهيل سمون، آفتاب ۽ امتيازسمون، حنيف سمون مشهور ماڻهو آهن.

**ربـــاري:** ربياري يا رٻاري راجپوت سان تعلق رکندڙ هند توڙي سنڌ ۾ لاڏائو قبيلي طور مشهور آهن. ربياري ذات جا ماڻهو شروع کان وٺي وڏا مالوند رهيا آهن. هنن وٽ اٺن جا وڏا وڳ رڍن ۽ ٻڪرين جا وڏا ڌڻ هوندا آهن، سندن گذر سفر جو وڏو ذريعو اهو مال آهي. مذهبي طور هندو ڌرم سان تعلق رکندڙ ربياري، ڪشن ڀڳوان، ماتا ديوي ۽ ڪالي ديوي جي پوڄا ڪن ٿا. ربياري ذات جا ماڻهو پاڻ کي غوث بهاء الدين، راجسين سومر اٽي ۽ خانشاه جا مريد سڏائين، هن ذات جا ماڻهو رت ڇاڻ واريون شيون نه کائيندا آهن. ربياري ذات جا ماڻهو رابطي طور سنڌ ٻولي ۽ گهرن ۾ راجستاني ۽ ڪڇي گاڏڙ ٻولي ڳالهائيندا آهن. انين جو کير گهڻو استعمال ڪرڻ ڪري منهن جو رنگ ڳورو ۽ کين هرويرو ڪا بيماري نه ٿيندي آهي. سنڌ جي حاڪم دودي سومري هنن کي پناهه ڏئي سنڌ ۾ رهايو جنهن جي شهادت کان پوءِ ڏک ۾ ربياري ذات جي مرد ۽ عورتن ڪيترين ئي صديون ڪارو ويس پاتو پر 1965ع ۾ سومرا ذات جي ولي پائي، ٽنڊوباگو ۾ اچي هن قبيلي جي ماڻهن کي گهرائي سوڳ ختم ڪرائي، هاڻي هن ذات جا ماڻهو انڊ لئي رنگن وارا ڪپڙا پائن ٿا. ٽنڊوباگو شهر ۾ هن ذات جا به چار گهر آهن، پر ٽنڊوباگو شهر سان لڳو لڳ چئو طرف هنن جا ننڍا وڏا ڪيترائي ڳوٺ آهن. جتي هزارن جي تعداد ۾ هن ذات جا ماڻهو رهن ٿا، هاڻي هن ذات جي ماڻهن ۾ تعليم جو چاهه تمام گهڻو وڌي ويو آهي. جنهن ڪري سندن ٻار ۽ نوجوان ننڍن شهرن کان وٺي حيدرآباد ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، ان کان سواءِ مالوند هئڻ سان گڏ هن ذات جي ماڻهن جو وڏو تعداد ٽنڊوباگو جي

جنسن جي ڪاروبار سان گڏ پيو ڪاروبار ڪن ٿا. هن ذات مان ڪيترائي نوجوان نوڪري پيشہ پڻ آهن. ٽنڊوباگو شهر ۾ ريباري ذات جي مشهور ماڻهن ۾ سيٺ روپو همير، ڊاڪٽر منئار ميهار، منئار سيڪريٽري گلاب، انب، وسايو موهن، پورو، ڪمدار آچار، استاد ٽڏو سيٺ چانڊو سيٺ گلزار، ڪاڪو جڳو گدرو ريباري ۽ ٻيا شامل آهن. ريباري ذات ۾ 60 ڪان وڌيڪ نکون آهن. جن مان مشهور پانگڙيا، سنائي، ڪانيليا، مَهيس، جالا، پيماڻي ۽ آل وغيره آهن.

**زئور**: ٽنڊوباگو ۾ زئور ذات جا ماڻهو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ آيا، سڀ کان پهرين ٽنڊوباگو ۾ استو فتح محمد زئور ڳوٺ محمد زئور جيڪو هاڻي حاجي احمد زئور جي نالي سان سڏجي ٿو مان، لڏي اچي ٽنڊوباگو جي ڪاريا پاڙي جي پر سان ويٺو. استو فتح محمد زئور ٽنڊوباگو شهر ۾ (ٻيل) ڏڱي گاڏيون ٺاهڻ جو مشهور ڪاريگر هوندو هو. هن ٽنڊوباگو ۾ باگي واهہ تي پيئڻ جي پاڻي واري کوهہ مان رسي ذريعي پاڻي ڪيڻ لاءِ (بوٽي) ڦرٽي ٺاهي، جنهن تي کيس هڪ روپيو انعام مليو هو. جنهن بعد استي فتح محمد زئور جو پٽ محمد رحيم زئور ٽنڊوباگو جي انتهائي مشهور ۽ نالي واري شخصيت آهي، هي بہ پيرا ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو ڪائونسلر رهيو آهي. ٽنڊوباگو ۾ بجلي لڳائڻ سميت ٻين ترقياتي ڪمن ڪرائڻ ۾ سندس وڏو حصو رهيو آهي. ان کان سواءِ سال 2000ع کان پوءِ نيشنل بينڪ جو مئنيجر مرحوم اعظم زئور ۽ سندس پائر ڳوٺ حاجي احمد زئور مان لڏي اچي ٽنڊوباگو جي نئون آباد محلي ۾ ويٺا.

**پنجابي**: هي 1947ع کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ اچي ويٺا، ان زماني ۾ لاريون ۽ بسون نہ هيون پر جيپون هونديون هيون. هنن ٽنڊوباگو ۾ رهڻ کان پوءِ موٽر جيپون هلائڻ شروع ڪيون، ماما فرمان سنڌ ۾ رهڻ کان پوءِ هتي جي رنگ ۾ رنگجي ويو ۽ ڪڏهن پاڻ کي پنجابي ۽ ڌاريو محسوس نہ ڪرايائين، ماما فرمان ۽ سندس پاٽيجي استاد سنگهر 1956ع ۾ ٽنڊوباگو جي ڪچن رستن جهڏو پنگريو تلهار بدين ۽ ڏگهڙي تي گاڏيون هلايڻ شروع ڪيون. ماما فرمان ۽ استاد سنگهر جي خاندان وارا پنهجن وڏن جي نقش قدم تي اڃان تائين هلي رهيا آهن. هن وقت استاد سنگهر خان جو فرزند محمد اعجاز ٽنڊوباگو جي مشهور ٽرانسپورٽر آهي. مامافرمان وارن کان پوءِ عبدالرحمان پنجابي، چوڌري باغ حسين، چوڌري اقبال، محمد صديق ،اعجاز آرائين، اڪبر آئيس ڪريم وارو محمد حنيف، ڊاڪٽر محمد خان، امانت، فيصل چيمہ وارا لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺا.

**بليدي**: ڪلهوڙن جي دور ۾ جيوڻ خان بليدي، اميد علي بليدي ۽ عيسن خان بليدي لاڙ جي علائقي ٽنڊوباگو ۾ اچي رهيا، جتي انهن عيسن خان بليدي ڳوٺ جو نالو رکيو. پيو ڳوٺ پير بخش بليدي هاڻي اهو ڳوٺ موجوده گاهي خان بليدي جي نالي سان مشهور آهي. جيڪو ڳوٺ تعلقہ ٽنڊو باگو جي ڪاڪ 3 ۾ آهي ۽ اڳتي هلي جڏهن ڪلهوڙن جو دور ختم ٿيو تہ ميرن ۽ انگريزن جو دور آيو تہ ميرن ۽ انگريزن پنهنجي دور ۾ بليدي ذات کي ڪافي نوازيو ميرن حاجي پريل بليدي کي ڪاڪ جي جاگير ۾ طاقتور ڪيو ۽ کيس انگريز گورنر جي

دربار ۾ حاجي محمد پريل بليدي لاءِ خاص ڪرسي رکائي. ڪيس زمينداري ۽ گورنر جي دربار ۾ حيثيت ملڻ ڪري عيسن خان بليدي ڳوٺ ۽ پير بخش بليدي کان اڳتي وڌي ويو بعد ۾ ان ڳوٺ عيسن خان کي بدلائي هاڻڪو موجوده نالو ”حاجي محمد پريل بليدي“سان مشهور ڪيو. جيڪو اڄ به انهيءَ نالي سان مشهور آهي. بليدي برادري جا ڪافي ڳوٺ ٽنڊوباگو جي گرد نواح ۾ آهن، پر انهن ۾ سائين محمد حسن بليدي جي مسلسل ڪوشش ۽ توجه ڏيارڻ سان اڄ هنن ۾ ڪافي نوجوان تعليمي ميدان ۾ اڳتي آهن. هنن جا ڪافي نوجوان هن وقت به ڪمپيوٽر ذريعي دنيا جي مختلف ملڪن ۽ سعودي عرب ۾ قرآن پاڪ جي تعليم ۽ ديني ليڪچر ڏئي پاڪستان جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. ڪافي ڪاليج ۽ اسڪولن ۾ ٽيچر آهن. ان کان علاوه ڊاڪٽري شعبہ سان گڏ سياسي ۽ سماجي ۽ ميڊيا ۾ اڳتي آهن. هي سال2000ع ۾ موجوده ڳوٺ عبدالله خان بليدي ۽ حاجي محمد خان بليدي مان لڏي اچي ٽنڊوباگو شهر جي نئون آباد محلي ۾ ويٺا ،سڀ کان پهرين حاجي خداڏنو بليدي اچي ويٺو.ان بعد مرحوم نواب علي بليدي ، مرحوم ماستر محمد رمضان (راجہ ) بليدي ،عبدالڪريم ۽ انورعلي بليدي لڏي اچي ويٺا ،بليدي خاندان جو سياسي تعلق زياده تر جماعت اسلامي سان آهي ،هن وقت نئون آباد محلي ۾ مدرسو هلي رهيو آهي جن جا باني سائين محمد حسن بليدي انورعلي بليدي عبدالڪريم ۽ حاجي خداڏنو آهن. هن خاندان جو وڏو سائين محمد حسن بليدي آهي.

**ڪوڪر**: ٽنڊوباگو ۾ ڪوڪر ذات جو حافظ الهڏتو ڪوڪر سن 1800ع کان پوءِ ملان ڪاتيار پرسان ڳوٺ سانگ جي مياڻ مان لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺو.حافظ الهڏنو ڪوڪر ڳوٺ سانگ جي مياڻ ۾ هڪ مدرسي ۾ ٻارن کي ديني تعليم ڏيندو هو. ٽنڊوباگو ۾ اچڻ کان پوءِ هن اهو ڪم جاري رکيو. هن وقت ٽنڊوباگو ۾ هن ذات جا اٺ ڏهہ گهر آهن. ڪوڪر ذات جي ماڻهن جو ڌنڌو ڪپڙا سبڻ يعني درزڪو ڌندو آهي. هن ذات جي ماڻهن ۾ تعليم گهٽ هئڻ سبب هن وقت تائين سندن ڪوبہ فرد سرڪاري نوڪري ۾ اچي نہ سگهيو آهي. هن ذات جي مشهور ماڻهن ۾ محمد حسن، محمد صديق، نورمحمد، محمد هاشم ۽ منصوراحمد ڪوڪر مشهور ماڻهو آهن.

**لاشاري**: مير باگو يار ويس ماڻهو هو تنهنڪري هن سان ملڻ پري پري کان ماڻهو ايندا هُئا. لاشاري ذات جو هڪ ماڻهو بہ سندس دوستن ۾ هو جنهن کي مير باگو تمام گهڻو پسند ڪندو هو. پر لاشاري مير سان ملڻ هر ڇهين مهيني بلوچستان مان ايندو هو مير باگي پنهنجي دوست کي چيو تہ لڏي اچي ٽنڊي باگي ۾ ويهہ. تنهن تي اهو همراه ٻارن ٻچن ساڻ لڏي آيو ۽ مير صاحب کيس چيو تہ توکي جيترو پلاٽ گهرجي اوتري ۾ وڃي ويهہ. پوءِ ان لاشاري همراهہ هڪ لڪڻ سان زمين جي وڏي ايراضي تي نشان لڳايو ۽ مير صاحب کان رهڻ جي اجازت

ورتي، اهڙي طرح لاشاري قوم جا ماڻهو ٽنڊي باگي ۾ آباد ٿيا هن وقت ٽنڊي باگي ۾ لاشارين جا اٺ ڏهه گهر موجود آهن.

## مير غلام محمد جو لارينس مدرسو

ٽنڊوباگو جو تاريخي لارينس مدرسو جيڪو سنڌ ۾ تاريخي حيثيت رکي ٿو. هن مدرسي جي منفرد حيثيت رهي آهي. ڇاڪاڻ جو سنڌ ۾ 1900ع کان اڳ يا پوءِ جيڪي مدرسا قائم ٿيا انهن کي قائم ڪندڙن سمورو خرچ پنهنجي هڙان وڙان ڪونه ڪيو بلڪ انهن انگريز سرڪار کان مالي مدد ۽ سنڌ جي وڏن زميندارن، جاگيردارن کان چندا وٺي اهي مدرسا تعمير ڪرايا. پر لاڙ پٽ جي هن عظيم انسان مير غلام محمد ٽالپر ٽنڊوباگو ۾ نهرايل هن عظيم درسگاهه لارينس مدرسي جي لاءِ چندي ۾ هڪ ريپيو به ڪنهن کان نه ورتو. مير غلام محمد بمبئي ويو هي جنهن عمارت ۾ هُو رهيو هو ان جو نقشو ڪيس ايترو ته وڻيو جو هن جڏهن 1921ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ لارينس مدرسي جي بلڊنگ نهرائڻ شروع ڪئي ته ان جو نقشو پُڻ بمبئي واري ان بلڊنگ جي طرز تي انگريزي اکر E تي رکيو. 1924ع ۾ اسڪول جي نئين بلڊنگ نهي راس ٿي ته اسڪول جو نالو لارينس مدرسو رکيو ويو. ان وقت لارينس انگريز سنڌ جو ڪمشنر هوءِ حيدرآباد جي ڪليڪٽر گبسن انگريز جي نالي تي اسڪول جي بورڊنگ هائوس جو نالو گبسن بورڊنگ هائوس رکيائين. جنوري 1924ع ۾ مير غلام محمد پاران نهرايل اسڪول جي نئين بلڊنگ ۾ محمد صديق مسافر اسڪول جي پڙهائي شروع ڪئي. ان وقت اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس کي هلائڻ لاءِ مير غلام محمد به لک پنجاهه هزار کان وڌيڪ رقم انڊومينٽ فنڊ ۾ رکي، جنهن جي منافعي مان 1990ع تائين بورڊنگ هائوس جو خرچ هلندو رهيو. پر 1990ع کان پوءِ ٻاهراڙي جي شاگردن جي هاسٽل ۾ رهائش واري سهولت بند ٿي ويئي، مير غلام محمد ٽالپر پاران رکيل رقم اڄ به اسڪول جي فنڊ واري بئنڪ اڪائونٽ ۾ موجود آهي. 1925ع ۾ هن اسڪول مدرسي کي هاءِ اسڪول جو درجو مليو. 1992ع ۾ حڪومت هن اسڪول جو درجو وڌائي هائير سيڪنڊري اسڪول ڪيو. جنهن بعد هن اسڪول جي اوڀر طرف لڳولڳ ڪاليج جي نئين بلڊنگ نهي، جتي هن وقت ٻارهين درجي تائين ڪلاس هلن ٿا. مير غلام محمد ٽالپر جي نهرايل هن اسڪول ۽ هاسٽل جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڊنگ اڄ ساڳي حالت ۾ موجود آهي. سال 2000ع ۾ سنڌ سرڪار هن اسڪول واري بلڊنگ کي تاريخي ورثو قرار ڏيئي اسڪول جي بلڊنگ کي پُراڻي شڪل ۾ ٻيهر تعمير ڪرائي برقرار رکيو آهي. جڏهن ته مير غلام محمد ٽالپر پاران هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن جي ماني کائڻ وارو ڊائننگ هال جي خوبصورت عمارت نهرايل هئي جيڪا انتهائي زبون ٿي وئي آهي. جنهن جي سرڪاري طور تي ڪابه مرمت نه ڪرائي وئي آهي. هن وقت مير غلام محمد ٽالپر جي هن هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ پرنسيپل محمد اسماعيل ميمڻ 12 سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ٽيچر, هاءِ اسڪول سيڪشن ۾ فرسٽ اسسٽنٽ امداد علي جت, نائب فرسٽ اسسٽنٽ اشفاق احمد ميمڻ سميت 19 هاءِاسڪول ٽيچر, 08 جونيئر اسڪول ٽيچر, ٻه عربي استاد, هڪ ڊرائنگ ٽيچر, هڪ فزيڪل ٽيچر, هڪ ورڪشاپ ٽيچر, 6 ڪلارڪ, 18 لوئر اسٽاف جا ملازم, ڪاليج سيڪشن ۾ 978 ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شاگرد ۽ هاءِ اسڪول ۾ 1293 شاگرد, ٽوٽل 2261 شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ 20 هزار کان وڌيڪ پُراڻا شاگرد هن اسڪول مان تعليم پرائي ويا آهن, جن مان ڪيترائي هن وقت وڏن عهدين تي فائز آهن.

## مير جو مسافر خانو

سنڌي ماڻهو سدائين مهمان نوازي جي ڪري مشهور رهندا پيا آيا آهن. ٽنڊوباگو ۾ مير غلام محمد ٽالپر وڏو مهمان نواز هوندو هو. هن 1927ع ڌاري ٽنڊوباگو ۾ هڪ ريسٽ هائوس جهڙو مسافر خانو تعمير ڪرايو هو. باگي واهه جي پُل پرسان قائم هن مسافر خاني واري 6 ڪمرن تي مشتمل پڪي عمارت ڪنهن بنگلي کان گهٽ نه هُئي. جنهن کي چئوديواري ڏيئي ان ۾ اولهه ۽ اوڀر طرف کان ٻه دروازا هُئا. هن مسافر خاني ۾ ٻهراڙي سميت پري کان ايندڙ مسافرن کي مفت ۾ رهائش ۽ کاڌ خوراڪ سان گڏ سندن وهٽن, اٺن, گهوڙن, گڏهن ۽ ڍڳن کي چاري وارو پڻ مير غلام محمد طرفان ڏنو ويندو هو. مير غلام محمد پاران هن مسافر خاني ۾ هڪ منشي, بورچي ۽ چوڪيدار رکيل هوندا هُئا, جيڪي مسافرن جي مهمان نوازي لاءِ رکيل هوندا هُئا. مير صاحب جي وفات کان پوءِ سال اڌ تائين هي مسافر خانو هليو پر مير صاحب جي پوئين پاران سنڀال نه ڪرڻ ڪري هي مسافر خانو بند ٿي ويو. جڏهن ٽنڊوباگو ۾ سول ڪورٽ قائم ٿي ته ڪيترن سالن تائين هن بلڊنگ ۾ سول ڪورٽ جو عدالتي نظام هلندو رهندو هو. جيڪا پوءِ ٽنڊوباگو بدين روڊ تي نئين ٺهيل بلڊنگ ۾ منتقل ٿي ويئي. مير غلام محمد جي شهر جي ماڻهن هن مسافر خاني جي چئوطرف پنهنجا دُڪان اڏي ڇڏيا. اڄ ان مسافر خاني جي جاءِ تي گند ڪچري جي وڏي اروڙي آهي. ڪنهن وقت جو عاليشان بنگلي جهڙو هي مسافر خانو اڄ تاريخ جو هڪ ڦاٽل پنو بنجي ويو آهي. جيڪي ماڻهو يا قومون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي تاريخي ورثن جي حفاظت نہ ڪري سگهنديون آهن. اهي پڻ انهن ميسارجي ويل ورثن جيان ڏرتي تان پاڻ بہ ميسارجي وينديون آهن.

## مير جو گشتي شفاخانو

مير غلام محمد ٽالپر کي نہ رڳو هن علائقي جي غريب ۽ بي پهچ ماڻهن ۾ علم جي روشني پکيڙڻ جو شوق هو. پر هن خدا ترس انسان کي هن علائقي جي اڀوجهہ انسانن جي صحت جو پڻ بيحد خيال هو. جڏهن روڊ رستا پڪا نہ هُئا سواري لاءِ لاريون بسون ۽ موٽر ڪارون عام نہ هيون تہ ان وقت هن عظيم انسان پنهنجي قوم جي بيوس ۽ غريب ماڻهن جي علاج لاءِ هڪ منفرد گشتي شفا خانو قائم ڪيو هو. هن جديد دور ۾ مشينري واريون جديد گاڏيون عام جام آهن, تڏهن بہ هن وقت ڪنهن گشتي شفاخاني جو ڪٿي مثال نٿو ملي. پر مير غلام محمد ٽالپر ان وقت هر پندرهين ڏينهن حيدرآباد مان پنهنجي خرچ تي ڊاڪٽر گهرائيندو هو جن کي هڪ سهڻي پوش واري ڏيگا گاڏي تي چاڙهي مختلف ڳوٺن ۾ روانو ڪيو ويندو هو جيڪي ڳوٺ ڳوٺ وڃي بيمار ماڻهن جو مفت ۾ علاج ڪري کين دوائون ڏيندا هُئا. غريب ماڻهن کي اهي دوائون مير صاحب جي خرچ مان ملنديون هُيون. اهڙي طرح اهو گشتي شفاخانو بيل گاڏي تي مهيني ۾ بہ پيرا ڳوٺن ۾ وڃي غريب ماڻهن کي علاج جي مفت سهولت فراهم ڪندو هو. ان وقت ڪنهن مريض کي ڪا وڏي بيماري تي پوندي هُئي تہ ان جو سڄو علاج پڻ مير پنهنجي خرچ تي ڪرائيندو هو.

## ويم گهر

مير غلام محمد ٽالپر اهڙو درياءَ دل هوندو هو جنهن جو ڪو مثال نٿو ملي. هن پنهنجي پيل علائقي جي ماڻهن جي تعليم ۽ صحت لاءِ جيڪي خدمتون ڪيون, اهي زمانن تائين ياد رهنديون. مير غلام محمد ٽالپر هن علائقي جي انهن عورتن جيڪي غربت ۽ لاچاري سبب ٻار پيدا ڪرڻ کان اڳ پنهنجي پيٽ واري ٻار سان گڏ ويم جي سهولت نہ هُئڻ ڪري وفات ڪري وينديون هيون. جون زندگيون بچائڻ لاءِ ٽنڊوباگو ۾ سال 1928ع ڌاري پنهنجي هڙان عورتن لاءِ ويم گهر نهرائي, ان ۾ پگهار تي هوشيار دايون رکيون, ان ڪانسواءِ حيدرآباد مان هڪ ليڊي ڊاڪٽر سان پڻ معاهدو ڪيو هو. جيڪا هر پندرهين ڏينهن حيدرآباد مان ٽنڊوباگو اچي ان ويم گهر ۾ دائين کي ويم ڪرائڻ جي سکيا ڏيندي هُئي. ان جو پگهار ۽ اچ وڃ جو سمورو خرچ پڻ مير خود ادا ڪندو هو. مير غلام محمد جي وفات کان پوءِ اهو ويم گهر لوڪل بورڊ حوالي تي ويو. جتي لوڪل بورڊ پاران هڪ نرس مقرر ٿيل هوندي هُئي, جتي ٻهراڙي جون غريب عورتون اچي ويم ڪرائينديون هُيون. 1980ع کان پوءِ اهو ويم گهر بند ٿي ويو. سال 2000ع دوران سينيٽر بيبي ياسمين شاهہ جي ڪوشش سان ويم گهر جي نئين سر بلڊنگ منظور ٿي, ويم گهر جي نئين عمارت 2008ع ۾ جڙي راس ٿي, نهيل ويم گهر جي عمارت جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افتتاح ان وقت جي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ڪيو.

## مير جي ڪَري

ٽنڊوباگو جيڪو لاڙ علائقي جو اهم شهر آهي اهو سارين جي ڪري ملڪان ملڪ مشهور آهي. اڳي جڏهن هن شهر ۾ سارين جا ڪارخانا نہ هوندا هُئا. ان وقت ٽنڊوباگو شهر ۾ هڪ وڏي سارين جي ڪَري هوندي هُئي، جتي هر سال هزارين مَڻ سارين ڳڏ ٿيندين هُيون. ٽنڊوباگو جي موجوده ميگهواڙ پاڙي واري هنڌ تي ان وقت مير غلام محمد جي سارين جي وڏي ڪري هوندي هُئي، ان ڪري ۾ سوين نڪر واريون جنديون لڳل هونديون هُيون، جتي غريب عورتون مزدوري ڪرڻ لاءِ انهن جندين تي ساريون ڏرينديون هُيون ، مرد مزدور ڏريل سارين کي اڏڻي صاف ڪري چانور پورين ۾ پيري رکندا هُئا. ان ڪري ۾ هزارين مڻ سارين جون کوڙيون ٺاهي راڳي رکندا هُئا. جڏهن ٽنڊوباگو ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر لارينس مدرسو قائم ڪيو تہ اسڪول جي موجوده گرائونڊ تي وينل ميگهواڙ ذات جي ماڻهن کي سارين واري ڪري وارو پلاٽ پڌ طور ويهڻ لاءِ ڏنو۽ ڪري ۾ پيل هزارين مڻ ساريون پُڻ انهن ميگهواڙن کي گهر ٺاهڻ ۽ ڪاڏي لاءِ ڏيئي ڇڏيون. مير غلام محمد جي ڪري ڪان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ سيٺ سبزعلي خواجہ ۽ سيٺ تيجومل واڻيون جون پُڻ بہ ڪريون هونديون هيون، جتي اهي پُڻ هزارين مڻ خريد ڪيل ساريون ڳڏ ڪري رکندا هُئا. جڏهن ٽنڊوباگو ۾ انگريزن جي دور جي آخر ۾ مشينري آئي تہ سيٺ سبزعلي خواجہ ڪري کي ختم ڪري سارين جو ڪارخانو شروع ڪرايو.

## ڊپٽي جو بنگلو

انگريزن سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ 1855ع ڌاري سنڌ کي ٽن ڊويزن يا ضلعن ۾ ورهائي انتظامي يونٽ ٺاهيا. ڪراچي انگريزن جو هيڊ ڪواٽر هوندو هوجتي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. حيدرآباد ۽ شڪارپور کي ضلعو يا ڊويزن جو درجو ڏيئي اتي ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر انگريز آفيسر مقرر ڪيا ويا. اهي ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر سنڌ جي تعلقہ هيڊ ڪواٽرن وارن شهرن ۾ ٻي تي مهيني وچي سرڪاري ۽ انتظامي مسئلن جي ديک ڀال ۽ چڪاس ڪندا هئا. ان وقت ٽنڊوباگو شهر جي اولهہ طرف موجوده مختيارڪار جي آفيس اڳيان سال 1878ع ۾ انگريز سرڪار پاران هڪ عاليشان گيسٽ هائوس ٺهرايو جنهن کي ان وقت کان اڄ تائين ڊپٽي جو بنگلو ڪري سڏيندا آهن. جتي ان وقت انگريز سرڪار جا آفيسر، ڪليڪٽر، ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ٻيا آفيسر اچي اتي منزل انداز ٿيندا هئا. هن بنگلي ۾ ايندڙ آفيسر ٽنڊوباگو شهر ۽ پرپاسي جي زميندارن، راڄن جي چڱن مڙسن کي گهرائي انهن کان مسئلا معلوم ڪندا هُئا. جڏهن 1898ع ۾ انگريز سرڪار پاران ايريگيشن ڪاتو قائم ڪيو ويو تہ ٽنڊوباگو ۾ ايريگيشن ڪاتي جي پهرين عارضي آفيس هن ڊپٽي واري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنگلي ۾ قائم ڪئي ويئي.پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن بنگلي ۾ بئراج مختيارڪار جي آفيس قائم ڪئي ويئي، جيڪا وڏو عرصو هلڻ بعد هتان تبديل ڪري بدين ڪچي ويئي. ٽنڊوباگو ۾اڄ به هن تاريخي بنگلي جو وجود برقرار آهي پر سرڪار جي بي ڌياني جي ڪري هن جي ڪاٺ سارسنڀال نه ٿيڻ ڪري هي تاريخي عمارت اڌ ڊهي وئي آهي.

## ڪدڙا فقيرن جي مَڙهي

جڏهن سنڌ تي محمد بن قاسم ڪاهي آيو ته سندس لشڪر ۾ هڪ خواجه سرا به گڏ هو جنهن جو نالو فصل هو جيڪو عربن سان گڏ حيدرآباد پهتو هو. روايت موجب ته جڏهن حيدرآباد جيڪوان وقت نيرون ڪوٽ هو اتي جڏهن عرب حُڪمران رهيا ته ڪجهه ڏينهن لاءِ ان خواجه سراءِ کي سنڌ جي عارضي حڪمراني به ڏني ويئي هُئي. اڳتي هلي وقت جي حڪمرانن وٽ خواجه سرائن جو تعداد وڌندو ويو سنڌ ۾ آيل پهرين خواجه سرا جا چيلا وڌندا ويا. حيدرآباد ۾ فضل خواجه سرا جي هڪ چيلي گل جان فقير ڪدڙا مڙهي جو بنياد رکيو. سنڌ ۾ خواجه سرائن کي ڪدڙا فقير به چيو ويندو آهي. هي نه مرد هوندا آهن نه ئي عورت، هنن کي ٽين جنس خواجه سرا يعني ڪدڙا فقير سڏيو ويندو آهي. خواجه سرا يا ڪدڙا فقير عورتاڻو ويس پائي ڏاڙهي ۽ مُڇون ڪوڙائي ميڪ اپ ڪري نچندا ۽ ڳائيندا آهن. شادين مرادين ۽ گهرن ۾ پُٽ ڄمڻ جي خوشي ۾ هو جيڪي سهرا ڳائيندا آهن ۽ پُٽ ڄمڻ جي خوشي ۾ هو جيڪا خيرات وٺندا آهن ان کي لاڳ چيو ويجي ٿو. جنهن ۾ ڪڻڪ، مٺائي، ڪپڙا ۽ روڪ رقم وٺن. خواجه سرا يا ڪدڙن فقيرن جي رهڻ واري جاءِ کي مڙهي سڏيو ويجي ٿو. جتي هي گڏجي رهندا آهن ان مڙهي ۾رهندڙ خواجه سرا ڪدڙن جي اڳواڻ کي گرو سڏيو ويندو آهي باقي ان جا چيلا هوندا آهن. مرزا قليچ بيگ موجب ناظر به ڪدڙن جو هڪ قسم آهي جيڪي اڪثر ڪري شيدي ۽ حبشي هوندا هُئا . اهي حڪمرانن جي حرم سرائن ۾ ايندا ۽ ويندا هُئا، ٽالپر حُڪمرانن وٽ گهڻا حبشي قوم جا ناظر هوندا هُئا.

ٽنڊوباگو جي ڪدڙا مڙهي به هڪ قديم مڙهي آهي جيڪا هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي، جڏهن مير باگو خان سنڌ راڻي پرٽجي اچي ٽنڊوباگو شهر آباد ڪيو ته مير باگي سان گڏ آيل سندس لشڪر واري فوج جا سالار ۽ سپاهي هن شهر جا شهري ٿي ويا. انهن آيل ماڻهن ۾ ڪنهن خواجه سرا يا ڪدڙي فقير جو ذڪر ته نٿو ملي، پر انگريزن جي سنڌ تي ڪيل قبضي کان اڳ ٽنڊوباگو ۾ ڪدڙا مڙهي جي شاهدي ملي ٿي، ڇاڪاڻ ته جڏهن ميرن کان انگريزن سنڌ ڦري ورتي ته ان کان پوءِ راڻي وڪٽوريا هڪ فرمان جاري ڪري سنڌ ۾ قائم ڪدڙا مڙهين کي سرڪاري رڪارڊ ۾ شامل ڪري، اهي مڙهيون ڪدڙن فقيرن لاءِ وقف ڪري ڪين اهڙيون سندون جاري ڪري ڏنيون. حيدرآباد ۾ قائم ڪدڙا مڙهي جيڪا سڄي سنڌ جي ڪدڙن جي مُک مڙهي آهي . جتي هن وقت ڪدڙا فقيرن جو چيف گرو (مُک) رهندو آهي ان مڙهي جو پهريون گرو يا مُک گل جان فقير هو. گل جان فقير جي هڪ چيلي چارڻ فقير ميرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دور ۾ ٽنڊوباگو ۾ اچي رهيو ۽ هن خواجہ محلي ۾ گهر ناهي کدڙا مڙهي جو بنياد رکيو. جنهن بعد چارڻ فقير جي چيلن ۾ اضافو ٿيندو ويو. ٽنڊوباگو جي هن قديمي کدڙا مڙهي ۾ موجوده گرو حاجي فريده کان اڳ 10 گرو تي گذريا آهن جيڪي سمورا هن مڙهي ۾ پنهنجي حياتي جا ڏينهن گذاري دُنيا ڇڏي ويا. انهن ۾ (1) چارڻ فقير (2) قائم فقير (3) خدا بخش فقير (4) نوري پري فقير (5) بخت پري فقير (6) حاجي سياڻي فقير (7) حاجي سيتا فقير (8) حاجي لاڏو فقير (9) حاجي ريشمان فقير (10) نورجهان فقير (11) موجوده حاجي فريده عرف بانو فقير هن وقت موجوده گرو. حيدرآباد ۾ هن وقت ڦول گلي واري مُک مڙهي آهي، جنهن ۾ حاجي ياسمين فقير سنڌ جو مُک گرو آهي. هن مڙهي جون سنڌ ۾ ڪيتريون ئي شاخون آهن. جن ۾ ٽنڊوباگو واري مڙهي، عمرڪوٽ واري مڙهي، ٽڙ نبي سر واري مڙهي، ڪنري، سامارو شادي پلي، ڪوٽ غلام محمد، ميرواهہ ڊگهڙي، ٽنڊوجان محمد، جهڏو نئون ڪوٽ، مٺي، ڇاڇرو، ننڊو شهر ۽ ماتلي. هنن مڙهين ڪي بادشاهي مڙهيون سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ته ڪراچي ۾ ڪولا گودام، گوليمار، آرام باغ، بلوچستان جي علائقي لسبيلا، سجاول ٺٺو چوهڙ جاتي، بنورو نوان روڊ ۽ ڪوٽڙي واريون مڙهيون پڻ حيدرآباد جي مُک مڙهي جون شاخون آهن . پر هي مڙهيون بادشاهي مڙهين کان رُتبي ۾ گهٽ آهن. ان ڪانسواءِ بدين، گولاڙچي، ماتلي ۽ تلهار واريون مڙهيون بديناڻي مڙهيون سڏجن ٿيون. سنڌ ۾ کدڙا فقيرن ۾ حد بنديون مقرر ٿيل هونديون آهن. هڪ مڙهي جو کدڙو فقير ٻي مڙهي جي حد ۾ خيرات وٺڻ نہ ويندو آهي، ان حد بندي جي ڀڃڪڙي تي هنن وچ ۾ جهيڙا پڻ ٿيندا آهن. هڪ مڙهي ۾ رهندڙ کدڙا فقير گڏجي شادين مرادين ۽ گهرن ۾ پُٽن ڄمڻ تي لاڳ وٺندا آهن. مليل پئسن مان گهر جو خرچ پکو ڪيدي باقي ورهائي کڻندا آهن. شادين مُرادين گهرن ۾ پُٽن جي ڄمڻ تي ماڻهو کين پئسا، ان ڪپڙا ۽ مالوند ماڻهو وري کين ٻڪريون، ڇيلا ۽ مال نظراني ۾ ڏين. هندوستان مان آيل اردو ڳالهائيندڙ کدڙا فقير صرف اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي گهرن مان خيرات وٺن ۽ انهن جي شادين مُرادين ۾ وڃن. سنڌي کدڙا فقير صرف هريجن ذات جي گهرن ۾ نہ وڃن باقي سمورن هندن ۽ سنڌي مسلمانن جي گهرن مان وڃي خيرات وٺن. کدڙا فقير پنهنجي مڙهي ۾ بجلي هوندي بہ روز شام جو ڏيئو ٻاري روشني ڪندا آهن. کدڙا فقير پنهنجي گُرو کي استاد ۽ پيءُ ڪري سمجهن ٿا. بيماري ۽ پيرسني ۾ گرو جي خدمت ڪرڻ هر چيلي جو فرض هوندو آهي. اگر ڪنهن مڙهي جو گرو وفات ڪري وڃي تہ هي خط لکي باقي مڙهين ۾ رهندڙ برادري کي اطلاع ڪن ۽ وفات ڪري ويل گرو جي چاليهي تي نئين ٿيندڙ گرو کي سوني نٿ ۽ گل جان فقير جي ڏنل پوتي واري پڳ (دستار) پارائي نئون گرو ڪن. ان تقريب ۾ هنن جي سموري برادري شامل ٿيندي آهي، جنهن ۾ تمام سٺا طعام ۽ کاڌا نهرائي کارائين ۽ ناچ گانا ڪري خوشي ملهائين. ٻاهران آيل کدڙا فقير مڙهي جي ٿيل نئين گرو کي سون جا تحفا پڻ ڏين. کدڙا

فقير حج ۽ ڪربلا جو زيارتون ڪن، نماز پڙهن ۽ روزا رکن. وفات ڪندڙ گرويا چيلي جي جنازي کي شهر جي مقامي قبرستان ۾ دفنايو ويجي ٿو.

## پيهن جا ڪارخانا

ڪيئن صديون اڳ جڏهن سنڌو دريا نانگ وارا ور ڏيئي ڪاوڙيل محبوب جيان پنهنجو رک ڦيرائيندو هو ته سندس پُراڻا گس ماضي جو قصو بنجي ويندا هُئا، سرسبز علائقا پوئتا ۽ بيابان بنجي ويندا هُئا. سنڌو درياءَ جون چاڙون جڏهن وهڻ بند ٿيون ته ڍورا ۽ پراڻ بنجي ويون، ميرن جي نالن سان ٽنڊا آباد ٿي نوان شهر اڏجي ويا. جتي ميرن سان گڏ پيون ذاتيون به آباد ٿي وينيون. ان زماني ۾ مير باگو خان مال ملڪيت ۽ ملڪ جي حصي کي محبت تان قربان ڪري نيري درياءَ جي ڪناري تي سندس نالي سان نئون شهر اڏي اچي وينو. ان وقت آب ڪلاٽي واري موسم جنهن ۾ سارين جي پوکي ٿيندي آهي . لاڙ ۾ سارين جو فصل عام جام پوکبو هو. لاڙ ۾ جڏهن سارين جا ڪارخانا نه هُئا، تڏهن هتي جا ماڻهو نڪر جي نگهن ۽ جنڊين تي سارين کي ڏري، ان مان چانور ڪڍي بعد ۾ عورتون انهن چانورن کي پٽر جي پن پُڙن واري جنڊ تي پيهي اٽو ناهي، ان مان چانورن جي ماني پچائينديون هيون. ان زماني ۾ هن علائقي ۾ رتڙيا ڳاڙها چانور ۽ موتيو خوشبودار چانور ٿيندا هُئا. سن 1800ع ڌاري جڏهن سنڌ ۾ مشينري جو نالو نه هو ان وقت ٽنڊوباگو ۾ ٻن هندو سيٺين (1) ريجو مل واڌيون ۽ (2) پورا سنگهه سک ٽنڊوباگو شهر ۾ ٻه وڏا پيهن ناهڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا، جن ۾ پٽر جي وڏن اُکرن ۾ موتيو سارين کي پاڻي ۾ گرم ڪري پيهون ناهيا ويندا هُئا. پٽر جي اکرن مٿان ڪاٺ مان ٺهيل وڏي مشين رکيل هوندي هُئي، جنهن کي طاقتور مزدور پيرن سان هلائيندا هُئا. انهن پيهُون ناهڻ واري مشين کي هلائيندڙ مزدورن مان هڪ مزدور محمد صديق مسافر جو والد نندو گلاب شيدي به هوندو هو. انهن ڪارخانن مان ٺهيل پيهون نه رُڳو سنڌ جي مختلف شهرن ڏانهن موڪلبا هُئا، پر اهي پيهون ڏيساور جي ملڪن ڏانهن پڻ موڪليا ويندا هُئا، انهن مان وڏو ناڻو ڪمايو ويندو هو. اڄ به سنڌ ۾ هندو توڙي مسلمان عيدن ۽ ٻين خوشي وارن ڏهاڙن تي مٺا پيهُون رڌي کائين ٿا. اڄ نه اهي ڪارخانه آهن نه ئي هتي پيهون ٺهن ٿا.

## وينجهر فقير جو تنبيلو

هي درويش صفت انسان مغل ذات جو هو ۽ سندس نالو راجو هو پر هن کي وينجهر فقير جي نالي سان سڏيندا هُئا. وينجهر فقير جو تنبيلو بخاري جي پڙ ۾ هن وقت الطاف خواجه جي گهر وٽ هوندو هو وينجهر فقير جي اوطاري ۾ وڏو نم جو وڻ بيٺل هوندو هو ان ۾ گهوڙن جو تنبيلو هوندو هو. جتي گهوڙي ٻڌڻ جا اٺ آنا وٺندو هو. هي درويش ينگ جو گڙنگ موالي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي ﺑہ 5 وقت نماز پڙهندو هو. شهر يا بازار ڪڏهن ﺑہ نہ ويندو هو. سندس اوطاري تي سڄو ڏينهن نوڪٽي راند پئي ٿيندي هُئي ۽ سلفين جو سٽڪو لڳو پيو هوندو هو. وينجهر فقير بهترين شاعر هو سندس ڪلام ٽنڊوباگو جا مشهور صوفي فقير ميانجي ڦوٽو شيدي ۽ هوشو شيدي ڳائيندا هُئا. وينجهر فقير قلندر لعل جو مُريد هو جنهن ڪري هن ڪيترن ئي سندس ڪلامن ۾ ڪافين ۾ مرشد لعل جو ذڪر ڪيو آهي. هن پنهنجي وفات کان اڳ سندس لکيل شاعري ميانجي ڦوٽي شيدي کي ڏني پر اها شاعري هن کان گم ٿي ويئي. وينجهر فقير 1962ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس تربت بکردار قبرستان ۾ آهي.

## ڪاڪي عمر جي کوڙي

جڏهن هتي اجان لاريون ۽ بسون نہ هلنديون هُيون تہ ان وقت ماڻهو انن. گهوڙن ۽ گڏهن تي خشڪي وارو سفر ڪندا هئا ۽ بيل گاڏين تي ڀاڙائين کان بار ڪٽي شهرن ڏانهن ايندا هُئا. ان زماني ۾ موجوده زئورن واري مسجد پر سان ڪاڪي عمر سمون جي کوڙي هوندي هُئي، جنهن کي چوطرف ڊنگهرن وارو لوڙهو ڏنل هوندو هو. جنهن ۾ ڀاڙائي کان آيل ماڻهو وهٽ اچي بيهاريندا هُئا. جنهن کان ڪاڪو عُمر سمون سڄي ڏينهن جا چار آنا ۽ اٺ آنا وصول ڪندو هو. ان کوڙي ۾ ڪاڪي عمر جي گاهہ واري پڙي ﺑہ هوندي هُئي، جتان پئسن سان گاهہ وٺي ماڻهو پنهنجي وهٽن کي کارائيندا هُئا. اها کوڙي ان وقت تمام گهڻي مشهور هوندي هُئي، مجال آهي جو ڪو ماڻهو پنهنجو وهٽ ڇڏي ڪو بيو وهٽ ڪاهي وڃي. ڪاڪو عمر سڄو ڏينهن پيو لٺ کڻي کوڙي ۾ ڦرندو هو ۽ اوپرن ماڻهن تي نظر رکندو هو. ڪاڪي عمر جو پُٽ ڏوسل گاهہ جي پڙي تي ڪاڪي عمر جو هٿ ونڊائيندو هو. اڄ نہ ڪاڪو عمر آهي نہ اها کوڙي آهي ڪاڪي عمر جي وفات کان پوءِ سندس پُٽ ڏوسل کوڙي وارو پلاٽ اڌ موڙي ۾ وڪڻي هليو ويو. اڄ ان جاءِ تي مرحوم محمد صديق مڱڻهار جا گهر ۽ دُڪان آهن.

## ڍڪ

انگريز جي دور ۾ ماڻهن کي ڏوهن کان روڪڻ لاءِ جيل قائم ڪيا ويا جتي ڏوهاري ماڻهن کي سزا طور بند ڪيو ويندو هو اهو سلسلو اڄان تائين جاري آهي. پر ان سان گڏ انگريز سرڪار چوپائي مال جا جيل جن کي مال جا ڍڪ چيو ويندو هو پڻ قائم ڪيا. ٽنڊوباگو ۾ پڻ لوڪل بورڊ پاران اهڙو مال واري ڍڪ موجوده وارڊ نمبر 3 غريب آباد محلي ۾ اڳوڻي ٽائون ڪميٽي پر سان قائم ڪيو ويو هو. جتي ڀاڙائي جي آبادگارن ۽ زميندارن جي فصلن ۾ (ڀيل) نقصان ڪندڙ جانورن کي بند ڪري بيهاريو ويندو هو. ٽنڊوباگو ۾ قائم انهي مال واري جيل ڍڪ جو جيلر يا انچارج جنهن کي ڍڪ منشي چيو ويندو هو ماما وڪيو ملاح هوندو هو. ٽنڊوباگو جي پرپاسي جي زميندارن جي فصلن جو جيڪي جانور نقصان ڪندا هُئا، انهن کي ڪاهي اچي ان ڍڪ ۾ بند ڪرايو ويندو هو. جتان انهن جانورن ۽ مال جا مالڪ

سرڪاري ڏنڊ جي رقم ڀري پنهنجا جانور ۽ مال آزاد ڪرائيندا هُئا. ڍڪ منشي ڏنڊ واري رقم بئنڪ يا سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي اهڙي رسيد ڏيندو هو. 1990ع کان پوءِ اهو مال وارو ڍڪ ختم ٿي ويو ۽ ماما وڪيو ملاح بہ رٽائر ٿي ويو.

## ٽنڊوباگو جو گُتو

انگريزن جي دور حڪومت ۾ شراب ۽ ٻي نشي واپرائڻ تي ڪا بہ پابندي نہ هوندي هُئي. ان وقت ٽنڊوباگو سميت ٻين شهرن ۾ سر عام شراب، آفيم، ڀنگ ۽ ٻي نشي جا دُڪان کليل هوندا هُئا، جن کي سرڪار پاران اجازت لائيسنس مليل هوندو هو. شراب ۽ ٻي نشي جي اهڙي دُڪانن کي گتو يا ٺيڪو چيو ويندو هو. ٽنڊوباگو جي شاهي بازار ۾ محمد عارب اسٽامپ وينڊر جي دُڪان پر سان لالا ياسين مهاجر جو گتو هوندو هو جنهن جي ڪاٺ جي وڏي ڪائونٽر واري صندل تي ڪاري ڏاڙهي وارو ٿلهو متارو شخص ويٺو هوندو هو جنهنکي لالا ڪري سڏيندا هُئا. لالا روباڻي شڪل وارو گهٽ ڳالهائو ڪم سان ڪم رکندڙ شخص هوندو هو سندس ان گتي ۾ ڳاڙها، ساوا ۽ فڪا شراب جا شيشا رکيل هوندا هُئا، ۽ دُڪان جي اندرين پاڻدي ۾ ڀنگ جا وڏا بوجها پريل هوندا هُئا. مطلب تہ ان وقت گتي تان شراب، چرس، گانجو، آفيم، ڀنگ ۽ ڏوڏي سميت هر نشو هر ڪنهن هندو توڙي مسلمان کي بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي آساني سان ملي ويندو هو. اڳي نشي وارين شين تي سختي ۽ پابندي نہ هُئڻ ڪري موالي طبقو انتهائي گهٽ هوندو هو. انسان جي فطرت آهي تہ جنهن ڪم کان کيس منع ڪبي تہ ان تي ماڳهين وڌيڪ زور ڏيندو وانگر اڄ هن سائنسي دور ۾ وري بنا سجاڳي جي جيتري نشي آور شين تي پابندي لڳل آهي تہ واهپو چئوڻ کان وڌيڪ آهي. اڄ هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ ڪچي شراب جون ڀٽيون لڳل آهن، نئين نسل جو وڏو حصو رات ج کير پيئڻ بدران ٺرو ۽ وسڪي پي مست ٿي گهمي ٿو. 15 سالن جي نوجوانن کان وٺي 60 سالن جا پوڙها ڀنگ کي ٿاڌل چئي پين ٿا. شهرن ۽ ٻهراڙي مان مرد ۽ عورتون ڪچي شراب جا ڪتا ڀري اچي سرعام وڪرو ڪن ٿا، اهو صرف انڪري ٿيو آهي جو حد کان وڌيڪ سختي نشي کي ختم ٿيڻ بجاءِ چوڻ تي وڌائي ڇڏيو آهي.

## ٽنڊوباگو جي پُراڻي ۽ پهرين شاهي بازار

1800ع کان پوءِ ٽنڊوباگو هڪ ڳوٺ مان مڪمل شهر ۾ تبديل ٿي ويو جنهن بعد هن شهر ۾ مختلف دُڪان کلڻ سبب هن شهر جي پهرين بازار موجوده پرائمري اسڪول واري گهٽي ۾ سن 1800ع ۾ اولهہ پاسي واڻين جي گلي کان شروع ٿي. ٽنڊوباگو جي شاهي بازار جا پهريان دُڪان پمون سوناري ۽ صروفي سوناري جا دُڪان هوندا هُئا، جتان کان هن بازار جي شروعات اتر کان ڏکڻ ۽ اولهہ کان اوڀر طرف ٿيندي هُئي. فاروقيہ مسجد پرسان سونارن جا دُڪان هوندا هُئا، جتي صبح کان شام تائين ٻيا سون ۽ چاندي وارا زيور ٺاهيندا هُئا، سونارا سون ۽ چاندي کي گرم ڪري ننڍين مترڪن سان ڪُٽيندا هُئا، تہ ننڍڙن مترڪن جي لڳندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪن مان مڏر سُر پيا نڪرندا هُئا. ان بعد اها بازار ٿورو اڳيان وڌي ته لونگ شيدي جا دُڪان، هڪ اڌ ننڍيون هوٽلون ۽ ڪجهه ريزڪي دُڪان هوندا هُئا. جڏهن شهر اڃا به وڌيو ته 1900ع جو زمانو شروع ٿي ويو. ان وقت موجوده علي محمد ملاح جي گهر وٽ چٽئ رستن واري مارڪيٽ ٺهي، جنهن ۾ ڪتين جا دُڪان، ڪپڙي جا دُڪان، ريزڪي سان گڏ چُتو مل جي چانهه ۽ گيانچند جي ماني واريون هوٽلون ۽ پيا دُڪان هُئا. ٽنڊوباگو جي شاهي بازار به وقت جي وهڪري ۾ تبديل ٿيندي پاڻ کي وقت سان گڏ ڏڪيندي رهي آهي. موجوده شاهي بازار مرحوم گلو شيدي جي دُڪان جيڪو اڄ به منا شيدي جو استري وارو دُڪان آهي ڪان شروع ٿي. ٽنڊوباگو جي شاهي بازار به وقت سان گڏ پنهنجا رُک ۽ موڙ تبديل ڪندي رهي آهي. ورهاڱي کان پوءِ گلو ۽ منا شيدي جي دُڪان ڏوبڪي دُڪان کان پوءِ الهبخش ۽ يونس کتي جا دُڪان لالا ياسين مهاجر جو گتو جيڪو طاهر حجام جي پاسي ۾ هوندو هو ان کان اوپر طرف ۾ دين محمد ڀهلاني جو سنڌي گيهه وارو دُڪان، جهامن واڌيون ۽ موسو ڀهرائي جا ريزڪي دُڪان، سلو عارب ميمڻ ۽ ابراهيم ميمڻ جو پنسار ۽ ريزڪي دُڪان کان سواءِ ٽائون ڪميٽي جا دڪانن پرسان چُوڙن ۽ مال جي سينگار وارو دُڪان، کان سواءِ جڏهن شاهي بازار وري اڳتي وڌي ته اُتي محمد صديق مگڻهار جي پکن واري هوٽل، قمرالزمان مغل جي پڪي هوٽل پرسان قربان خواجه گُلو ميمڻ، غلام علي خواجه ثارو خواجه ڪاڪا مظهر خواجه پنهون زئور، مولا بخش خواجه جا نئين مارڪيٽ ۾ دُڪان قائم ٿيا. ان سان گڏ سبزي مارڪيٽ ۾ محمد ۽ هاشم ميمڻ، عبدالرزاق ۽ جمع باڪري پوجو ڪولهي ۽ عمر ڪلهوڙو جا سبزي جا دُڪان هوندا هُئا. ان زماني ۾ مارڪيٽ ٻاهران حاجي بچو ميمڻ، الهبچايو ڪلهوڙو پرسو مل جا مٺائي وارا دُڪان هوندا هُئا. ان زماني ۾ ناٿو خواجه جي ڪيبين، پوڙهو ڪلهوڙو جي سنهي هوٽل، اسماعيل مالا جو دُڪان، ڪچين ۽ ميمڻن جا مرهاڙي وارا دُڪان ليلو واڌيون ۽ حاجي آمون جا ڪپڙي وارا دُڪان هُئا. ان کان پوءِ اها شاهي بازار جڏهن اُتر کان ڏکڻ طرف شروع ٿي ته اُهو زمانو 1970ع وارو هو. ان وقت ٽنڊوباگو جي شاهي بازار جو اوج هو. جتي اڪبر خواجه عرس ميمڻ جي ڪئبين ۽ سامهون شريف ميڊيڪل اسٽور ۽ گلزار خواجه جي پانن ۽ سگريٽ واري ڪئبين کان پوءِ امام ڏني خواجه جو ٿانون ۽ جست وارو دُڪان، متارو سومار لڪاڏنو سامهون عبدالواحد خواجه ۽ ان جي سامهون حسن علي جا وڏا دُڪان ۽ ڪوٺيون پر ۾ ڪاڪي تيجومل جي ڪوٺي هئي، جيڪي هن شهر جو نه وسرندڙ باب آهن. بخاري جي پڙ ۾ وينجهر فقير جو اوتارو ۽ گهوڙن وارو تنبيلو جتي وڏو نم ٻيئل هوندو هو. ان سامهون دڙي تي عبدالرحمان پنجابي، ماما فرمان ۽ اُستاد سنگهر جي لارين وارو اڏو ۽ اسٽينڊ هو. انهن پر سان مائي هوري جي لانڍي هئي، ۽ عبدالله لوهار جو لوهارڪو دُڪان هو جتي پيو سڄو ڏينهن ڏانتا، ڪهاڙيون ۽ ڪوڏرون ٺپيندو هو. بخاري جي پڙ پرسان پير بابو شاهه جي اسپتال ۽ قاسم ميمڻ جي لارين واري آفيس هوندي هُئي. بخاري جي پڙ پرسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪاري مارڪيٽ ۾ سبزي سان گڏ گوشت ۽ مڇي جي پڻ مارڪيٽ هوندي هُئي. جتان شهر جا ماڻهو پوڙلاءِ مڇي ۽ گوشت خريد ڪندا هُئا.

ٽنڊوباگو جي شاهي بازار به وقت جي وهڪري ۾ وقت سان گڏ رڙهندي رهي آهي. ڪاڪي تيجو جي پيڍي کان اڳتي ميمڻ ڪٽين ۽ حميد پنجابي جا ڪپڙي وارا دُڪان هوندا هُئا. جنهن کان پوءِ مصطفيٰ ميمڻ جو ميڊيڪل اسٽور، حاجي ڏاتو جو مرهاڙي وارو دُڪان، علي بخش خواجه جو وڏو ريزڪي دُڪان، قاسم خواجه جو ريزڪي دُڪان، حاجان خواجه جو اسٽور، منشي جي ڪئبين ۽ سامهون نيشنل بئنڪ هوندي هُئي. ان چوڪ ۾ موسي ميمڻ جو ناس ۽ پنسارڪو دُڪان هوندو هو. ان کانپوءِ ڪاري ڊاڪٽر جي اسپتال تائين ڪپڙي جا دُڪان هوندا هُئا. وري وقت اڳتي وڌيو ته ٽنڊوباگو جي شاهي بازار ڊاڪٽر ممون ڪڇي جي اسپتال کان اڳيان تارا چند لوهاڻي جو اسٽور، سونهاري سونارو جو دڪان، اڳيان ارشاد خواجه جو ٿانون جو دڪان سامهون لالي نسوار واري جو دڪان کان پوءِ سونارن جا دڪان اڳيان سيٺ روي جو دڪان پوءِ صديق ملاح جو منائي وارو دڪان جمع باقري جو پاڃي جو دڪان اڳيان نظير ميمڻ جي منائي واري دُڪان تائين وڃي پهتي، ان چوراهي کان پوءِ شاهي بازار اولهه طرف استاد ابو ڪڇي جي اخبار ۽ راڻي پڪوڙن واري دُڪان سان لڳي ته ٻي پاسي ڏکڻ طرف مسجد حيدر ڪرار اڳيان گذرندي هڪ حصو ڪڍهرو روڊ سان ۽ ٻيو حصو اولهه کان ٽيندو وڃي قذافي هوٽل سامهون نڪتو. اهي ٻئي حصا هن وقت ٽنڊوباگو شهر جي وڏي شاهي بازار جا ڪاروباري اهم مرڪز آهن.

## مگر مان

آفريڪا جي ٻيٽن تي رهندڙ حبشي شيدي قبيلن ۾ جڏهن ڪا خوشي جي تقريب ٿيندي هُئي، ته اهي شيدي وڻن جي وچ ۾ هڪ 3 يا 4 فوٽ جو دهل نما ڊرم جنهن جي مٿين حصي تي ڪنهن جانور جي سخت کل لڳل هوندي هُئي، کي وڄائي ان ساز جي آواز تي رقص ڪري ڳائيندا هُئا. سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت اچڻ کان پوءِ مير باگي پاران قائم ڪيل ٽنڊوباگو شهر ۾ پڻ وڏو گلاب، بلال عرف ننڍو گلاب ۽ شنگهالو شيدي پنهنجي ڪٽنب سان رهڻ لڳا. سنڌ جو مشهور اديب، شاعر ۽ استاد محمد صديق مسافر جيڪو ٽنڊوباگو ۾ غلام بنجي وڪرو ٿيل بلال شيدي جو پٽ هو. ان ٽنڊوباگو جي شيدين ۾ مگر مان ساز متعارف ڪرايو. محمد صديق مسافر جي ڪُليات مسافر موجب مگر مان دهل جهڙي هڪ پاسي واري ساز کي ٽنڊوباگو ۾ اڳي شيدي برادري شادين غمين ۽ برادري جي فيصلن جي اطلاع ڏيڻ لاءِ وڄايو ويندو هو. پر پوءِ هي مگر مان ساز شيدين جو ثقافتي ساز ۽ ان تي ٿيندڙ رقص شيدين جو ثقافتي رقص بنجي ويو. مگر مان نه رُڳو ٽنڊوباگو پر، سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي شهرن جتي شيدي رهن ٿا ۾ وڄايو وڃي ٿو. ٽنڊوباگو ۾ هاڻي مگر مان ۽ ڏاڏي راند هر سال خاص موقعن مثال 9 ۽ 11 ربيع الثاني تي بادشاهه پير جي يارهين تي مگر مان وڄائي ڏاڏي راند ڪئي وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي. هن راند ۾ هڪ وڏي پڙ يا ميدان جي وچ ۾ مگر مان کي رکي شيدي برادري جو جمعدار يا پٽيل پهرين وڃائڻ شروع ڪري ٿو ۽ ان ڌن جي لئي تي شيدي ذات جا نوجوان ۽ ٻار چئو ڦير رقص ڪري گهمن ٿا. هن رقص دوران هو الله پاڪ، نبي پاڪ ۽ پنجتن پاڪ جي ساراهہ ۾ شان وارا جملا وڏي آواز ۾ چون ٿا. مگر مان وڃائيندڙ شخص کي آهستي آهستي مگر مان وڃائڻ کان پوءِ جذهن جوش اچي ٿو تہ مگر مان کي هو جوش مان وڃائڻ شروع ڪري ٿو تہ رقص ڪندڙ شيدين کي بہ جوش چڙهي ويندو آهي، پوءِ هو وجد ۾ اچي ويندا آهن. ان دوران هڪ شيدي ٻرندڙ ٽانڊڻ جا پيلچا پري رقص ڪندڙن جي پيرن ۾ اڇليندو آهي، تہ رقص ڪندڙ انهن ٽانڊڻ جي اڱرن کي مٽي جي ڪڙهن جيان لتاڙيو ڇڏين، ۽ سندن پيرن تي ان باهہ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيندو آهي. ٽنڊوباگو ۾ زنجبار ملڪ مان هڪ مگر مان آندل آهي، جنهن کي هنن پرديسي مگر مان جو نالو ڏنو آهي، اڳي هتي محمد صديق مسافر، ميانجي ڦوٽو ۽ هوشو شيدي مگر مان وڃائيندڙ هُئا، انهن کان پوءِ هاڻي استو سومار، اسلم شيدي، عزيز ثناء الله، عباس علي ۽ پيير بخش وڃائين ٿا.

## ٽنڊوباگو ۾ ناٽڪ منڊليون:

1956ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ ناٽڪ منڊلي ياران سيد حيدر شاهہ جي ڊائريڪشن ۾ سهڻي ميهار جو مشهور ڊرامو ڏيکاريو ويو. هن ڊرامي ۾ ٽنڊوباگو جي مشهور تعليمي ماهر مرحوم الهڏنو عباسي ميهار جو ڪردار ادا ڪيو ۽ مختيار ڪار آفيس جي ڪلارڪ واشو مهاراج سهڻي جو ڪردار ادا ڪري عورت بڻيو هو. ان ڊرامي ۾ گل محمدي مڪراني، مولانا شوڪت شيدي، نورمحمد شيدي ۽ مقصود خاصخيلي مک ڪردار ادا ڪيا هئا. هن ڊرامي کي شهرين تمام گهڻو پسند ڪيو جنهن ڪري هي ڊرامون 3 چار ڏينهن تائين لاڳيتو هلندو رهيو. 1970ع ڌاري ٽنڊوباگو ۾ ٻاهران ٿيٽر سال بہ سال ايندا رهندا هئا. جن ۾ رويينہ ڪنار وارو مشهور ٿيٽر سيٺ محمود ميمڻ جي عيد گاهہ واري جڳهہ ۽ بس اسٽاپ تي ڪيترن ئي ڏينهن تائين پيو هلندو هو. رويينہ ڪنار جي سونهن تي ٽنڊوباگو جي هڪ وڏي هوٽل جو چانهہ وارو پيش گير عمر مڱريو اهڙو تہ عاشق ٿيو جو سڄي ڏينهن جي ڪمايل رقم رات جو رويينہ ڪنار موجوده رويينہ حيدري تي گهوري ڇڏيندو هو. ان کان سواءِ ٽنڊوباگو ۾ واڻيان ۽ لوهاڻہ ڪميونٽي ۾ اڄان بہ ناٽڪ منڊلي موجود آهي، جيڪا مذهبي ڏڻن تي گرناري مندر ۾ ناٽڪ پيش ڪندي آهي.

## ٽنڊوباگو جا مشهور پِڙ

ٽنڊوباگو شهر ۾ چار وڏا قديمي پِڙ آهن. جتي وڏا علم پاڪ لڳل آهن. جيترو هي شهر ٽنڊوباگو قديم آهي اوتروئي اهي پِڙ بہ قديم آهہ . هنن پِڙن تي هر سال 7 محرم کان 10



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محرم تائين گرزن ۾ ڇُرين سان ڌمالي نغارن تي ڌمال ڪري گرزن وارو ماتم ڪندا آهن. هنن قديم پڙن جي صحيح تاريخ تہ نٿي ملي تہ ڪڏهن قائم ٿيا پر ڪجھ جهونن کان روايتون ملن ٿيون. ان ڪانسواءِ ٽنڊوباگو شهر ۾ ٻيا بہ ڪيترائي پڙ ۽ علم آهن. جن ۾ ڪلهوڙن جو پِڙ، کهيرين جو پِڙ، بس اسٽاپ وارو پِڙ، انور پنجابي وارو پِڙ، ابو شيدي وارو پِڙ، مانگر ملاح وارو پِڙ، ڪلوئين وارو پِڙ، عمراڻين وارو پِڙ۽ ٻيا شامل آهن.

## ٺارو شاھ لڪياري

هي ٽنڊوباگو جو قديمي پِڙ آهي جيڪو سيد ٺارو شاھ لڪياري جي نالي سان مشهور آهي. هي ٽنڊوباگو شهر جو پهريون ۽ سڀ کان وڏو پڙ آهي، جنهن کي سيد ٺارو شاھ لڪياري قائم ڪيو هو. هن پڙ کي ٺارو شاھ جي لقب پويان لڪياري وارو پِڙ سڏيو وڃي ٿو. لڪياري واري پِڙ ۾ قديمي ڪربلا قائم ٿيل آهي. جتي تي سو سالا پُراڻو تامي جو نغارو بہ سئو سالا پُراڻو رسو ۽ بہ سئو سالا پُراڻو ۽ قديم طابوت (تعزيو) جيڪو ٽنڊو غلام علي جي ميرن ٺهرائي موڪليو هو اهو اڃان تائين موجود آهي. اڳي هن پڙ جو متولي محمد خاصخيلي هو ان جي وفات ڪانپوءِ سندس پُٽ استو نور محمد ۽ ان جي وفات ڪانپوءِ سندس پُٽ عامر خاصخيلي هن وقت پڙ جو متولي آهي. هن پِڙ تي 9 محرم جي رات وڏي سيج سينگاري ڪئي وڃي ٿي ۽ 10 محرم جي رات سيج سان گڏ قديمي طابوت وارو تعزيو ڪڍيو وڃي ٿو. 10 محرم جي ڏينهن تي ٽنڊوباگو جي سمورن پڙن تان نڪتل نهر وارو وڏو جلوس هن پڙ تي نهر ڪري پُڄاڻي ڪري ٿو.

## بُخاري جو پڙ

هي قديمي پڙ ٽنڊوباگو جي پُراڻي مڇي ۽ سبزي واري مارڪيٽ جي پر سان آهي. هن پِڙ جي متولي موسو خاصخيلي موجب تہ هن پِڙ کي سيد قائم علي شاھ قلندري بخاري قائم ڪيو هو. ڪجھ سال اڳ طوفاني برسات ۾ هن علم سڳوري جي ڪاٺي ٽٽي پئي، جنهن بعد ٽنڊو محمد خان جي سيدن جي هڪ بيبي کي سيد قائم علي شاھ بخاري خواب ۾ اشارو ڪيو تہ نئون علم لڳايو جنهن بعد ان بيبي پنهنجي پائرن کي موڪلي ان علم جي جاءِ تي نئون اسٽيل وارو خوبصورت علم پاڪ ٺهرائي لڳرايو. هن پڙ جي اڳي متولي مائي ڪريمہ خاصخيلي هُئي جنهن بعد خليفو دينو ان بعد خليفو ربُو ان کان پوءِ سندس گهر واري مائي خاتون ۽ هاڻي ان جو وڏو پُٽ موسو ملنگي متولي آهي. هن پڙ تان نائين ۽ ڏهين محرم جي رات سيج ڪڍي وڃي ٿي.

## بچل شاھ جو پڙ

هي پڙ بہ ٽنڊوباگو شهر جو پُراڻو ۽ قديمي پِڙ آهي. هي ٽنڊوباگو جي مير محلي ۾ خاصخيلي پاڙي ۾ سيد بچل شاھ جي درگاھ ۽ فقرا واري امام بارگاھ اڳيان آهي. هن پڙ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳي ڏاڏي سيا ڳي خاصخيلي متولي هوندي هُئي. سندس وفات کان پوءِ عرس متر خاصخيلي ان بعد مائي ست پيرائي ان کان پوءِ جمع خاصخيلي ۽ هاڻي محرم خاصخيلي پِڙ جو متولي آهي. هن پڙ تي پُڻ سيج ڪڍي ويجي ٿي.

## سمن شاهه جو پِڙ

هي پِڙ بہ قديم پڙ آهي. جيڪو ٽنڊوباگو جي ميمڻ محلي ۾ قائم آهي. هن پِڙ متعلق روايت آهي تہ جتي هن پِڙ ۾ علم پاڪ لڳل آهي. ان هنڌ تي مشهور اولياءِ ۽ درويش سيد سمن شاهه پهرين محرم کان ڏهين محرم تائين مَچ ٻاري اچي ويهندو هو ۽ ويڻ مهل ان مچ واري جاءِ تي ننڍو جهنڊو لڳائي ويندو هو. جنهن بعد سمن شاهه جي نالي سان اتي پِڙ قائم ڪري وڏو علم لڳايو ويو. اڳي هن پِڙ جو متولي عرس ميمڻ هوندو هو. ان بعد رحمت الله مغل ان بعد آمي شيخڻ ۽ هاڻي محمد شيخ پِڙ جو متولي آهي.هن پِڙ تان پُڻ نائين ۽ ڏهين محرم جي رات سيج ڪڍي ويجي ٿي.

## ٽنڊوباگو جون درگاهون

ٽنڊوباگو جي چئوطرف درويش جو درگاهون، آستانہ ۽ قبرستان آهن. جيڪي وقت جا پهتل بزرگ ۽ اولياء الله ٿي گُذريا آهن. جن جي صحيح تاريخ تہ نٿي ملي تہ ڪڏهن آيا ۽ ڪٿان آيا پر سندن مزارون ۽ مقبرا اڄ بہ ٽنڊوباگو ۾ موجود آهن.

## سيد مصري شاهه جي درگاهه

هن درويش جي درگاهه ٽنڊوباگو شهر ۾ باگي واهه جي اترين ڪپ تي آهي، جتي سندس نالي سان قبرستان بہ آهي. هن درويش لاءِ مشهور آهي تہ ٽنڊوباگو ۾ مڇر جام ٿيڻ سبب اڳي شهر جا ماڻهو هر سال ڪتو ۽ ڏانتو سندس مقبري ۾ چڙهي ايندا هُئا تہ شهر ۾ مڇر نہ ٿيندا هُئا. هاڻي اها رسم ختم ٿي ويئي آهي تہ ٽنڊوباگو شهر ۾ شام ٿيندي ئي مڇرن جو آزار ٿيو وڃي. هن درگاهه کي سنياليندڙ متولي خليفو بولو لاشاري هو سندس وفات بعد موجوده متولي غلام عباس لاشاري آهي. سندس 9 ذوالحج جي رات تي ڏهاڙو ملهايو ويجي ٿو.

## سيد بچل شاهه

هن درويش جي درگاهه ۽ قبرستان ٽنڊوباگو شهر جي اوپر طرف جهڏو روڊ پر ۾ آهي. اڳي هڪ چار هيٺ سندس قبر هوندي هُئي، پر ڪجهه سال اڳ ڏاڙهون لاهوتي خاصخيلي ڪوشش ڪري درويش جي چئوڪندي نهرائي آهي، هر سنڌي مهيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي 12 تاريخ سندس ڍهاڙو ملهايو ويجي ٿو. هي ٽنڊوباگو جو وڏو قبرستان پڻ آهي، جنهن جي هڪ حصي ۾ مسلمانن جون قبرون آهن ۽ ننڊي حصي ۾ هندن جون قبرون آهن. هندن جي قبرن ۾ سامين جي سردار ڪانپو فقير جي چوڪنڊي پڻ ٺهيل آهي. ڪجهه سال اڳ قبرستان ۾ ديوار ڏيئي مسلمانن ۽ هندن جي قبرن کي جدا ڪيو ويو.

## سيد معصوم شاهه

هن درويش جي مزار ٽنڊوباگو شهر جي اتر ۽ اوپر واري ڪنڊ تي گلڻ خاصخيلي ڳوٺ ۾ آهي.

## سيد بچل شاهه بادشاهه

هن درويش جي مزار ۽ مقبرو ٽنڊوباگو شهر ۾ وارڊ نمبر 2 جي خاصخيلي پاڙي ۾ آهي. تعلقه ڪائونسل ٽنڊوباگو پاران سندس نئون مقبرو ٺهرايو ويو آهي.

## نظر محمد شاهه

هن درويش جي مزار ۽ قبرستان ميرن جي پاڙي ۾ آهي. هن درويش بابت چون ٿا ته سن 1800ع کان پوءِ هي درويش پنهنجي خاندان سميت ڪڇ کان لڏي ٽنڊوباگو ۾ اچي ويٺو. سندس وفات بعد کيس ميرن جي پاڙي ۾ دفن ڪيو ويو. ٽنڊوباگو جي ننڍين وڏن ميرن کي نظر محمد شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويندو آهي. هن قبرستان ۾ مير غلام محمد ٽالپر، مير حاجي خدا بخش ٽالپر سميت وڏا مير دفن ٿيل آهن.

## بکردار خليفو

هن درويش جو قبرستان ٽنڊوباگو شهر جي اتر طرف آهي، هي درويش سيد برهان شاهه جو خاص خليفو هو. کيس هٿ ۾ لوهي قندري هوندي هُئي، هي درويش به وڏو ڪرامتن جو صاحب هوندو هو.

## سيد برهان شاهه

هن درويش جي مزار ٽنڊوباگو شهر جي اولهه طرف نيري درياءَ جي پرسان محمد صديق مسافر جي گهر پرسان آهي. هي درويش 1800ع ڌاري ٽنڊوباگو شهر ۾ اچي رهيو هو ۽ هتي ئي وفات ڪيائين، هي پڻ وڏو صاحب ڪرامت هوندو هو.

## سيد جمن شاهه

هن درويش جي مزار پڻ ٽنڊوباگو شهر جي اولهه طرف نيري درياءَ جي ڪپ تي اوچتو ظاهر ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نور علي بابا

هن درويش 1950ع ڌاري وفات ڪئي، سندس مزار باگي واهه جي ڏاکڻي پاسي وارڊ نمبر 8 ۾ آهي. هي درويش ذات جو ملاح هو پر وڏو پهتل بزرگ هو.

## سيد اسماعيل شاهه

هن درويش جي درگاهه ٽنڊوباگو جي ڏکڻ طرف پنگريو روڊ پر سان آهي، هي درويش اڪيلائي پسند درويش هو سندس وڏا پڻ سن 1800ع ڌاري ڪڇ مان لڏي اچي هتي آباد ٿيا هُئا.

## سيد ٺارو شاهه لڪياري

هن درويش جي مزار ٽنڊوباگو کان ٻه ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڏيئي ڪڏهرو روڊ تي آهي. چون ٿا ته پاڻ پهرين ٽنڊوباگو شهر ۾ قديمي ڪربلا واري لڪياري جي پڙ پر سان رهندا هُئا. سندس مقبرو زبون حال آهي. هر سنڌي مهيني جي چوڏهين جي رات سندس وڏو ڏهاڙو ملهايو ويجي ٿو.

# ٽنڊوباگو جون قديم مسجدون

## مير باگي واري مسجد

هي ٽنڊوباگو جي پهرين مسجد آهي، جنهن کي ٽنڊوباگو جي جامع مسجد. هي مسجد مير باگي خان سندس گهر پر سان موجوده اکين جي خيراتي اسپتال اڳيان ٺهرائي هُئي. تقريبن سٺ سترسال اڳ هي مسجد شهيد ٿي ويئي، جنهن کي ڪنهن ٻه ٻيهر تعمير نه ڪرايو مسجد واري دڙي جي چئوطرف ڇارين جو وڏو ويڙهو ٿي ويو هو. هاڻي ان جڳهه تي کٽي ذات جي ماڻهن جا گهر ۽ دُڪان آهن.

## ميرن واري مسجد

هي مسجد جڏهن مير باگي جي خاندان جا ٽالپر ٽنڊوباگو جي موجوده مير پاڙي ۾ اچي ديره ٺاهي رهيا ان وقت ٺهرائي ويئي. هي ٽنڊوباگو جي قديم ۽ وڏي مسجد ليکي وڃي ٿي. ٽنڊوباگو جي واحد مسجد آهي، جنهن ۾ سني شيعه نماز پڙهندا آهن. اڳي هن مسجد جو پيش امام بابا ميانجي شيدي هوندو هو. هاڻي هن مسجد جو پيش امام مولوي محمد حنيف سومرو آهي، جيڪو سٺو عالم دين آهي.

## کٽين واري مسجد

هي مسجد ٽنڊوباگو جي قديم مسجد آهي. ٽنڊوباگو شهر جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ جڏهن کٽي ذات جا ماڻهو جن کي اڳي رنگريز سڏيو ويندو هو. اهي جڏهن ٽنڊوباگو ۾ اچي وينا تڏهن قائم ٿي. 1800ع ڌاري جڏهن مخدوم حر علي کٽين جي پاڙي ۾ رهندو هو ته پاڻ هن مسجد ۾ نماز پڙهندو ۽ پڙهائيندو هو.

## هاءِ اسڪول واري مسجد

هي مسجد 1806ع ۾ مير باگي جي پُٽ مير وليو ٽالپر ٺهرائي. جڏهن 1921ع ۾ مير غلام محمد ٽالپر مير وليو ٽالپر جي گهر ۽ ڪوٽ واري هنڌ تي لارينس مدرسه جي بلڊنگ تعمير ڪرائي، ته ان مسجد جي جاءِ تي دوباره انهيءَ مسجد کي تعمير ڪرائي ان جي پر سان پيش امام جو حُجرو پڻ تعمير ڪرايو.

## مارڪيٽ واري مسجد

هن مسجد جو نالو ته مسجد صديق اڪبر آهي، پر ٽنڊوباگو جي پُراڻي مارڪيٽ جي پر سان هُجڻ ڪري هن مسجد کي مارڪيٽ واري مسجد سڏيو وڃي ٿو. هي مسجد 1947ع کان پوءِ حاجي ڏنو چانڊيو ٺهرائي. هن مسجد ۾ اڳي مولوي عبدالستار چاوڙو مولوي شير محمد ڪورائي بعد ۾ مولوي محمد ابراهيم مگريو بعد ۾ قاري عبدالواحد مگريو ۽ هن وقت حافظ عبدالعزيز مگريو هن مسجد ۾ پيش امام آهي.

## فاروقيه مسجد

هي مسجد ٽنڊوباگو جي پُراڻي مسجد آهي، هي مسجد ٽنڊوباگو ۾ ميمڻ ۽ واڻين جي محلي ۾ آهي. اڳي هن مسجد واري گهٽي ۾ ٽنڊوباگو شهر جي پهرين بازار جنهن کي شاهي بازار چوندا هُئا هُئي.

## محمدي مسجد

هي مسجد پڻ ٽنڊوباگو جي قديمي مسجدن مان هڪ آهي، 1956ع کان اڳ ٽنڊوباگو جي مشهور استاد قمرالدين پاتولي جي والد قاضي محمد هن مسجد جو بنياد رکيو. تقريبن چاليهه سال اڳ عراق جي شهر بغداد مان هڪ عرب اچي هن مسجد ۾ ڪيترن سالن تائين پيش امام ٿي نماز پڙهائيندو هو جيڪو هڪ ڪرامتي شخص پڻ هيو.

## حيدر ڪرار مسجد

ٽيهه چاليهه سال اڳ هن مسجد واري جڳهه تي پهرين محمد يوسف ميمڻ جي هڪ ننڍي هوٽل هوندي هُئي ۽ ان هوٽل پر سان هڪ ننڍڙي مسجد ٺاهي ان جو بنياد رکيو. جنهن بعد 1970ع ڌاري مسجد جي نئين بلڊنگ ٺهرائي ويئي پر وري هن مسجد کي شهيد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هڪ وڏي مسجد تعمير ڪرائي ويئي. هن وقت ٽنڊوباگو ۾ هي سڀ کان وڏي مسجد آهي، جتي جمع جي نماز ۾ سوين ماڻهو شرڪت ڪن ٿا.

## مسجد بلال

ٽنڊوباگو جي ميمڻ محلہ ۾ مسجد بلال نالي سان هڪ ننڍڙي ۽ خوبصورت مسجد 1997ع ۾ ٺهي راس ٿي، هن مسجد ۾ حافظ رفيق ميمڻ شروع کان وٺي پيش امام رهندو اچي.

## علي المرتضيٰ مسجد

هي مسجد ٽنڊوباگو ۾ باگي واهہ جي ڪپ تي مدرسہ اشرف العلوم فاروقيہ سان گڏ آهي. هي مسجد سال 2000ع ۾ قاري عبدالواحد فاروقي جي محنت سان تعمير جي آخري مرحلن ۾ آهي.

## نئون آباد واري مسجد

هي مسجد ٽنڊوباگو شهر جي نئون آباد محلي جي شاهہ طريل روڊ تي 1987ع محمد رمضان ملاح تعمير ڪرائي. هن مسجد جو پيش امام عثمان غني سمون آهي.

## معصوميہ مسجد

ٽنڊوباگو جي خواجہ محلي ۾ شيعہ مسلڪ سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي وڏي خوبصورت ۽ عاليشان مسجد آهي. 1965ع کان پوءِ امام ڏنو خواجہ جي ڪوشش سان هي مسجد قائم ٿي، مولوي سدّير حُسين لغاري هن مسجد جو پيش امام آهي.

## محسن مسجد

هي مسجد پڻ نئون آباد محلي جي بُليدي پاڙي ۾ جماعت اسلامي واري مدرسي پر سان آهي . هن مسجد کي قائم ڪرائڻ ۾ سائين محمد حسن ۽ سندس پُٽن عبدالڪريم ، عبدالعزيز ۽ حاجي خدا ڏنو جي وڏي ڪوشش شامل آهي.

انهن وڏين مسجدن کان سواءِ بچل شاهہ ڪالوني ۾ ڪڇين واري مسجد، محمد جت واري مسجد، ڪلوئين واري مسجد، خاصخيلين واري مسجد، ڪنڀارن واري مسجد، شهربانو مسجد، مير جي بنگلي واري مسجد، ڪولاچين واري مسجد، برهان شاهہ واري مسجد، ٿاٽي واري مسجد، ڪٽين واري مسجد، زئورن واري مسجد، رُستماڻين واري مسجد، سمن واري مسجد، نئون آباد واري مسجد، عمر فاروق مسجد ۽ نئون آباد رُستماڻين واري مسجد ۽ ٻيون مسجدون شامل آهن.

# ٽنڊوباگو جا ديني مدرسه
# مدرسه عربيه اشرف العلوم ٽنڊوباگو

1970ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ هن مدرسي کي ڪنڊياري تعلق جي حافظ مولوي ابراهيم مگريو قائم ڪيو هن مدرسي لاءِ پلاٽ خليفو بولو لاشاري عطيو ڪري ڏنو هن مدرسي جو مهتمم قاري عبدالعزيز آزاد مگريو آهي. هن مدرسي ۾ هن وقت 3 اُستاد، 72 شاگرد ديني تعليم حاصل ڪن پيا. قاري عبدالعزيز جي چوڻ موجب هن مدرسي مان 350 کان وڌيڪ حافظ قرآن ٿيا آهن ۽ هزارن جي تعداد ۾ طالب ناظره قرآن پڙهي چڪا آهن. هن مدرسي جون 19 شاخون ۽ ننڍا مڪتب ٻهراڙين ۾ قائم آهن.

## مدرسه باب دارُالفيوض الهاشميه ٽنڊوباگو

هي مدرسو 1987ع ۾ قائم ٿيو هي ٽنڊوباگو جو سڀ کان وڏو ديني مدرسو آهي. هن مدرسي جو مهتمم ۽ سنياليندڙ مولوي عبدالرزاق هالو آهي.هن مدرسه لاءِ ٽنڊوباگوجي شهري عبدالرحمان پنجابي پنج هزار فوٽ پلاٽ وقف ڪري ڏنو جتي اڄ هڪ وڏو مدرسو قائم آهي.هن مدرسي مان هن وقت تائين 500 حافظ قرآن ۽ اٺ کان ڏهه هزار جي لڳ ڀڳ شاگردن ناظره جي تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. ان کان سواءِ هن مدرسي مان 250 شاگرد عربي جو عالم وارو ڪورس پُڻ ڪري چڪا آهن. هن مدرسي ۾ هن وقت ٻاهر جا 100 شاگرد مدرسي ۾ رهن ٿا، جن جي رهائش، کاڌ خوراڪ، ڪتاب ۽ ڪپڙي لٽي جو خرچ مدرسو پوري ٿو ۽ ان کان سواءِ هن مدرسي ۾ 250 شهر جا شاگرد پُڻ ديني تعليم حاصل ڪن پيا. هن مدرسي ۾ استاد ۽ ملازمن جو تعداد 10 آهي. هن مدرسي کي ڪابه سرڪاري گرانٽ نه ٿي ملي.مدرسي جو 80 سيڪڙو خرچ مدرسو هلائيندڙ مهتمم مولوي عبدالرزاق هالو پوري ٿو. هن مدرسي ۾ ديني تعليم سان گڏ عربي ۽ سنڌي جي تعليم پُڻ ڏني وڃي ٿي.

## مدرسه اشرف العلوم فاروقيه ٽنڊوباگو

هي ٽنڊوباگو شهر جو ٻيو نمبر وڏو مدرسو باگي واه هجي ڪپ تي 1991ع ۾ قاري عبدالواحد فاروقي قائم ڪيو. هن مدرسي جو 1992ع ۾ مولانا فضل الرحمان افتتاح ڪيو هو. هن مدرسي ۾ ٻاهر شاگردن جو تعداد 70 ۽ شهري شاگردن جو تعداد 150 آهي. هتي 15 استاد شاگردن کي قرآن شريف، ناظره، حفظ عربي ۽ سنڌي جي تعليم ڏين ٿا. هن مدرسي جي نائب مهتمم قاري عبدالواحد ميمڻ موجب هيستائين هزارن جي تعداد ۾ شاگرد هن مدرسي مان حافظ ناظره ڪري چڪا آهن. هن مدرسي ۾ ٻاهر شاگردن کي رهائش سان گڏ کاڌو ڪپڙا، ڪتاب وغيره ڏنا وڃن ٿا.

## مدرسہ جامعيہ عربيہ تعليم القرآن نئون آباد ٽنڊوباگو

هن مدرسي جو سرپرست سائين محترم محمد حسن بليدي ۽ مهتمم سائين عبدالحڪيم بليدي آهي. هي مدرسو 2006ع ۾ ٽنڊوباگو شهر جي نئون آباد محلي ۾ سائين محمد حسن بُليدي جي ڪوشش سان قائم ٿيو هن مدرسي جو افتتاح جماعت اسلامي صوبي سنڌ جي نائب امير عبدالغفار عمر ڪيو هن مدرسي ۾ 10 استاد 150 شاگردن کي قرآن شريف جي تعليم، حفظ ناظره، عربي، سنڌي سان گڏ ديني ۽ دنوي تعليم ڏين ٿا.

## مدرسہ البنات

ٽنڊوباگو جي ميمڻ محلي ۾ مدرسہ البنات نالي سان نياڻين کي ديني تعليم ڏيڻ لاءِ ڪجهه سال اڳ نياڻين جو ديني مدرسو قائم ڪيو ويو آهي، جتي هن شهر جون عورت معلمہ عورتون شهر جي نياڻين کي ديني تعليم ڏيڻ ۽ قرآن شريف پڙهائڻ ٿيون.

## ٽنڊوباگو جون امام بارگاهون
## مرڪزي امام بارگاهہ خواجہ جماعت

1960ع ڌاري هي امام بارگاهہ پهاڙمري ڳوٺ مان لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ وڏيل حاجي ابراهيم خواجہ ۽ سندن پُٽن حاجي امامڏنو خواجہ ۽ حاجي قربان علي خواجہ ٽنڊوباگو شهر جي مشهور ۽ قديمي لڪياري جي پڙ ۾ قائم ڪئي. هن امام بارگاهہ ۾ پهرين محرم کان 12 محرم تائين عشره محرم جون وڏيون مجلسون ۽ ماتم داري ٿئي ٿي، بعد ۾ 21 صفر تي چهلم امام حُسين عليہ السلام، 19 کان 21 رمضان تي شهادت حضرت علي عليہ السلام جون وڏيون مجلسون منعقد ڪيون وڃن ٿيون. ٽنڊوباگو ۾ هن امام بارگاهہ جي قيام کان پوءِ پُراڻين ريتن رسمن کي ڇڏي نئين انداز سان عزاداري جو بنياد پيو هن وقت سڪندر علي خواجہ خادم حُسين خواجہ ۽ فدا حُسين خواجہ امام بارگاهہ جا سنڀاليندڙ آهن.

## الفقرا امام بارگاهہ بچل شاهہ

هن امام بارگاهہ جو ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ 2 مير محلہ ۾ 1975ع ۾ مرحوم محمد سومار خاصخيلي، مرحوم مولانا شوڪت علي خاصخيلي، خادم حُسين خاصخيلي ۽ قادر بخش شيدي، اسماعيل ۽ اُستي نور احمد خاصخيلي بنياد رکيو. امام بارگاهہ سان گڏ انجمن عزاداران حُسين جو بنياد پڻ رکيو ويو. هن جماعت ۾ اڪثريت شيدي ۽ خاصخيلي ذات جي

ماڻهن جي آهي. شروع ۾ ٻچل شاهه جي پڙ ۾ پن وارا پکا اڏي هي امام بارگاهه قائم ڪئي وئي، بعد ۾ جماعت ۽ انجمن جي ماڻهن پاران امام بارگاهه ٺهرايو ويو جنهن بعد ڪراچي جي شيعه خواجه جماعت پاران هن عمارت جي بهترين ٻه منزل عمارت 2013ع ۾ ٺهرائي وئي آهي. هن وقت هن امام بارگاهه جا سنپالينڊڙ دلدار علي، نزاڪت علي خاصخيلي، ماسٽر شفيع محمد شيدي ۽ نظير حُسين خاصخيلي آهن. جڏهن ته انجمن جو صدر نبي بخش خاصخيلي آهي.

## محفل زينبيه

عورتن واري هي محفل زينبيه امام بارگاهه مرحوم حبيب الله خواجه جي مرحومه گهر واري ۽ ارشاد علي ۽ مظفر حسين خواجه جي والده مرحومه سال 1998ع ۾ قائم ڪئي، هن امام بارگاهه ۾ شهداءِ ڪربلا ۽ شام جي قيدي بيبين جي ياد ۾ مجلسون ڪيون وڃن ٿيون. سال 2015ع ۾ ارشاد علي خواجه پاران محفل زينبيه جي نئين سري سان عاليشان بلڊنگ تعمير ڪرائي وئي آهي.

## ٽنڊوباگو جا جماعت خانه

ٽنڊوباگو شهر ۾ ٻين ذاتين سان گڏ اسماعيلي خواجه ذات جي ماڻهن جو پُڻ وڏو تعداد آباد آهي، هنن کي آغا خاني، اسماعيلي خواجه پُڻ چيو وڃي ٿو. هنن جو ٽنڊوباگو جي خواجه محلي ۾ عبادت ڪرڻ لاءِ وڏو جماعت خانو قائم ٿيل آهي، خواجه جماعت جو هي عبادت گاهه وارو جماعت خانو 1870ع ۾ قائم ڪيو ويو. خواجه جماعت جي سربراهه کي مُکي چيو وڃي ٿو. ٽنڊوباگو جي خواجن جو پهريون مُکي جمع خواجه هو ۽ هن وقت ٽنڊوباگو ۾ خواجه جماعت جو مُکي لياقت علي خواجه آهي. خواجه ذات جا ماڻهو جن ۾ مرد ۽ عورتون شامل آهن، اهي صبح ۽ شام جو جماعت خاني ۾ عبادت ڪن.

## نئون آباد محلي وارو جماعت خانو

ٽنڊوباگو جي وارڊ نئون آباد ۾ پُڻ اسماعيلي خواجن جو وڏو تعداد آباد آهي. هتي پُڻ اسماعيلي خواجن پاران سن 1900ع ۾ جماعت خانو قائم ڪيو، جتي صبح ۽ شام خواجه ذات جا مرد ۽ عورتون وڃي عبادت ڪندا آهن.

## ٽنڊوباگو جا قديم مندر

ٽنڊوباگو شهر ۾ سناتن ڌرم جي ماڻهن جو وڏو تعداد آباد آهي. جن ۾ واڻيان، لوهاڻا، ميگهواڙ، ڀيل، ڪولهي، ٻڙا، ڪوڪڙي، ٻنگي، سوٿهڙ ۽ ربباري شامل آهن. جن جا ڪيترائي مندر قائم ٿيل آهن. پر انهن سيني مان هيٺيان قديم مندر آهن.

## گرناري مندر

هي ٽنڊوباگو شهر ۾ سناتن ڌرم وارن ماڻهن جوقديم مندر آهي، هن مندر ۾ ٻاوَن جون سماڌيون (قبرون) هيون. گرناري واري مندر ۾ شِو جو مندر ٺهيل آهي ۽ اتي شولنگ ٺهيل آهي. جنهن تي سومر جي ڏينهن تي کير جي لوٽي هاري ويندي آهي. ان کانسواءِ هن مندر ۾ شو مهاراتري (شو جي شادي واري رات) لوٽي ڏارڻ واري پوڃا ڪئي ويجي ٿي. ڪيترائي سال اڳ هن مندر تي هڪ مهاجر رات جو قبضو ڪري ان ۾ ويهي رهيو. جنهن بعد ٽنڊوباگو جي مشهور وڪيل ۽ زميندار صوفي ڪلومل ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرائي ان مهاجر کان مندر جو قبضو خالي ڪرايو.

## جهولي لال مندر

هي ٽنڊوباگو شهر جو سڀ کان قديم مندر آهي،هتي هندو ڌرم جا ماڻهو گرونانڪ ۽ جهولي لال جي پوڄا ڪندا آهن ۽ هن مندر ۾ سک مذهب جو آخري گرو گرنٿ صاحب، گرو نانڪ ۽ مسلمان شاعر ڪبير ڀڳت جي شاعري پڙهي پوڄا پاٺ ڪئي ويجي ٿي. هن مندر جو رکوالو سُريش ڪمار وڪيل ۽ سندس پاڻ آهن.

## فقير پار برهم وارو مندر

هن مندر کي ڏاڏي جو مندر سڏيو ويجي ٿو. هن مندر ۾ ڏاڏي جي چُڙي رکيل آهي، شو جي پٿر واري مورتي ۽ شولنگ پڻ آهي. هن مندر ۾ درگاهه ديوي جو آستان پڻ آهي. هن مندر ۾ صبح جو سوير ۽ سج لٿي مهل پوڄا پاٺ ڪئي ويجي ٿي، هن مندر ۾ گيتا، رامائڻ ۽ مها ڀارت جو گيان ڪيو ويجي ٿو. هتي چڙيءَ وارا ٿهوار، گرو نانڪ جو جنم ڏينهن ۽ شو مها راتري پڻ ملهائين ٿا. هن مندر جو سنڀاليندڙ جيوت رام وڪيل آهي.

## ڪالي ماتا وارو مندر

ٽنڊوباگو جي فاروقيه مسجد ڀرسان ڪالي ماتا جو قديم مندر هوندو هو. جتي سناتن ڌرم جا ماڻهو ڪالي ماتا جي پوڄا ڪندا هُئا. هن مندر ۾ هڪ وڏي پٿر جي ڏيوري ٺهيل هوندي هُئي، 100 سال اڳ ان ڏيوري ۽ مندر تي ڪنوڻ ڪري هُئي، جنهن کان ڪجهه سال پوءِ اهو مندر ختم ٿي ويو.

## ڌرم شالا

ٽنڊوباگو شهر ۾ سن 1900ع کان اڳ رهندڙ لوهاڻن پاران ڌرم شالا نالي سان هڪ مسافر خانو ٺهرايو ويو. جتي پري پري کان آيل هندو توڙي مسلمان مسافرن کي ترسايو ويندو هو. ان مسافر خاني ۾ رهندڙ مسافرن کي هنڌ بسترو ۽ چانهه ماني مفت ۾ ڏني ويندي هُئي. 1947ع ۾ جڏهن هندن جي لڏپلاڻ ٿي ته ٽنڊوباگو جي روينيو جي ٽپيدارن ان ڌرم شالا تي

قبضو ڪري ان ۾ تپيدارن جو ديرو ۽ آفيس قائم ڪري ڇڏي جتي اٺ ڏهه تپيدار رهندا هُئا. 1990ع کان پوءِ ٽنڊوباگو جي موجوده هندو برادري جي ماڻهن وڏي جدوجهد کان پوءِ سنڌن هن ڌرم شالا تان تپيدارن جو قبضو ختم ڪرايو ۽ پراڻي بلڊنگ جي جڳهه تي هڪ سرڪاري طور ڪميونٽي سينٽر جي بلڊنگ منظور ڪرائي ٺهرائي، جيڪا هن وقت به موجود آهي. هاڻي ان ڪميونٽي سينٽر واري هال ۾ هندو ۽ مسلمانن جون شادين واريون تقريبون ٿين ٿيون.

## ڇُرِ ۽ ڪنبَ جا ڪارخانا

ٽنڊوباگو ۾ سن 1800ع کان اڳ ۽ پوءِ ڪيترن ئي سالن تائين ڪتري جن کي اڳي هتي رنگريز يا رنگ ساز سڏيو ويندو هو. حاجي پورو يوسف، عبدالله ۽ احمد اسماعيل ڪتري جا ڇُر ۽ ڪنبَ جا ڪارخانا هوندا هُئا. جن ۾ هٿ سان ڪپڙي تي ڪاٺ جا پور هڻي پڙا، ملير ۽ چادرون رنڱيون وينديون هيون. ٽنڊوباگو وارن ڪتين جي ننڍن ننڍن هٿ جي هنر وارن ڪارخانن مان رنڱيل ڪپڙو وڪري لاءِ سنڌ جي ٻين شهرن کان سواءِ ڏيساور جي ملڪن ڏانهن موڪلي وڏو ناڻو ڪمايو ويندو هو. ان کانسواءِ ٽنڊوباگو شهر جي ڪتري پاڙي ۾ محمد يوسف ڪتري جو ڪنبَ جو ننيو ڪارخانو هوندو هو. جنهن ۾ ڪوري ڪپڙي کي رنگ ۽ مثالو لڳائي وڏي چلهي اندر ڪنبَ تي چاڙهيو ويندو هو، ان ڪنبَ مان هيٺ ڏنل باهه تي پاڻي مان ٻاڦ نڪرندي هُئي، جيڪا ان ڪپڙي کي تيار ڪندي هُئي، ان ٻاڦ لڳڻ سان ڪپڙي جي رڱاوت پڪي ۽ مضبوط ٿيندي هُئي. ان کانسواءِ حاجي پورو جو نيرو ڪپڙو رنڱڻ وارو نير وارو ڪارخانو پُڻ مشهور هوندو هو. هاڻي ٽنڊوباگو ۾ اهي جهونا ڪتري نه رهيا آهن ته انهن جو ڇُر ۽ ڪنبَ وارو ڪم به انهن سان گڏ موڪلائي ويو آهي.

## ٽنڊوباگو جا کوهه

جڏهن مير باگي اچي ٽنڊوباگو شهر آباد ڪيو ته ان وقت هتي ڪوبه واهه نه وهندو هو، نيرو درياءَ به بند ٿي ويو هو. ميرباگي هن شهر کي آباد ڪرڻ وقت پهريون کوهه پنهنجي گهرجي ماڙي اڳيان ٺهرايو ۽ ٻيو کوهه پراڻي جامع مسجد پرسان ٺهرايو. جڏهن مير باگي راڄ چيڙ ذريعي باگو واهه کوٽرايو ته اهو پڻ ڇه مهينا وهندو هو ۽ ڇه مهينا بند رهندو هو. جڏهن شهر جي آبادي وڌي ۽ ٽنڊوباگو شهر ۾ لوهاڻا، سڪ، ميمڻ، ڪتي، کوکر ۽ ٻين ذاتين جا ماڻهو لڏي اچي ويٺا. ته ان وقت شهر ۾ پاڻي جي واٽر سپلائي جو ڪوبه نظام نه هو، جنهن ڪري سڀ کان پهرين هڪ هندو عورت مائي واڇاڻي باگي واهه جي ڪپ تي خيراتي پڪو کوهه ٺهرايو. جيڪو اڄ به موجود آهي، پر هاڻي ان جو پاڻي پيئڻ لائق ناهي. ان کان پوءِ شهر جي سرندي وارن لوهاڻن سيٺن به چار پنج پڪا کوهه پيئڻ جي پاڻي لاءِ ٺهرايا جتان پکالي ۽ شهري پيئڻ جو پاڻي ڀريندا هئا.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**مائي وارو کوھ** : ھي کوھ غلام علي خواجہ جي ڪارخاني پويان باگي واھ جي اتريئن ڪپ متي آھي، پڪي سرن سان ٻڌل ھن کوھ کي ٺنڊوباگو جي رھندڙ ھڪ ھندو عورت مائي پنھنجي ذاتي خرچ سان ٺھرايو ھو. اڳي باگي واھ ۾ ڇھ ماھو پاڻي وھندو ھو. جڏھن باگي واھ ۾ پاڻي وھڻ بند ٿي ويندو ھو تہ شھر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ ٿي ويندي ھئي. جنھن تي ھن واپاڻي عورت شھرين کي پيئڻ جي پاڻي جي سھولت لاءِ پنھنجي ذاتي خرچ سان باگي واھ جي ڪپ تي ھڪ وڏو ءِ پڪو کوھ کوٽرائي ڏنو. جنھن مان سڄي شھر جا ماڻھو پيئڻ جو صاف ءِ مٺو پاڻي ڀريندا ھئا. پاڪستان ٺھڻ وقت لڏ پلاڻ ۾ اھا واپاڻي عورت ٺنڊوباگو ڇڏي ھندستان ھلي ويئي پر سندس ٺھرايل کوھ اڄ بہ ڦٽل حالت ۾ موجود آھي. ٺنڊوباگو شھر جا ماڻھو اڄ بہ ڪيس ياد ڪن ٿا.

**پيار علي خواجہ جي ڪارخاني وارو کوھ** :ھي کوھ بہ پڪين سرن سان ٻڌل وڏو کوھ ھوندو ھو جتان شھر جا ماڻھو پاڻي ڀريندا ھئا. ان کوھ ڀرسان ڪجين جا وڏا وڻ بيٺل ھوندا ھئا، ھاڻي نہ اھي ڪجين جا وڻ رھيا نہ اھو کوھ رھيو آھي، چون ٿا تہ اھو کوھ بہ ڪنھن ھندو واڻيي ٺھرايو ھو.

**باگي واھ جي پُل جي پر وارو کوه**: ھي کوھ بہ شھر جي ڪنھن ھندو سيٺ ٺھرايو ھو. پڪي سرن مان ٺھيل تمام اونھو ھي کوھ ٺنڊوباگو جو مشھور کوھ ھوندو ھو. ھن کوھ تان شھر ۾ رھندڙ غريب گھرن جون عورتون مٽي تي دلا ءِ مٽ کڻي سجوڏينھن پيون ھن کوھ مان پاڻي ڀريندڀون ھيون.

**نور علي جي درگاھ وارو کوه**: ھن کوھ کي ڌوٻين وارو کوھ سڏيندا ھئا ڇوتہ ھن کوھ جي ڀرسان ڌوٻين جي ڪپڙن ڌوئڻ جو وڏو گھاٽ ھوندو ھو جتي صبح کان شام تائين پيا ڌوٻي ڪپڙا ڌوئندا ھئا. ھي کوھ بہ پڪين سرن مان ٺھيل وڏو کوھ ھوندو ھو. ھي کوھ صرف ڌوٻين جي استعمال لاءِ ھوندو ھو.

ميرن جو کوه :ھي پڪو کوھ مير غلام محمد خان ٽالپر جي بنگلي جي اوله پاسي لڳو لڳ ھوندو ھو. ھن کوھ تان ميرن جي (ديرن) گھرن ءِ پاڙي جا ماڻھو پيئڻ جو پاڻي ڀريندا ھئا. وقت گذرڻ سان گڏ ھي کوھ بہ لٽجي ويو آھي، ھاڻي رڳو نالي ماتر کوھ جا نشان رھيا آھن.

**تلوڪ واٽيئي جو کوھ**: ھي کوھ ٺنڊوباگو شھر جي اوله طرف تلوڪ واڻئي جي ٻني ۾ ھوندو ھو جتي تلوڪ واڻئي جو باغ پوکيل ھوندو ھو. تلوڪ واڻئي اھو پڪو کوھ ٻني ءِ باغ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ٺھرايو ھو جتان ماڻھو پيئڻ لاءِ پاڻي ڀريندا ھئا.

**نُل وارو پڪو کوه** : ٺنڊوباگو شھر جي خواجہ محلي جي اوله طرف ءِ ٺنڊوباگو جي پھرين جامع مسجد ڀرسان نيري درياءَ جي ڪپ تي مير باگي ياران ٺھرايل پڪو کوھ ھوندو ھو جتان ڪيترا ئي شھر جا ماڻھو پيئڻ جو پاڻي ڀريندا ھئا. ھاڻ ٻين کوھن سان گڏ اھو کوھ بہ لٽجي نشان ئي ختم ڪري ڇڪو آھي.

**ميرباگي وارو ڪوهه** : ٽنڊوباگو جي موجوده مختيارڪار آفيس پرسان لڳو لڳ اوپر طرف هڪ عمارت جا ڦٽل آثار اڃان تائين به موجود آهن. جنهن پرسان هڪ پڪو ڪوهه ٺهيل آهي. ميرباگي جي خاندان سان تعلق رکندڙ مرحوم مير محبوب ٽالپر موجب ته 1786ع ۾ جڏهن مير باگو خان سنڌ راڻي ڪي ونگي واري ڪيٽين مان وني ٽنڊوباگو اچي هن هنڌ تي ماڙي اڏائي ويٺو ته اتي هن پيئڻ جي پاڻي لاءِ پڪو ڪوهه (وائي) پڻ ٺهرايو جنهن جا آثار اڄ به موجود آهن.

## ٽنڊوباگو جون ڪاٽيون

ٽنڊوباگو شهر جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ هتي ٽالپر، خاصخيلي، شيدي، لوهاڻه، سڪ، کتي، ميمڻ، خواجه ۽ ٻين ذاتين جا ماڻهو لڏي اچي ويٺا ته انهن جي گهرن، ڪوٽن (ديوارن) ۽ دڪانن کي اڏڻ لاءِ سرن ۽ مٽي جي ضرورت سبب شهر جي ٻاهران وڏيون کڏون جن کي تمام ويڪرو ٿي وڃڻ کان پوءِ اهي ڪاٽيون ٺهي ويون. ٽنڊوباگو ۾ هن وقت به اهي ڪاٽيون موجود آهن. پر انهن ڪاٽين جي اڳوٽي سونهن ختم ٿي ويئي آهي. ڪڏهن انهن ڪاٽين ۾ ڪُمر، ڪوٽيون، به ۽ پابوڙا جام ٿيندا هئا، پر هن وقت انهن ڪاٽين ۾ گٽرن جو غلاظت وارو پاڻي پريل آهي، ٽنڊوباگو ۾ هيٺيون ڪاٽيون مشهور آهن.

**ٺل واري ڪاٽ** : هيءَ ڪاٽ شهر جي اولهه طرف ۽ نيري درياءَ ۾ هوندي هئي. جتان مٽي ڪيدي سرون ٺاهي مير باگي جو پهرين ماڙي وارو گهر تعمير ڪيو ويو هو. هي تمام وڏي ڪاٽ هوندي هئي پر هن وقت ان ڪاٽ جي پرائي ڪري پلاٽنگ ڪئي ويئي آهي، هاڻي هن جو صرف نالو رهيو آهي باقي ڪاٽ ختم ٿي ويئي آهي.

**نظر محمد شاهه واري ڪاٽ** : هي ٽنڊوباگو شهر جي انتهائي مشهور ۽ معجزاتي ڪاٽ نظر محمد شاهه جيلاني جي درگاهه پرسان شهر جي اتر طرف آهي. اڳي هن ڪاٽ جو پاڻي رڌ پچاءُ ۽ پيئڻ لاءِ استعمال ٿيندو هو. هن ڪاٽ جا به معجزا اهي آهن ته بنا ڪنهن ٻج ڇڏڻ جي هن ڪاٽ مان هر سال ماڻهو وڏي تعداد ۾ پلا ماريندا هئا. پيو ته ڪنهن ماڻهو کي خارش هوندي هئي ته هن ڪاٽ مان وهنجڻ سان اها ختم ٿي ويندي هئي. جڏهن ٽنڊوباگو ۾ گندي پاڻي جا گٽر ۽ نالا ٺاهيا ويا ته انهن جو ڇوڙهن ڪاٽ ۾ ڪرڻ سبب هي ڪاٽ خراب ٿي ويئي ۽ هاڻي هن ڪاٽ ۾ پلي جو نالو نشان به نه آهي.

ميرن واري ڪاٽ :هي ڪاٽ شهر جي اتر طرف مير غلام محمد جي بنگلي پرسان آهي، اڳي هن ڪاٽ ۾ صاف پاڻي هوندو هو هن ڪاٽ ۾ وڏي تعداد ۾ پابوڙا ۽ به ٿيندا هئا، هن ڪاٽ ۾ ڪوٽين وارن ڪنول گلن جي ڪري هي ڪاٽ خوبصورت نظارو ڏيندي هئي. باگي واهه ۾ ڇه ماهو پاڻي بند ٿي وڃڻ تي ڏوٻين جو هن ڪاٽ تي وڏو ڌوٻي گهاٽ هوندو هو.

**ڏني واري ڪاڻ**: هي ڪاڻ مير غلام محمد هاءِ اسڪول جي پوئين پاسي اتر طرف آهي، هي به تنڊوباگو جي وڏي ڪاڻ آهي، جيڪا ڏني خاصخيلي جي نالي سان ڏني واري ڪاڻ سڏبي آهي، هن ڪاڻ ۾ به هن وقت گٽر وارو ڪنوپاڻي بيٺل آهي.
مصري شاهه واري ڪاڻ : هي ڪاڻ تنڊوباگو شهر جي اوڀر طرف مصري شاهه جي قبرستان سان لڳ آهي، جنهن ڪري هن ڪاڻ تي مصري شاهه واري ڪاڻ جو نالو مشهور ٿي ويو. هن ڪاڻ ۾ پڻ هن وقت صاف پاڻي بجاءِ گٽر وارو ڪنو پاڻي بيٺل آهي، برسات دوران اڌ شهر جو پاڻي هن ڪاڻ ۾ گڏ ٿي اچي ٿيندو آهي، جتان پمپ مشين ذريعي واهه ۾ ڪڍيو ويندو آهي.
**باغ واري ڪاڻ**: هي ڪاڻ شهر ۾ موجوده بس اسٽاپ واري هنڌ تي واهه جي ڪپ سان هئي، جيڪا هاڻي ختم ٿي ويئي آهي.
**کوهه واري ڪاڻ** :هيءَ ڪاڻ موجود پبلڪ پارڪ واري هنڌ تي هوندي هئي، پر پوءِ ٽائون ڪميٽي تنڊوباگو جي چيئرمين مهدي محمد خواجه هن ڪاڻ ۾ پرائي ڪري اتي شهر جي مال پڙي قائم ڪئي، بعد ۾ ان ڪاڻ واري پلاٽ تي لائبريري، وڏو پبلڪ پارڪ ٺاهيو ويو آهي.

## تنڊوباگو جا گهاڻا

تنڊوباگو شهر ۾ ڪاري ءِ مٺي تيل ڪڍڻ جا ڪيترائي گهاڻا هوندا هُئا. جيڪي ڪاٺ جا ٺهيل هوندا هُئا. انهن گهاڻن ۾ اٺ ٻڌبا هئا جنهن ۾ سڄو ڏينهن اٺ پيو ڦرندو هو ءِ ڪاٺ جي گهاڻي ۾ سرنهه، توريو، تر ءِ ٻين تيلي ٻجن مان تيل ڪڍيو ويندو هو. ءِ ٻج جي ڦوڳ مان ڪڙ ٺاهي ويندي هُئي، جيڪا کير ڏيندڙ جانورن کي کارائي ويندي آهي. اڳاتي زماني ۾ تنڊوباگو ۾ حاجي بچو ميمڻ جو ميمڻن جي پاڙي ۾ تيل وارو گهاڻو هوندو هو سمن واري پڙ وٽ چاچي منو جو تيل وارو گهاڻو هوندو هو باگي واهه جي موري پر سان چاڪي جو تيل وارو گهاڻو هوندو هو. ان ڪانسواءِ تنڊوباگو جي بُخاري پڙ پر سان نور محمد ميمڻ جو گهاڻو هوندو هو جتي سڄو ڏينهن پيو هڪ وڏو اٺ گهاڻي ۾ ڦرندو هو. هاڻي اُهي اُٺ وارا گهاڻا ختم ٿي ويا آهن، هن وقت تنڊوباگو ۾ صرف نورو ميمڻ جو گهاڻو آهو به هاڻي بجلي واري مشين تي هلندڙ آهي، جنهن کي نورو ميمڻ جو پٽ ماسٽر جاويد ميمڻ هلائي ٿو.

## مشهور درويش ۽ ڪردار

### بابا مصري شيدي

بابا مصري شيدي تنڊوباگو جو مشهور درويش ٿي گُذريو آهي. هي درويش صرف اڳٺ واري ڪپڙي جي گوڏ جنهن کي پڙي به چئبو آهي پائيندو هو. هن درويش زندگي پر نه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙن جو وڳويا جتي نہ پاتي. ڪيس باگي واھ تي مائي واري کوھ وٽ پاٽي ۾ رھندڙ ڪُمين سان تمام گھڻو پيار ھوندو ھو. جنھن ڪري صبح جو سوير ڪاسائين جي گوشت جي پڙين تان ھڏا ۽ خاص ڪري وڏي مال جا ڪُر ڪٺي اچي بخاري جي پڙ ۾ ڏني خاصخيلي جي ھوٽل تي چانھہ ناھڻ واري چلھي تي اڌ پڪا ڪري مائي واري کوھ وٽ وڃي ويھندو ھو. اتي ان گوشت مان ننڍا ننڍا ٽُڪرا پٽي ڪناري تي بيٺل ڪُمين کي کارائيندو ھو. اھا سندس روز جي ڪيتي ھوندي ھُئي، ۽ ھن جي عادت ھوندي ھُئي تہ چار جون سنھيون تاريون پچي انھن تان سائي ڪل لاھي کائيندو ھو. ھي درويش روز صبح ۽ شام جو باگي واھ تي ڏوبي گھاٽ پر سان واھ تي وھنجڻ سندس معمول بنيل ھوندو ھو. ھُو جيڏي مھل واھ جي پاٽي ۾ گھڙندو ھو تہ واھ جي گھيڙ تي مٿس ڪُمين جا ميڙا لڳي ويندا ھُئا. جيڪي ساڻس پيون راند ڪنديون ھُيون. بابا مصري شيدي ڪنھن سان بہ ڳالھائيندو نہ ھو. جڏھن خوشي واري موڊ ۾ ھوندو ھو تہ ڪلندي وات مان صرف ھُو ھُو جا آواز ڪيندو ھو.ھي لاابالي درويش ھو. ڪيس کائڻ ۽ پائڻ جي ڪابہ تمنا نہ ھوندي ھُئي. چون ٿا تہ اپر سنڌ جو ڪو پيرسن جنھن جو پُٽ ڪوڙي يا سچي قتل ڪيس ۾ ڦاسي تي چڙھڻ وارو ھو تہ سندس پيءُ ھڪ ڏينھن بابا مصري وٽ ٽنڊوباگو اچي ھن جي پيرن ۾ ڪري پيو. جنھن تي ھن درويش ان جي پُٺي ٺپري ڪيس وڃڻ جو اشارو ڪيو. ڪجھہ ڏينھن کان پوءِ پيرسن شخص جو پُٽ آزاد ٿي جيل مان نڪري آيو. ڪيترن ماڻھن حج تي وڃڻ دوران ان درويش کي حج ڪندي يا اتي ڏٺو ھو. 1990ع کان پوءِ ھي درويش اوچتو گم ٿي ويو. جنھن بعد اڄ تائين سندس ڪو بہ پتو پئجي نہ سگھيو آھي.

## نانا پالا

ھن درويش جو اصل نالو تہ گُل محمد گلو ھو پر ٽنڊوباگو جا شھري ڪيس نانا پالا ڪري سڏيندا ھُئا. ھي درويش پُڻ بابا مصري وانگر اڳٺ واري ڳاڙھي پڙي گوڏ پائيندو ھو باقي جتي ۽ قميص بلڪل نہ پائيندو ھو ھي درويش جڏھن موج مستي ۾ ھوندو ھو تہ وات ۾ آڱري وجھي ان کي زور سان چڪ ھڻندو ۽ ھُر ھُر ڪري ڪلندو ۽ وڏي آواز سان نانا تاري نانا تاري چئي ڊوڙ پائيندو ھو. شھر جا شرارتي ٻار جڏھن ڪيس تنگ ڪندا ھُئا تہ ھي پنھنجي ھٿن جي آڱرين ۾ ٻانھن کي چڪ ھڻندو ھو پر ڪنھن بہ شرارتي ٻار کي ڏڪ نہ ھڻندو ھو. ٽرڪن جي ڊرائيورن سان ڪيس تمام گھڻو پيار ھوندو ھو. ڪڏھن ڪنھن ٽرڪ تي چڙھي ٻي شھر مان وڃي نڪرندو ھو پر ھڪ ٻن ڏينھن کان پوءِ اتان ٽرڪن تي چڙھي واپس اچي ويندو ھو. ٽرڪن جي ڊرائيورن ھن درويش کي نسوار جو موالي بڻائي ڇڏيو ھو جنھن ڪري سڄو ڏينھن شھر ۾ پيو نسوار جي دُڪانن وٽ ڦرندو ھو. ھي درويش بہ 1996ع ڌاري اوچتو گم ٿي ويو ۽ وري واپس نہ وريو.

## اُستاد علي محمد گَري

استاد علي محمد گري ٽنڊوباگو جو مشهور ڪردار ٿي گذريو آهي. 1965ع جي جنگ ۾ قومي رضاڪار طور پر ٽي ٽيڻ ڪان پوءِ هي پاڻ کي فوجي سڏائيندو ۽ سمجھندو هو. جنگ ختم ٿيڻ جي ڪيترن سالن ڪان پوءِ هي شهر جي ننڍن ٻارن کي هر موڪل واري ڏينهن تي فوجي پريڊ ۽ سلامي سيکاريندو هو. ٽنڊوباگو ۾ هفتي ۾ هڪ ڏينهن هي وات، زبان ۽ ڪنن ۾ وڏيون سُيون ٽنبي، بازار ۾ دڪاندارن کان ڪرتب بازي ڏيکارڻ جا پئسا وٺندو هو ۽ (لوهه ناهي ڏاڍو آهي) جي صدا هڻي سڄي شهر جو چڪر لڳائيندو هو. ڪيس باغ باني جو تمام وڏو شوق هوندو هو جنهن ڪري هن باگي واهه جي ڪپ تي ٻن ايڪڙن جو وڏو باغ پوکيو هو جنهن ۾ انب، ليمن، ڏاڙهون، زيتون سميت پيا ڪيترائي ميوي دار وڻ ۽ هر نموني جي گُلن جا ٻوٽا پوکيل هوندا هُئا. هن سندس باغ ۾ پيئل ٻير جي وڻ مٿي هڪ خوبصورت جھوپڙي ناهي هُئي، جنهن ۾ آرام ڪندو هو ۽ رات جو هن باغ ۾ هيٺ ڪاغذي گتن مان ناهيل جهوپڙي ۾ سمهندو هو. زندگي جي آخري ڏهاڙن ۾ هن اهو باغ ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ پڳڙن جي مُٺ تي شهر جي ماڻهن کي وڪرو ڪري ڏنو ۽ بچل شاهه قبرستان پرسان مير حاجن جي قتل ڪارخاني ۾ زندگي جا آخري سال اڪيلائي ۾ گُذاري وفات ڪيائين. ڪيس نہ ڀاءُ نہ ڪا ڀيڻ هُئي، ننڍپڻ ۾ سندس والدين وفات ڪري ويا هُئا، جنهن ڪري بنا شادي ڪرڻ جي هن سڄي زندگي اڪيلائي ۾ گُذاري

## گانگٽ مُڇو

هن شخص جو نالو لائق ڏنو ۽ ذات جو ملاح هو پر شهر جا شرارتي ڇوڪرا سندس وڏيون مُڇون هئڻ ڪري ڪيس گانگٽ مُڇو ڪري سڏيندا هُئا. هي شهر جي ريزڪي دُڪانن تي مزدوري ڪندو هو ۽ خاص ڪري سيٺ خالقڏنو ميمڻ جي دُڪان لاءِ لوهه جو ٽين مٿي تي کڻي بس اسٽاپ پر سان گاسليٽ وٺڻ ويندو هو هي جڏهن ٽين مٿي تي کڻي نڪرندو هو تہ شهر جا شرارتي ڇوڪرا ڪيس چيڙائڻ لاءِ ٽولو ناهي سندس پويان لڳندا هُئا، ۽ گانگٽ مُڇو گانگٽ مُڇو ڪري سڏ ڪندا هُئا تہ ڪاوڙ ۾ اچي، هي مٿي تان ٽين لاهي پٿر کڻي ڇوڪرن پويان لڳندو هو ۽ شرارتي ڇوڪرن کي سُر ۾ ڪچيون گاريون ڏيندو هو.

## حاجي ڪدو

هن جو نالو حاجي غلام علي هو پر هن کي شهر جا شرارتي ڇوڪرا حاجي ڪدو جي نالي سان سڏي چيڙائيندا هُئا، جنهن کي هي پُڻ موٽ ۾ ڪچيون گاريون ڏيندو هو. زندگي جو وڏو حصو ڪراچي ۾ مزدوري ڪندڙ هن شخص کي جڏهن عشق جي چوٽ لڳي، تہ هي عشق ۾ ذهني توازن وڃائي ويٺو ۽ واپس ٽنڊوباگو اچي رهڻ لڳو. جتي سڄو ڏينهن پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي منهن اردو گانا ڳائي پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو هو. هي پڙهيل هُئڻ سبب انگريزي ۾ پڻ ڳالهائيندو هو پر ذهني توازن ختم ٿي وڃڻ ڪري هن جو مشهور انگريزي جو جملو هوندو هو بسڪيٽ جي انگريزي معنيٰ بِس معنيٰ بَس ڪيٽ معنيٰ ٻلي. جنهن جي معنيٰ ٿي بس ڪر ٻلي.

## حاجي ڪٽلي

ٽنڊو باگو جي وارڊ غريب آباد ۾ رهندڙ استاد حاجي شيدي وقت جو پلو مستري هو پر پوءِ هن جو ذهني توازن ڦري ويو. شهر جا شرارتي نوجوان هن کي حاجي ڪٽلي ڪري سڏيندا هُئا. تہ هي چڙي پوندو هو. لڪياري جي پِڙ پر سان شبير ڀلاٽي جي شربت جي دُڪان تي هي روز شربت پيئڻ ويندو هو. شبير ڀلاٽي ٽيپ رڪارڊ ۾ حاجي ڪٽلي حاجي ڪٽلي وارن جملن جي ڪيسٽ ڀري رکي هُئي. جيڏي مهل حاجي شيدي شبير کان شربت پي واپس روانو ٿيندو هو تہ شبير ٽيپ رڪارڊ کي آن ڪري ڇڏيندو هو جنهن ۾ حاجي ڪٽلي حاجي ڪٽلي جا مزاحيہ سڏ هوندا هُئا پوءِ هونديون هُيون حاجي شيدي جون گاريون. جن کي ٻڌي ماڻهو گڏ ٿي ويندا هُئا ۽ بازار ۾ وڏو تماشو لڳي ويندو هو. حاجي ڪٽلي چوڻ واري کي اهڙيون تہ سُر ۾ ڪچيون گاريون ڏيندو هو جو ٻُڌڻ وارا کِل ۾ ڪيرا ٿي ويندا هُئا.

## ڏاڏي سياڳي شيدي

1948ع ڏاري بخاري جي پِڙ ۾ دڙي تي وينجهر فقير واري ٽنبيلي پر سان شيدي ذات جي ڏاڏي سياڳي جو گهر هوندو هو جتي هي اڪيلي رهندي هُئي. هن جون ڍڳيون هونديون هُيون. جيڪي رات ڏينهن پيون شهر ۾ هلنديون هيون. پر ڪنهن جو نقصان نہ ڪنديون هيون. شام جي وقت اهي سڀ ڍڳيون اچي بُخاري جي پِڙ ۾ گڏ ٿينديون هيون. ڏاڏي سياڳي انهن ڍڳين تي پيار وارا مختلف نالا رکيا هُئا. جن ۾ سُهٽي، مومل، راڻي، پوري وغيره ۽ ان سان گڏ هڪ سان ڍڳو بہ هوندو هو جنهن کي پورو نالي سان سڏيندي هُئي. ڏاڏي سياڳي جيترو ڍڳين سان پيار ڪندي هُئي ان کان وڌيڪ ڍڳين کي ساڻس قرب ۽ پيار هوندو هو. شام جو ڍڳين کي ڌهڻ جي وقت ڏاڏي سياڳي سڏ ڪري چوندي هُئي تہ مومل هلي آ تہ ڪير ڌهان تہ اها مومل ڍڳي وينل بہ اٿي اچي ڏاڏي سياڳي جي ڪٽ پر سان بيهندي هُئي ۽ پوءِ ان کي ڌهي وري ٻي ڍڳي کي ساڳي نموني سڏ ڪندي هُئي، ڏاڏي سياڳي هڪ وڏي سخي عورت هوندي هُئي، ڪيس جيڪو ملندو هو اهو پِڙ ۾ نياز ننگر ۽ خيرات ۾ هلائي ڇڏيندي هُئي. ڏاڏي سياڳي کي ڪوبہ اولاد نہ هوندو هو جنهن ڪري شهر جا ٻي سهارا ڇوڪرا وٽس اچي ماني کائيندا ۽ رهندا هُئا. جن کي هي ڪير ماني کارائيندي هُئي. ڏاڏي سياڳي جي وفات کان پوءِ ڪيترائي ڏينهن سندس ڍڳيون گهر ۾ پيون رنڀنديون هيون پوءِ اهي بہ دربدر ٿي ويون.

## ناٿو ملنگ

هن جو نالو ناٿو ذات جو خاصخيلي هو پر شهر جا ماڻهو هن جي درويش طبيعت جي ڪري ۽ مولائي هُئڻ سبب ڪيس ناٿو ملنگ ڪري سڏيندا هُئا, سنڌي پنج درجا پڙهيل ناٿو ملنگ شهر ۾ دهل وڄائي پڙهي ڏيڻ جو ماهر هوندو هو ۽ رُڪي لهجي ۾ مزاحيه ڳالهه ڪري منهن تي رُڪ ٻڌي ڇڏيندو هو.سندس مزاحيه انداز اهو هوندو هو ته ڪاوڙ واري انداز ۾ ڪنهن سان ڳالهائي پنهنجي هٿ جو پونڊو پاڻ کي گروڙي ڏيندو هو. ناٿو ملنگ شهر ۾ جست جي وڏي ٿال ۾ جهنور جون 999 نمبر واريون ٽڪيون وڪڻندو هو جنهن ڪري هن کي ناٿو ملنگ ٽڪين وارو به سڏيندا هُئا. ٽنڊو باگو شهر جي سمورين سرڪاري آفيسن, پوليس ٿاڻي ۽ سياسي پارٽين جا پڙها به ناٿو ملنگ دهل وڄائي اهڙي انداز سان ڏيندو هو جو ٻڌندڙ دنگ رهجي ويندا هُئا. ناٿي ملنگ جا مائٽ ته ٽنڊو غلام علي ۽ ماتلي روڊ تي ڳوٺ ماباڻ جا رهندڙ هُئا, پر هي نوجواني ۾ شادي ڪرڻ ڪان پوءِ ڳوٺ ڇڏي اچي پنهنجي پيڻ وٽ ٽنڊو باگو ۾ رهڻ لڳو ۽ هن شهر ۾ ئي وفات ڪيائين.

## ٽنڊو باگو جا حُر

حُر تحريڪ دوران سنجهوري واري لوڙهي جي قيد ۾ زندگي جون ڪيتريون ئي بهارون گُذاريندڙ فقير هادي بخش کوسو جو پڙ ڏاڏو مير باگي خان جون زمينون سنڀاليندڙ خاص ڪاردار هوندو هو. ميرن جي دور حڪومت ۾ کيس وڏي جاگير مليل هوندي هُئي. فقير هادي بخش اجان ڇئن پنجن سالن جو هو ته سندس والد دلاور خان کوسو کي انگريز فوج حُر تحريڪ جي اهم اڳواڻ هُئڻ سبب گرفتار ڪري سزا ڏيئي ڪاري پاڻي روانو ڪري ڇڏيو. جڏهن فقير هادي بخش اٺن ڏهن سالن جي عمر جو ٿيو ته انگريزن جي مليٽري فورس بيل گاڏين تي سوار ٿي سندس ڳوٺ کي گهيرو ڪري فقير هادي بخش کوسو جي سڄي خاندان کي گرفتار ڪري پنگريو ڪان جهڏو ۽ پوءِ مير پور خاص ڪٽي ويا, اُتان کين ڪٽي وڃي سنجهوري ۾ لوڙهن واري هڪ وڏي جيل ۾ واڙيو جتي ٽنڊو باگو پير سان درگاهه سارنگ فقير ڪلهوڙو جي گادي نشينن جو سڄو خاندان اڳ ۾ ئي لوڙهي واري جيل ۾ موجود هو جن ۾ ٽيهن سالن جو نوجوان حُر خليفو غلام رسول ڪلهوڙو خليفو غلام محمد ڪلهوڙو ۽ سندن خاندان مان اڳ ۾ گرفتار ٿيل وڏو خليفو غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو موجود هُئا. ٽنڊو باگو جي پير سان ٻنهي ڳوٺن مان گرفتار ٿيل خاندانن جي ماڻهن ۾ مردن سان گڏ عورتون ۽ معصوم ٻار به شامل هُئا. سنجهوري واري ان لوڙهي ۾ قيد ٿيل حُر گوريلن کي ڊيجارڻ لاءِ انگريز سرڪار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مختلف حربا استعمال ڪندي هُئي، ڪڏهن تي ڏينهن ڪاڌو بند، ته ڪڏهن اٽي بجاءِ چنون اٽو ڪري ڪين ڏنو ويندو هو. حُر فقيرن کي ڏيچارڻ ۽ ڪين سندن مقصد تان هٽائڻ لاءِ انگريزن جي مليٽري ۽ پوليس نازي فوج جيان هر حربو استعمال ڪندي هُئي، ڪين خوفزده ڪرڻ لاءِ شهيد حُرن جا لاش ڪٽي اچي ڪين ڏيکاريا ويندا هُئا، جيئن لوڙهن ۾ قيد حُر ٻڌجي حڪومت جي آڏ ميجي وڃن. جنهن تي لوڙهن ۾ قيد حُر ٻيبچ پاڳارا ۽ ”وطن يا ڪفن آزادي يا موت“ جا نعرا هڻندا هُئا. جڏهن اهڙا سڀ حربا ناڪام ٿيا ته انگريز سرڪار فيصلو ڪيو ته لوڙهن وارن جيلن ۾ قيد حُرن جي ٻارن کي تعليم ڏني وڃي، جيئن تعليم سان هنن جا ذهن تبديل ٿي وڃن. ان وقت سنجهوري جي لوڙها جيل م ڪُليل اسڪول ۾ فقير هادي بخش کوسو استادن عبدالجبار کوسو ۽ يار محمد خاصخيلي وٽ پنج درجا تعليم حاصل ڪئي. پاڪستان ۽ هندوستان جو ورهاڱو ٿيڻ بعد حُرن تي سختي ختم ٿي پر ڪين اوستائين آزاد نه ڪيو ويو جيستائين ڇٽ ڌڻي بادشاهه گادي تي وينو. گادي بحال ٿيڻ بعد 1952ع ۾ ڪين لوڙها جيل مان آزاد ڪيو ويو. فقير هادي بخش کوسو جي والد فقير دلاور خان کي ڪاري پاٽي مان آزاد ڪيو ويو ته هو به پٽڪندو پٽڪندو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اچي ڳوٺ پهتو. ٽنڊوباگو ۾ مير باگي جي خاندان جو مير حاجي خدا بخش ٽالپر پير سائين پاڳاري جو وڏو معتقد هوندو هو ۽ وٽس پير صاحب پاڻ ايندو ويندو هو. ان کان سواءِ هن شهر ۾ فقير ميرو نظاماڻي، الله بچايو خاصخيلي جنهن کي (پناڻ) چوندا هُئا، انهن جو به اچڻ ۽ رهڻ ٿيندو هو. هن وقت به درگاهه سارنگ فقير واري ڳوٺ سميت فقير هادي بخش کوسو سندس خاندان، پير سائين پاڳاري جا پڪا مُريد ۽ حُر آهن، جيڪي اڄ به پير سائين جي هر حُڪم تي سِر گهورڻ لاءِ تيار هوندا آهن. ان کان سواءِ ڳوٺ ابراهيم لغاري جو فقير الله بچايو لغاري به جوهي جي لوڙهي ۾ 1952ع تائين قيد رهيو. هن وقت حُرن ۽ پير سائين پاڳاري جي سياسي پارٽي فنڪشنل مسلم ليگ جي اهم عهدن تي خليفو غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو ڊويزنل نائب صدر ۽ فقير گل محمد کوسو تعلقي ٽنڊي باگي جو صدر آهي. ٽنڊوباگو سميت ٽنڊوباگو تعلقي ۾ پير پاڳاري جي مريدن جو وڏو تعداد آباد آهي.

# ٽنڊوباگو جون سرڪاري آفيسون

## ٽنڊوباگو جي مختيار ڪار آفيس

1855ع کان پوءِ انگريز سرڪار سنڌ کي ٽن انتظامي يونٽن ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور ڊويزن ۾ ورهائي ڪراچي کي هيڊ ڪواٽر بنائي ڪراچي ۾ چيف ڪمشنر مقرر ڪيو. حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا. جنهن بعد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد ڪي ضلع بنائي ٽنڊو محمد خان، ماتلي ڪان اڳ ديرو محبت، بدين، تلهار ۽ ٽنڊوباگو ڪي 1878ع ڌاري تعلقي جو درجو ڏنو ويو. ٽنڊوباگو جو پهريون مختيارڪار ۽ سٽي مئجسٽريٽ محبوب علي لالواڻي مقرر ٿيو. ٽنڊوباگو جي مختيار ڪار آفيس ۽ پوليس ٿاڻو موجوده C.B.S اسڪول ۽ پوليس ٿاڻي جي پويان هوندي هُئي، اهي آفيسون سال 1905ع ۾ ٺهيون. مختيارڪار آفيس جي پويان سب جيل هوندو هو جنهن ۾ ٿي باريڪون هُيون، جتي ڪچن بنا سزا وارن قيدين کي رکيو ويندو هو. هن وقت ٽنڊوباگو جي مختيار ڪار آفيس ۾ بابر خان نظاماڻي، مختيار ڪار، اختر حسين خواجه اسسٽنٽ مختيارڪار، 3 سپروائيزنگ ٽپيدار، 9 ٽپيدار، 6 ڪلارڪ، 26 ڪوٽار، 6 چوڪيدار ۽ پٽيوالا شامل آهن.

## اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس

سال 2002ع ۾ جنرل پرويز مشرف ضلع حڪومتون قائم ڪري هر تعلقي ۾ روينيو کاتي مٿان ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو مقرر ڪيا. ٽنڊوباگو ۾ 2002ع ۾ پهريون ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو صلاح الدين ميمڻ مقرر ٿيو. جنهن بعد خدا بخش راڄڙ ان بعد واري سان اعجاز بلوچ، اسلم ڪوسو، گلفام، مير محمد ميمڻ، غلام قادر جوڻيجو محمد خان سومرو، آصف جان صديقي، ان بعد محمد حسين بلوچ ۽ سهيل احمد سومرو کان پوءِ هن وقت نويدالرحمان لاڙڪ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو آهي. هن آفيس ۾ اسسٽنٽ چندي گل لوهاڻه، هڪ ريڊر محمد خان پرگڙي، ڪلارڪ ڪاشف بليدي ۽ 2 پٽيوالا آهن.

## پوليس ٿاڻو

انگريز سرڪار ملڪ ۾ ڌوهن جي روڪٿام لاءِ سال 1869ع ۾ سنڌ ۾ پوليس ٿاڻا قائم ڪري پوليس وارو سسٽم لاڳو ڪيو. ٽنڊوباگو ۾ پڻ مختيارڪار جي آفيس واري بلڊنگ جي پوئين حصي ۾ پوليس ٿاڻو قائم ڪيو ويو. اڳي پوليس جي سپاهي کي سوار ۽ هيڊ ڪانسٽيبل کي جمعدار چيو ويندو هو ۽ ٿاڻي جي انچارج جنهن کي ڪُلهي مٿان هڪ ڦل لڳل هوندو هو، کي صوبيدار چيو ويندو هو. پوليس جي سپاهي کي گهوڙو مليل هوندو هو جنهن تي چڙهي هو گشت ڪندا هُئا. ٽنڊوباگو پوليس ٿاڻي جي موجوده بلڊنگ 1992ع ۾ ٺهي راس ٿي. هن وقت ٽنڊوباگو پوليس ٿاڻي تي قربان علي ملاح S.H.O آهي ۽ ٿاڻي جو وڏو منشي علي محمد جوڻيجو آهي، هن ٿاڻي تي 4 سب انسپيڪٽر، 4 انسپيڪٽر، 4 اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر A.S.I، 4 هيڊ ڪانسٽيبل، 52 پوليس سپاهي، 3 ليڊيز پوليس سپاهي ۽ هڪ پاڻي پيارڻ وارو بهشتي آهي. هن ٿاڻي ۾ ٻه لاڪپ ۽ هڪ موبائيل گاڏي آهي.

## ايريگيشن آفيس

تنڊوباگو شهر جي تهڻ ڪان پوءِ سن 1790ع ۾ مير باگي خان باگو واهه کوٽرايو. انگريزن جي حڪومت اچڻ ڪان پوءِ سن 1998ع ۾ تنڊوباگو ۾ ايريگيشن آفيس قائم ڪئي ويئي، جنهن جو پهريون آفيسر انگريز هو. ايريگيشن واري اها آفيس پهرين تنڊوباگو جي ڊپٽي واري بنگلي ۾ قائم ڪئي ويئي، بعد ۾ 1929ع ۾ پرائمري اسڪول جي اولهه پاسي لڳ ايريگيشن آفيس ۽ بنگلو تعمير ٿي راس ٿيو. هن آفيس ۾ هن وقت سب ڊويزنل آفيسر اختر علي آرائين ۽ 50 کن سنڌس اسٽاف ڪم ڪري ٿو.

## تعلقه اسپتال تنڊوباگو

تنڊوباگو ۾ سڀ کان پهرين 1858ع ڌاري لوڪل بورڊ جي هڪ سرڪاري اسپتال قائم ٿي، جنهن ۾ هڪ سرڪاري ڊاڪٽر جيڪو حيدرآباد مان مهيني ۾ هڪ يا ٻه پيرا ايندو هو. باقي اسپتال کي سرڪاري ڪمپائونڊر خالقڏنو خواجه هلائيندو هو. ان وقت اسپتال ۾ وڏين شيشي جي گهگهي جهڙين برنين ۾ مڪسچر واري ڳاڙهي، سائي ۽ اڇي دوا هوندي هُئي، جيڪا خالقڏنو مريضن کي ڏيندو هو. انوقت سُيون ۽ گوريون نه هونديون هُيون. 1979ع ۾ هن اسپتال کي (R.H.C) ڳوٺاڻي صحت مرڪز جو درجو مليو. 1984ع ۾ هن کي اپ گريڊ ڪري تعلقه اسپتال تنڊوباگو جو درجو ڏنو ويو. هن وقت تعلقه اسپتال تنڊوباگو ۾ ميڊيڪل سپريڊنٽ ڊاڪٽر ذاڪر حُسين خواجه سميت 9 ڊاڪٽرن جن ۾ 1 ليڊي ڊاڪٽر آهي، لوئر اسٽاف جي ملازمن جو تعداد 61 آهي، جن ۾ هيڊ ڪلارڪ فتح الله جوڻيجو ڪلارڪ رامجي مل، کان سواءِ وڌو تعداد ڊسپينسرز، ٽيڪنيشن، چوڪيدار، پٽيوالا ۽ سُئپرن جو آهي. هن اسپتال ۾ مردن ۽ عورتن لاءِ 6 ڇهن بسترن وارا ٻه وارڊ آهن. ان ڪانسواءِ اسپتال ۾ ايڪسري يونٽ، ڊينٽل يونٽ، TB ڪلينڪ، ٽيسٽن جي ليبارٽري، آپريشن ٿيٽر ۽ اسپتال جون ٻه ايمبولينس گاڏيون پڻ آهن. ان کان سواءِ هن اسپتال ۾ ڪاري سائي کان بچاءَ جو سينٽر، عورتن جو ويم گهر، فيملي پلاننگ سينٽر، E.P.I سينٽر ۽ برانچ جنهن ۾ 6 سپروائيزر، 2 مليريا سپروائيزر ۽ 45 ليڊي هيلٿ ورڪرن مٿان ٻه عورت سپروائيز آهن. هن اسپتال ۾ لوئر اسٽاف ملازمن جي پاڪستان پيرا ميڊيڪل ايسوسيئشن آهي، جنهن جو صدر مشتاق علي ميمڻ ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالمجيد ميمڻ آهي.

## D.S.P آفيس

تنڊوباگو ۾ ڊي ايس پي آفيس 2006ع ۾ قائم ٿي هتي پهريون D.S.P محمد اشرف نوناري مقرر ٿي آيو. هن وقت غلام فريد جٽ D.S.P تنڊوباگو آهي، هن آفيس ۾ D.S.P جي ريڊر سيد خير محمد شاهه، W.P.C 2 رائٽر هڪ آپريٽر ۽ 4 گن مين ۽ هڪ اردلي آهن، ۽ ٻه ڊرائيور ۽ هڪ موبائيل آهي.

## پوسٽ آفيس

ٽنڊو باگو ۾ 1920ع ڌاري پهرين پوسٽ آفيس مين پرائمري اسڪول جي بلڊنگ ۾ سان هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ قائم ٿي. اڳ ۾ پوسٽ آفيس ۾ پيپل هڪ مشين تي ننڍو پيغام تار وارو سسٽم هوندو هو پر ان کان اڳ جڏهن ٽنڊو باگو ۾ پوسٽ آفيس قائم ٿي ته هتان جي ماڻهن جو ٻين شهرن جي ماڻهن سان خطو ڪتابت جو سلسلو شروع ٿيو. ان زماني ۾ گاڏيون نه هيون، جنهن ڪري ٽپالي اٺن، گهوڙن جن ڪي هڪ خاص قسم جا گهنگهرو ٻڌل هوندا هُئا، انهن تي ٽپال وارا خط کڻي ٻين شهرن ڏانهن ويندا هُئا. ننڍن شهرن توڙي ڳوٺن جتي وڏا جاگيردار ۽ خان صاحب رهندا هُئا، انهن جي آيل ٽپال واري مقرر ٽيل ٽپالي، جنهن جي هٿ ۾ هڪ وڏي لٺ جنهن تي پُڙ گهنگهرو ٻڌل هوندا هُئا، اهو ٽپالي لٺ ۾ ٻڌل گهنگهرو جي موسيقي واري آواز تي ٽپال ۾ ڊوڙندو ويندو هو. ٽنڊو باگو پوسٽ آفيس ۾ هن وقت پوسٽ ماسٽر عبدالعزيز ترڪ ۽ ٽپالي بابو سومرو آهي.

## ٽيليفون ايڪسچينج

ٽنڊو باگو ۾ ٽيليفون وارو پُراڻو نظام 1970ع ڌاري شروع ٿيو سڀ کان پهريون ٽيليفون جو ايڪسچينج اڳوٽي ٽائون ڪميٽي واري آفيس جي هال ۾ قائم ڪيو ويو، ان بعد موجوده پريس ڪلب جي بلڊنگ پويان ايڪسچينج بنايو ويو جتي پهرين 100 لائينن جو بورڊ ۽ پوءِ 200 لائينن وارو ٻيو بورڊ لڳايو ويو. ان وقت ٽنڊو باگو ۾ ڊجيٽل سسٽم نه هوندو هو. سال 1995ع ۾ پ پ ۽ ايم اين اي عبدالستار (سريوال) ٽنڊو باگو ۾ 300 لائينن واري ڊجيٽل ٽيليفون ايڪسچينج جي آفيس جو افتتاح ڪيو. ان وقت هيڊ يا انچارج آپريٽر ڪاڪا ڪريم بخش هوندو هو.

## جانورن واري اسپتال

ٽنڊو باگو ۾ (وٽنري) جانورن جي اسپتال 1958ع ۾ قائم ٿي، هن اسپتال جو پهريون ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ روهيلا پٺاڻ هو. جانورن جي هن اسپتال ۾ ننڍن وڏن هر قسم جي پالتو جانورن جو علاج ڪيو ويندو آهي. هن اسپتال ۾ هن وقت ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ۽ اسسٽنٽ وٽنري آفيسر عطا محمد زئور سميت هڪ ڊريسر، هڪ نائب قاصد ۽ هڪ سئيپر ملازم آهن.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سينٽري ڪميٽي

1935ع کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ سينٽري ڪميٽي ٺهي، هي سنيٽري ڪميٽي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي ماتحت هوندي هُئي. ٽنڊوباگو جي سينٽري ڪميٽي جو پهريون چيئرمين محمد ابراهيم ميمڻ چونڊيو ويو ۽ ان کان پوءِ عبدالرزاق ڀلاڻي عرف ڪارو ڊاڪٽر کي مير خدا بخش ٽالپر چيئرمين چونڊايو جنهن بعد سيٺ عزيز خواجه به ٽنڊوباگو جي سينٽري ڪميٽي جو چيئرمين چونڊيو ويو. ان کان سواءِ مير باگي خان جي خاندان جو هڪ نيڪ انسان حاجي نور حسين ٽالپر پڻ ڪيترو وقت سينٽري ڪميٽي جو چيئر مين رهيو. ان سان گڏ مير حاجي محمد خان ٽالپر به چئرمين رهيو آهي. سينٽري ڪميٽي جي حوالي شهر جي صفائي ۽ سترائي جو ڪم هوندو هو. هن ڪميٽي ۾ چيئرمين جي چونڊ ميمبر ڪندا هُئا. ميمبرن ۾ سيٺ محمود ميمڻ، عزيز خواجه، ڪارو ڊاڪٽر ۽ محمد ابراهيم ميمڻ هوندا هُئا.

## يونين ڪائونسل ٽنڊوباگو

پاڪستان جي صدر جنرل ايوب خان 1959ع تي لوڪل گورنمينٽ ۾ بي ڊي B.D سسٽم لاڳو ڪيو ته سينٽري ڪميٽي يونين ڪائونسل ۾ تبديل ٿي ويئي، 1960ع ۾ مير نور حسين ٽالپر يونين ڪائونسل ٽنڊوباگو جو چيئرمين ۽ مشهور وڪيل ڊالومل موتي يونين ڪائونسل جو سيڪريٽري بڻيو.

## پيپلز ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو

سن 1972ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پيپلز پارٽي جي حڪومت مقامي حڪومت ائڪٽ 1972ع جاري ڪري پيپلز ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو ٺاهي . جنهن جو پهريون چيئرمين مير حاجي نور حسين ٽالپر ٿيو. ٽائون ڪميٽي جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ مير حاجي نور حسين ٽالپر ٽنڊوباگو شهر ۾ روڊ رستا گهٽيون پڪين سرن جون ٺهرايون، شهر جي گهرن جو گندو پاڻي ڪڍڻ لاءِ گڏهه گاڏين تي ڊرم رکي ڪني پاڻي جي نيڪال جو سسٽم شروع ڪرايو ۽ شهر جي روڊن رستن پاڙن جي چوڪن تي (فانوس) شمع دان روشني لاءِ لڳرايا، جن کي ٻارڻ لاءِ سعيدو دين مهاجر ۽ جاڙو خاصخيلي روز شام جو فانوس جي شيشي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي صاف ڪري ان ۾ گاسليٽ لڳائي ٻاريندا هُئا ۽ صبح جو سوير انهن کي وسائي ڇڏيندا هُئا.

## ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو

1979ع ۾ مارشل ايڊمنسٽريٽر جنرل ضياء الحق ملڪ ۾ بلدياتي ادران جي غير جماعتي بنياد تي چونڊون ڪرايون. جنهن ۾ ٽنڊوباگو شهر جي ناهيل ستن وارڊن مان اميدوار طور چونڊجي آيا. جن مان ٽنڊوباگو جو مشهور ڪپڙي جو واپاري حاجي احمد عرف حاجي آمون ميمڻ چيئرمين چونڊجي ويو. مير حاجن وائيس چيئرمين بنيو. پنجن سالن جو مدو پورو ٿيڻ کان پوءِ 1983ع ۾ ٻيهر حاجي احمد ميمڻ چيئرمين، خان محمد شاهه وائيس چيئرمين ۽ ميمبرن ۾ جمع خاصخيلي، اسماعيل ميمڻ، شوڪت شيدي، آچار ڪاتيار، انور خواجه، ناڪومل، محمد رحيم زئور بنيا. ان بعد ٽيل چونڊن ۾ مهدي محمد خواجه چيئرمين ۽ نانا جهامن وائيس چيئرمين جيڪو ڪجهه عرصو عارضي چيئرمين پڻ رهيو. جنهن بعد مهدي خواجه کي عدم اعتماد رٺ ذريعي هٽائي يار محمد خاصخيلي ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين ٿي ويو. ان وقت وارڊ ميمبرن ۾ محمد رحيم زئور، محمد اسماعيل، حاجي احمد ميمڻ، مهدي خواجه، قاسم خواجه جي گهر واري، احمد ڪلهوڙو، مولوي سيف الدين شيدي، آچار ڪاتيار ۽ ناڪومل شامل هُئا.

## تعلقه ميونسپل ايڊمنسٽريشن

23 مارچ 2001ع تي جنرل پرويز مشرف لوڪل گورنمينٽ سسٽم تحت ناظمن وارو نظام لاڳو ڪيو ۽ ان نئين نظام تحت چونڊون ڪرايون. تعلقه ميونسپل ٽنڊوباگو جي پهرين چونڊ ۾ پير حامد علي شاهه راشدي تعلقه ناظم ۽ سردار غلام رسول جمالي تعلقه نائب ناظم چونڊجي ويا. تعلقه ڪائونسل جي ميمبرن ۾ خليفو غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو، رستم علي ملڪاڻي، محمد منن لغاري، سيد علي حيدر شاهه، جان محمد کوسو، ڊر محمد جت، سرافراز آرائين، مير محمد رند، غلام محمد هاليپوٽو ۽ امينا سمون ميمبر هُئا. تعلقه ميونسپل يا ڪائونسل جو پهريون T.M.O ذوالفقار علي کٽي هو.

سال 2005ع ۾ تعلقي ڪائونسل جي ٻيهر ٽيل چونڊن ۾ پير حامد علي شاهه راشدي ٻيهر تعلقه ناظم چونڊجي ويو ۽ هن سان گڏ احسان علي پرڳڙي نائب ناظم چونڊيو ويو. ميمبرن ۾ خليفو غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو، سڪندر علي ميمڻ، غلام محمد هاليپوٽو، رستم علي ملڪاڻي، مير محمد رند، سرفراز آرائين. ڊُر محمد جت، فاطمه زرينه بلوچ عورت ميمبر شامل هُئا.

2013ع ڪانپوءِ سنڌ حڪومت ٽي ايم ايز کي ختم ڪري پيهر ٽائون ڪميٽيون بحال ڪيون، جنهن بعد ٽنڊوباگو ۾ هن وقت ٽائون ڪميٽي جي آفيس واٽر سپلاءِ جي ٽانڪي هيٺ قائم آهي. هن وقت ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو ٽائون آفيسر نورالله ابڙو ۽ اڪائونٽنٽ نويد احمد ڪولاچي آهي. هن ٽائون ڪميٽي ۾ ملازمن جو تعداد 200 آهي، جن ۾ آفيس سپريڊنٽ سميت 13 ڪلارڪ، 9 پٽيوالا، 3 چوڪيدار، 6 ڊرائيور، 85 ماڻهن تي صفائي وارو عملو ۽ سينٽري انسپيڪٽر، 5 جمعدار، 3 ٽريڪٽر ۽ ٽالين ۽ هڪ فائر برگيڊ جي گاڏي آهي، هن ٽائون ڪميٽي کي هڪ ڪروڙ کان مٿي مهيني جي قسط ملي ٿي، جيڪا رقم ملازمن جي پگهارن ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ هوندي آهي. بلدياتي چونڊون 2015ع ۾ ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي 9 وارڊن مان مرزا گروپ جو غلام محمد خواجه وارڊ 2 ۽ 8 مان ٻن وارڊن تان، وارڊ 1 مان مرزا گروپ جو لقمان شيدي وارڊ، 3 مان پ پ جو خان صاحب جمالي، وارڊ 4 مان فنڪشنل ليگ جو راجه صوفي، وارڊ 5 مان مرزا گروپ جو سڪندر ميمڻ، وارڊ 6 مان پ پ جو حاجي شاهد خواجه، وارڊ 7 ۾ پ پ جو نور محمد ڪاتيار ۽ وارڊ 9 مان مرزا گروپ جو زوهيب خواجه چونڊ ڪتي آهي.

## يونين ڪائونسل ٽنڊوباگو

جنرل مشرف جي ٺاهيل ناظمي نظام ۾ سال 2001ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ تعلقه ميونسپل ۽ ٽنڊوباگو جي يونين ڪائونسل وجود ۾ آيون، اڳوڻي ٽائون ڪميٽي جي آفيس واري بلڊنگ ۾ يونين ڪائونسل ٽنڊوباگو جي آفيس قائم ٿي. 2001ع جي ناظمن وارين ٽيل چونڊن ۾ ٽنڊوباگو شهر جي مشهور شخصيت سيٺ محمود علي ميمڻ جو وڏو فرزند قادر نواز ميمڻ يو سي ناظم ۽ سيد علي حيدر شاهه چونڊون ڪتي نائب ناظم ٿي ويا. هنن سان گڏ ميمبرن ۾ محمد صالح ڪڇي، سليم ڪڇي، محمد اسماعيل ميمڻ، اسماعيل مگريو اسماعيل ملاح، الهبچايو ملاح، چين راءِ لوهاڻا، عورتن ۾ خديجه، مهرالنساءِ، بيلا، زرينه خاصخيلي شامل هُئا. آگسٽ 2005ع ۾ ناظمن جي ٻي پيري واري اليڪشن ٿي، جنهن ۾ عوام دوست پينل تان غلام محمد خواجه (دلبر سنڌي) ناظم ۽ سڪندر علي ميمڻ نائب ناظم چونڊجي ويا. ميمبرن ۾ انور خواجه، امير بخش زنگيجو اسماعيل ميمڻ، جمن خاصخيلي، آچار ڪاتيار، جئه پرڪاش، چندي گل، مهرالنساءِ صاحبي، زرينه گجر ۽ رخسانه بلوچ ميمبر هُئا. غلام محمد خواجه جي ناظمي واري دور ۾ 2007ع تي يو سي آفيس ٽنڊوباگو جي ٻن ڪمرن واري نئين آفيس تعمير ٿي. يونين ڪائونسل ٽنڊوباگو جو پهريون سيڪريٽري مير غازي خان هو جنهن بعد محمد علي جروار وڏو عرصو سيڪريٽري رهيو ۽ هن وقت بابو ابراهيم ميمڻ سيڪريٽري، بابو غلام مصطفيٰ ميمڻ ۽ محمد يوسف منگواڻو ڪلارڪ ان کان سواءِ 4 پٽيوالا چوڪيدار ۽ مالهي آهن.

## نادرا آفيس

تنڊوباگو ۾ سال 2005ع ۾ نيشنل ڊيٽا رجسٽريشن آفيس نادار موجوده زرعي بئنڪ واري آفيس ۾ قائم ٿي. 27 ڊسمبر 2007ع تي بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ ٿيل عوامي احتجاج ۾ هن آفيس جو سمورو فرنيچر ۽ ڪمپيوٽر ساڙيا ويا. جنهن بعد هي آفيس 2007ع کان 2010ع تائين تلهار شفٽ ٿي ويئي. 2010ع ۾ پيهر مختيار ڪار آفيس تنڊوباگو ۾ نادرا آفيس قائم ڪئي ويئي. نادرا آفيس تنڊوباگو جي آفيسر شعبان سومرو موجب ته 2005ع کان 2015ع تائين نادرا آفيس تنڊوباگو مان ٻه لک ڪمپيوٽرائزڊ شناختي ڪارڊ جاري ٿي چُڪا آهن.

## مارڪيٽ ڪاميٽي

مارڪيٽ ڪميٽي تنڊوباگو ۾ سال 1967ع کان شروع ٿي. اڳي هن جي آفيس جانورن جي اسپتال ۾ هوندي هُئي، پر هاڻي مارڪيٽ ڪميٽي جي آفيس بدين روڊ تي مڇي منڊِي ۾ قائم ڪيل آهي. مارڪيٽ ڪميٽي جي پراڻن چيئرمينن ۾ سيٺ محمود ميمڻ ڪيترائي سال چيئرمين رهيو ان کانسواءِ حاجي احمد ميمڻ، انور علي خواجه احمد ڀان هن ڪميٽي جا چيئرمين رهيا آهن. نور حسن ميمڻ مارڪيٽ ڪميٽي جو رٽائر ٿيڻ تائين سيڪريٽري رهيو هن بدين روڊ تي مارڪيٽ ڪميٽي لاءِ پلاٽ خريد ڪري اُتي مارڪيٽ لاءِ بلڊنگ ٺهرائي. هن وقت تنڊوباگو جي مارڪيٽ ڪميٽي ۾ سياسي ايڊمنسٽريٽر پ پ تعلقه صدر علي مراد زئور آهي ۽ سيڪريٽري رفيق احمد قريشي آهي، ان سان گڏ هن آفيس ۾ 3 ٻيا ملازم آهن.

## سئي گئس آفيس

تنڊوباگو ۾ اڳي سُئي گئس جي سهولت نه هُئي، سال 2007ع ۾ سينيٽر بيبي ياسمين شاهه ۽ اڳوڻي صوبائي وزير سيد علي بخش شاهه جي ڪوشش سان تنڊوباگو ۾ سُئي گئس جي سهولت شهرين کي ملي. سئي گئس کاتي جي آفيس جو پهريون انچارج آفيسر رشيد الله ميمڻ آهي، جيڪو هن وقت به موجود آهي، سئي گئس کاتي پاران تنڊوباگو شهر ۾ 15 سئو کان وڌيڪ گئس ڪنيڪشن ڏنل آهن. بيبي ياسمين شاهه ۽ سيد پپو شاهه 2007ع ۾ تنڊوباگو جي سُئي گئس جو افتتاح ڪيو.

## ايجوڪيشن ورڪس آفيس

1987ع ۾ تنڊوباگو ۾ هي آفيس قائم ٿي، هن آفيس ۾ منظور احمد شيخ S.D.O آهي ۽ گل حسن جروار سب انجنيئر آهي، هن آفيس ۾ 2 ڪلارڪ 4 داروغا ۽ هڪ پٽيوالو

آهي. هن آفيس جو ڪم تعلقي ۾ اسڪولن جون عمارتون ٺهرائڻ ۽ انهن جي مرمت ڪرائڻ آهي.

## تعلقہ ايجوڪيشن آفيس (ميل)

اڳي تعليم ڪاتي جي ٽنڊوباگو ۽ ماتلي جي سب ڊويزن واري گڏيل آفيس ماتلي شهر ۾ هوندي هُئي، پر 2002ع ۾ جنرل پرويز مشرف واري ضلع حڪومتن جي شروع ڪيل پروگرام تحت سال 2002ع کان هر تعلقي ۾ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن جون آفيسون قائم ڪيون ويون. 2002ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ مين پرائمري اسڪول جي بلڊنگ ۾ A.D.O جي آفيس قائم ٿي، جتي پهريون تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر شير محمد جکرو مقرر ٿي آيو. هن وقت نئين نظام تحت تعلقہ آفيسر A.D.O نہ پر T.E.O تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر (ميل) سمون ملاح صاحب آهي. تعلقہ ٽنڊوباگو ۾ بوائز پرائمري اسڪولن جو تعداد 634 آهي ۽ تعلقي ۾ پرائمري استادن جو تعداد 700 آهي ۽ تعلقي جي 634 اسڪولن تي پٽيوالن ۽ چوڪيدارن جو تعداد 100 آهي. ٽنڊوباگو جي ايجوڪيشن ڪاتي ۾ اسڪولن جي چڪاس ۽ مانيٽرنگ لاءِ 7 سپروائيزر مقرر ٿيل آهن، جن ۾ مظفر حسين خواجہ، محمد حنيف ملاح، عبدالرزاق خاصخيلي، منظور احمد ميمڻ، عبدالعزيز ملڪاڻي، حاجي محمد زئور ۽ مير نثار احمد ٽالپر شامل آهن.

## تعلقہ ايجوڪيشن آفيس (فيميل)

ٽنڊوباگو ۾ تعلقہ ايجوڪيشن آفيس (فيميل) عورتاڻي 2002ع ۾ قائم ٿي، جنهن ۾ پهرين آفيسر هن شهر جي آپا ريحانہ سمون مقرر ٿي. هن وقت ٽنڊوباگو جي تعلقہ ايجوڪيشن آفيس (فيميل) ۾ آپا نسيم اختر عباسي (T.E.O) آهي. هن آفيس جي اندر ۾ 82 پرائمري اسڪول ۽ اٺ مڊل اسڪول آهن، جن ۾ استادن جو تعداد 167 آهي 52 پٽيوالا ۽ چوڪيدار ملازم آهن. ان کان سواءِ هن آفيس جو ڪم ڪار هلائڻ لاءِ هڪ هيڊ ڪلارڪ رياض چانڊيو سميت 4 ڪلارڪ هن آفيس ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ تعلقي جي اسڪولن جي چڪاس لاءِ 3 عورت سپروائيزر مقرر ٿيل آهن.

## زرعي توسيع کاتو

ٽنڊوباگو ۾ 1965ع ۾ هن ڪاتي جي آفيس قائم ٿي، هن آفيس ۾ ارشاد علي رُستماڻي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايگريڪلچر آهي ۽ منير احمد شيدي سان گڏ 8 فيلڊ اسسٽنٽ ڪم ڪن ٿا. هن ڪاتي جو ڪم آبادگارن کي فصلن لاءِ مفت مشوري ڏيڻ ۽ زمين ۽ فصلن کي چيڪ ڪرڻ آهي.

## هائيويز روڊس کاتو

هن کاتي جي ٽنڊوباگو ۾ آفيس 1975ع ڌاري قائم ٿي، ٽنڊوباگو جي هن آفيس ۾ زيد جوڻيجو S.D.O آهي، هن سان گڏ هن آفيس ۾ 25 کان وڌيڪ ملازم جن ۾ داروغا، بيلدار، ڪلارڪ ۽ پٽيوالا شامل آهن ڪم ڪن ٿا. هن کاتي جو ڪم تعلقي جي روڊن ۽ رستن جي ديک ڀال ۽ مرمت وغيره آهي.

## سول ڪورٽ

ٽنڊوباگو ۾ سول ڪورٽ 1952ع ۾ قائم ٿي، هن کان ڪجھ سال اڳ ستي مئجسٽريٽ مقرر ٿيل هوندو هو. ٽنڊوباگو ۾ سڀ کان پهرين سول ڪورٽ ڊپٽي واري بنگلي ۾ قائم ٿي، جتان ڪجھ سالن کان پوءِ سول ڪورٽ جي آفيس مير غلام محمد خان ٽالپر جي باڳي واھ موري پر سان قائم ڪيل مسافر خاني جي بلڊنگ ۾ شفٽ ٿي ويئي، سال 1999ع کان پوءِ سول ڪورٽ جي نئين بلڊنگ ٽنڊوباگو بدين روڊ تي تعمير ٿي، جتي هن وقت سول ڪورٽ جي عدالت قائم آهي. سول ڪورٽ ٽنڊوباگو ۾ هن وقت جناب عبدالقيوم سيد صاحب سول جج طور فرائض ادا ڪري رهيو آهي. هن عدالت سڳوري ۾ محمد موسيٰ سمون ريڊر سان گڏ ٻه ڪلارڪ ۽ پٽيوالا هڪ بيلف ملازم آهن.

## ٽنڊوباگو جون بئنڪون

**نيشنل بئنڪ ٽنڊوباگو:** نيشنل بئنڪ ٽنڊوباگو جي برانچ ٽنڊوباگو جي شاهي بازار ۾ 1967ع ڌاري قائم ٿي، سال 2000ع کان پوءِ هن بئنڪ جي نئين بلڊنگ جهڏو روڊ تي ٺهرائي اتي شفٽ ڪئي ويئي. هن وقت هن بئنڪ جو مئنيجر عمر فاروق رستماڻي، آپريشن مئنيجر غلام مصطفي ميمڻ سان گڏ 10 پيو اسٽاف ڪم ڪري ٿو. 2015ع ۾ هن بئنڪ پاران ATM مشين لڳائي ويئي آهي. نيشنل بئنڪ ٽنڊوباگو مان تعلقي ٽنڊي باگي جا سمورا سرڪاري ملازم ۽ پينشنر ماهوار پگھار کڻن ٿا.

## بئنڪ الحبيب

هي بئنڪ ٽنڊوباگو ۾ سال 2011ع ۾ بس اسٽاپ تي قائم ٿي. هن بئنڪ جو پهريون مئنيجر اعجاز احمد نظاماڻي مقرر ٿيو. هن وقت ٽنڊوباگو جو مقصود احمد خواجه مئنيجر آهي. هن بئنڪ جي عملي ۾ 5 اسٽاف آفيسر ۽ 3 گارڊ آهن. هن بئنڪ ۾ ATM مشين آن لائين ۽ موبائل بئنڪنگ سسٽم آهي.

## سونهري بئنڪ

ٽنڊوباگو جي بس اسٽاپ پر سان سال 2011ع ۾ پرائويٽ سونهري بئنڪ جي برانچ قائم ڪئي ويئي. هن بئنڪ جو پهريون مئنيجر اياز اڪبر خواجه هو ۽ هن وقت نادر

حسين خواجه ميئنجر آهي ۽ ان سان گڏ گريڊ ٽري جا آفيسر ٻه لوئر اسٽاف ۽ ٻه سيڪيورٽي گارڊ آهن. هن بئنڪ ۾ ATM جي 24 ڪلاڪ سهولت آهي.

## زرعي ترقياتي بئنڪ

ٽنڊوباگو ۾ سال 1986ع ۾ حڪومت پاران زميندارن ۽ آبادگارن کي زرعي قرض ڏيڻ لاءِ زرعي بئنڪ قائم ڪئي وئي، هي بئنڪ شروع ۾ شهر جي خواجه محلي ۾ قائم ڪئي وئي، پر هن وقت ٽنڊو باگو تلهار روڊ تي پراڻي نادرا آفيس ۾ قائم آهي. هن بئنڪ ۾ هن وقت ميئنجر محمد قاسم پٽو ۽ 3 ايم سي او آهن. هڪ پٽيوالي سميت آفيس ۾ 8 ملازم آهن. هن بئنڪ مان آبادگارن ۽ هارين کي زمين لاءِ زرعي قرض ڏنو ويجي ٿو.

## ڪشف فائونڊيشن

هي ادارو ٽنڊوباگو ۾ سال 2013ع ۾ قائم ٿيو ان وقت هن اداري جو انچارج ارباب راحمون ۽ هن وقت طاهر نوتڪاڻي آهي. فيلڊ اسٽاف ۾ 2 عورتون ۽ 2 ڇوڪرا ڪم ڪن ٿا ۽ آفيس اسٽاف ۾ 5 ڄڻا ملازم شامل آهن.هن اداري جو مقصد غريب عورتن کي ڪاروبار لاءِ پيسه قرض ڏيئي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي. پر هي ادارو ڏنل قرض 12 قسطن ۾ واپس وٺي ان تي 17 سيڪڙو وياج وصول ڪري منافعو ڪمائي ٿو.

## ٽرڊيپ

هي ادارو ٽنڊوباگو ۾ 2013ع ۾ کليو. هن اداري جو پهريون ٽائون انچارج اقبال پنهور هو ۽ هن وقت محمد ايوب ڪتي آهي. هن اداري ۾ ٻه برانچ آفيسر ۽ ٻه فيلڊ ورڪر ڪم ڪن ٿا. هن اداري پاران غريب ماڻهن کي ننڍا ننڍا قرض ڏيئي ڪاروبار ۾ اڳيرو ڪرڻ ۽ پنهنجن پيرن تي بيهارڻ مقصد آهي.

# ٽنڊوباگو شهر جا سرڪاري اسڪول
# مين پرائمري بوائز اسڪول

هي اسڪول ٽنڊوباگو جو سڀ کان پراڻو ۽ هن شهر جو پهريون اسڪول آهي. هي اسڪول سن 1884ع ۾ لوڪل بورڊ پاران قائم ٿيو. هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر ويساک سنگهه سک هو. هي اسڪول به تاريخي حيثيت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته هن اسڪول ۾ محمد صديق مسافر، ڏالومل موتي، ٿئومل موروائي، سميت ڪيترائي اهم ماڻهو هن اسڪول مان پڙهي نڪتا آهن. هن وقت اسڪول جو هيڊ ماستر شوڪت علي عرف محمد اسلم شيدي آهي، نائب ماستر 16 ۽ لوئر اسٽاف جا 2 ملازم آهن. هن اسڪول ۾ ٻارن جو تعداد 450 آهي. 2013ع کان هن اسڪول جي بلڊنگ زبون حال ٿي وڃڻ ڪري هن وقت عارضي طور هي اسڪول مير غلام محمد ٽالپر جي اسڪول جي ڪاليج واري حصي ۾ شام جي شفٽ ۾ هلي رهيو آهي.

## بوائز پرائمري اسڪول نئون آباد

هي اسڪول 1988ع ۾ ٽنڊوباگو جي نئون آباد محلي ۾ کليو هن اسڪول ۾ هيڊ ماستر محمد زمان رستمائي سميت 4 استاد پڙهائن ٿا، اسڪول ۾ هڪ NGO پاران ڪمپيوٽر سينٽر پڻ هلي رهيو آهي، جنهن ۾ 8 ڪمپيوٽر ۽ 2 ٽيچر مقرر ٿيل آهن. هن اسڪول ۾ 119 شاگرد پڙهن ٿا. هن اسڪول جا 4 ڪمرا آهن. جن مان ٻه ڪمرا 2009ع ۾ آرمي جي شهيد سپاهي رسول بخش جي ياد ۾ ٺهرايا ويا.

## بوائز پرائمري اسڪول خان محمد شاهه

هي اسڪول سال 2005ع ۾ ٽنڊوباگو جي غريب آباد ۾ قائم ٿيو هن وقت هن اسڪول جو هيڊ ماستر امان الله رُستمائي آهي ۽ ان سان گڏ ٻه ٻيا استاد ٻن ڪمرن واري اسڪول ۾ 125 ٻارن کي پڙهائين ٿا.

## بوائز پرائمري اسڪول ڪنڀار ڪالوني

1977ع ڌاري هي اسڪول ٽنڊوباگو جي هاڻ اسڪول ۽ ڪنڀارن واري گهرن پر سان قائم ٿيو. ان وقت هن اسڪول جو هيڊ ماستر محمد هاشم ڪنڀار هوندو هو ان جي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هي اسڪول ڪيترن سالن تائين بند ٿي ويو. پيهر سال 2003ع شهر جي سابق چيئرمين يار محمد خاصخيلي جي ڪوشش سان هي اسڪول مير محلي جي بچل شاهه ڪالوني ۾ نئين سري سان کوليو ويو جنهن جي پاڙي جي معزز محمد عرس خاصخيلي پاران پلاٽ ڏيڻ تي هن اسڪول جي ٻن ڪمرن واري بلڊنگ 2005ع ۾ ٺهي. هن اسڪول جي پيهر کلڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وٺي اڄ تائين، هن اسڪول جو هيڊ ماستر غلام علي خاصخيلي آهي ۽ هن وقت هيڊ ماستر سميت هن اسڪول ۾ 4 استاد ۽ هڪ نائب قاصد آهي ۽ اسڪول ۾ شاگردن جو تعداد 150 آهي.

## بوائز پرائمري اسڪول مير محله وارڊ نمبر 2

هي اسڪول ٽنڊوباگو جي وارڊ 2 مير محلي ۾ مير غلام محمد ٽالپر جي بنگلي پر سان 2004ع ۾ کليو. هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر شفيع محمد رُستماڻي ۽ هن وقت علي محمد رُستماڻي آهي، ٻن ڪمرن واري هن اسڪول ۾ 5 استاد ۽ 110 شاگرد پڙهن ٿا. هن اسڪول لاءِ مير نياز حسين پلاٽ عطيو ڪري ڏنو.

## اوور ڪرائوڊيڊ مسجد اسڪول

هي اسڪول ٽنڊوباگو جي مين پرائمري اسڪول پر سان 1981ع ۾ کليو. ان وقت سنڌ ۾ مسجد اسڪول سعودي عرب جي سهڪار سان کوليا ويا هُئا. هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر ڪريم بخش پنهور ۽ هن وقت جاويد حُسين رُستماڻي آهي. جاويد حُسين رُستماڻي شهر جي مخيئر ماڻهن کان چندو وٺي، هن اسڪول جا 3 ڪمرا پنهنجي مدد پاڻ تحت تعمير ڪرايا. هن وقت هن اسڪول ۾ 12 استاد ۽ 270 شاگرد آهن.

## گرلس پرائمري اسڪول مير محله

1928ع ۾ ٽنڊوباگو جي مير پاڙي مير محلي ۾ مير غلام محمد ٽالپر پاران هي اسڪول قائم ڪيو ويو، ان وقت هن اسڪول ۾ شهر جي نياڻين کي محمد صديق مسافر تعليم ڏيندو هو. سال 1928ع ۾ حيدرآباد مان آيل عورت استاد آپا ختو احمد يونساڻي هن اسڪول جي پهرين هيڊ مسٽريس ٿي. هن وقت هن اسڪول جي بلڊنگ ۾ هڪ ٻئي وقت به چوڪرين جا اسڪول هلي رهيا آهن. هن اسڪول جي هيڊ مسٽريس آپا فضا فرهاد قمبراڻي سان گڏ 11 ٽيچر، ٻه لوئر اسٽاف جا ملازم آهن، هن اسڪول ۾ 171 نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن.

## گرلس اسڪول خواجه محله

هي اسڪول ٽنڊوباگو جي خواجه محلي ۾ 1962ع ۾ قائم ٿيو. هن اسڪول لاءِ پلاٽ جو عطيو هڪ نظاماڻي ذات جي ماڻهو ڏنو هو. 9 ڪمرن تي مشتمل هن اسڪول ۾ اڳي 250 کان وڌيڪ نياڻيون پڙهنديون هيون پر 2010ع ۾ هن اسڪول جي عمارت تمام گهڻي زبون ٿي وڃڻ ڪري تعليم کاتي وارن هن اسڪول کي مير محلي جي گرلس اسڪول واري ٽن ڪمرن جي بلڊنگ ۾ منتقل

ڪري ڇڏيو. جتي هن وقت مير محلہ گرلس اسڪول ۽ خواجہ محلہ گرلس اسڪول وارا ٻئي اسڪول گڏ هلي رهيا آهن. هن اسڪول جي هيڊ مسٽريس آپا گل افروز سمون آهي، هن سان گڏ 13 ٽيچرس ۽ ٻہ لوئر اسٽاف جا ملازم آهن. اسڪول تبديل ٿيڻ ڪري نياڻين جو تعداد گهٽجي 96 ٻچيو آهي.

## گرلس پرائمري اسڪول ڪنڀار محلہ

ٽنڊوباگو شهر جي مير محلي وارڊ 2 جي ڪنڀار پاڙي ۾ هاءِ اسڪول سان لڳ هي اسڪول 1984ع ۾ کليو. هڪ ڪمري واري پڪي بلڊنگ ۾ هن وقت 60 نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. هن اسڪول جي هيڊ مسٽريس آپا شميم جمالي سميت 3 ٽيچر هن اسڪول ۾ پڙهائين ٿيون. هن اسڪول ۾ لوئر اسٽاف ۾ صرف هڪ پٽيوالو آهي.

## گرلس هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو

هي اسڪول 1974ع ۾ خواجہ محلي جي اسڪول ۾ شروع ٿيو. 2004ع ۾ پراڻي ٽاٽي واري هنڌ تي هن اسڪول جي نئين بلڊنگ تعمير ٿي، تہ هي اسڪول اُتي شروع ڪيو ويو. ڪيتري عرصي کان هن اسڪول جي هيڊ مسٽريس آپا مريم سمون رهندي پئي اچي، هن اسڪول ۾ 25 ٽيچرس، 7 نان ٽيچرس عملو 5 لوئر اسٽاف ۽ هڪ ڪلارڪ محمد حسن ميمڻ ۽ هڪ ڪمپيوٽر آپريٽر آهي. 16 ڪلاس واري ڊبل اسٽوري اسڪول ۾ شهر ۽ ڀر پاسي جون 395 نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. هي اسڪول ٽنڊوباگو جي بهترين اسڪولن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

## گرلس مڊل اسڪول نئون آباد

هي اسڪول ٽنڊوباگو جي نئون آباد محلي ۾ 1995ع کان هلي رهيو آهي. هن اسڪول جي هيڊ مسٽريس آپا گلشن سان گڏ 3 استاد هن اسڪول ۾ پڙهائين ٿيون. هن اسڪول ۾ 25 نياڻيون پڙهن ٿيون. اسڪول جي بلڊنگ جا 7 ڪمرا ۽ هڪ لوئر اسٽاف جو ملازم آهي.

## گرلس اسڪول نئون آباد

هي اسڪول 1988ع ٽنڊوباگو جي نئون آباد محلي ۾ کليو. هن اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس آپا الماس خواجہ آهي. هن اسڪول ۾ 4 ٽيچر 65 شاگردياڻين کي پڙهائين ٿيون ۽ هڪ پٽيوالو آهي. هن اسڪول جا ٻہ ڪمرا آهن. جن ۾ هن وقت T.E.O فيميل جي آفيس قائم آهي ۽ اسڪول مڊل اسڪول ۾ هلي رهيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گورنمينٽ مونو ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ ٽنڊوباگو

هي ادارو سال 2001ع ۾ ٽنڊوباگو شهر جي بدين روڊ تي قائم ٿيو. هن اداري ۾ شاگردن کي اليڪٽريڪل تي سال جو ڊپلومه ۽ مختلف قسم جا ٽيڪنيڪل ڪورس ڪرايا ويندا هن. هن اداري جو پرنسپال سيف الدين عباسي آهي ۽ هن اداري ۾ ٻن استادن سان گڏ آفيس اسٽاف 10 ماڻهن تي مشتمل آهي

# پرائيويٽ اسڪول

## اورينٽ پبلڪ اسڪول

سال 1999ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ هي پهريون پرائويٽ اسڪول ٽنڊوباگو جي مشهور استاد ضرار علي رُستماڻي قائم ڪيو. هن اسڪول ۾ صبح ۽ شام واريون ٻه شفٽون هلن ٿيون. ٻنهي شفٽن ۾ پهرين ڪلاس کان ڏهين تائين جا 500 شاگرد پڙهن ٿا. هن اسڪول جي پهرين شفٽ ۾ يارهن استاد ۽ ٻي شام واري شفٽ ۾ 12 استاد پڙهائين ٿا. اسڪول جو پرنسپل سڪندر علي رُستماڻي آهي، هن اسڪول ۾ پنج لوئر اسٽاف جو عملو آهي.

## وسيم پبلڪ اسڪول

هي اسڪول شهر جي پراڻي شاهي بازار ۾ سال 2006ع ۾ وسيم احمد ڀلاڻي قائم ڪيو. هن اسڪول ۾ 26 استادن مان 20 عورت استاد پڙهائين ٿيون. هن اسڪول ۾ نرسري کان ائين تائين 600 شاگرد داخل آهن. هن اسڪول ۾ انگلش ميڊيم پڙهايو وڃي ٿو.

## C.B.S پبلڪ اسڪول

ٽنڊوباگو جي اسماعيلي خواجه ڪميونٽي پاران سال 1992ع ۾ سيٺ قاسم علي خواجه جي جاءِ ۾ هن اسڪول جي شروعات ٿي. هن وقت ٽنڊوباگو تلهار روڊ تي هڪ وڏي بلڊنگ ۾1995ع کان هي اسڪول هلي رهيو آهي.هن اسڪول جي پرنسپل آپا ڪلثوم خواجه چيئرمين انور علي خواجه آهي. هن اسڪول ۾500 شاگرد ۽ 20 ليڊيز ٽيچر آهن. لوئر اسٽاف 4 آهي.

## الريحان پبلڪ اسڪول

هي اسڪول ٽنڊوباگو جي مشهور استاد امداد حسين جت 2015ع ۾ ٽنڊوباگو جي نئون آباد محلي ۾ قائم ڪيو. 10 ڪمرن واري هن اسڪول ۾ 11 استاد ۽ 220 شاگرد نرسري کان مئٽرڪ تائين هن اسڪول ۾ پڙهن ٿا.

## اکين واري خيراتي اسپتال

بدين ضلع جي شهر ٽنڊوباگو ۾ 1985ع ۾ بن سخي مردن گراهم ليٽن ۽ رحمت الله جيڪي ٻئي ڪاروباري پارٽنرز پڻ هُئا. گڏجي هڪ خيراتي اکين واري اسپتال ليٽن، رحمت الله بينوولينٽ ٽرسٽ نالي قائم ڪئي. 1985ع ۾ سڀ کان پهرين L.R.B.T هڪ موبائيل گاڏي آئي، تائون ڪميٽي ۾ بيهاري اسپتال شروع ڪئي ويئي. ان لوهه واري گاڏي ۾ آپريشن ٿيٽر ۽ اسٽور روم هو جنهن ۾ اکين جا آپريشن ڪيا ويندا هُئا. بعد ۾ ٽائون ڪاميٽي ٽنڊوباگو جو وڏو ميٽنگ هال تائون ڪميٽي هن اداري کي ڏنو. هن اسپتال جو پهريون افتتاح 1985ع ۾ سنڌ جي وزيراعليٰ سيد غوث علي شاهه ڪيو هو ۽ ان وقت هن اسپتال ۾ هڪ انچارج ڊاڪٽر ڊاڪٽر گل شيخ هو. 1987ع ۾ اسپتال لاءِ هڪ ميمڻ عورت کان 50 هزار ۾ پلاٽ خريد ڪيو ويو جتي يونين ٽيڪساس پاڪستان بدين ضلع مان تيل ڪيندڙ ڪمپني 1988ع ۾ هن اداري کي هڪ بهترين بلڊنگ ٺهرائي ڏني، جنهن ۾ ٻه مريضن جا وارڊ، آپريشن ٿيٽر ۽ ڊاڪٽرن جي رهائش وغيره شامل آهن. سال 2014ع ۾ جاپان حڪومت پاران هن اداري کي هڪ عاليشان آپريشن ٿيٽر جي عمارت ۽ 50 kv جوجنريٽر لڳائي ڏنو آهي. اڳي هن اسپتال ۾ اکين سان گڏ (ٽي بي) جو پڻ علاج ٿيندو هو. پر 2000ع کان اهو شعبو بند ٿي ويو آهي. هن اسپتال مان سال 1985ع کان هيستائين اکين جي 1257392 هڪ ڪروڙ پنجويهه لک ست هزار ٽي سئو ٻيانوي مريضن کي چڪاس ڪري چڪا آهن ۽ (104318) هڪ لک چار هزار ٽي سو ارڙهن اکين جي نور کان محروم مريضن جا مفت ۾ آپريشن ڪري انهن کي نور واري نعمت موٽائي چُڪا آهن. هن اسپتال ۾ هن وقت ميڊيڪل سپريڊنٽ ڊاڪٽر ارم ناصر سان گڏ 5 ڊاڪٽر خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهن ۽ اسپتال ۾ لوئر اسٽاف جا 39 ملازم جن ۾ ايڊ منسٽريٽر احمر ميمڻ ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر ثنا الله ابن شيدي سان گڏ شفتن ۾ ڪم ڪن ٿا. هن اسپتال ۾ ٿرپارڪر جي مٺي ڏيپلو سلام ڪوٽ ۽ ڇاڇرو مان هفتي تي مريضن جي بس پر جي ايندي آهي، جن جي آپريشن سان گڏ ڪاڏي جو خرچ ۽ ڀاڙو اسپتال پري ٿي.

## آغا خان هيلٿ سينٽر

ٽنڊوباگو ۾ اسماعيلي خواجه ڪميونٽي پاران آغاخان هيلٿ سينٽر ۽ ميٽرنٽي هوم 1957ع ۾ قائم ڪيو ويو. هن سينٽر ۾ خواجه برادري ڪانسواءِ شهر ۾ رهندڙ سمورين ذاتين جي ليڊيز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مريضن جو رعايت سان علاج ڪيو ويندو هو. 1957ع واري دور ۾ ٽنڊوباگو جي خواجه برادري جي ماڻهن جي لاءِ ٻاهرين ملڪن مان پوليو وارا ڦڙا ايندا هئا، ۽ اهي ٻارن کي پيئاريا ويندا هئا. 1964ع ۾ ٽنڊوباگو ۾ آغاخان هيلٿ سينٽر جي ٻه ماڙ واري عاليشان بلڊنگ ٺهرائي وئي. جنهن ۾ هڪ ليڊي ڊاڪٽر ۽ هڪ نرس مقرر هوندي هئي. ان نئين ٺهيل سينٽر جو 1964ع ۾ پرنس ڪريم آغاخان ٽنڊوباگو ۾ اچي افتتاح ڪيو هو. هن وقت آغاخان هيلٿ سينٽر خواجه محله ۾ هلي رهيو آهي، ان جي انچارج ڊاڪٽر سائره وقار ميمڻ آهي.

## پبلڪ پارڪ

ٽنڊوباگو شهر ۾ ڊسٽرڪٽ گورنمنٽ پاران ٽنڊوباگو شهر ۾ شهرين جي تفريح لاءِ هڪ خوبصورت ۽ بهترين پبلڪ پارڪ بلاول ڀٽو زرداري پارڪ ٺهيل آهي. هن پارڪ جو افتتاح جنوري 2011ع تي قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا ڪيو هو. هن پارڪ جي وچ ۾ هڪ خوبصورت پاڻي وارو فوهارو لڳل آهي، پارڪ ۾ تمام سهڻا گل پوکيل آهن، هن پارڪ ۾ ٻارن جي ونڊر لاءِ لوڏون، چينگهلا ۽ ٻيون ٻارن وارين راند جي شين سان گڏ پارڪ ۾ ٻه پولڙا، سها، ولايتي پکي رکيا ويا آهن. هن پارڪ جي سنڀال لاءِ تعلقه ميونسپل ٽائون ڪميٽي پاران عبدالرحيم رستماڻي پارڪ انچارج سميت 13 ملاز رکيل آهن. جن کي پگهار ٽائون ڪميٽي ادا ڪري ٿي . ٽنڊوباگو شهر ۾ ٺهيل هن بهترين پبلڪ پارڪ لاءِ ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين ٽائون ڪميٽي ٽنڊو باگو ۽ ضلع حڪومت پاران هن پارڪ لاءِ هڪ رپيو به سرڪاري فنڊ نه ڏنو ويو آهي. هن پارڪ جي سارسنڀال ، صفائي ۽ سترائي ۽ جانورن جي کاڌي تي ماهوار لڳ ڀڳ ڏهه هزار خرچ ٿئي ٿو. اهو خرچ پارڪ جي انٽري في مان جيڪا ٻارن کان سواءِ وڏن کان 5 روپيا وصول ڪئي وڃي ٿي. جيڪا مهيني ۾ مشڪل سان ٽي هزار ٿئي ٿي، ۽ باقي انچارج جي پگهار مان ڪيو وڃي ٿو. پارڪ جي صفائي لاءِ ٽائون ڪميٽي پاران صفائي وارو ڪنگي به ڏنل نه آهي، جنهن ڪري صفائي وارو ڪم ملازم پاڻ ڪن ٿا .

## شادي هال

ٽنڊوباگو جي پبلڪ پارڪ سان گڏ هڪ عاليشان ڪميونٽي هال جي وڏي عمارت تعمير ٿيل آهي، جنهن جو افتتاح پڻ 2011ع ۾ ڊاڪٽر فهميده مرزا ڪيو هو. هن هال ۾ شهري شادين جي دعوت وغيره ڪندا آهن. هن هال جو سرڪاري ڪرايو 12000 (ٻارهن هزار روپيه) في تقريب آهي.

## جمنازيم

ٽنڊوباگو شهر جي نوجوانن لاءِ پبلڪ پارڪ سان گڏ هڪ فٽنيس ڪلب ٺهيل آهي، جنهن ۾ ويٽ ۽ باڊي بلڊنگ جون جديد مشينون رکيل آهن، جتي شهر جا نوجوان اچي

ورزش ڪندا آهن. هن ڪلب ۾ 15 نوجوان ميمبر آهن، جيڪي 3 سئو ماهوار في ڏين ٿا، جن مان ڪلب جي انسٽرڪٽر ياسر سيال کي پگهار ڏنو وڃي ٿو.

## مني اسٽيڊيم

ٽنڊوباگو جي تاريخي مير غلام محمد ٽالپر جي هاءِ اسڪول واري راند جي ميدان تي سال 2012ع ۾ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر ڊاڪٽر فهميده مرزا 3 ڪروڙ جي لاڳت سان وفاقي حڪومت کان هن شهر جي نوجوانن لاءِ راند وارو مني اسٽيڊيم منظور ڪرائي ٺهرايو. جتي مير غلام محمد ڪرڪيٽ ڪلب جي نوجوانن وڏي محنت ڪري هن اسٽيڊيم ۾ وڻ ۽ گرائونڊ ۾ ڇٻر لڳائي، هن ميدان کي سائي چادر سان سينگاري ڇڏيو. هن گرائونڊ ۾ هڪ پڪي پچ ۽ پنجاب مان آندل خاص مٽي مان هڪ مٽي واري ٽرف پچ ٺهرائي ويئي. هن گرائونڊ (ميدان) تي رات جو راند ڪيڏڻ لاءِ 5 وڏا بجلي جي سرچ لائٽن وارا ٽاور لڳايا ويا. بدين ضلع جو هي پهريون راند جو ميدان آهي، جتي رات جو راند ڪرڻ جي سهولت ميسر آهي. هڪ سال کان پوءِ ڪرڪيٽ ڪلب ۽ اسڪول انتظاميه وچ ۾ ٽيل چڪتاڻ کان پوءِ گرائونڊ جي مالڪي وارو مسئلو وڃي عدالت ۾ پهتو جتي ڪيس هلڻ کان پوءِ عدالت ميدان جي مالڪي اسڪول انتظاميه حوالي ڪري ڇڏي جنهن بعد هاڻي گرائونڊ جي ساوڪ کي بچائڻ وارو ڪير به نه آهي.

## پبلڪ لائبريري

ٽنڊوباگو جي اڳوڻي صوبائي وزير سيد علي بخش شاهه عرف پپو شاهه جي ڪوشش سان، سال 2005ع ۾ 38 لکن جي لاڳت سان سندس والد سيد عبدالرسول شاهه جي نالي سان، هڪ بهترين ڊجيٽل لائبريري ٺهرائي قائم ڪئي ويئي، جنهن جو افتتاح ان وقت سنڌ جي وزيراعليٰ ارباب غلام رحيم ڪيو هو. 27 ڊسمبر تي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ علم کان وانجهيل ۽ مڇريل ماڻهن هن لائبريري کي ڀيج ڊاهه ڪري ساڙي ڇڏيو. سنڌ ۾ ڪنهن لائبريري يا ڪتب خاني کي ساڙي ڇڏڻ جو هي پهريون واقعو هو. جنهن بعد پ پ جي حڪومت اچڻ کان پوءِ 2008ع ۾ تعلقه ڪائونسل ٽنڊوباگو پاران هن لائبريري کي ٻيهر تعمير ۽ مرمت ڪري ٺاهي شروع ڪيو ويو. جنهن جو ٻيهر افتتاح سنڌ جي اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي مرزا 2010ع تي ڪيو. پ پ حڪومت ۾ هن لائبريري جو نالو عبدالرسول شاھ لائبريري ختم ڪري مير غلام محمد ٽالپر لائبريري رکيو ويو. هن لائبريري جو انچارج هيزو ميگواڙ سان گڏ ٻہ ڪلارڪ 3 پٽيوالہ آهن. هن لائبريري ۾ اڳي 1400 ڪتاب ۽ 4 ڪمپيوٽر هوندا هئا، پر 27 ڊسمبر کان پوءِ ٿيل ڦير ڦار بعد هاڻي هن لائبريري ۾ فقط 11 سو ڪتاب پيل آهن، جن ۾ تاريخ، ناول ڪهاڻيون ۽ اسلامي ڪتابن سان گڏ قانون جا ڪتاب شامل آهن. اڳي هن لائبريري ۾ سموريون اردو، سنڌي اخبارون اينديون هيون، جن جو بل ٽائون ڪميٽي ادا ڪندي هئي پر گذريل ڇئن مهينن کان هڪ لک روپيہ بل رهي وڃڻ ڪري لائبريري ۾ اخبارون بند آهن.

## ٽنڊوباگو پريس ڪلب

ٽنڊوباگو پريس ڪلب جو بنياد 1981ع ۾ مهدي محمد خواجہ، محمد سليم ميمڻ محمد رمضان عرف راڻو ڪڇي، ٽائون ڪميٽي جي هڪ ڪمري ۾ رکيو. 1990ع ۾ شير علي خواجہ جي صدارت ۾ هن پريس ڪلب جي آئين کي مرتب ڪيو ويو. ان وقت پريس ڪلب ۾ ڇهہ ست صحافي ميمبر هوندا هُئا 1992ع ۾ پريس ڪلب جي ميمبرن جو تعداد 10 کان وڌي ويو. 1996ع ۾ هن پريس ڪلب جو صدر مرحوم محمد خان رُستماڻي ٿيو تہ ٽنڊوباگو جي صحافت ۾ انقلاب اچي ويو. صوبيدار ۽ جمعدار کي پُٽ ڄمڻ تي مبارڪون ڏيڻ واريون خبرون بند ٿي ويون، پوليس جي غريب ماڻهن سان ڪيل ڏاڍاين، روينيو آفيس ۾ رشوت خوري، سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ سميت غريب ۽ بي سهارا مريضن سان ٿيندڙ تذليل وارا واقعا رپورٽ ٿيڻ ڪري، پريس ڪلب ٽنڊوباگو جو صدر مرحوم محمد خان رستماڻي ۽ سندس ٽيم نام نهاد سياسي پنڊتن ۽ ڪرپٽ ڪامورن جي اک ۾ ڪنڊو ٿي آئي. ان ئي سال جي آخر ۾ ٽنڊوباگو پريس ڪلب جي بهادر صدر محترم مرحوم محمد خان رُستماڻي کي هڪ هٿ ٺوڪي ۽ ڪوڙي درخواست تي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو ويو، باقي صحافي روپوش ٿي ويا. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ بندوق جي زور تي پريس ڪلب جي صدر محمد خان رُستماڻي ۽ ان جي ٽن صحافي دوستن جي پريس ڪلب مان ميمبر شپ ختم ڪري ڪجھ هٿ ٺوڪيا صحافي ٺاهي پريس ڪلب تي قبضو ڪيو ويو. جن مان محمد خان رُستماڻي کان باقي ٽن صحافين عثمان راهوڪڙو، اسحاق ميمڻ ۽ انور جي ٻيهر سال کان پوءِ ميمبر شپ بحال ڪئي ويئي. سال 2003ع واري ٻوڏ ۾ پريس ڪلب برساتي پاڻي ۾ ٻُڏي ويو ۽ پريس ڪلب ۾ پيل سمورو رڪارڊ ۽ فرنيچر خراب ٿي ويو. جنهن بعد پريس ڪلب جونئون ڪمپيوٽرائزڊ آئين ٺاهيو ويو. سال 2004ع ۾ پريس ڪلب جي دوستن جي ڪوشش سان تعلقہ ناظم ٽنڊوباگو پير حامد علي شاھ راشدي پراڻي L.R.B.T وارو پلاٽ پريس ڪلب کي ڊونيٽ ڪري ڏنو. 12 جولاءِ 2004ع تي تعلقہ ناظم پير حامد علي شاھ راشدي پريس ڪلب جي نئين عمارت جو سنگ بنياد رکيو جيڪا 2006ع ۾ ٺهي راس ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ان جو 2006ع سابق وزير اعظم پاڪستان مير ظفر الله خان جمالي افتتاح ڪيو. ٽنڊوباگو پريس ڪلب پاران ٽنڊوباگو جي تاريخ ۾ سڀ کان پهرين ان شهر جي باني مير باگو خان ۽ سنڌ راڻي جي عشقيه داستان تي ادبي سيمينار ڪرايو ويو. هن پريس ڪلب ۾ نئون شهيد بينظير ڀٽو آڊيٽوريم هال 2012ع ۾ تعلقه ڪائونسل پاران ٺهرايو ويو جنهن جو افتتاح 12 فيبروري 2012ع تي سنڌ جي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ڪيو. هن وقت هن پريس ڪلب 23 ميمبر آهن. جيڪي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چينلن ۾ لکن ۽ رپورٽنگ ڪن ٿا. جن ۾ محمد عثمان راهوڪڙو، نصرالله جروار، امين سنڌي، حنيف سمون، شير علي خواجه، غلام رسول ڀان، محمد اسحاق ميمڻ، محمد يوسف ميراڻي، غلام شبير لغاري، سهيل سمون، الهبخش ڪاتيار، غلام علي خاصخيلي، رفاقت جروار، سيد جُڙيل شاهه بُخاري، مظفر حُسين، انور علي، جاويد اقبال ڪورائي، دُر محمد، اظهارالحق ۽ الله بچايو راهوڪڙو شامل آهن. ٽنڊوباگو پريس ڪلب بدين ضلعي جي پريس ڪلبن ۾ اهم پريس ڪلب ليکيو وڃي ٿو.

## ماضيءَ ۾ ٽنڊي باگي جا صحافي

ٽنڊوباگو جي صحافت جي تاريخ به تمام گهڻي پراڻي آهي، 1915ع ڌاري جڏهن هن شهر جو مشهور استاد ۽ اديب محمد صديق مسافر حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد هوندو هو ته ان وقت ڪاليج مان هڪ ماهوار رسالو ڪڍيو ويندو هو. ان رسالي جو انچارج محمد صديق مسافر هوندو هو. مسافر ان وقت مختلف اخبارن ۾ تعليم بابت ڪالم لکندو هو ان ڪري مسافر ٽنڊوباگو شهر جو پهريون صحافي آهي، جيڪو صحافت سان وابسته هو. ان بعد جڏهن سورهيه بادشاهه پير پاڳاري آزادي واري گوريلا ويڙهه شروع ڪئي، ته انگريز سرڪار سورهيه بادشاهه کي گرفتار ڪري حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ قيد ڪرڻ کان پوءِ اتي ئي ڪيس قاسي ڏيئي شهيد ڪري ڇڏيو. ان وقت ٽنڊوباگو جو رهواسي مگهن لال واڌيون جيڪو حيدرآباد ۾ صحافت ڪندو هو ان جڏهن انگريز سرڪار جي هڪ آفيسر کان سورهيه بادشاهه بابت سوال ڪيا ته کيس گرفتار ڪري گم ڪيو ويو جنهن جو اڄ ڏينهن تائين پتو نٿو پئجي ته کيس ڪيڏانهن گم ڪيو ويو يا ڪهڙي سزا ڏني وئي. مگهن لال واڌيون جي گمشدگي جيان سندس خاندان جي باري ۾ اڃان تائين ڪنهن کي معلومات نٿي ملي ته اهو ڪيڏانهن ويو. ان ڪانسواءِ ٽنڊوباگو جي پراڻن صحافين ۾ مرحوم خالقڏنو ميمڻ ۽ محمد خان رُستماڻي به ٽنڊوباگو جا مشهور صحافي ٿي گذريا آهن. جن قلم ذريعي علائقي جي مسئلن لاءِ وڏي ويڙهه وڙهي. مرحوم محمد خان رستماڻي کي سچ لکڻ جي ڏوهه ۾ سياسي انتقام جو نشانو بنائي جيل ياترا ڪرائي سخت اذيت ڏني وئي. بندوق جي زور تي هن جي پريس ڪلب جي چونڊيل صدارت ختم ڪرائي، پريس ڪلب تي قبضو ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ مير محمد حسن ٽالپر، مهدي محمد خواجه، پير بابو شاهه راڻوڪيچي، علي نواز مجاهد،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالرشيد دانش، ييشم ڪمار آزاد، چوڌري اعجاز مرحوم ڏلاور انڙ، خان محمد خادم، منصور ڪٽي، فيض اڍيجو، عبدالرحمان انڙ ۽ ويرو موروائي، الطاف سمون، بشير ميمڻ ٽنڊوباگو جي صحافت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

## ٽنڊوباگو جا خاڪسار

جڏهن علامه مشرقي انگريزن جي دور حڪومت ۾ خاڪسار تحريڪ شروع ڪئي ۽ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ اچي ماڻهن کي خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، ته ٽنڊوباگو شهر جو مشهور شخص مير حاجي نور حُسين ٽالپر، محمد طالب لوهار، محمد يوسف لوهار، مولوي احمد لوهار، هوش محمد شيدي، حاجي ميوو چانڊيو، الله ڏنو ملاح ۽ عبدالله خان رُستماڻي، سيٺ محمود ميمڻ کان سواءِ ڪيترائي ماڻهو علامه مشرقي جي خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿي ويا. جن کي فوجي پريڊ، بندوق هلائڻ ۽ جنگ ۾ وڙهڻ جي مڪمل سکيا ڏني ويئي، مير حاجي نور حُسين ٽالپر کي ٽنڊوباگو جي خاڪسارن جي جٿي جو سالار مقرر ڪيو ويو. ٽنڊوباگو پر سان ڳوٺ ادوڙي ۾ سنڌ جي خاڪسارن جي هڪ وڏي ڪانفرنس مقرر ٿي، جتي لکنو (هندوستان) وڃڻ جو فيصلو ٿيو ۽ اهڙي طرح مير نور حُسين ٽالپر جي اڳواڻي ۾ 22 ڄڻن جو جٿو لکنو وڃڻ لاءِ ريل رستي حيدرآباد کان روانو ٿيو. جڏهن اهي خاڪسار لکنو جي ريلوي اسٽيشن تي لٿا ته اسٽيشن تي بيٺل انگريزن جي فوج کين گرفتار ڪرڻ لاءِ مٿن لٺ بازي ۽ پٿر بازي شروع ڪري ڏني، جنهن ۾ ٽنڊوباگو جي خاڪسار محمد طالب لوهار جو ڪن ڪٽجي ويو ۽ هو سخت زخمي ٿي پيو. جنهن بعد سمورن خاڪسارن کي گرفتار ڪري لکنو جي جيل ۾ بند ڪيو ويو. 1939ع ۾ انگريزن گرفتار خاڪسارن کي آزاد ڪري انهن کي ريل جا ٽڪيٽ ڏيئي سنڌ روانو ڪيو. جيڪي ڪجھ ڏينهن ۾ اچي حيدرآباد اسٽيشن تي لٿا. ڪجھ سالن کان پوءِ مير حاجي نور حُسين ٽالپر علامه مشرقي کي ڇڏي جماعت اسلامي ۾ هليو ويو ۽ باقي خاڪسار به پنهنجي ڌنڌي ڌاڙي کي لڳي ويا.

## پن جون ٻيڙيون ۽ ٻاڌارا

سنڌ ۾ پن جون ٻيڙيون جن کي انڊيا واريون ٻيڙيون پڻ چيو ويجي ٿو تمام گهڻيون مشهور آهن. 1960ع کان اڳي جڏهن سگريٽ عام نه هو ته ٽنڊوباگو شهر ۾ پن جي ٻيڙين جو وڏو ڪاروبار هلندو هو. ٽنڊوباگو جي شهر ۾ اسماعيل مالها خواجه، الهچايو ڪلهوڙو، حاجي سليمان ميمڻ، عاشق علي خواجه پن جي ٻيڙين جا وڏا واپاري هوندا هئا. ان وقت شاد مان، خدابخش، پيار علي، بادل، سليمان ڪارو مڱڻهار ، پوڙهو ڪلهوڙو پڻ پن جي ٻيڙين جا ڪاريگر هوندا هئا. 1980ع کان 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ٽنڊوباگو ۾ پن جي ٻيڙين ٻڌائي جو عروج وارو زمانو چيو ويجي ٿو. الطاف حسين مڱڻهار ۽ غلام شبير زئور واپاري ٻڌائين ٿا ته 65 واري جنگ کان اڳ انڊيا مان ٻيڙي جو پن تمام سستو ايندو هو پر هاڻي حڪومت جي معرفت مهانگو ملي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهوئي سبب آهي جو هاڻي نوان نوان ۽ سستا سگريٽ نڪري پيا آهن، جنهن ڪري پڻ جي پيڙي جي وڪري ۾ تمام گهٽي لاٽ اچي ويئي. ٽنڊوباگو ۾ 1980ع واري ڏهاڪي کان پيڙي ٻاڌارن ڪاريگرن جي يونين پورهتين جي حقن لاءِ ڪم ڪندي پئي اچي ، ٽنڊوباگو جي پيڙي ٻاڌارن جي يونين جو پهريون صدر مرحوم الهڏنو ڪلهوڙو هو جيڪو پڻ وڏو ڪاريگر هو. ان بعد رفيق احمد ڪوسو يونين جو ڪيترائي سال صدر رهيو هن پورهيتن جي حقن لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي، پيڙي ٻاڌارن موجب رفيق ڪوسو ڪي سرمائيدار سيٺين پوليس هٿان مارائي ڇڏيو. اڳي ٽنڊوباگو ۾ پيڙين ٻڌڻ جا ڪيترائي وڏا پانڊا (فيڪٽريون) هوندا هئا، جن ۾ 250 کان وڌيڪ ڪاريگر هوندا هئا، پر هاڻي اهڙا 3 پانڊا وڃي رهيا آهن، ۽ شهر ۾ 50 ڪاريگر پيڙيون ٻڌن ٿا. پيڙين ٻڌڻ واري هن ڪم ۾ مسلسل ڪم ڪرڻ سان دم، ٽي بي ۽ نظر جون بيماريون پيدا ٿيو پون ٿيون. پيڙين جي ڪاريگرن ۾ بادل مڱڻهار دادو خدابخش مڱڻهار، ڊاڪٽر غلام عباس، عثمان خاصخيلي ۽ نياز ملاح سميت ڪيترائي پورهيت بيمار ٿي گذاري ويا آهن. هيڏي وڏي مهانگائي واري دور ۾ ٻاڌارن کي هزار پيڙيون ٻڌڻ تي 500 سئو روپيه ٻڌائي جا ملن ٿا . ننڍا ڪاريگر ڏينهن ۾ 500 سئو ۽ سنا ڪاريگر 700 سئو پيڙيون ٻڌن ٿا. هنن پورهيتن جي اڄ به ٽنڊوباگو ۾ يونين آهي، جنهن جو صدر جمع شيدي ۽ سيڪريٽري سائين ڏنو ملاح آهي.

## رانديون

### ڪرڪيٽ

1970ع کان وٺي ٽنڊوباگو ۾ ڪرڪيٽ راند جو جنون جي حد وارو شوق آهي انهن ۾ رڳو راند ڪندڙ رانديگر پر ٽنڊوباگو جا شهري ٻارن کان وٺندي ٻُڍن تائين ڪرڪيٽ راند جا وڏا شوقين ۽ شيدائي آهن. ٽنڊوباگو جي ڪرڪيٽ ٽيم جي جڏهن به ڪنهن ٻاهرين ٽيم سان مئچ ٿيندي آهي ته ٽنڊوباگو جا ننڍا وڏا ڪرڪيٽ ڏسندڙ شائقين پنهنجي ڳوٺ جي ٽيم جي ڀرپور نموني همت افزائي ڪري کين داد ڏيئي همٿائيندا آهن، ۽ مختلف ٽيم خلاف ڀرپور هوٽنگ ڪري مخالف رانديگرن جون وايون بتال ڪري ڇڏيندا آهن. ڪڏهن وري ڪنهن ٽيم هٿان ڪٽڪو ملڻ تي پنهنجي ٽيم کي بخش به نه ڪندا آهن. ۽ مخالف ٽيم جي رانديگرن کي پُڻ خوب داد ڏيندا آهن. ٽنڊوباگو جي ڪرڪيٽ جي پراڻن رانديگرن ۾ جيڪي رانديگر مشهور ٿي گذريا آهن. انهن ۾ مرحوم صادق شيدي، ڊاڪٽر لڪاڏنو عباسي، استاد حاجي گيري، بالو شيدي، استاد غلام نبي رُستماڻي، ڊاڪٽر عارب ملاح، مير زاهد، مير راجه، غلام حسين ڪلهوڙو، غلام حسين مڪراني، يار محمد خاصخيلي، لياقت ميمڻ، عباس علي عباسي، امتياز علي پرڳڙي، غلام علي خاصخيلي، عبدالعزيز شيدي، حفيظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيدي عبدالعزيز ۽ ڪريم خواجہ اشرف سمون، مرحوم شفقت لاهوتي، مهدي شيدي، اڪبر عرف مينو ڪلهوڙو، پير ڏنو بابو قاضي، رميش ۽ ڊاڪٽر راجڪمار، ڊاڪٽر هري، ڊاڪٽر ٽيڪم، ضرار رُستماڻي، شاهد بلوچ، ممتاز ڪلهوڙو، بشير ميمڻ چانگو، مرحوم اعظم زئور، غلام شبير ڪلهوڙو، انور علي شاهہ سليمان سمون، ابن شيدي، بچل خاصخيلي، قاضي سڪندر، مرحوم منصور علي خواجہ سليم اڪبر خواجہ غلام رسول پيان، اسحاق پيان، بيا ڪيترائي مشهور رانديگر ٿيا آهن. موجوده رانديگرن ۾ D.S.P خالد بلوچ، انسپيڪٽر صلاح الدين رُسمتاڻي غلام رضا ڪلهوڙو، عدنان زئور، علي رُستماڻي، زبير شيدي، نظام الدين شيدي، پپي پنگي، نين سمون، ظهير عباسي، رجب زئور، ذيشان زئور، جنيد، فهد قاضي، مصطفيٰ دل، اعجاز ۽ عمران ڪلهوڙو ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور آهن. ٽنڊوباگو جي رانديگرن مان ڪيترائي رانديگر سنڌ سطح کان مٿي اندر 19 ۾ ٻاهرين ملڪن جي ٽيمن سان راند کيڏي آيا آهن. پر پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي سنڌ سان زيادتي جي ڪري هن شهر جي بهترين رانديگرن مان ڪو بہ مٿي ڪجهہ نہ سگهيو آهي.

## فوٽ بال

ٽنڊوباگو ۾ فوٽ بال راند جي بهترين ٽيم آهي. ٽنڊوباگو جي پُراڻن رانديگرن ۾ بالو شيدي محرم خاصخيلي، يار محمد، غلام قاسم خاصخيلي، انيس شاهہ فاروق شيدي حفيظ ۽ شفقت شيدي، ثناءالله ۽ غلام رضا ڪلهوڙو کان سواءِ هن وقت انتخاب عالم خاصخيلي، زاهد علي ڪلهوڙو، ابوذر شيدي، عرفات خاصخيلي، سلمان خاصخيلي، وقارخاصخيلي، شجاع شيدي، جنيد جميل خاصخيلي فوٽ بال راند جا مشهور پلا آهن.

## والي بال

ڪو وقت هو جو ٽنڊوباگو ۾ ٻين راندين سان گڏ والي بال راند تمام گهڻي مشهور هئي، ۽ هتي والي بال جي بهترين ٽيم هوندي هُئي. روز شام جو پرائمري اسڪول ٽنڊوباگو ۾ والي بال جي راند ٿيندي هُئي. ٽنڊوباگو والي بال ٽيم جو ڪئپٽن مرحوم سائين عبدالله ميمڻ هوندو هو. ۽ رانديگرن ۾ ماستر محمد علي خاصخيلي، سائين علي نواز رُستماڻي، حاجي علي محمد ميمڻ، غلام مصطفيٰ ميمڻ، قاضي سڪندر، تاج الدين خاصخيلي، نظير احمد خاصخيلي، مرحوم دولت رام وڪيل، ڊاڪٽر هري، جاني ڪڇي، جاويد خواجہ اڪبر رُستماڻي ۽ غلام مصطفيٰ لغاري مشهور رانديگر هُئا.

## ڪوڏي ڪوڏي راند

ڪنهن وقت ۾ ٽنڊوباگو ۾ ڪوڏي ڪوڏي راند جي مشهور ٽيم هوندي هئي، ڪيترائي سال اڳي هر سال 14 آگسٽ تي جشن آزادي جي خوشي ۾ ڪوڏي ڪوڏي جي

راند ٽيندي هُئي. هر ٽيم ۾ 11 رانديگر هوندا هُئا. ٽنڊوباگو جي ٽيم ۾ ڪئپٽن نور محمد ناز شيدي سان گڏ رمضان شيدي، خميسو بالو شيدي، حُسنو شيدي، صغير ٻهلاٽي، صادق شيدي، آچار ميمڻ، عارب شيدي، پوڙهو شاهه، پپو شيدي ۽ غلام قاسم خاصخيلي ڪوڏي ڪوڏي جا مشهور رانديگر هوندا هُئا. جيڪي ٽنڊو محمد خان تلهار پنگريو ۽ ٻين شهرن ۾ وڃي راند ڪندا هُئا.

## ملهه ۽ ملاڪڙو

ٽنڊوباگو ۾ اڳي هر هفتي ملهه ۽ ملاڪڙو لڳندو هو پر هاڻي صرف خاص ڏينهن تي ملاڪڙو ٿيندو آهي. ٽنڊوباگو ۾ پراڻي زماني ۾ صغير احمد ٻهلاٽي، عرس شيدي، سيد علي بخش شاهه، ڪرڙ چانڊيو عارب زنگيجو محمد عرف محمدو، عثمان چانڊيو خميسو عرف ڪوسو ملاح ۽ الاهيو ملاح مشهور پهلوان رانديگر هُئا. هاڻي الهڏنو سوهو، امين سوهو، الياس قريشي هن وقت مشهور پهرين جوڙ جا پهلوان آهن.

## سماجي تنظيمون

## اولڊ بوائز ايسوسئيشن

:ٽنڊوباگو ۾ مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ اسڪول جي پراڻن شاگردن تي مشتمل اولڊ بوائز ايسوسئيشن قائم ڪرڻ لاءِ هن اسڪول جي پراڻن استادن، مرحوم الهڏنو عباسي ۽ آدم ڪتري 1962ع کان ڪوششون ورتڻ لڳا، پر وقت ۽ حالاتن جي ڪري ان وقت هو ڪامياب نه ٿي سگهيا. جنهن بعد 4 جون 1970ع تي ٽنڊوباگو جي پراڻي مسافر خاني پرسان مدراسي جي هوٽل تي اسڪول جي پراڻن شاگردن جي ميٽنگ ۾ اولڊ بوائز ايسوسئيشن جو بنياد پيو. ان ميٽنگ ۾ هڪ ايڊهاڪ ڪميٽي جوڙي ويئي، جنهن جو چيئرمين الهڏنو عباسي ۽ ورڪنگ ڪميٽي جي 6 ميمبرن ۾ ڏالو مل موتي، علي محمد ڪتري، محمد شريف ٻهلاٽي، محمد حسن ميمڻ، مير زاهد ٽالپر ۽ رسول بخش خواجه چونڊيا ويا. 1973ع ۾ پهريون ڀيرو اولڊبوائز ايسوسئيشن پاران مير غلام محمد ٽالپر جي ورسي ملهائي ويئي. 12 فيبروري 1974ع تي اولڊ بوائزايسوسئيشن جي ايڊ هاڪ ڪميٽي آئيني ڍانچو مڪمل ڪري چونڊون ڪرايون. جنهن ۾ پهريون صدر پيار علي خواجه، نائب صدر محمد حسن ميمڻ، جنرل سيڪريٽري ڏالو مل موتي، جوائنٽ سيڪريٽري ٺٺومل موراڻي ۽ خزانچي علي محمد ڪتري، ميمبرن ۾ محمد اقبال، علي نواز رستماڻي، پون داس، غلام مصطفيٰ

ميمڻ، محمد طالب لوهار ۽ الهرکيو ميمڻ اهي سڀ عهديدار بنا مقابلي پهرين بادي ۾ ڪامياب ٿيا. ڪتاب” ههڙا مانجهي مرڻا نا هن“ مان الهڏنو عباسي ۽ ٺٽو موروا ٽي جي مضمون مان ورتل.

اولڊ بوائز آفيس ۽ لائبريري :مير غلام محمد خان ٽالپر جي نالي سان فري ريڊنگ روم واري لائبريري ۽ اولڊ بوائز آفيس سال 1989ع ۾ ٽنڊوباگو جي ڊاڪٽر گلي ۾ قائم ٿي. سال 2000ع ۾ يوسي آفيس ٽنڊوباگو هن جي نئين عمارت تعمير ٿي. اولڊ بوائز جي هن وقت چار رڪني آرگنائيزنگ ڪميٽي آهي، جنهن ۾ والي حيدر ميمڻ، غلام اڪبر خواجه، حسين بخش چانهيو ۽ شاهجهان عرف نين سمون ميمبر آهن.

## سنڌي ادبي سنگت

:ٽنڊوباگو ۾ سنڌي ادب سنگت شاخ ٽنڊوباگو 1977ع ڌاري هن شهر جي مشهور شاعر اديب ۽ استاد ٺٽو مل موروا ٽي کولي. هن شاخ جو پهريون سيڪريٽري ٺٽو مل موروا ٽي هو ۽ سال 2016ع ۾ هن شاخ جو سيڪريٽري امر ڪتري آهي. ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ شهر ۽ پر پاسي جا نوجوان شاعر ۽ اديب پنهنجون نيون تخليقون پيش ڪندا آهن.

## سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن

:سنڌ گريجويٽ ايسوسئيشن (سگا) جي شاخ ٽنڊوباگو ۾ 80،1979ع ڌاري ٺٽومل موروا ٽي ۽ الهڏنو عباسي جي ڪوشش ڪري کلي. هن شاخ جي 1980ع وارين چونڊن لاءِ وڏي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو جا مشهور استاد سائين بخش ٽالپر ۽ الهڏنو عباسي وچ ۾ صدارت جي سيٽ تي وڏو مقابلو ٿيو جيڪو هڪ يا ٻن ووٽن تان الهڏنو عباسي کٽي صدر چونڊجي ويو. هن وقت سگا شاخ ٽنڊوباگو جو صدر منور تبسم ڪتري ۽ سيڪريٽري محمد سليمان خاصخيلي آهي. هن شاخ کي مرڪز پاران ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي.

## پ ٽ الف

: پرائمري استادن جي هي تنظيم سال 1952ع ۾ قائم ٿي ۽ ان سال هن جو ٽنڊوباگو ۾ بنياد پيو. ٽنڊوباگو ۾ پ ٽ الف جو پهريون تعلقہ صدر سائين مرحوم محمد خان رستماڻي ٿيو. ٽنڊوباگو ۾ سال 2015ع ۾ هن تنظيم جي سڀ کان وڏي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ محمد رمضان جوڻيجو پينل ڪاميابي ماڻي. تعلقہ جي عهديدارن ۾ هن وقت علي محمد وهنداڻي تعلقہ صدر، غلام قاسم خاصخيلي سينيئر نائب صدر، آپا سڪينہ سمون جونيئر نائب صدر، علي اڪبر چانڊيو جنرل سيڪريٽري، مير محمد خاصخيلي ڊپٽي سيڪريٽري، آپا فضہ قمبراڻي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ذوالفقار رند پريس سيڪريٽري چونڊيل آهن.

مولانا حاجي احمد ملاح ادبي فورم :هي فورم ٽنڊوباگو ۾ سال 1996ع ۾ قائم ٿيو. هن فورم جو سرپرست محمد صديق ”مرهم“ ۽ ڪنوينر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ آهي، ميمبرن ۾ محمد يوسف ميراڻي، اشفاق احمد ميمڻ ۽ غلام رسول پان ميمبر آهن. هي فورم مولانا حاجي احمد ملاح جا ڏهاڙا ملائي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽنڊوباگو ادبي فورم

ٽنڊوباگو ۾ سال 2013ع ۾ هتان جي اديبن ”ٽنڊوباگو ادبي فورم“ ادارو قائم ڪيو جنهن جو صدر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ، نائب صدر امر کتري، سيڪريٽري منور کتري، جوائنٽ سيڪريٽري علي مراد لاشاري ۽ خزانچي محمد سليمان دلواڻي آهي.

## خواجه شيعا اثنا عشري جماعت

هي ٽنڊوباگو جي شيعن خواجن جي سماجي تنظيم آهي. هن تنظيم ٽنڊوباگو ۾ بهترين ڪم ڪيا آهن ۽ ڪري پيئي. ٽنڊوباگو ۾ هن تنظيم جو صدر انتظار مهدي خواجه آهي ۽ سيڪريٽري جنرل سڪندر علي خواجه وڪيل آهي، ان سان گڏ ٽنڊوباگو ۾ شهيد فائونڊيشن پاڪستان جي پڻ شاخ ڪم ڪري ٿي، جنهن جو ضلع آرگنائيزر پڻ سڪندر علي خواجه آهي.

## عالم دين

ٽنڊوباگو جي مشهور عالم دين مولوين ۾ اهلسنت جا قاري عبدالواحد فاروقي، مولوي عبدالرزاق هالو، مولوي محمد عيسيٰ سمون، حافظ رفيق، مولوي عبدالواحد ميمڻ، قاري عبدالعزيز مگريو، مولوي محمد حنيف سومرو، مولوي عثمان غني سمون ۽ اهل تشيع جا مولوي سڏير حسين لغاري ۽ مولانا گل محمد حيدري انتهائي مشهور علماء آهن.

## جج

ٽنڊوباگو شهر جي رهندڙ مشهور ججن ۾ اقبال احمد خواجه سيشن جج، رميش ڪمار ايڊيشنل سيشن جج، راجڪمار لوهاڻو سول جج، منير احمد خاصخيلي سول جج ۽ مرحوم ايڊيشنل سيشن جج نورالحق راهوڪڙو جا نالا شامل آهن.

## وڪيل

ٽنڊوباگو شهر جي مشهور وڪيلن ۾ ڏالو مل موتي، سڪندر علي خواجه، احسان علي خواجه، سُريش ڪمار لوهاڻا، اعجاز علي خواجه، ڪنيا لال لوهاڻو، فدا حسين خواجه، غلام عباس دلواڻي، عبدالمجيد ميمڻ، ايشور لال، راجه سهيل ميمڻ، محمد ارشد ڪنبوه ۽ وسيم ڀلاٽي هن شهر جا مشهور وڪيل آهن.

## زميندار

ٽنڊوباگو شهر ۾ رهندڙ مير حاجن ٽالپر، مير منير احمد ٽالپر، مير فراز ٽالپر، مير ڪاشف ٽالپر، مير عطا حسين ٽالپر، مير اظهر ٽالپر، مير عرفان ٽالپر، علي احمد

نظاماڻي، نواز علي گُرگيز نصر الله ۽ رفاقت جروار انور علي خواجه، ڪريم خواجه، نواز خواجه، حاجي سائين بخش جمالي، شاهنواز جمالي، غلام قاسم خاصخيلي، سڪندر علي خواجه، غلام محمد ۽ انتظار مهدي خواجه، راجه پون لوهاڻه، فيروز خواجه، ممتاز دل، اڪبر جمالي، عطا حسين جمالي، سردار غلام رسول، پٽيل اڪبر سمون، عبدالحميد پرڳڙي، محمد صالح دل، شير علي خواجه، الطاف خواجه، حنيف، رفيق پنجابي، محمد خان پنجابي ۽ وڏيرو يوسف دل، سيٺ مهدي محمد ۽ عرفان علي خواجه، ذوالفقار خواجه، ذوالفقار جمالي، سڪندر رُستماڻي، سليمان سمون هتي جا بهترين ۽ مشهور زميندار آهن.

## واپاري

ٽنڊوباگو جي مشهور واپارين ۾ ارشاد علي خواجه، تارا چند لوهاڻا، ڀيشم ڪمار، روي شنڪر، امتياز علي خواجه، زاهد علي خواجه، امام بخش خواجه، رسول بخش خواجه، سيٺ محمد علي خواجه، اسلم خواجه، تلسي ڪوهستاني، سيٺ ڦهو مل، سڪندر علي ۽ والي نواز ميمڻ، محمد ابراهيم ميمڻ، لالا لوهاڻا ڪائي شنڪر لوهاڻا ۽ روپو ريپاري تمام مشهور واپاري آهن.

## اڳوڻا چيئرمين

| | |
|---|---|
| سيٺ محمد ابراهيم ميمڻ | چيئر مين سينٽري ڪميٽي |
| عبدالرزاق ڪارو ڊاڪٽر | چيئرمين سينٽري ڪميٽي |
| عبدالعزيز خواجه | چيئرمين سينٽري ڪميٽي |
| مير حاجي نورحسين ٽالپر | چيئرمين ٽائون ڪميٽي |
| مير حاجي نورحسين ٽالپر | پيپلز ٽائون ڪميٽي |
| حاجي احمد ميمڻ 1979ع | چيئرمين ٽائون ڪميٽي |
| حاجي احمد ميمڻ 1984ع | چيئرمين ٽائون ڪميٽي |
| مهدي محمد خواجه | چيئرمين ٽائون ڪميٽي |
| يار محمد خاصخيلي | چيئرمين ٽائون ڪميٽي |
| ميمبرن ۾ | |
| نانا جهامن ، محمد رحيم زئور ، جمعون شيدي ،مير حاجن ، بابو شاهه ، سيف الدين شيدي ، احمد ڪلهوڙو، محمد اسماعيل ميمڻ ، جان محمد ڪلوئي | |

## ٽنڊوباگو جون سابقہ عورت ڪائونسلر

نيٽي ٻائي موروائي، خانزادي خاصخيلي، زرينہ بلوچ، رخسانہ بلوچ، ٻيبل قمبراڻي، صاحبي قمبراڻي، مهرالنساءَ خاصخيلي، زينت خاصخيلي، زرينہ گجر عورت ڪائونسلر ٿي رهيون آهن.

## فنڪار

ٽنڊوباگو جي پراڻن فنڪارن ۾ ڏوڏو شيدي، هوشو شيدي، ميانجي قوتو لڪاڏنو مڱڻهار سليمان ڪارو مڱڻهار هن وقت گل فقير، سائما حيدري، ڏاڙهون ڏکايل استاد گلڻ، عبدالعزيز شيدي، نظام الدين شيدي مشهور فنڪار آهن. مرثيہ ۽ نوحہ چوندڙن ۾ مرحوم شوڪت علي ۽ محمد سومار خاصخيلي، ناٿو ملنگ، خادم شيدي، منظور علي خواجہ موجوده ۾ ماستر ارشاد علي خواجہ، حاجي قربان علي خواجہ، خادم حسين خواجہ، عاطف حسين خواجہ، عمران خواجہ، منير احمد خواجہ، حسين ڪڇي، دلدار علي ۽ نيزار علي قمبراڻي ، شان قمبراڻي، عمران ، اعجاز ڪلهوڙو، نبي بخش خاصخيلي، مختيار خاصخيلي، اسلم شيدي، ڪريم شيدي تمام گهڻا مشهور آهن.

## اسٽامپ وينڊر

ٽنڊوباگو ۾ اڳي مشهور اسٽامپ وينڊرن ۾ محمد عارب ميمڻ، ماڌو جي ۽ محمد اسحاق ميمڻ هوندا هئا پر هاڻي ڪاڪي ماڌو جي جو پٽ گرڌاري لال نورحسن ميمڻ، غلام عباس لاشاري مشهور اسٽامپ وينڊر آهن.

## ٿانو ناهيندڙ ڪاريگر

ٽنڊوباگو ۾ نڪر جا ٿانون ناهيندڙ مشهور ڪاريگرن ۾ ٽنڊوباگو جو رهندڙ مرحوم محمد آچار ڪنڀار هن فن جو بادشاه ڪاريگر هو. ان سان گڏ ڪانڊيرو ڪنڀار مرحوم پڻ ٿانون ناهڻ جو پلوڙ ڪاريگر هو هن وقت ٽنڊوباگو ۾ محمد اسماعيل، ڪامل ڪنڀار، غلام محمد، غلام علي، اشرف، تاج محمد، ناني حوا پيا مشهور ٿانون ناهڻ جا ڪاريگر آهن.

## ٽنڊوباگو جا ٽرانسپورٽر

ٽنڊوباگو ۾ سڀ کان پهرين جهڏي شهر جي رهواسي سيٺ ساڌو رام ہہ موٽر جيپون ڪرائي تي هلائڻ شروع ڪيون ۽ ان بعد هن بسون جن کي ان وقت لاريون چئبو هو. ٽنڊي باگي جي مختلف روڊن تي هلائڻ شروع ڪيون، جن ۾ سڀ کان پهرين لاري يا بس ٽنڊوباگو کان تلهار روڊ تي هلڻ لڳي، اها ٽنڊوباگو مان مسافر ۽ واپارين کي ڪٺي تلهار جي ريل گاڏي جي

تائيم تي پهچائيندي هُئي. ان بعد ساڌو رام کان اهي لاريون قاسم ميمڻ جيڪ روينيو کاتي ۾ تپيدار. خريد ڪري هلائڻ لڳو. ان وقت اهي لاريون جهڏو کان ٽنڊوباگو ڏگهڙي ۽ ٽنڊوباگو پنگريو ۽ ٽنڊوباگو ٽنڊوباگوکان بدين. ٽنڊوباگو ۽ تلهار درميان هلنديون هيون. تڏهن ڪچا رستا هوندا هُئا. برسات پوڻ کان پوءِ ڪيترائي ڏينهن رستو بند تي ويندو هو ۽ لاريون بند تي بيٺيون هُيون. ان بعد ٽنڊوباگو ۾ سيٺ علي محمد ميمڻ، حاجي الهبچايو کٽي پڻ لاريون ورتيون. ان کان پوءِ 1947ع جهڏو مان لڏي آيل ماما فرمان ۽ استاد سنگهر راجپوت ٽنڊوباگو ۾ وڏو عرصو لاريون ۽ بسون هلائڻ شروع ڪيون. جن جي وقت کان پوءِ سندن اولاد مرحوم استاد رياض ۽ محمد اعجاز بسون هلائڻ وارو ڪم ڪرڻ لڳا. جيڪو سلسلو اجان تائين جاري آهي. ان کان سواءِ هن وقت ٽنڊوباگو ۾ اسد خواجہ، غلام حُسين شاهہ، بابو کوکر، چوڌري اعجاز راجپوت، استاد علي رضا، ملڪ راجپوت مشهور ٽرانسپورٽر آهن. ٽنڊوباگو ۾ هن وقت الناصر ڪوچ سروس پڻ هلندڙ آهي.

## سرن جا بٺا

ٽنڊوباگو شهر ۾ سرن جي بٺن وارا مشهور واپاري رهن ٿا. جن جا شهر جي ٻاهران وڏا سرن جا بٺا آهن. جتي هو بٺي تي لکن جي تعداد ۾ چار انچ، ڇه انچ ۽ ڇت جي چوڪن واريون سرون پچايون۽ ناهيون وڃن ٿيون ، جيڪي هتان مختلف شهرن ڏانهن پڻ ڪجي وڃن ٿيون. ٽنڊوباگو جي سرن وارن بٺن ۾ الهبچايو ڪنڀار جو بٺو، ابراهيم ۽ سومار ڪنڀار جو بٺو محمد رمضان سولنگي جو بٺو، محمد ڪلوئي جو بٺو، حنيف ليل جو سرن وارو بٺو انتهائي مشهور بٺا آهن.

## رازا

ٽنڊوباگو ۾ جاين ناهڻ جا مشهور رازا ڪاريگر ٿي گذريا آهن ۽ موجود آهن. جن ۾ استو گوٺو استاد رامچند، استو سومار، استو وڪيو شيدي، نورمحمد شيدي، پپو شيدي، نيازو شيدي، حاجي محمد شيدي، ويرم ڪولهي، پورو ڪولهي، استو سلو ڪولهي، غلام ملاح، عارب ملاح تمام گهڻا مشهور رازا آهن.

## مڱڻهار

ٽنڊوباگو جا مڱڻهار فقير نہ رڳو هتي پر سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻا مشهور هوندا هئا. اڳي پري پري جا ماڻهو ٽنڊوباگو جي مڱڻهار فقيرن کي شادين ۾ خاص طور گهرائيندا هئا. انهن مشهور مڱڻهار فقيرن ۾ مرحوم توڏو فقير دهل وڄائڻ، مرحوم رانجهو فقير، شهنائي وڄائڻ دادو ۽ بادل فقير بين وڄائڻ، سيندو فقير متو وڄائڻ ۽ خدا بخش دهل وڄائڻ جا مشهور فنڪار هئا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽنڊوباگو جا حلوائي

ٽنڊوباگو ۾ آڳاٽي زماني ۾ پرسومل، ويرومل، وسومل ۽ غلام رسول مغل جا مشهور مٺائي وارا دُڪان هوندا هُئا. جن کي حلوائي سيٺ چيو ويندو هو. ان بعد ٽنڊوباگو شهر ۾ سيٺ الله بچايو ڪلهوڙو ۽ الله جڙيو ڪلهوڙو، حاجي بچو ميمڻ، عارو ميمڻ، احمد ڪلهوڙو ۽ سيٺ علي محمد ملاح مشهور حلوائي ٿي گُذريا آهن. هن وقت فتح ملاح، فقير عبدالله ميمڻ، صديق ملاح ۽ نظير ۽ نواز ميمڻ، ناگوري، الله ڏنو ملاح، حاجي علي محمد، عبدالغني ميمڻ، عبدالڪريم انصاري، ابو خاصخيلي، مشهور حلوائي آهن .سٽنڊوباگو ۾ مٺائي ٺاهيندڙ ڪاريگرن ۾ اڳي حاجي جيئند ميمڻ، پرسومل واٽيون، مرچومل، احمد ڪلهوڙو، خان محمد لاشاري هاڻي علي نواز ميمڻ، حاجي علي محمد ميمڻ، خير محمد ملاح، غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو، گل بهار ڪلوئي، الله جڙيو شاهه مٺائي ٺاهڻ وارا مشهور ڪاريگر آهن.

# ڪاسائي

اڳي پُراڻي سبزي مارڪيٽ سان گڏ مڇي ۽ گوشت جي پُڙ مارڪيٽ هوندي هُئي، جتي محمد حسن شاهه ۽ نور محمد قريشي ٻاڪرو گوشت وڪرو ڪندا هُئا. ان وقت ممون خاصخيلي ٽنڊوباگو جو مشهور ڪاسائي هوندو هو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر اشرف خواجه جي اسپتال وٽ گوشت جون اڏيون هونديون هُيون، جتي حاجي علڻ خاصخيلي، اميرو خاصخيلي ۽ بچايو ملاح وڏو گوشت ڪپائيندا هُئا. هاڻي ٽنڊوباگو ۾ ماما ارشاد پنجابي سندس پُٽن راشد ۽ آصف، بچايو ملاح ۽ شريف خاصخيلي جون وڏي گوشت جون اڏيون، الياس قريشي، منير ميمڻ ۽ عنايت خاصخيلي ننڍو گوشت ۽ مرغي جو گوشت وڪڻن ٿا.

# درزي

ٽنڊوباگو ۾ اڳي مردانه ۽ زنانه ڪپڙن سبڻ جا مشهور درزي استو پرو ميمڻ، استو ڇٽو خواجه، محمد عباسي، محمد خاصخيلي، نور احمد خاصخيلي، احمد پيان، عرس ميمڻ، حاجي شيدي ۽ غلام حُسين پيان، استاد عمر کٽي، احمد لوهار مشهور درزي هوندا هُئا. جن کان پوءِ هن وقت استاد حسن ڪڇي، هاشم کوکر، علي مُراد زئور، اڪبر علي خاصخيلي، اسماعيل مگريو سجاد ميمڻ، ڇيٽن ميگهواڙ، رامو ميگهواڙ، اسلم کٽي، مينو ڪلهوڙو، گلو ۽ غلام محمد ٻهلاڻي، جيوو ڪولهي ڪنڊڙي ۽ ڪاڇن جا جلال چانديو ۽ لڏا رام ميگهواڙ مور عرف پير ريباري ڪاريگر آهن.

# آرا مشينون

تنڊوباگو شهر ۾ ڪاٺ چيرڻ وارين آرا مشينن جو پڻ وڏو تعداد آهي، جن ۾ غلام رسول لوهار، گل حسن زنگيجو جي آرا مشين، شير علي خواجه جي آرا مشين، غلام شبير زئور جي آرا مشين، مير حاجن واري آرا مشين ۽ سيٺ شمعون ميمڻ جي آرا مشين تمام گهڻيون مشهور آهن.

# تنڊوباگو جون مشهور هوٽلون

سن 1900ع کان پوءِ جڏهن تنڊوباگو جي بازار ٺهي ته هن بازار ۾ سڀ کان پهرين واٽين جون ٽي هوٽلون کليون، جن ۾ چاڳومل ۽ چتومل جون چانهه واريون هوٽلون ۽ گيانچند جي ماني پوڙ واري هوٽل هونديون هيون. ڪيترن سالن کان پوءِ جڏهن تنڊوباگو جي شاهي بازار سيٺ ابراهيم ميمڻ جي دُڪان کان اڳتي وڌي ته شاهي بازار ۾ سيٺ قمرالزمان مغل وڏي هوٽل کولي. ڪجهه سالن کان پوءِ سيٺ صديق مڱڻهار قمرالزمان مغل جي سامهون بانس جي ڇڙن ۽ پڪن واري وڏي هوٽل قائم ڪئي، اهي تنڊوباگو شهر جون ان وقت بئي وڏيون هوٽلون هونديون هيون. ان ڪانسواءِ لڪياري جي پڙ ۾ ملهار ڪهيري جي هوٽل جتي سيئل مڇي ۽ چانورن جي ماني تمام گهڻي لذيذ ۽ مشهور هوندي هُئي ته ان وقت بخاري جي پِڙ ۾ ڏنو خاصخيلي جي چانهه واري هوٽل ۽ شاهي بازار ۾ پوڙهو ڪلهوڙو جي هوٽل به چانهه جي ڪري تمام گهڻيون مشهور هونديون هيون ۽ باگي واهه پرسان ملباري جي هوٽل به مشهور هوندي هُئي. تنڊوباگو شهر جي بس استاپ تي محمد سومار مڱڻهار جي قذافي هوٽل، لالي علي مردان جي هوٽل، سيٺ تارا چند لوهاڻه جي وڏي هوٽل ساماٽو خاصخيلي ۽ جمع ملاح جي هوٽل مشهور هوٽلون هُيون ۽ آهن. هن وقت تنڊوباگو بس استاپ تي عابد پنجابي جي هوٽل، قذافي هوٽل، پشاوري لالي واري هوٽل سان گڏ بازار ۾ غلام رسول سيال ۽ ميانجي خاصخيلي، سانوڻ ۽ بالو خاصخيلي جون هوٽلون، لڏو ڪيچي ۽ چانڊيئي واري هوٽل، ڏيئي چوڪ تي حنيف خاصخيلي، جمعون خاصخيلي، متارو خاصخيلي،صديق ميمڻ جون هوٽلون، ڊينيج پر سان جمع ملاح جي هوٽل ۽ جهڏو روڊ تي پمپ واري هارون شيدي جي هوٽل تمام گهڻيون مشهور آهن.

# ريزڪي دُڪان

تنڊوباگو ۾ پهرين قائم ٿيل بازار ۾ ريزڪي دُڪان جي سيٺن جا نالا ته نه ٿا ملن. پر ان وقت تنڊوباگو جي پهرين بازار کان پوءِ فاروقيه مسجد اڳيان جيڪا بازار شروع ٿي، ان ۾ سيٺ ابراهيم ميمڻ جو ريزڪي ۽ پنسارڪو دُڪان، موسو ڀرائي جو دُڪان، سِلو ميمڻ ۽ عارب ميمڻ جا مشهور دُڪان هُئا. ان بعد 1950ع کان پوءِ جي حسن علي خواجه جي وڏي ڪوٺي متارو ميمڻ، لڪاڏنو ميمڻ، لونگ ميمڻ، خالقڏنو ميمڻ، مولابخش خواجه، علي بخش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواجہ جا وڏا ريزڪي دُڪان، سرڪاري مارڪيٽ ۾ قربان خواجہ، گلو ميمڻ، ٺارو خواجہ، مولابخش خواجہ جا وڏا ريزڪي دُڪان هوندا هُئا. هن وقت ٽنڊوباگو شهر ۾ رسول بخش خواجہ، صالح ميمڻ، ابراهيم ميمڻ، گلزار رباري، سنگرام ٺڪر، گلو ميمڻ، رام واڻين، ڀيشم واڻين، مجاهد خواجہ جا ريزڪي دُڪان آهن.

## ڪپڙي جا دُڪان

ٽنڊوباگو ۾ اڳي ڪپڙي جي مشهور دُڪاندارن ۾ حاجي احمد ميمڻ، سيٺ ليلو واڻين، سيٺ قاسم کٽي، رسول بخش، رسول ڏنو خواجہ، الهورايو کٽي، منشي ميمڻ، حميد مهاجر، فهيم کٽي ۽ انور خواجہ جا دُڪان انتهائي مشهور هوندا هُئا، هن وقت رفيق ميمڻ، شبير ميمڻ، سيٺ پپو ميمڻ، حاجي يعقوب ميمڻ، ڏاڏا علي محمد کٽي مشهور ڪپڙي جا واپاري آهن.

## بيڪريون

ٽنڊوباگو شهر ۾ وڏيون 5 بسڪيٽ ناهڻ جون بئڪريون آهن. جن ۾ سيٺ فيروز خواجہ جي پائي پائي بيڪري، عزيز خواجہ جي نزا بيڪري، شهروز خواجہ جي فضا بيڪري، عدنان خواجہ جي اڪبر بيڪري ۽ عبدالجبار ساٿي جي بيڪري شامل آهي.

## ڌوٻي گهاٽ ۽ ڌوٻي

ٽنڊوباگو جو پهريون ڌوٻي گهاٽ نيري درياء واري نل تي هوندو هو، جتي ڌوٻي ڪپڙا ڌوئيندا هئا، ان کان پوءِ ميرن واري ڪاڻ تي پڻ وڏو ڌوٻي گهاٽ ۽ نورعلي بابا جي قبرستان پرسان نهيل کوهہ وٽ وڏو ڌوٻي گهاٽ هوندو هو ان وقت باگي واهہ ۾ 6 ماهہ پاڻي وهندو هو جڏهن باگو واهہ باراهو وهڻ لڳو تہ مائي واري کوهہ پرسان ڌوٻين پنهنجو گهاٽ ناهيو. ان وقت کٽي ذات جا ماڻهو ڌوٻڪو ڪم ڪندا هئا. جن ۾ يونس کٽي ۽ ٻيا هئا. پر ان وقت ميانجي قوتو، ميدان علي ملاح مشهور ڌوٻي هوندا هئا ۽ ان سان گڏ جمن شاهہ بابلو ٽنڊوباگو جو مشهور ڌوٻي هوندو هو.

## ڪئبينون

ڪو زمانو هو جو ٽنڊوباگو ۾ ورلي ڪو پٽي وارو پان کائيندو هو باقي ماڻهن جو وڏو تعداد شوق سان گلقند وارا منا پان کائيندا هُئا. ٽنڊوباگو ۾ اڳي مانڊڻيون هونديون هُيون، جتي انڊيا جي پن واريون ٻيڙيون ۽ سگريٽ ملندا هُئا 1970ع ڌاري ٽنڊوباگو ۾ پان شروع ٿيا تہ شاهي بازار ۾ اڪبر خواجہ، ناٿو خواجہ، عرس ميمڻ، وڏيون ڪئبينون لڳايون. ان بعد منشي ميمڻ، غلام ڪڇي ۽ گلزار خواجہ، لالي علي مرادان بہ وڏيون ڪئبينون کوليون. هن وقت

ٽنڊوباگو ۾ پتو ميمڻ، نثار ميمڻ، مجيد ميمڻ، انور خاصخيلي، شاهد خاصخيلي، مولو پتي، ماستر ارشاد ميمڻ ۽ راشد ميمڻ جون وڏيون ڪئبينون آهن. جتي وڏي تعداد ۾ پتي وارا پان وڪرو ٿين ٿا.

## جتين ۽ بوٽن جا مشهور دُڪان

ٽنڊوباگو جي بازار ۾ اڳي نظير ميمڻ، احمد علي خواجه، توڳلو ميگهواڙ، بصر ميگهواڙ، ڏاڙهون ميگهواڙ جا جتين ۽ بوٽن جا مشهور دُڪان هوندا هُئا، هن وقت مرتضيٰ ميمڻ، حاجي محمد ميمڻ، عربي ميمڻ، آچار ميگهواڙ جا دُڪان آهن.

## پرائيويٽ اسپتالون ۽ ڊاڪٽر

ٽنڊوباگو شهر ۾ وڏا ماهر ۽ هوشيار پرائيويٽ ڊاڪٽر آهن، جن جون اسپتالون تمام گهڻيون آهن، جن ۾ ڊاڪٽر ساڌو رام، ڊاڪٽر پريم جي اسپتال، ڊاڪٽر وقار احمد ميمڻ جي اسپتال، ڊاڪٽر لڪاڏنو عباسي جي اسپتال، ڊاڪٽر گلزار خواجه، ڊاڪٽر منظور خواجه، ڊاڪٽر چيت رام، ڊاڪٽر سُريش، ڊاڪٽر حنيف ميمڻ، ڊاڪٽر محمد جمن ڪٽي، ڊاڪٽر هري، ڊاڪٽر ٽيڪم داس لوهاڻه، ڊاڪٽر D.K وانڪواني اسپتال، ڊاڪٽر ذوالفقار ميمڻ، ڊاڪٽر موهن، ڊاڪٽر نظير احمد پرڳڙي، ڊاڪٽر منظور خواجه حڪيمن ۽ هوميو پيٿڪ ڊاڪٽرن ۾ ڊاڪٽر دوست محمد چانڊيو، ڊاڪٽر مُراد بلوچ، ڊاڪٽر مختيار احمد ميمڻ، ڊاڪٽر اشرف خواجه، پير بابو شاهه حڪيم، ڊاڪٽر منٺار ربياري، ڊاڪٽر اصغر ڪٽي، ڊاڪٽر عبدالرحمان ٻهلاٽي. ان کان سواءِ هتي ڊاڪٽر شميم پرڳڙي جو ويم گهر، ڊاڪٽر انيلا خواجه جو ويم گهر، ڊاڪٽر فرحانه ڪٽي جو ويم گهر، ڊاڪٽر سائره ميمڻ جو ويم گهر، ڊاڪٽر امينه اشرف خواجه ۽ ڊاڪٽر حميده عباسي جو ويم گهر پڻ مشهور آهن.

## ميڊيڪل اسٽور

ٽنڊوباگو ۾ اڳي سيٺ ليڪو مل جو ميڊيڪل اسٽور ۽ شريف ٻهلاٽي جو اسٽور، سيرو مل جو اسٽور، حاجان خواجه، فضل ٻهلاٽي جا مشهور ميڊيڪل اسٽور هوندا هُئا، هن وقت سيٺ تارا چند لوهاڻا، ڪوثر ۽ ظهير خواجه، راهب خواجه، نياز احمد پرڳڙي، عذادار حسين خواجه، عبدالقادر ميمڻ، اقبال ۽ اعجاز خواجه، ڊاڪٽر دوست محمد چانڊيو، ڊاڪٽر مُراد بلوچ، زاهد رُستماڻي، ڊاڪٽر وقار ميمڻ، ڊاڪٽر اسلم پرڳڙي ۽ سنجيوني اسٽور مشهور ميڊيڪل اسٽور آهن.

# جنسن واريون پيڍيون

پيڍيون ان دُڪان کي چيو ويجي ٿو جتي جنسن جي خريد و فروخت ٿئي. پيڍين تي ڪٽڪ، سارين، توريو ڇانيو ڏالڊا، جنتر، لوسڻ جاڙ، وڏف، ۽ ڪپهہ سميت ٻج واريون سڀ جنسون خريد ڪيون وينديون آهن. ٽنڊوباگو ۾ مشهور جنسن ۽ پيڍين وارن واپارين ۾ سيٺ روپو ريباري ڪائي شنڪر لوهاڻو دليپ ڪمار جاني ميمڻ، اسلم سومرو سڪندر علي رُستماڻي، مهيش ڪمار، راجہ صوفي، ڏرمون، ڏنو ريباري موهن ريباري، اسد ميمڻ، صفدر پنجابي، لڇمڻ داس،سيٺ پهومل، مڪيش پيل، بيشم ڪمار هريش گل، نارائڻ داس، خدا ڏنو جمالي، محمد خواجہ ڪمليش ڪمار ڪارو مل، تلسي ڪوهستاني، چانڊو ريباري، لالا گووندا، عبدالواحد زئور،مقصود ميمڻ، حسن خواجہ مشهور پيڍي واپاري آهن.

# سبزي مارڪيٽ ۽ مڇي مارڪيٽ

1970ع کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ بخاري جي پڙ ۾ وڏي سبزي واري مارڪيٽ مشهور هوندي هُئي. جتان صبح شام شهر جا ماڻهو سبزي خريد ڪندا هُئا. ان سبزي مارڪيٽ ۾ عمر ڪلهوڙو، رزاق ميمڻ، محمد ۽ هاشو ميمڻ، جمع، عبدالله ميمڻ ۽ پوجو ڪولهي جا سبزي وارا دڪان هوندا هُئا. ان سان گڏ مڇي جي مارڪيٽ بہ هوندي هئي، جتي جمع ساتي ۽ ٻيا مڇي ۽ پلا وڪرو ڪندا هئا، هاڻي اها مارڪيٽ ختم ٿي ويئي آهي، هن وقت شهر ۾ جمع ميمڻ، ابراهيم ميمڻ، يوسف ميمڻ، منظور ميمڻ، حاجي حبيب ميمڻ، اڪبر ميمڻ، بچل زئور، ڪانسواءِ شفقت شيدي ۽ رفيق ميمڻ ۽ گل حسن ملاح جا دُڪان ۽ سبزي جا گاڏا آهن. ان کان سواءِ شهر ۾ هاڻي پڙين تي مڇي وڪرو ڪن ٿا.

# سبزي منڊي

ٽنڊوباگو جا سبزي جا واپاري اڳي حيدرآباد مان سبزي خريد ڪري وڪرو ڪندا هُئا، پر سال 2000ع کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ پنگريو روڊ تي ٽنڊوباگو جي واپارين سبزي منڊي قائم ڪئي.جتان وري هاڻي بدين روڊ تي سرڪاري سبزي منڊي ۾ وڃي ويٺا آهن، جتي امين ميمڻ ۽ حبيب ميمڻ جي سبزي منڊي، الهچايو ميمڻ جي سبزي منڊي، حاجي موسي ميمڻ، منظور احمد ميمڻ، فاروق ميمڻ، مبارڪ هاليپوٽو جي سبزي منڊي ۽ امتياز علي ڪٽي جي سبزي منڊيون مشهور آهن.

# ڪمپيوٽر ڪانٽا

ٽنڊوباگو ۾ ڪمند، ڪٽڪ، سارين، ڦٽين، ڪانئين ۽ ٻين جنسن جي وزن واري وڏين ٽرڪن کان وينڊي رڪشائن ۽ گڏھ گاڏين جي وزن ڪرائڻ لاءِ بہ ڪمپيوٽر ڪانٽا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن.جن ۾ هڪ اڳي سانول شاھ ۽ هاڻي وجئہ ڪمار جو پنگريو روڊ تي ڪمپيوٽر ڪانٽو 2007ع ۾ ۽ جهڏو روڊ تي مير حاجن ٽالپر جو” ٽالپر ڪمپيوٽر ڪانٽو“ سال 2010ع ۾ قائم ٿيو.

## ڪمپيوٽر سينٽر

ٽنڊوباگو شهر ۾ بہ ڪمپيوٽر سينٽر آهن، جتي شهر جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورس ڪرايا وڃن ٿا. ٽنڊوباگو جي پراڻي شاهي بازار ۾ زوهيب حسن ۽ عرفان علي بلوچ جو “عرفان ڪمپيوٽر سينٽر” ۽ نجيب احمد ڪتري جو شمع ڪمپيوٽر سينٽر ٽنڊي باگي جي ڪتي پاڙي ۾ آهي.

## موبائيل نيٽ ورڪ

اڳي لائين وارا ٽيليفون هوندا هئا. جيڪي پڻ سيٺين، زميندارن ۽ سرڪاري آفيس وٽ لڳل هوندا هئا. پر زمانو بدليو تہ موبائيل فون نڪتا تہ شروع ۾ موبائيل پڻ خاص پئسي وارن ماڻهن ۽ ڪاروباري ماڻهن وٽ هوندا هئا. پر جڏهن چائنا سستا موبائيل مارڪيٽ ۾ آندا تہ موبائيل عام جام ٿي ويا. ٽنڊوباگو ۾ هن وقت موبي لنڪ، ٽيلينار، يوفون، زونگ، پي ٽي سي ايل ۽ وارد جا وڏا ٽاور لڳل آهن ۽ انهن نيٽ ورڪن جا موبائيل عام جام آهن.

## بسون ڪوسٽر ۽ وينون

ٽنڊوباگو شهر مان مک وڏا چار روڊ (رستا) نڪرن ٿا. جن ۾ ٽنڊوباگو کان حيدرآباد مين روڊ، ٽنڊوباگو کان پنگريو مين روڊ، ٽنڊوباگو کان ڪراچي وايا بدين مين روڊ ۽ ٽنڊوباگو کان ٽڙ پارڪر وايا جهڏو ۽ ڏگهڙي روڊ نڪرن ٿا. هنن روڊن تي هلندڙ ٽرانسپورٽ وارين گاڏين جو تفصيل هن ريت آهي، ٽنڊوباگو کان پنگريو ۽ حيدرآباد جي روڊ واري لائين تي 30 مسافر وينون 3 ڪوسٽر هلن ٿيون. ٽنڊوباگو کان جهڏو ۽ بدين واري لائين تي 10 کان وڌيڪ ڪوسٽر، 4 وينون هلن ٿيون. جهڏو کان حيدرآباد تائين 16 وينون هلن ٿيون ۽ ان کان سواءِ ٽنڊوباگو مان هڪ حيدرآباد ۽ ڪراچي لاءِ اي سي ڪوچ ۽ ٽنڊوباگو کان ڪراچي وايا بدين لاءِ 3 اي سي ڪوچون هلن ٿيون.

## بس اسٽاپ ۽ ڪارن جو اڏو

اڳي ٽنڊوباگو جو بس اسٽاپ ٽنڊوباگو تلهار روڊ تي پرڳڙي پيٽرول پمپ سامهون هوندو هو پر سال 1989ع ۾ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين مهدي محمد خواجہ جي ڪوشش سان باگي واھ ۽ تلهار روڊ جي وچ ۾ پيل موجود بس اسٽاپ کي سرڪاري بس اسٽاپ بنايو ويو. ۽ اتي ٻن ڪمرن ۽ ليٽرينن سان وڏو مسافر خانو تعمير ڪرايو ويو جيڪو هن وقت موجود آهي. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت اتي لڳو لڳ 200 جي تعداد ۾ ڪارون، سوزڪيون، ڪيريون، مزدائون ۽ شهزور بيهن ٿيون.

## تيل گئس جا پمپ

ٽنڊوباگو ۾ سڀ کان پهرين مين بس اسٽاپ تي عبدالحميد پرڳڙي جو ڪريم گيسولين پمپ ڪليو ۽ ان کان پوءِ بدين روڊ تي شيل پيٽرول پمپ ان بعد جهڏو روڊ تي شاهه وارو P.S.O پمپ جنهن بعد تلهار روڊ تي ڊاڪٽر نذير پرڳڙي جو آسڪر پمپ ۽ پنگريو روڊ تي امير عباس ميمڻ جو پيٽرول پمپ آهي. هن کان سواءِ ٽنڊوباگو ۾ هڪ گئس واري جمالي C.N.G اسٽيشن آهي.

## ٽنڊوباگو جون مشهور سوغاتون

ٽنڊوباگو لاڙ پٽ (علائقي) جو مشهور شهر هئڻ ڪري ڪڏهن هتي جا ڳاڙها چانور مشهور هوندا هئا، پر هاڻي اهي ختم تي ويا آهن. هن وقت ٽنڊوباگو ۾ ڳاڙهن چانورن جو اتو ۽ ان جي ڳاڙهي چانورن واري ماني مشهور آهي. جڏهن تہ ٽنڊوباگو جي مڇي پڻ ملڪان ملڪ مشهور آهي. ان کان سواءِ ٽنڊوباگو شهر ۾ حلوائين وارن دڪانن تي اڳي صبح جي ناشتي ۾ الهجڙيو ڪلهوڙو ۽ حاجي بچو ميمڻ جا دال پڪوان انتهائي مشهور هوندا هئا. هن وقت پڻ ڪريم انصاري ۽ عبدالله ميمڻ، غني ميمڻ، ناگوري ۽ نظير ميمڻ جا دال پڪوان تمام گهڻا مشهور آهن. ان سان گڏ راڻي عمراڻي جا تازا پڪوڙا ڪراچي تائين مشهور آهن.

## خانبهادر مير غلام محمد خان ٽالپر

ميرباگي خان جي خاندان مان مير محمد خان ٽالپر درويش صفت انسان ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. سندن سخاوت جو به عجيب مثال آهي .سندن خاندان ۾ ڪا شادي ٿي يا فوتگي ٿيندي هئي ته ان جو سمورو خرچ هي پاڻ پريندو هو ويندي نوڪرن چاڪرن کي به پنهنجي گهر جو فرد ۽ حصو سمجهندو هو. 1876ع ۾ مير محمد خان ٽالپر جي گهر ۾ هڪ اهڙو ٻار پيدا ٿيو جنهن نه رڳو حياتي ۾ سخاوت ڪري پنهنجو نالو ڪڍايو پر هن لاڙ علائقي جي اڀوجهه ۽ غريب ماڻهن جي ڪڪائين جهوپڙين ۾ تعليم جي اهڙي ته شمع روشن ڪئي، جو سندس نالو تا قيامت تائين ياد رهندو. جڏهن لاڙ جا غريب ماڻهو پنهنجي اولاد کي مال چارڻ گاهه ڪرائڻ ۽ ٻنين ۾ پاڻ سان گڏ ڪم ڪرائيندا هئا ته اها ڳالهه مير غلام محمد خان کان برداشت نه ٿي سگهي .هن 1920ع ۾ ٽنڊوباگو جي شيدي محلي ۾ محمد صديق مسافر جي مدد سان پهريون انگريزي اسڪول ۽ ان سان گڏ شاگردن جي رهائش لاءِ بورڊنگ هائوس قائم ڪيو جتي مسافر شروع ۾ ٽنڊوباگو پرسان ڳوٺ ٿوهي لغاري جا پنج شاگرد وٺي اچي اسڪول شروع ڪرايو. جنهن بعد هن انگريز سرڪار جي علمدارن سان ملي انگريزي اسڪول جي اجازت وٺي 1921ع کان پنهنجي ذاتي خرچ تي هڪ وڏي درسگاهه جي تعمير شروع ڪرائي جيڪا 1924ع جي آخر ۾ مڪمل ٿي ويئي .۽ 1925ع ۾ اهو لارينس مدرسه هاءِ اسڪول جي نالي سان شروع ٿي ويو ۽ هن وقت اها وڏي درسگاهه هاءِ اسڪول کان پوءِ هائر سيڪنڊري اسڪول طور هلي رهي آهي. اڳي هن علائقي جي غريب ماڻهن جا ٻار مال جو گاهه ڪندا ۽ رڍون ٻڪريون ۽ ٻيو مال چاريندا هئا، اهي وري مير جي قائم ڪيل درسگاهه مان پڙهي وڏن عهدن تي وڃي پهتا. ميرغلام محمد ٽالپر جي سوچ ساپيان ماڻهي ۽ سندس قائم ڪيل اسڪول مان علامه محمد عمر دائود پوٽو، ايچ ايم خواجه ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل، قاضي قمرالدين، سائين الهڏنو عباسي، نٿومل موروواڻي ڍالو مل موتي، ميرمحبوب ٽالپر، شمشيرالحيدري، علي بخش لغاري ،علي اڪبر رستماڻي، پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ، سائين ضراراحمد رستماڻي جهڙا ڏاها ماڻهو پڙهي وڏن عهدن تي پهتا. ميرغلام محمد ٽالپر پاران قائم ڪيل لارينس مدرسه ۽ گبسن بورڊنگ هائوس ۾ تعليم سان گڏ غريب شاگردن کي رهائش ۽ کاڌو به مفت ۾ ملندو. هو ان بورڊنگ هائوس کي هلائڻ لاءِ ميرغلام محمد سرڪار کي انڊومينٽ فنڊ ۾ 3 لک 87000 رپيا ڏنا هئا. جن جي منافي مان مير صاحب جي وفات کان پوءِ 1998ع تائين اها بورڊنگ هائوس مير صاحب جي رکيل پئسن مان هلندي رهي، پر هاڻي اها بند ٿي ويئي آهي. مير غلام محمد ٽنڊوباگو ۾ فقط نه هي اسڪول ٺهرايو پر ان کان سواءِ هن ٽنڊوباگو ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ اسڪول، غريب عورتن لاءِ ويم گهر ، گشتي شفا خانو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنڊوباگو ۾ هڪ وڏو ۽ عاليشان مسافر خانو پڻ ٺهرايو. جتي پري پري کان آيل مسافر ترسندا هئا. سندس اهڙي سخاوت جي ڪري انگريز سرڪار کيس خان بهادر جي لقب سان نوازيو. مير صاحب پاران قائم ڪيل اسڪول جي بلڊنگ کي ايم اين اي محترمه فهميده مرزا اسپيڪر قومي اسيمبلي جي ڪوشش سان ايران حڪومت کان ساڍا ٻارنهن ڪروڙ جي لاڳت واري اسڪيم ڏياري اسڪول ۾ نئين بهترين بلڊنگ، وڏو آڊيٽوريم هال ٺهرايو ۽ فرنيچر ڏياريو. جنهن کان سواءِ هن اسڪول جي پراڻي بلڊنگ کي ثقافتي ورثي ۾ آڻائي هن پيهر اصلي شڪل بحال ڪرائي. مير غلام محمد 12 فيبروري 1932ع ۾ وفات ڪئي. کيس ٽن گهر وارين مان ڪو به اولاد نه هو. هر سال 12 فيبروري تي سندس ٺهرايل اسڪول ۾ سندس ورسي ملهائي سندس ياد کي تازو ڪيو ويجي ٿو سندس آخري آرام گاهه تنڊوباگو جي نظر محمد شاهه قبرستان ۾ آهي.

## محمد صديق مسافر

آفريڪا جي زنجبار علائقي مان عرب واپاري شيخ حسين کي مليل غلامن مان ستن سالن جو هڪ ننڍڙو حبشي غلام بلال، جڏهن ٻين غلامن سان گڏ سنڌ جي شهر ننگر ٺٽي جي بندرگاهه تي قائم غلامن جي خريدڻ واري منڊي ۾ پهتو ته اتي کيس هڪ سنگتراش غلام علي خريد ڪري ورتو. ڪجهه سالن کان پوءِ جڏهن اهو سنگتراش پنهنجي خاندان سان گڏ اچي تنڊوباگو پهتو ته ننڍڙو غلام بلال حبشي به هن سان گڏ هو. غلام علي سنگتراش پاران پوڙ لاءِ ورتل مڇي ۽ ٿال واهڙ ۾ ڪيرائي وجهڻ تي غلام علي ناراض ٿي بلال کي وڪرو ڪرڻ لاءِ بازار وٺي رهيو هو ته وات تي پينل الله واري شخص مخدوم حر علي کيس خريد ڪري گهر وٺي ويو. جڏهن بلال بيمار ٿي پيو ته هنن هن جو نالو بلال مان مٽائي گلاب رکيو. گلاب جڏهن جوان ٿيو ته مخدوم حر علي هڪ حبشي غلام عورت خريد ڪري گلاب کي پرڻايو جنهن مان هن کي 18 ٻار پيدا ٿيا. پر سڀ ننڍي هوندي وفات ڪري ويا. 1843ع کان پوءِ راڻي وڪٽوريه غلامن کي آزاد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته مخدوم حر علي ٻنهي زال مڙس کي آزاد ڪري ڇڏيو. تنڊوباگو ۾ شيدين جي مکي ۽ جمعدار وڏي گلاب سان گهٽي ويجهڙائي کان پوءِ پهرين زال جي وفات کان پوءِ وڏي گلاب شيدي برادري مان هڪ ڪنواري ڇوڪري وٺي ننڍي گلاب جي شادي ڪرائي، جنهن مان کيس 11 نياڻيون ۽ هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو محمد صديق رکيو ويو. وڏي گلاب جي وصيت موجب سندس وفات کان پوءِ مسافر جي والد ننڍي گلاب کي برادري جمعدار ۽ مکي چونڊيو. والد جي وفات بعد اهڙي پڳ ننڍي هوندي محمدصديق مسافر کي ٻڌائي ويئي . محمد صديق جيڪو اڳتي هلي مسافر جي نالي سان مشهور ٿيو. ان شروعاتي تعليم پاڙي جي هڪ مڪتب مان حاصل ڪئي. جنهن بعد 1893ع ۾ کيس تنڊوباگو جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. تنڊوباگو مان هن تعليم حاصل ڪري حيدرآباد ۾ فائنل پاس ڪيو. پڙهائي پوري ڪري هن تعليم کاتي ۾ نوڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتي، ڪيس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. اتي هن ڪيترائي سال نوڪري ڪئي، جتان مير غلام محمد خان ٽالپر کيس ٽنڊوباگو وٺي آيو 1920ع ۾ پهرين مير غلام محمد ٽالپر جي خرچ تي انگريزي جو اسڪول شروع ڪيو. 1921ع ۾ موجوده اسڪول ٺهڻ شروع ٿيو ۽ 1924ع ۾ مڪمل تيار ٿيو ته مير صاحب محمد صديق مسافر کي نئين ٺهيل بلڊنگ ۾ شفٽ ٿيڻ جو چيو. جتي مسافر پهريون انچارج هيڊ ماستر ٿيو. محمد صديق مسافر هڪ بهترين استاد سان گڏ وڏو شاعر، اديب ۽ تاريخدان هو. هن 25 کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ ”ڪليات مسافر“ هن جي بهترين سوانح حيات آهي. سندس ٻاراڻي ادب تي لکيل نظم ۽ بيت اڄ به درسي ڪتابن ۾ شامل آهن. 24 سيپٽمبر 1962ع تي هن وفات ڪئي. سندس مزار ٽنڊوباگو ۾ گهر پرسان موجود آهي. پر افسوس ته اهڙي عظيم انسان جي اها قبر اڄ ڪسمپرسي واري حالت ۾ موجود آهي، هر سال مسافر جي ورسي جي ڏهاڙي تي وقت جي حڪمرانن کي توجه ڏياري ويندي آهي. پر اڄ تائين ڪنهن جي به نظر ان مسافر جي طرف نه وئي، ته هن درويش جي قبر جي پرسان رکيل گندي پاڻي کي هٽائي ڪري ان جي حفاظت ڪئي وڃي.

## مير نور حسين خان ٽالپر

1911ع ۾ مير حاجي شاهه محمد ٽالپر جي گهر ۾ هڪ اهڙي ٻار جنم ورتو. جيڪو جواني ۾ پهچندي وڏو مرد قلندر بنجي ويو. مير نورحسين ٽالپر برادري ۾ وڏو عالم ۽ ڏاهو انسان هو. سندس والد کيس مولوي احمد جوڻيجو کان عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏياري. جنهن بعد کيس سنڌي پڙهڻ لاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو جتي پنج درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ مير نورحسين ميرغلام محمد ٽالپر جي ٺهرايل هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪري ڪراچي پڙهڻ ويو. جتي هن ڊي جي ڪاليج مان انٽر جو امتحان پاس ڪري ٽنڊوباگو موٽي آيو. کيس سنڌي کان سواءِ اردو، عربي ۽ فارسي زبانن تي عبور حاصل هو هن کي عربي ادب سان تمام گهڻو چاهه هوندو هو. مير نورحسين ٽالپر 1936ع ۾ علامه مشرقي جي شروع ڪيل ”خاڪسار تحريڪ“ ۾ شموليت اختيار ڪئي، هن علامه مشرقي کي خط لکي کيس خاڪسار تحريڪ کي هلائڻ لاءِ سندس 9 سئو ايڪڙ زرعي زمين تحريڪ کي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ان تي خاڪسار تحريڪ جي مجلس شوريٰ ۾ وڏي بحث کان پوءِ زمين نه وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مير نورحسين جي اهڙي قرباني تي کيس خاڪسار تحريڪ جي ”پاڪباز فورس“ جو سالار مقرر ڪيو ويو. جڏهن 1938ع ۾ حيدرآباد ۾ خاڪسار تحريڪ جي چار روزه ڪانفرنس ٿي ته مير نورحسين ان ڪانفرنس جو سڄو خرچ پاڻ پريو. جيڪو 50 هزار روپيه هو. ڪجھ سالن کان پوءِ مير نورحسين علامه مشرقي ۾ قائدانه صلاحيتون گهٽ ڏسي دلشڪستو ٿي ويهي رهيو. جنهن بعد هُن جماعت اسلامي ۾ شموليت اختيار ڪري جماعت اسلامي جي ڪافي

مدد ڪئي، پر گڏوگڏ هن ڏنو تہ ڪيس پنهنجي غريب ماڻهن جي بہ خدمت ڪرڻ گهرجي. انهي جذبي جي تحت هن پهرين ڏهہ سال کان وڌيڪ عرصو سينٽري ڪميٽي ٽنڊوباگو ۽ پوءِ ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو چيئرمين ٿي هتي جي غريب عوام جي خدمت ڪئي. سندس چيئرميني واري دور ۾ شهر ۾ بجلي نہ هوندي بہ روڊن،رستن ۽ چوڪن تي (فانوس) شمعدان لڳائي روشني جو بندوبست ڪيو ويو. شهر ۾ صفائي سترائي جو پڻ بهترين نظام هلڻ لڳو. مير نور حسين جي عادت هوندي هئي تہ هو شام جو ٽنڊو باگو جي شاهي بازار ۾ هڪ اسٽور تي اچي ويهي، ماڻهن جا ڏک سور ٻڌي انهن کي حل ڪندو هو. مير نورحسين ٽالپر 1979ع ۾ وفات ڪئي. کيس نظر محمد شاهہ جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

## مير عبدالحسين ٽالپر

مير عبدالحسين ٽالپر، مير حاجي خدابخش ٽالپر جو وڏو پٽ هو. مير عبدالحسين سادي طبيعت وارو هئڻ ڪري، هر ڪنهن سان پيار ۽ محبت سان پيش ايندو هو. مير حاجي خدا بخش جي وفات کان پوءِ برادري جي ماڻهن مير خدابخش ٽالپر جي ٻي نمبر پٽ مير ولي محمد کي پڳ ٿي ٻڌرائي، جنهن تي ٽنڊوغلام علي کان آيل مير بنده علي ٽالپر برادري جي ماڻهن کان پڇيو تہ وڏو پٽ ڪهڙو آهي؟ جواب ۾ ميرن چيو تہ وڏو پٽ عبدالحسين آهي، پر هو تمام گهڻو سخت طبيت جو آهي ۽ تڙي ڪڙي وارا فيصلا ڪري ٿو. جنهن تي مير بنده علي چيو تہ سخت مزاج آهي تہ ڇا ٿيو پر آهي حاجي خدا بخش خان جو وڏو پٽ. پوءِ سندس حق ڇو ٿا ڦريو؟ جنهن بعد مير عبدالحسين کي والد جي پڳ ٻڌرائي ويئي. پيءُ جي پڳ ٻڌڻ کان پوءِ هر روز بنگلي تي اچي ويهندو هو ۽ راڄن جا فيصلا پاڻ ڪندو هو. شهر ۾ ڪهڙو بہ واقعو ٿي وڃي پوليس ڪنهن بہ شهر جي ماڻهو کي ٿاڻي تي وٺي نہ ويندي هئي. شهر جي هر مسئلي جا فيصلا مير عبدالحسين پاڻ ڪندو هو. هن کي پڻ مير غلام محمد وانگر تعليم سان وڏو چاهہ هوندو هو. هن جي خواهش هوندي هئي تہ غريبن جا ٻار پڙهي وڏا آفيسر ٿين. ان ڪري غريبن جي اولاد کي پنهنجي خرچ تي پڙهائيندو هو. مير عبدالحسين جو تعلق شيعہ فرقي سان هئڻ ڪري هو ٽنڊوباگو ۾ پراڻين رسمن کي ختم ڪري عزاداري ۾ نواڻ آندي. ٽنڊوباگو ۾ اڳي محرم جي ڏهہ تاريخ تي ڪاٺ جي گهوڙن کي سينگاري ڪڍيو ويندو هو. هن پنهنجي خرچ تي امام حسين عليہ السلام جي سواري واري دلدل لاءِ هڪ گهوڙو خريد ڪيو. مير عبدالحسين ٽالپر کي موسيقي سان پڻ دل لڳاءُ هوندو هو. انڪري مشهور بئنجي نواز استاد بلاول بيلجم بلوچ وٽس ٽنڊوباگو واري بنگلي تي مهينن جا مهينا رهيو پيو هوندو هو. سندس بنگلي تي وڏيون راڳ جون محفلون پڻ ٿينديون هيون. کيس بہ پٽ آهن. جن ۾ مير نياز حسين ڪجهہ سال پهرين وفات ڪري ويو ۽ مير عطا حسين ٽنڊوباگو جو وڏو زميندار آهي، مير نياز حسين جو پٽ مير ڪاشف ٽالپر پ پ ٽنڊوباگو شهر جو صدر آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مير حاجي خدا بخش ٽالپر (لانبرڊ)

ٽنڊوباگو جي ميرن جي خاندان ۾ مير حاجي خدا بخش ٽالپر جي سڃاڻپ هڪ الڳ قسم جي آهي، هي انتهائي سخت طبيعت هئڻ سان گڏ عاشق مزاج شخص هو مير غلام محمد ٽالپر کي اولاد نه هئڻ ڪري مير حاجي خدا بخش ٽالپر مير غلام محمد جي وفات کان پوءِ سموري جاگير ۽ ملڪيت جو اڪيلو وارث ٿيو. جڏهن هن هندستان جي شهر آگري ۾ تاج محل ڏٺو ۽ ان جي باري ۾ قصو ٻڌو ته هن پنهنجي زال صاحب خاتون جي نالي سان ٽنڊوباگو کان 14 ڪلو ميٽر اتر طرف ۾ سندس جاگير واري ڳوٺ ڪڏهرو ۾ تاج محل جي نقشي تي هڪ عاليشان صاحب محل تعمير ڪرايو. جيڪو اڄان تائين ڪڏهرو ۾ مير خدا بخش ٽالپر جي ياد کي تازو ڪندو اچي. مير حاجي خدا بخش ٽالپر کي ”لانبرڊ“ جو خطاب مليل هو. پر علائقي جا اڳوڻا ماڻهو کيس مير لانبٽ ڪري سڏيندا هئا. مير خدا بخش انتهائي سخت طبيعت جو هجڻ ڪري پنهنجي جاگير واري علائقي ۾ ڪنهن به ڏوهاري کي بخش نه ڪندو هو. وٽس چورن کي سزا ڏيڻ جا ڪيترائي ديسي طريقا هوندا هئا. جن ۾ واڱڻ، ڏڳها ڪدو، مرچن جا پوڪيل پڙا، رنگين ڪاٺ واريون ٿهيل اڱريون پوءِ چور جي مرضي هوندي هئي سزا ۾ ڇا ٿو قبول ڪري، اهو ان چور تي ڇڏيل هوندو هو. هڪ دفعو چور کي اهڙي سزا ملڻ کان پوءِ اهو چور ٻيهر مير خدا بخش جي جاگير واري علائقي مان چوري ڪرڻ کان پوءِ توبه ڪري ڀڄندو هو ۽ ٻين چورن کي به وڃي چوندو هو ڀلجي ڪڏهن مير خدابخش جي حد ۾ چوري تي نه وڃجو. مير خدا بخش پڻ ٻين ميرن جيان ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ شوقين هوندو هو. وٽس ڪل پوڳ لاءِ سندس بنگلي تي هڙو شيدي ۽ سومار شڪاري موجود هوندا هئا. جيڪي روز ڪل پوڳ ۽ چرچا ڪري مير خدابخش جي دل وندرائيندا رهندا هئا. چون ٿا ته جڏهن مير خدا بخش کي ڪاوڙ ايندي هئي ته هڙو شيدي اهڙي ته مشڪري ۽ چرچا ٻڌائيندو هو جو مير جي ڪاوڙ ڪن پل ۾ ٿڌي ٿي ويندي هئي۽ مير کلي پوندو هو. مير خدابخش ٽالپر جي انصاف ڪرڻ لاءِ ڪڏهرو واري محلات جي اڱڻ ۾ هڪ ٿلهي تي ساهمي لڳل هوندي هئي. جنهن هيٺ ويهي هي فيصلا ڪندو هو. لاڙ واري علائقي جو هي پهريون شخص هو جنهن ان زماني ۾ ٽنڊوباگو ۾ موٽر جيپ آندي

## محمد بخش ٽالپر

ميرباگي جي خاندان سان تعلق رکندڙ مير محمد بخش ٽالپر جو والد مير محمد حسن ٽالپرونگي پرسان ميرن جي ڪيٽين جو رهندڙ هو. کيس ڪيٽين وٽ وڏي جاگير هوندي هئي. مير محمد حسن ڪيٽين مان لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ ويٺو. مير محمد حسن جو هڪ نوجوان پٽ مير محمد بخش انتهائي حسين هوندو هو. هن کي حڪمت ۽ جادو سکڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وڏو شوق هوندو هو. نوجواني جي جوش ۾ مير محمد بخش جادو سکڻ لاءِ ڪامرو ديس مان وڃي نڪتو جتي هن جي ملاقات هڪ عورت جادوگر سان ٿي، جنهن هن خوبصورت نوجوان جي سونهن کي ڏسي مٿس موهجي پئي. وڏا چون ٿا اها عورت ڏينهن جو مير کي جادو سان گهيٽو بنائي ڇڏيندي هئي ۽ رات جو وري ڪيس اصلي شڪل ۾ آڻيندي هئي، ڪيس ڪجھ جادو بابت سيکاريندي هئي. هڪ ڏينهن ان عورت کان مير کي گهيٽو ڪرڻ وسري ويو مير وجھ وٺي اتان ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ اچي ٽنڊوباگو پهتو مير محمد بخش ٽالپر ٽنڊوباگو جو مشهور حڪمت ڪندڙ حڪيم بہ هو. ٽنڊوباگو جا ماڻهو ڪيس ميرمحمد بخش "جادوگر" سڏيندا هئا، خانداني طور تي وٽس وڏي زمينداري هوندي هئي ۽ هي ڪامياب ڪيميا گر پڻ هو.سندس وفات کان پوءِ سندن خاندان ۾ نہ اها هن واري جادوگري نہ ڪيمياگري رهي آهي.سندس فرزند مير محمد حسن عرف مير حاجن ٽنڊوباگو جي معتبر شخصيت ۽ وڏو زميندار آهي. مير محمد حسن جا ٻہ فرزند مير محمد بخش عرف مير وڏو ۽ مير عمير ٽالپر ٽنڊوباگو جا با اخلاق نوجوان آهن .

## سيٺ سبز علي خواجہ

جڏهن لاڙ پٽ واري علائقي ۾ لاريون ،موٽرون، ٽرڪون ۽ ٽريڪٽر ٽراليون نہ آيون هيون، ان وقت هتان جا ماڻهو پنهنجو بار اناج وغيره اٺن ۽ ٻيل گاڏين تي ڪٽندا هئا. 1844ع ۾ جهرڪن جي شهر مان ٽنڊوباگو لڏي آيل جمع ۽ ٻاگو خواجہ جي خاندان جو پڙهيل لکيل نوجوان، سيٺ سبز علي خواجہ ٻيل گاڏي ۽ ڏڳن جو تمام گهڻو شوقين هوندو هو. ان زماني ۾ ٽنڊوباگو ۾ ساريون، ڳاڙها چانور ۽ ٻيو فصل ٻيل گاڏين تي ٽنڊوباگو کان نئون ڪوٽ،جهڏو،تلهار، بدين ۽ ٻين شهرن ڏانهن موڪليو ويندو هو. سيٺ سبز علي خواجہ جو ٽنڊوباگو ۾ سارين جو وڏو ڪارخانو هوندو هو پر سندس شوق خاطر وٽس ڪيترين ئي پلن ڏڳن جون جوڙيون ۽ ڏڳي گاڏيون هونديون هيون. چون ٿا تہ جتي بہ ڪيس پلو ڏڳو سجهندو هو تہ هو اتي پهچي پلي ڏڳو ڪيترو بہ مهانگو چو نہ ملي خريد ڪري وٺندو هو. سندس شوق جي اها حد هوندي هئي جو هو بار سان ڀريل ٻيل گاڏي بہ شوق سان پاڻ هلائيندو هو. هي آغا خان ڪائونسل حيدرآباد جو صدر بہ رهيو سندس ڪوشش سان ٽنڊوباگو ۾ 1957ع ۾ آغا خان هيلٿ سينٽر جو قيام عمل ۾ آيو جنهن جو افتتاح پرنس ڪريم آغا خان پاڻ ٽنڊوباگو ۾ اچي ڪيو. سيٺ سبز علي خواجہ کي شهر جا سڀ ماڻهو وڏي عزت ۽ احترام سان ڏسندا هئا. وٽس ڪم ڪندڙ مزدور ۽ هارين ۽ ٻيل گاڏيون هلائيندڙ کي هو ڪاوڙمان ڪڙو نہ ڳالهائيندو هو. اهو سبب آهي جو سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ سيٺ مهدي محمد خواجہ کي ٽنڊوباگو جا شهري اوتروئي عزت ڏين ٿا، جيتري سيٺ سبز علي خواجہ کي ڏيندا هئا. سيٺ مهدي محمد خواجہ بہ پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي يارن جو يار، غريبن جو همدرد ۽ انسان

دوست شخص آهي. سندس ڪوشش سان ٽنڊوباگو ۾ وڏا ترقياتي ڪم ٿيا آهن. سيٺ مهدي محمد خواجه پنهنجي والد جيان هڪ وڏي سياسي شخصيت ۽ سماجي سوچ رکندڙ ۽ خدمت جي جذبي سان سرشار آهي. پاڻ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين واري دور ۾ پڻ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن.

## استاد قادر بخش خاصخيلي

ٽنڊوباگو جي عظيم استاد قادر بخش خاصخيلي جو والد محمد جمن خاصخيلي، مير غلام محمد خان ٽالپر جي گهر جو دربان هو هو مير جي ديري واري در تي ويهڻ، گهر جو سامان سودو وٺڻ، مير جي هر حڪم تي حاضر چوڻ جو عادي هو. جڏهن محمد جمن خاصخيلي کي پٽ ڄائو ته سڀ کان پهرين مير غلام محمد کيس پٽ ڄمڻ جون مبارڪون ڏنيون، ته جمن جي اکين مان خوشي جا لڙڪ لڙي پيا. جمن پنهنجي پٽ جو نالو قادر بخش رکيو. قادر بخش جڏهن پڙهڻ جيڏو ٿيو ته کيس اسڪول ۾ ويهاريو ويو. مسافر جي محنت ۽ صحبت سان جڏهن قادر بخش ٽنڊوباگو مان پڙهائي پوري ڪئي ته مير غلام محمد، قادر بخش کي پنهنجي خرچ تي بمبئي موڪليو. جتان هي بي ٽي پاس ڪري سنڌ آيو. کيس تعليم کاتي پاران استاد جي نوڪري ڏني وئي، بمبئي ۾ پڙهائي دوران هن کي انگريزي ٻولي تي عبور حاصل ٿي ويو. شاهه لطيف جو پارکو ۽ بمبئي جو پڙهيل قادر بخش جڏهن ڪلاس ۾ انگريزي ۽ سنڌي ۾ ليڪچر ڏيندو هو ته اسڪول جي ٻين استادن کي ڏندين آڱريون پئجي وينديون هيون. هڪ غريب گهر ۾ پيدا ٿيندڙ انسان انگريزن جهڙو فل سوٽ پائي زماني کي ڏيکاريندو هو ته اسان کي لاڙ جي پوئتي پيل علائقي ۾ تبديلي آڻڻي آهي. کيس اخبارن، رسالن ۽ ادبي ڪتابن سان وڏو چاهه هوندو هو. هن پنهنجي سموري حياتي غريبن جي مدد ڪئي، پنهنجي نوڪري جي پگهار وارن پئسن مان غريبن، هارين ۽ پورهيتن جي ٻارن کي ڪتاب، اسڪولي ڊريسون ۽ فِي جا پئسا ڏيندو هو. هي سدائين ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. ٽنڊوباگو جا ماڻهو سندس تمام گهڻي عزت ڪندو هئا. مير غلام محمد سان حد کان وڌيڪ پيار ۽ محبت ڪندڙ انسان. مير غلام محمد ٽالپر جي وفات واري ڏهاڙي تي 12 فيبروري 1970ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. اڄ به ٽنڊوباگو ۾ سندس رهائش گاهه تي هڪ غريباڻي لانڍي واري جهوپڙي ۾ سندس پٽ محمد جمن ڪسمپرسي واري حالت ۾ زندگي گذاري رهيو آهي، هيڏي وڏي هن عظيم انسان جو پٽ ڪا وڏي تعليم حاصل ڪري نه سگهيو. موالي سنگت جي صحبت جي اثر ۾ اچي ويو. هن وقت کيس ڏسڻ سان اکين ۾ لڙڪ پرجو اچن. هڪ عظيم انسان جو پٽ هن حالت ۾...؟

**نٿو مل موروائي**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽنڊوباگو کان 20 ڪلوميٽر پري ڏيئي پرسان ڪوسن جي ڳوٺ مان 1940ع کان پوءِ لڏي اچي ٽنڊوباگو شهر ۾ رهندڙ منگل داس لوهاڻي جي گهر ۾ 1945ع ۾ پيدا ٿيندڙ ٽنڊوباگو جو عظيم استاد نٿو مل موروواڻي، مير غلام محمد ٽالپر جي اسڪول مان تعليم حاصل ڪري مرڻ گهڙي تائين هن اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو. نٿومل موروواڻي حساس جذبن وارو شاعر هو. ڪيس سنڌيت ۽ سونهن سان عشق هوندو هو. ڪاوڙ پلجي به هن جي قريب نه ايندي هئي، هن جون ڳالهيون، هن جون ڪچهريون يادگار هونديون هيون. جنهن شام هو صديق مڱڻهار جي هوٽل تي نه آيو سندس انتظار ۾ ويٺل سيٺ مهدي خواجه، نانا جهامن، صديق مڱڻهار ۽ نواز گرگيز کي چانهه وڻندي هئي ۽ صرف هڪ ٻئي جو منهن پيا تڪيندا هئا. نٿومل ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ شاهه لطيف جو پارکو هو. جڏهن نائين ڪلاس جي سنڌي واري پيرڊ ۾ ايندو هو ته ڪلاس جا شاگرد ڪائنس شاهه لطيف جي سورمين تي ليڪچر جي فرمائش ڪندا هئا. نٿومل موروواڻي جو شاهه جي سورمين وارو ليڪچر ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ڪلاس روم جي بليڪ بورڊ تي ڪا فلم هلي رهي هجي. هن کي استاد جي پيشي ۽ اسڪول سان انتها جو عشق هوندو هو. هر روز وقت کان اڳ اسڪول اچڻ ۽ موڪل کان اڌ ڪلاڪ پوءِ واپس گهر وڃڻ سندس معمول هوندو هو. سدائين سماجي ڪمن، ادبي پروگرامن، اسڪائوٽ ڪئمپن ۽ مير جي ورسي واري پروگرام جي اڳواڻي ڪندو هو. موروواڻي اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن کي پنهنجو ٻار ۽ دوست سمجهي انهن سان دوستاڻي ماحول ۾ هلندو ۽ ڳالهائيندو هو. مير جي اسڪول سان عشق هوندو هئس. پاڻ سرڪاري هاءِ اسڪول هوندي به شهر جي سرندي وارن دوستن کان چندو ڪري اسڪول جي چئو طرف چار ديواري ڏياري هئي. جيئن شهر جي قبضه مافيا اسڪول جي راند واري گرائونڊ تي قبضو نه ڪري سگهي. نٿومل موروواڻي ٽنڊوباگو ۾ ادبي سنگت، اولڊ بوائز ايسوسيئشن ۽ سگا جي باني ميمبرن مان هو. سندس ڪوشش سان هر سال هاءِ اسڪول جا شاگرد اسڪائوٽ لاءِ آل پاڪستان ٽوئر تي ويندا هئا، جنهن جو اڌ خرچ اسڪول پريندو هو. حساس جذبن واري هن شاعر ٽنڊي باگي شهر جي بازار ۾ هڪ خوبصورت پينو چوڪري کي اوباش قسم جا ڪجهه ماڻهو غلط نظرن سان تڪي رهيا هئا، اهڙي لقاءُ تي هن خوبصورت غزل لکيو جيڪو سندس شاعري کي امر بنائي ويو.

ڪالهه هتي جا آئي هئي،
ڪيڏي سندر مائي هُئي.
هٿ هچارن اڳيان ڦهلائي،
پنندي پائي پائي هئي.
غير به هوندي ائين لڳي ڄڻ،
منهنجي پنهنجي جائي هئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن 15 ڊسمبر 1988ع تي دوستن سان ڪچهري ڪندي دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪئي.

## عظيم استاد الهڏنو عباسي

ٽنڊوباگو کان 25 ڪلوميٽر پري ڳوٺ هسڻ جو پاڻ ۾ مير محمد ڪلهوڙو جي گهر ۾ جنم ورتو. ننڍڙا الهڏنو ڪلهوڙو کي سندس والد پڙهائي لاءِ پنگريو جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. 15 ڪلوميٽر پري وارو اسڪول هن لاءِ جڻ 15 وڪون بڻجي ويو. روز صبح جو اسڪول ۽ شام جو واپس گهر اچڻ سندس معمول بڻجي ويو. هن پنگريو مان پرائمري پاس ڪئي ته سندس والد کيس انگريزي پڙهائڻ لاءِ هسڻ جي پاڻ واري ڳوٺ مان لڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ رهيو. اهو 1947ع کان پوءِ جو وقت هو ان وقت هندستان ۽ پاڪستان جو ورهاڱو ٿي ويو هو. سنڌ مان هندو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي هندستان وڃي رهيا هئا. ٽنڊوباگو مان هندستان ويندڙ واٽين مير محمد ڪلهوڙو کي اڌ موڙي ۾ ٻه پڪيون جايون وڪرو ڪري ڏنيون. جنهن ۾ هنن جو خاندان رهڻ لڳو. الهڏنو عباسي مير غلام محمد ٽالپر جي مدرسي مان مئٽرڪ پاس ڪئي، ته کيس تعليم کاتي حيدرآباد ۾ ڪلارڪي جي نوڪري ملي ويئي. هن حيدرآباد ۾ ست سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ مير غلام محمد ٽالپر جي نهرايل هاءِ اسڪول ۾ بدلي ڪرائي اتي اچي نوڪري ڪرڻ لڳو. هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو ۾ ڪجهه سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ کيس ساڳئي اسڪول ۾ استاد جي نوڪري ملي ويئي. ائين ئي هي ڪلارڪ مان استاد بڻجي ويو. الهڏنو عباسي ننڍي هوندي کان وٺي انگريزي ۾ تمام گهڻو هوشيار هوندو هو جنهن ڪري هن ٽنڊوباگو هاءِ اسڪول ۾ انگريزي جو مضمون پڙهائڻ شروع ڪيو. سندس 35 سالن جي نوڪري واري عرصي دوران هو ڪڏهن به اسڪول جي ڪلاس روم ۾ ڪرسي تي نه ويٺو. انگريزي ٻولي تي عبور هئڻ ڪري هن سوچيو ته سنڌي ٻولي کي دنيا ۾ روشناس ڪرائجي. اهڙي سوچ ڪٿي هن روزانو ڏهه کان ٻارنهن ڪلاڪ اسڪول جي ڊيوٽي بعد لکڻ لاءِ معمول بڻائي ڇڏيو. هن جي خواهش هئي ته دنيا جي پنجن زبانن ۾ هڪ اهڙو ڪتاب لکان جو دنيا جو پهريون ۽ انمول ڪتاب هجي. ٻارهن سالن جي لاڳيتار محنت کان پوءِ سنڌي، اردو، انگريزي، عربي ۽ فارسي جي پنجن زبانن تي هڪ وڏو ڪتاب لکي ورتو. لکڻ وارو هن جو طويل سفر مڪمل ٿيو ته هن جا خواب حقيقت جي ويجهو پهچي ويا. هڪ ننڍڙي شهر سان تعلق رکندڙ غريب استاد جي لاءِ هيڏو وڏو ڪتاب ڇپرائڻ واري مسئلي هن جي دماغ کي چڪرائي وڌو. هن ڪتاب کي ڇپرائڻ لاءِ اعليٰ ايوانن ۽ اقتدار ڌڻين کي ڪتاب کي سرڪاري سطح تي ڇپرائڻ لاءِ رابطا شروع ڪيا. مقامي ايم پي اي ۽ ايم اين اي کان وٺي وزيراعليٰ سنڌ، گورنر سنڌ ۽ ضلع چيئرمين کان وٺي صدر پاڪستان، شهيد بينظير ڀٽو کان وٺي جنرل مشرف تائين، هن خط تارون ۽ ليٽر لکي ڪين ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ گذارشون ڪيون. جنرل ضياءَ جي دور حڪومت ۾ ان وقت جي گورنر، سنڌ ايس ايم عباسي سندس لکيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جي مسودي جي ڪاپي ڪتاب جي معيار چيڪ ڪرائڻ لاءِ ادبي بورڊ حيدرآباد ڏانهن ڏياري موڪلي. جتي وينل ڪرسي جي پوڄاري اديبن جيڪي سنڌي ۽ عربي ٻولين سان تعلق رکندا هئا، انهن هڪ ڀهراڙي جي غريب استاد کي اڳتي اسرڻ نہ ڏنو. سنڌس ڪتاب جي انگريزي مان هٿ نوڪيون غلطيون ڪري سنڌس ٻارهن سالن جي محنت کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيو. اهڙي دل شڪني کان پوءِ هن عظيم استاد دل نہ هاري ۽ هن وڌيڪ ٻہ ٻيا ڪتاب لکي ڇڏيا، جن مان هڪ انگريزي گرامر جو ڪتاب سنڌس شاگرد عبدالغفار کوسو جي ڪوشش سان ڇپجي ويو. اڪثر اچا ڪپڙا پائيندڙ هن استاد جا ڪارا وار بہ اچا چاندي جهڙا ٿي ويا، تڏهن بہ هن همت نہ هاري ٽنڊوباگو تڪ تان ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا چوند ڪٽي سنڌ جو گهرو وزير ٿيو تہ الهڏنو عباسي جي دل ۾ اميد جا ڪرڻا ڪجھ وڌيڪ چٽا ٿيڻ لڳا. هن ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا کي ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ گذارش ڪئي، ان تقريب ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا، مرزا ادبي اڪيڊمي پاران اهو ڪتاب ڇپرائڻ جو اعلان ڪيو هن کي پنهنجا خواب ساپيان ٿيندي نظر آيا. پر هن کي خبر نہ هئي تہ وڏن ماڻهن جون ڳالهيون ۽ ٺلها آسرا، سڪٽا دلاسا هوندا آهن. جڏهن ڪيس اتان بہ آسرو لٽو تہ هن جو جيءُ جُهري پيو. جنهن ڪري بيماري سبب وڃي ڪراچي اسپتال پيڙو ٿيو. اسپتال ۾ هن ڪراچي جي ٻن سنڌي ٽي وي چينل جي رپورٽرن، دودو چانديو، آصف سهتو کي زندگي جو آخري انٽرويو ڏيندي چيو تہ هيڏو وڏو دنيا ليول جو ڪتاب جي نہ ڇپجڻ جو واحد سبب اهو آهي تہ آئون لاڙ علائقي جو هڪ سنڌي استاد آهيان. اهڙو ڪم ڪنهن ٻي صوبي جو ماڻهو ڪري ها تہ اهو ڪتاب لکڻ شرط ڇپجي وڃي ها، ۽ ان کي سرڪار وڏا ميڊل ڏي ها. هي عظيم استاد ڏھ مارچ 2011ع تي سول اسپتال ڪراچي جي هڪ بستري تي پنهنجي آخري خواهش ڪٽي هميشہ لاءِ موڪلائي ويو. سنڌس مزار ٽنڊوباگو جي ٻچل شاھ جي قبرستان ۾ آهي.

## محمد طالب لوهار

محمد طالب لوهار 15 ڊسمبر 1912ع تي ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ ادوڙي ۾ اُستي محمد سومار لوهار جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ وڏو سگهڙ هو. ڪيس بہ شاديون هيون. وڏي زال مان هڪ پٽ محمد ابراهيم ۽ ٻي زال مان چار پٽ محمد طالب، محمد سليمان، محمد الياس ۽ محمد يوسف هئا. محمد طالب ۽ محمد سليمان جڏهن پڙهڻ جيڏا ٿيا تہ اُستي محمد سومار کين ٿوهي جي مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو. جتي کين استاد محمد حسن لغاري پڙهائڻ شروع ڪيو. اُتي محمد طالب سنڌي سان گڏ قرآن شريف بہ پڙهي پورو ڪيو. ڪيس چوٿين درجي کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ ٽنڊوباگو ۾ داخل ڪرايو ويو. والد جي حڪم تي هن پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي وڃي والد کي ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ شروع ڪيو. مال لاءِ گاھ ڪرڻ، لوهار کي دڪان تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئوڙا هئڻ سبب سندس هٿ لڦون ٿي پيا، هڪ رات جڏهن سڀ گهر وارا ستا پيا هئا. هن پنهنجا ڪتاب ۽ ڪپڙا اجرڪ جي هڙ ۾ ٻڌي گهران نڪري اچي ٽنڊوباگو جي مير غلام محمد جي مدرسي ۾ پهتو ۽ اتي پڙهڻ لڳو. مدرسي ۾ ڪيس سمهڻ لاءِ کٽ نہ ملي پر هنڌ نہ هئڻ ڪري سياري جي رات ۾ کٽ تي سنهي اجرڪ پائي سمهندو هو. ماڻٽن نندي هوندي هن جي شادي سندس مامي جي ڌيءُ سان ڪرائي ڇڏي هئي، جنهن مان ڪيس ٻہ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون، پر پٽ ۽ هڪ ڌيءُ گذاري ويا، باقي هڪ ڌيءُ حياتي آهي. محمد طالب پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي وفات ڪان پوءِ شاعري شروع ڪئي. هڪ ڀيرو ٽنڊوباگو هاءِ اسڪول جي باني مير غلام محمد ٽالپر هن کان پڇيو تہ لوهار جا پٽ پڙهي ڇا ٿيندين؟ تہ هن جواب ڏنو تہ سائين ڊاڪٽر ٿيندس. جنهن تي مير ڪيس چيو تہ آئون زنده رهيس تہ تو کي ضرور ڊاڪٽر ڪرائيندس. ڪجه وقت کان پوءِ مير غلام محمد وفات ڪري ويو تہ محمد طالب جو ڊاڪٽر ٿيڻ وارو خواب چڪنا چور ٿي ويو ۽ هي مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ غربت سبب اڳتي پڙهي نہ سگهيو ۽ ناڪي منشي جي نوڪري ۾ لڳي ويو. محمد طالب لوهار 1937ع ۾ علامہ مشرقي جي خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو. هندستان جي لکنو شهر ۾ ٻين ساٿين سان گڏ گرفتار ٿي جيل ويو 1939ع ۾ اتان آزاد ٿي واپس اچي پوليس ۾ ڀرتي ٿيو. اها نوڪري بہ هن کي راس نہ آئي ۽ ڇڏي وڃي پيون نوڪريون ڪيائين. جڏهن هي حيدرآباد ۾ ڪليڪٽر آفيس ۾ ڪلارڪ هو تہ هڪ مهاجر کي ڪوڙو سرٽيفڪيٽ ناهي نہ ڏيڻ تي ان کان ڏه روپيہ رشوت وٺڻ جي الزام ۾ ڪيس اينٽي ڪرپشن هٿان گرفتار ڪرائي ڇڏيو. جنهن ۾ ڪيس هڪ سال جيل جي سزا اچي وئي . تعليم سان سندس ايترو چاه هو جو 1974ع ۾ سندس نياڻي آپا زيب النساء انٽر ميڊيئيٽ جو امتحان وارو فارم ڀرايو تہ محمد طالب بہ ساڻس گڏ فارم ڀرائي امتحان ڏئي بي گريڊ ۾ پاس ٿي ويو. محمد طالب هڪ وڏو اديب ۽ سگهڙ هو. سندس بهترين شاعري ڪيل آهي، سندس شاعري جو مجموعو ” پيرون چونديم پاند ۾“ ڇپيل آهي. ڪيس هڪ نياڻي آهي، هن پنهنجي نياڻي جي ٻن پٽن جاويد کي پڙهائي ڊاڪٽر بنايو ۽ سعيد اختر کي پڙهائي پاڪستان نيوي جي وڏي عهدي تي پهچايو. هڪ ڏهٽيءَ کي پڙهائي ڊاڪٽرياڻي بڻايو. محمد طالب لوهار 2 جون 1989ع تي وفات ڪئي، سندس مزار مصري شاه قبرستان ۾ آهي.

## سيٺ محمود علي ميمڻ

هر ماڻهو جي پنهنجي قسمت، چانس ۽ شخصيت هوندي آهي، محمد بچل ميمڻ جو پٽ محمود علي ميمڻ جنهن کي ٽنڊي باگي شهر جا ماڻهو سيٺ محمود ميمڻ جي نالي سان سڏيندا هئا. سيٺ محمود ميمڻ زبان جو پڪو ۽ يارن جو يار ليکيو ويندو هو. سيٺ محمود ميمڻ جواني جي جوش ۾ علامہ مشرقي جي خاڪسار تحريڪ جي نيشنل گارڊ ۾ ڀرتي ٿيو.

سيٺ محمود علي ميمڻ جيڪو مسلم ليگ ۾ شامل هو. جڏهن ولپ پائي بدين جي دوري تي آيو ته هن سيٺ محمود ميمڻ کي ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، ته هن ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزارت خارجه ڇڏي پيپلزپارٽي ٺاهي ته شهيد ڀٽو ڪيس خط لکي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو چيو. پر هن پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تحريڪ پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪندڙ ماڻهن ۾ سندس نالو سرفهرست هئڻ ڪري حڪومت پاڪستان پاران ڪيس 1985ع ۾ پاڪستان جي قيام لاءِ جدوجهد ڪرڻ تي ڪيس چاندي جو ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. هن پنهنجي سموري حياتي ۾ ڪنهن جاگيردار، مير ۽ پير اڳيان ڪنڌ نه جهڪايو. اهوئي سبب هو جو هن جي ٽنڊوباگو جي اهم جاگير دار مير حاجي خدا بخش ٽالپر سان نه پوندي هئي، وڏا زور لاهڻ باوجود هو لوڪل باڊي جي اليڪشن ۾ مير خدا بخش جي اميدوار سامهون بيهي رهيو ۽ اليڪشن کٽي ويو. اڪثر اڇا ڪپڙا پائيندڙ سيٺ محمود علي ميمڻ ٽنڊوباگو جو وڏو سماجي اڳواڻ هو. هي غريب توڙي امير جا ڪم بنا ڪنهن مت ڀيد ۽ بنا لالچ جي ڪندو هو. ڪيس ٽنڊوباگو جو مختيارڪار يا ايس ايچ او جي آفيس ۾ وڏي عزت هوندي هئي، اهوئي سبب هو جو سندس فون يا چٺي کي به وڏو مان ملندو هو. شهر جي هر مسئلي ۽ فيصلي لاءِ شهري وٽس ايندا هئا، جن جا بنا ڪنهن سفارش جي ڪم ڪندو هو. اهوئي سبب آهي جو سندس وفات کان پوءِ سندس وڏي پٽ قادر نواز ميمڻ کي ٽنڊوباگو جي ماڻهن 2002ع ۾ يوسي ناظم چونڊيو. سندس ننڍي پٽ سڪندر علي ميمڻ کي 2005ع ۾ نائب ناظم ۽ پوءِ تعلقه ناظم ٽنڊوباگو بنايو. سيٺ محمود علي ميمڻ ٽنڊوباگو جو ڪيترائي سال مارڪيٽ ڪميٽي جو چيئرمين رهيو هن 7 جولاءِ 1988ع ۾ وفات ڪئي.

## سيٺ الهبچايو ڪلهوڙو

ٽنڊوباگو تعلقي جي ڳوٺ هسڻ جي پاڙ ۾ جنم وٺندڙ هن شخص جو ڪردار به عجيب آهي. ورهاڱي جي وقت هن جو خاندان ڳوٺ ڇڏي اچي ٽنڊوباگو ۾ آباد ٿيو. ٽنڊوباگو جي شاهي بازار ۾ سگريٽ ۽ پن بيڙين جي ڪئبين کولڻ سان هن ڪاروبار جي شروعات ڪئي. ڪيترائي سال ڪئبين هلائڻ کان پوءِ جڏهن وٽس ڪجھ رقم گڏ ٿي ته هن ڪاروبار کي تبديل ڪرڻ جو سوچيو. دوستن جي صلاح تي هن ڪئبين کي بند ڪري منائي جو ننڍڙو دڪان کوليو. جيڪو جلدي ترقي ڪري ننڍي دڪان مان وڏو دڪان ٿي ويو. ائين هي بچايو ڪلهوڙو مان سيٺ بچايو ڪلهوڙو سڏجڻ لڳو. هي اهو وقت هو جڏهن ٽنڊوباگو ۾ خاڪسار تحريڪ جي پراڻن ڪارڪنن خاڪسارن کان سواءِ بي ڪا به سياست نه هئي. ان وقت ٽنڊوباگو جا واپاري ۽ سينيا وڏي حيثيت رکندا هئا. سيٺ الهبچايو ڪلهوڙو جي دوستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٺ محمود ميمڻ سان هئڻ ڪري شهر جي فيصلن ۾ ڪيس اهم حيثيت مليل هئي. شهر ۾ ٿيندڙ جهيڙن جهٽن، شهر جي امن امان وارن مسئلن تي سرڪاري يا غير سرڪاري طور ڪيس هر مسئلي ۾ سڏيو ويندو هو سندس راءِ کي وڏي اهميت ڏني ويندي هئي. سيٺ الله بچايو ڪلهوڙو جي شفيق شخصيت جي ڪري شهر جي هر برادري جو ماڻهو ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. اهل تشيع هئڻ ڪري هر مذهبي مسئلي جي حل لاءِ شهر جو امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڪيس سرڪاري طور تي حياتي تائين پاڻ امن ڪميٽي جو سينيئر ميمبر رهيو. ٽنڊوباگو تاڻي، مختيار ڪار آفيس، ايس پي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي آفيسن ۾ ٿيندڙ ميٽنگن ۾ ڪيس عزت احترام سان سڏايو ويندو هو ۽ سندس ڏنل راءِ کي وڏي اهميت ڏني ويندي هئي. 1991ع ۾ پاڻ فجر جي نماز پڙهي، جيئن سُتو ته سندس روح پرواز ڪري ويو. سندس مزار بچل شاهه قبرستان ۾ آهي.

## شهيد رفيق احمد ڪوسو

ٽنڊوباگو شهر سان لڳ گلڻ خاصخيلي ڳوٺ ۾ سنجر خان ڪوسو جي گهر ۾ جنم وٺندڙ رفيق احمد ڪوسو پيءُ جو اڪيلو ۽ دادلو پٽ هئڻ سبب گهٽي تعليم پرائي نه سگهيو. پر پيءُ جي حياتي ۾ هي پروچڪو يار غريب پورهيتن جو يار بنجي ويو. هن جي سنگت پن جون بيڙيون ٻڌندڙ پاڙارن سان ٿي وئي، جن سان صبح کان شام تائين ڪچهريون ڪرڻ، انقلابي ليڪچر ڏيڻ کين پنهجن حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪرڻ جا درس ڏيڻ لڳو. جڏهن ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ سنڌ ۾ وطن دوست پارٽي جو بنياد وڌو ته رفيق احمد ڪوسو ان پارٽي جي پورهيت ونگ جو سرگرم اڳواڻ بنجي ويو. ٽنڊوباگو سميت بدين ضلع ۾ پورهيتن ۽ مزدورن جي حقن لاءِ مزدور يونين جو بنياد رکي وقت جي سرمائيدار سيٺن سان چوٽون کائڻ لڳو وقت به وقت مزدورن ۽ پورهيتن جي حقن لاءِ بک هڙتالون ۽ مظاهرا ڪرڻ لڳو. هڪ پروچ ۽ پيو ڪامريڊ مزدورن جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ، سرمائيدار سيٺين کي سڏيون ٻڌائڻ ۽ پوليس سان اکيون اکين ۾ وجهي ڳالهائڻ تي سرمائيدار سيٺيا ۽ پوليس مٿس ڪرتيون کائڻ لڳي. 1997ع ۾ ٽنڊوباگو مان هڪ هندو سيٺ مرچو مل جي اغوا کان پوءِ پوليس موقعي مان فائدو وٺندي نياپو ڪري رفيق ڪوسو کي ٽنڊوباگو ٿاڻي تي گهرائي ڪيس سيٺ مرچو مل جي اغوا واري ڪيس ۾ لاڪپ ۾ بند ڪري ڇڏيو. اغوا جي جانچ ۾ پوليس رفيق ڪوسو کي مختلف ٿاڻن تي رکي پنجن ڏينهن تائين سخت تشدد جو نشانو بنائيندي رهي، ڇهين ڏينهن تي ٽنڊوباگو ٿاڻي جي لاڪپ ۾ سخت تشدد سبب پوليس هٿان قتل ٿي ويو. ٽنڊوباگو پوليس پاڻ کي بچائڻ لاءِ اها ڳاله پکيڙي ته رفيق ڪوسو لاڪپ ۾ پنهنجي ٻانهن جي نس ڪٽي خود ڪشي ڪري ڇڏي آهي، رفيق ڪوسو کي لاڪپ ۾ قتل ڪرڻ جي ڳاله سڄي شهر ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي، سڄو شهر ٺاهي بنجي ويو. شهرين احتجاج ڪري ٽنڊوباگو ٿاڻي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهيراءُ ڪيو پوليس جواب ۾ شهرين تي شيلنگ ۽ هوائي فائرنگ شروع ڪري ڏني موٽ ۾ شهرين ٻـ ٿاڻي تي پٿراءُ ڪري ڏنو. حالتن کي خراب ڏسي پوليس جا اعليٰ عملدار پهچي ويا. نيٺ رات جو دير سان شهرين ۽ سياسي ماڻهن سان ڳالهين کان پوءِ ٽنڊوباگو ٿاڻي جي ان وقت جي ايس ايڇ او خالد جوڻيجو اي ايس آءِ بهادر پنهور ۽ سپاهي گلو ملاح تي ايف آءِ آر ڪٽي ڪيس داخل ڪيو ويو. جن مان ايس ايڇ او خالد جوڻيجو ڀڄي وڃڻ ڪري آخري وقت تائين روپوش رهيو. باقي ٻـ ڄڻا اي ايس آءِ بهادر پنهور ۽ سپاهي گلو ميمڻ ڪيترائي سال جيل ۾ رهڻ کان پوءِ ضمانت تي آزاد ٿي ويا. جنهن بعد شهيد رفيق احمد کوسو جي جگري يار چاچي عارب لوهار ٽنڊوباگو پريس ڪلب ۽ ان کان پوءِ حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان شهيد جي قاتلن جي گرفتاري ۽ کين سزا ڏيارڻ لاءِ مسلسل 6 سال تائين سردين توڙي گرمين ۽ برساتن ۾ بک هڙتال ڪري بک هڙتال جو عالمي رڪارڊ قائم ڪيو. شهيد رفيق کوسو جي شهادت تي ٽنڊوباگو جي شهرين، سياسي ۽ سماجي ڌرين جتي پوليس جي ڏاڍ خلاف وڏي جدوجهد ڪئي، اتي ٽنڊوباگو جي صحافين پڻ شهيد رفيق کوسو جي رت سان خوب نڀايو سندن رپورٽنگ جو شاندار رڪارڊ آهي، ان وقت پوليس جي دلال وڏيرن ٽنڊوباگو جي صحافين کي خريد ڪرڻ لاءِ وڏا حيلا هلايا، ڪن صحافين کي وڏي رقم ڏيڪاري خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تـ ڪن کي وري ڪوڙن ڪيسن جا ڊپ ڏيئي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٽنڊوباگو جي صحافين مان ڪنهن بـ شهيد جي رت جو سودو نـ ڪيو ۽ آخر تائين ثابت قدم رهيا. نيٺ شهيد رفيق جي پيرسن امڙ حاجران کوسو پنهنجي حياتي جي آخري ڏهاڙن ۾ مقامي پوليس آفيسرن جي چوڻ تي خالد جوڻيجو ۽ ٻين کي شهيد رفيق ڪيس ۾ ناهه ڪري کين قتل معاف ڪري ڇڏيو.

## ميانجي ڦوٽو شيدي

حضرت بلال حبشي جي ذات وارو ميانجي ڦوٽو 1927ع ۾ ٽنڊوباگو جي شيدي پاڙي ۾ رهندو هو. هي غريب شخص جي گهر ۾ پيدا ٿيو ۽ ماڻهن جو اڪيلو پٽ هو. هي سنڌي تعليم حاصل ڪري نـ سگهيو پر هن پاڙي جي مُلان وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو. ماڻهن جي غربت سبب کيس ننڍي هوندي کان پيٽ گذران لاءِ مزدوري ڪرڻي پئي، سنڌس وڏا ٽنڊوباگو جي رنگريز ڪتين وٽ رنگ جو ڏوٻڪو ڪم ڪندا هئا. جنهن ڪري هن بـ ان ماڻهنائي ڪم کي اپنايو ۽ جواني ۾ هي ٽنڊوباگو جو مشهور ڌوٻي بنجي ويو. ننڍپڻ ۾ قرآن شريف جي تعليم هن تي اهڙو اثر ڇڏيو جو هي پنج وقت نماز پڙهڻ، ميرن جي قديم مسجد ۾ فجر جي آذان ڏيڻ جو عادي ٿي ويو. اهوئي سبب هو جو ٽنڊوباگو واسي کيس نوجواني جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ۾ ٻه ميانجي ڦوٽو ڪري سڏيندا هئا. جڏهن هي جواني جون حدون اورانگهي پيريءَ طرف مڙڻ لڳو ته سندس سادگيءَ شرافت ڪي ڏسي برادري سميت ٽنڊوباگو جا شهري ڪيس بابا ميانجي سڏڻ لڳا. ميانجي ڦوٽو ميرڻ جي پاڙي واري قديمي مسجد جو پيش امام هئڻ سان گڏ صوفي هو. ڪيس راڳ سان وڏو چاهه هوندو هو سندس صوفي فقيرن سان سنگت هوندي هئي، جنهن ڪري شاهه لطيف،سچل سرمست، بابا بلهي شاهه ۽ وينجهر فقير جو وايون ۽ ڪلام ڳائڻ شروع ڪيا. سندس آواز ۾ تمام گهڻو سوز هوندو هو جڏهن يڪتارو هٿ ۾ کڻي صوفياڻي محفل ۾ بابا بلهي شاهه جو ڪلام "يارسادي ويڙهي آيا ڪر يار صبح شام" ڳائيندو هو ته نه رڳو پاڻ پر ٻڌڻ وارا به وجد ۾ اچي ويندا هئا. ٽنڊوباگو ۾ هر هفتي نورعلي بابا جي آستاني ۽ يارهين تي نظر محمد شاهه اولياءُ جي درگاهه تي وڏي صوفياڻي مجلس مچائيندو هو جتي وڏي تعداد ۾ شهري اچي سندس راڳ ٻڌندا هئا. ميانجي ڦوٽو مگرمان وجائڻ جو ماهر هو. جڏهن پيرسن ٿي ويو ته به مگرمان جي شروعات هن کان ڪرائي ويندي هئي. هي سڀ حياتي شادين ۾ نڪاح پڙهائيندو هو ۽ ميت کي غسل ڏيندڙ هن صوفي 2007ع ۾ 80 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه نورعلي بابا جي قبرستان ۾ آهي.

## چاچو عارب لوهار

سنڌ ۾ علامتي بک هڙتال جو رڪارڊ قائم ڪندڙ چاچا عارب لوهار جي نالي کان پورو پاڪستان واقف آهي. عارب لوهار جو اصل نالو غلام حسين لوهار هو. پر ننڍ پڻ ۾ مائٽ ڪيس عارب سڏيندا هئا. هن جڏهن جواني ۾ پير پاتو ته عارب مان عارو قندري ٻنجي ويو. چاڪاڻ ته ويڙهاڪ طبعيت ڪري هر وقت سندس هٿ ۾ لوهه واري قندري هوندي هئي، هن سڄي ڄمار ۾ لنڊيون لتاڙيون ۽ ڏکين رستن تي پنهنجا پير پٽون ڪيا. 1997ع ۾ ٽنڊوباگو پوليس ٿاڻي ۾ شهيد رفيق کوسي کي جڏهن بي گناهه قتل ڪيو ويو ته عارب لوهار بندوق کڻي پيلي ۾ لهڻ بجاءِ پنهنجي جگري يار جي قتل ۾ ملوث پوليس اهلڪارن جي گرفتاري ۽ شهيد رفيق جي والده حاجران کي انصاف ڏيارڻ لاءِ رلي کڻي بک هڙتال ڪرڻ لاءِ ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان نهٽڻ اس ۾ اچي ويٺو. 125 ڏينهن تائين ٽنڊوباگو ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال جو رڪارڊ قائم ڪري هي سنڌ جي دل حيدرآباد ۾ پريس ڪلب اڳيان ڦوٽ پاٿ تي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪري ويهي رهيو. جتي هو 885 ڏينهن تائين سردين توڙي گرمين ۾ انصاف لاءِ صدائون بلند ڪندو رهيو. 885 ڏينهن واري علامتي بک هڙتال ڪيس دنيا ليول جي شهريت ڏياري. هي علامتي بک هڙتال جو عالمي رڪارڊ قائم ڪندڙ بک هڙتالي ٻنجي ويو. عارب لوهارجي بک هڙتال جڏهن عالمي رڪارڊ جو حصو ٻنجي ويئي. بي بي سي، سي اين اين، وائيس آف آمريڪا هن کان حيدرآباد مان انٽرويو ڪري هلايا ته ان وقت جي حڪمرانن انصاف ڏيڻ بجائي انصاف جا ٻڪيا اڊيٽنيدي ڪيس ڪينٽ پوليس هٿان امن ۾ خلل وجهڻ جي الزام ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرفتار ڪري، چئن مهينن تائين ڪيس سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ واڙي ڇڏيو. جتي به هن بک هڙتال جو سلسلو بند نہ ڪيو، مٿس بدترين تشدد ڪيو ويو، حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان ڪيترن ئي ڪامورن سياستدانن وزيرن ساڻس ملاقاتون ڪري ٿلها دلاسا ڏنا، پر ڪنهن به هن سان انصاف نہ ڪيو. عارب لوهار علامتي بک هڙتال دوران نہ ڪڏهن عيدن تي ڳوٺ آيو، نہ ڪڏهن مرڻ ۽ پرڻ تي آيو صرف سندس وڏي ڀاءُ جي وفات تي رات جو ٽنڊوباگو آيو، صبح جو فجر مهل واپس بک هڙتال لاءِ حيدر آباد روانو ٿي ويو. حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال دوران ڪي ماڻهو پئسن جي بيگ ڀري ڪٽي آيا، جنهن ۾ 50 لک روپيہ پيل هئا. پر هن اهي پئسا وٺڻ تہ ڇا پر ڏسڻ بہ گوارا نہ ڪيا. جڏهن عارب لوهار بک هڙتال جي شروعات ڪئي هئي تہ سندس مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار ڪارا هئا، جڏهن 885 ڏينهن گذرڻ کان پوءِ هي ٽنڊوباگو آيو تہ سندس ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار اڇا چاندي جهڙا ٿي چڪا هئا. عارب لوهار بهادر ۽ اڏول انسان هو، سندس بک هڙتال واريون يادون زمانن تائين ياد رهنديون. هن کي ٽنڊوباگو ۾ اديب، شاعر، صحافي سنڌ جو ”بوبي سينڊرس“ ڪري سڏيندا هئا، چاچو عارب لوهار سال2011ع ۾ بيماري سبب وفات ڪري وڃي پنهنجي جگري يار رفيق ڪوسي سان مليو.

## پير غلام مصطفيٰ عرف بودلو شاهه

غلام مصطفيٰ ڏاڏاهي اصل ۾ ٽنڊوباگو تعلقي جي ڳوٺ ڏاڏاهہ جو رهندڙ هو 1960ع کان پوءِ هي ڏاڏاهہ مان لڏي اچي ٽنڊوباگو شهر ۾ ويٺو. جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد رکيو تہ پير غلام مصطفيٰ شاهہ ڏاڏاهي بہ ٽنڊوباگو ۾ پيپلزپارٽي جي باني ميمبرن ۾ شمار ٿي ويو. جنهن بعد جڏهن پيپلز پارٽي جي تنظيم سازي شروع ٿي تہ هن کي تعلقي لاءِ پيپلز پارٽي جو تعلقہ صدر مقرر ڪيو ويو. هي ڪيترائي سال ويندي شهيد ڀٽو جي شهادت کان پوءِ ٽنڊوباگو ۾ پ پ جو تعلقہ صدر ۽ سرگرم اڳواڻ رهيو. 1970ع کان پوءِ شهيد ڀٽو جڏهن شهرن ۾ پيپلز ٽائون ڪميٽين جو بنياد وڌو تہ ٽنڊوباگو ۾ مير نورحسين ٽالپر کان پوءِ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ پيپلز ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو ڪجھ سال تائين چيئرمين پڻ رهيو. پير غلام مصطفيٰ شاهہ ڏاڏاهي جا مخدوم طالب،مخدوم امين فهيم،پير علي بهادر شاهہ جي خاندان سان گهاٽا ۽ ويجها تعلقات هئا. جنهن ڪري مخدوم طالب المولٰي ۽ مخدوم امين فهيم بہ ٽي ڀيرا وٽس ٽنڊوباگو ۾ آيا هئا. ٽنڊوباگو ۾ ننڍي توڙي وڏي امير توڙي غريب سان هڪ جيترو پيار ڪندڙهن شخص کي ٽنڊوباگو جا ماڻهو پيار مان بودلو شاهہ چوندا هئا. جڏهن هي پيپلز پارٽي جو تعلقہ صدر هو ۽ پيپلز پارٽي جي حڪومت هوندي هئي تہ هن جي ضلع بدين جي سياست ۾ وڏي هلندي پڄندي هئي. سيد غلام مصطفيٰ شاهہ عرف بودلو شاهہ 1994ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس اباڻي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. اڄ بہ ٽنڊوباگو ۾ سندس نالو مشهور آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## محمد خان رستماڻي

حر تحريڪ دوران حرن جو مرڪز رهندڙ ڳوٺ نبي بخش خان رستماڻي جي رهواسي محمد يوسف رستماڻي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ محمد خان رستماڻي کي غربت سبب ب پنهنجي والد پورهيو ڪري پيٽ تي پٿر رکي تعليم ڏياري مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ محمد خان رستماڻي پرائمري جو استاد ٿيو. تعليم کاتي ۾ استادن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪندڙ استادن جي تنظيم، آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي هيٺين عهدن کان ٿيندو هي پ ٿ الف جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري ٿيو. ان وقت قادر بخش طالباڻي مرڪزي صدر هو. هنن ٻنهي گڏجي استادن جي حقن لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي، اها پ ٿ الف جي تاريخ جو سونهري باب لکيو ويندي هن جي زندگي ڏکين ۽ ڪٺن مرحلن مان گذرڻ باوجود هي ن ڪڏهن جهڪيو ۽ ن وڪيو سندس ذاتي زندگي وارو وقت ڏاڍو ڏکين حالتن مان گذريو پر جبل جهڙي هن اڏول شخص ڪڏهن ب ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ واري سوچ ن رکي، نوڪري تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هي جاکوڙي انسان صحافت جي ميدان ۾ لهي پيو. 1996ع جي پيچاڙي ڏاري تعلق اسپتال ٽنڊوباگو ۾ هڪ عورت جي فوت ٿيڻ جي خبر هلائڻ تي شهر جا بااثر سندس دشمن ٿي ڪات ڪهاڙا ڪڍي اٿي پيا. تعلق اسپتال جي ڊاڪٽرن جي نااهلي کي لڪائڻ لاءِ شهر جي مقامي پوليس آفيسرن ۽ سياسي پنڊتن، محمد خان رستماڻي کي گرفتار ڪرائي ٽنڊوباگو ٿاڻي ۾ بند ڪرائي سندس تذليل ڪئي. بندوق جي زور تي پريس ڪلب تي قبضو ڪري محمد خان رستماڻي کي صدارت تان غير آئيني طريقي سان هٽائي سندس دوستن سميت پريس ڪلب جي ميمبر شپ ختم ڪئي ويئي. ڪجھ سالن کان پوءِ محمد خان رستماڻي کان سواءِ پيا دوست ٻيهر پريس ڪلب جا ميمبر ٿي ويا ۽ اڄ تائين پريس ڪلب جا ميمبر ۽ عهديدار آهن. 2002ع ۾ محمد خان رستماڻي تي فالج جو شديد حملو ٿيو ۽ هو 21 آڪٽوبر 2002ع تي هن فاني جهان کي ڇڏي وڃي مالڪ حقيقي سان مليو. ٽنڊوباگو جي صحافين مرحوم محمد خان رستماڻي جي ياد کي تازو رکڻ لاءِ پريس ڪلب جو نئيو هال سندس نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو آهي. ٽنڊوباگو جي صحافتي دنيا ۾ هن مرد مجاهد جو نالو هميش ياد رهندو.

## مرحوم قاضي قمرالدين

ميرغلام محمد ٽالپر جي جاگير واري زمين کي سنڀاليندڙ قاضي محمد پاٽولي جي گهر ۾ 1931ع ۾ پيدا ٿيندڙ قاضي قمر الدين پاٽولي ننڍپڻ کان وڏو ذهين ۽ هوشيار هوندو هو ٽنڊوباگو جي تاريخي هاءِ اسڪول مان تعليم حاصل ڪري تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيو ڪجھ سالن کان پوءِ ڪلارڪي ڇڏي استاد ڀرتي ٿيو ۽ ميرغلام محمد ٽالپر جي اسڪول ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. سائين قاضي قمرالدين حسابن جي سبجيڪٽ جو انتهائي ماهر هوندو هو پاڻ 1970ع کان ٽنڊوباگو شهر جي تاريخي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي 1984ع تائين ان عهدي تي رهيو. سندس هيڊ ماستري جي دور ۾ هاءِ اسڪول جو انتظامي نظام انتهائي شاندار رهيو. 1984ع ۾ کيس ترقي ڏئي تعليم کاتي ۾ ماتلي جو ايس ڊي او مقرر ڪيو ويو ته هن اتي مقرر ٿيڻ کان پوءِ سندس برادري جي ڪيترن ئي ماڻهن کي پرائمري استاد ۽ پٽيوالي جون نوڪريون ڏئي روزگار تي لڳايو. جنهن بعد ڪجھ سالن کان پوءِ وري کيس ترقي ڏئي ٿرپارڪر ائٽ ميرپورخاص ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ڪري رکيو ويو جتي به ٽي سال رهڻ کان پوءِ هن کي بدلي ڪري بدين ضلعي ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ڪري مقرر ڪيو ويو جتان 1991ع ۾ زندگي جا 60 سال پورا ٿيڻ کان پوءِ رٽائر ٿيو. سائين قاضي قمرالدين حسابن جو ماهر هوندو هو. بورڊ وارا هن کان ڏهين درجي جي امتحان وارو حسابن جو پيپر ٺهرائيندا هئا. ٽنڊوباگو جي هن مشهور تعليم دان 2006ع ۾ وفات ڪئي. سندس اولاد ۾ 5 نياڻيون ۽ 4 پٽ آهن. جن ۾ غلام مصطفيٰ پاتولي ۽ قاضي بدرالدين پاتولي مشهور آهن.

## علي اڪبر رستماڻي

ڪڏهرو کان ٻه ڪلوميٽر اتر طرف ڳوٺ نبي بخش رستماڻي ۾ محمد رحيم رستماڻي جي گهر ڄمڻ ونڊڙ. علي اڪبر رستماڻي جنهن کي پيار مان شهر واسي علي صاحب ۽ خاندان وارا بابا علي جي نالي سان سڏيندا هئا. علي اڪبر رستماڻي جي چهري تي هميشه مرڪ سان گڏ شفقت نظر ايندي هئي، ان ٽنڊوباگو ۾ رهندي ڪڏهن به ڪنهن کي ناراض نه ڪيو. مير غلام محمد ٽالپر جي مدرسي مان پڙهي هن نيشنل بئنڪ ۾ نوڪري ورتي، محنت سان ترقي جون منزلون طئي ڪندي هي بئنڪ جي نائب صدر جي عهدي تي پهتو. ڪنهن به وقت ڪو اڙيا تو وٽس لنگهي ويندو هو ته هي ان جي هر ممڪن مدد ڪندو هو. کيس ڪرڪيٽ راند سان دلي لڳاءُ هوندو هو. شهر جي نوجوانن لاءِ هن مير غلام محمد خان ٽالپر نالي سان ڪرڪيٽ جي ٽيم ٺهرائي، جنهن جو سمورو خرچ هي پنهنجي کيسي مان ادا ڪندو هو. هن ٽنڊوباگو جي ڪيترن ئي ڪرڪيٽ جي رانديگرن کي ٽنڊوباگو جي نيشنل بئنڪ ۾ نوڪريون وٺي ڏنيون، جن مان وڏو تعداد هن وقت مختلف شهرن ۾ بئنڪ مئنيجر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيا آهن. غريبن جو هڏ ڏوکي هئڻ سبب هن ٽنڊوباگو جي شهرين جي سهولت لاءِ واهه جي ڪپ تي ڪيترائي هينڊ پمپ وارا نلڪا هڻائي ڏنا هُئا. سندس اولاد مان خالد بلوچ ۽ صلاح الدين بلوچ هن وقت پوليس کاتي ۾ آفيسر آهن، جڏهن ته هڪ پُٽ ضرار بلوچ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار ۽ هڪ پُٽ عمر فاروق نيشنل بئنڪ ٽنڊوباگو جو مئنيجر آهي ۽ ننڍو پُٽ علي پڻ بئنڪ ۾ نوڪري ۾ آهي. علي اڪبر رستماڻي کي ٽنڊوباگو جا شهري تمام گهڻي عزت ۽ پيار جي نگاهه سان ڏسندا هئا. سندس وفات وقت سندس جنازي ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. کيس مصري شاهه جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## مير محبوب ٽالپر

مير عبدالقادر خاڪسار جي گهر ۾ جنم ورتو. مير محبوب ٽالپر ننڍي هوندي کان وٺي تاريخ جي ڪتابن جو انتهائي شوقين هوندو هو. هو پنهنجي وڏن کان سنڌ ۾ ٽالپرن جي حڪومت ۽ خاندان بابت پڇندو رهندو هو. جڏهن هي پرائمري پاس ڪري ٽنڊي باگي جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ته اسڪول جي لائبريري مان تاريخ جا ڪتاب ڪڍي پيو راتين جون راتيون پڙهندو هو. ڪيس سنڌ جي ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي تاريخ ڪانسواءِ سنڌ جي ٻي تاريخ تي پڻ عبور حاصل هو. جڏهن هن تعليم مڪمل ڪئي ته ڪيس تعليم کاتي ۾ استاد جي نوڪري ملي وئي ۽ هن کي تاريخ جو سبجيڪٽ پڙهائڻ ۽ وڌيڪ پڙهڻ جو موقعو مليو. مير محبوب کي مصر جي تاريخ بابت وڏي ڄاڻ هوندي هئي. هن کي مصر جي فرعونن جا قصا برزبان ياد هوندا هئا. جيڪي هي اسڪول ۾ شاگردن کي پڙهائڻ دوران ڦوٽو ڏيکاري ايئن ليڪچر ڏيئي ٻڌائيندو هو جڻ ڪا سئنيما ۾ فلم هلي رهي آهي. تاريخ جي هن استاد کي آخري وقت ۾ فالج جو شديد حملو ٿي پيو جنهن سبب هي هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي گهر ۾ ويهي رهيو. جڏهن به ڪنهن کي تاريخ جي ڄاڻ ۽ معلومات جي ضرورت پوندي هئي ته مير محبوب کيس پنهنجي گهر گهرائي به سنڌس مدد ڪندو هو. ٽنڊوباگو جي هن تاريخ جي ڄاڻو استاد مير محبوب ٽالپر 2014ع ۾ وفات ڪئي، ڪيس نظر محمد شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويو.

## عبدالحڪيم هاليپوٽو

ٽنڊوباگو پرسان ڳوٺ بچو هاليپوٽو جي ڳوٺاڻي گل محمد هاليپوٽو جي گهر ۾ 1946ع ۾ هڪ اهڙي ٻار جنم ورتو جيڪو اڳتي هلي جڏهن نوجوان ٿيو ته هو غريبن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪردار بڻجي ويو. سائين عبدالحڪيم هاليپوٽو جيڪو شروع ۾ ڪٽر مذهبي ۽ نياڻين جي تعليم جو مخالف هو جڏهن تعليم پوري ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس نوڪري نه ملي ته هن هارپي سان گڏ مزدوريون به ڪيون. ستر واري ڏهاڪي کان پوءِ جڏهن ڪيس تعليم کاتي ۾ ماستري جي نوڪري ملي ته عبدالرحمن مهيري عبدالله مهيري ۽ جمن ترڪ سان واسطو ٿيڻ سبب سنڌس لاڙو ادبي ۽ سياسي ڪتابن پڙهڻ ڏاهن ٿيو. عبدالحڪيم هاليپوٽو شهيد فاضل راهو ۽ رسول بخش پليجو جي سياست کان متاثر ٿي عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ پارٽي جو ڪُل وقتي ڪارڪن ٿي ويو. عوامي تحريڪ جي جلسن ۾ هن وڏي تعداد ۾ عورتن جي شرڪت کي ڏسي پنهنجي خاندان ۽ ڳوٺ جي نياڻين ۾ شعور وڌائڻ لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو. عبدالحڪيم هاليپوٽو ضياءُ جي مارشلا واري دور ۾ پنهنجي ڳوٺ بچو هاليپوٽو ۾ هڪ اهڙي سياسي درسگاهه قائم ڪئي. جتي پري پري جا ڪارڪن ۽ ورڪر اچي سياسي تربيت حاصل ڪندا هئا. هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽر مذهبي ماڻهوءَ جون سوچون جڏهن تبديل ٿيون ته هن سنڌ جي حقن لاءِ پنهنجي خاندان جي عورتن ۽ نياڻين کي روڊن تي آڻيندي دير نه ڪئي. سنڌ کي ڪالاباغ ڊيم جهڙي ٿهري نانگ کان بچائڻ لاءِ هن ڪيترا پيرا سکر کان ڪراچي تائين پنهنجي نياڻين ۽ گهرواري سان گڏ پيرين پنڌ لانگ مارچ ڪري سنڌ جي عوام ۾ جدوجهد جو اُتساهه پيدا ڪيو. سنڌ جي حقن جي جدوجهد هجي يا ٽنڊوباگو جي مقامي مسئلن واري جدوجهد هجي، عبدالحڪيم هاليپوٽو سدائين هر دور جي ظلم اڳيان پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ ۾ اڳيرو هوندو هو. 8 آڪٽوبر 2010ع ۾ ڪڙيو گهنور ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف رکيل جلسي ۾ وڏي جذباتي تقرير ڪرڻ بعد کيس دل جو دورو پيو جتان کيس حيدرآباد ڪٽي ويندي ٽنڊو غلام حيدر وٽ هي مرد قلندر انسان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

## ڪانيو فقير سامي

ڪئين سال اڳ ٽنڊوباگو تعلقي جي ڪوسڪي شهر پر سان بندوڪي وارن ڪوسن جو ڳوٺ هو. ان ڳوٺ پر سان پوٺي تي هر سال سامي قبيلي جا لاڏائو ماڻهو اچي ڪجهه ڏينهن لاءِ رهندا هئا. سامي قبيلي جي چڱي مڙس جي هڪ خوبصورت ڌيءُ هوندي هئي. جيڪا هر وقت تيل ڦليل ڪري پيئي ڊيل وانگي ٽلندي هئي. ڪوسا ذات جو هڪ نوجوان صالو ڪوسو جون اکيون ان ڊيل جهڙي ناري جي اکين سان اٽڪي پيون. جڏهن ڪجهه وقت کان پوءِ اهو سامين جو قبيلو برسات جي موسم کي ڏسندي عمرڪوٽ ڏاهن لڏو ڪٽي راهي ٿيو. ته صالو ڪوسو جي اکين اڳيان اونده اچي وئي. يارن دوستن هن کي گهڻو سمجهايو پر پريت جي پتنگ کي پنهنجي محبوب جي جدائي واري وڇوڙي اهڙو ته گهايل ڪري وڌو جو ڪائڻ پيئڻ هن جي لاءِ زهر بنجي ويو. نيٺ دل جي هٿان مجبور ٿي هڪ رات اسر ويل هي گهر ۾ مائٽ ڇڏي محبت پويان نڪري پيو. ڪيترائي ڏينهن پنهنجي پيار جون پچائون ڪندو سندن پيرا کڻندو وڃي عمرڪوٽ پهتو. جتي اهو سامين وارو قبيلو اڳي ئي سانيڪو ٿي ويٺل هو.صالو ڪوسو به پنهنجي محبوب جي گهر سامهون هڪ وڻ هيٺان پنهنجو ديرو ڄمائي ويهي رهيو. جتي سڄو ڏينهن پنهنجي محبوب کي گهر جي اڳيان هلندي پيو ڏسندو هو. جڏهن اهڙي خبر سامين جي چڱي مڙس کي پيئي ته هن صالو ڪوسو وٽ اچي هن کان اتي رهڻ جو سبب پڇيو جنهن تي صالو کيس چيو ته آئون ان ڇوڪري جي عِشق ۾ مِٽ مائٽ ڇڏي هتي آيو آهيان. جنهن تي سامين جي چڱي مڙس جان ڇڏائڻ لاءِ کيس چيو ته جي اسان سان سامي ٿي هلين ته توکي سڱ ڏينداسين. ان تي هن بنا سوچي جواب ڏنو ته مونکي اهو شرط قبول آهي. جنهن بعد سامين جي چڱي مڙس هن جي شادي ان ڇوڪري سان ڪرائي. جنهن مان هن کي هڪ پٽ لڇمڻ ڄائو. لڇمڻ مان ناٿو پيدا ٿيو ۽ ناٿي مان ڪانيو پيدا ٿيو. جيڪو سامي قبيلي جو سردار بڻيو. ڪانيو فقير انتهائي شوقين هوندو هو سدائين بوسڪي جا ڪپڙا ۽ بوسڪي جو پٽڪو ٻڌي پلي گهوڙي تي چڙهي هلندو هو. سندس وڏن زميندارن ۽ اميرن

سان سنگت هوندي هئي. سامين جون عورتون سنڌ ۾ رلي ناهڻ ۾ انتهائي هوشيار ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. جڏهن 60 واري ڏهاڪي ۾ صدر ايوب خان شڪار لاءِ مير محمد بخش ٽالپر جي دعوت تي چروو ۾ آيو ته مير محمد بخش صدر ايوب کي ڪانيو فقير کان هڪ خوبصورت رلي وٺي سوکڙي طور ڏني. جيڪا صدر ايوب کي ايترو ته وڻي جو هن چروو بنديءَ مير محمد بخش ٽالپر کي تحفي ۾ ڏيئي ڇڏي. هن وقت ڪانيو فقير جو پٽ لالچند سامي، سامين جو سردار آهي ۽ پنهنجي برادري جا فيصلا پاڻ ڪندو آهي. سردار لالچند ٻڌايو ته ڪانيو فقير هڪ وڏي فوجي آفيسر کي ٽن ٽنگن وارو ڪڪڙ تحفي ۾ ڏنو ته هن فوجي آفيسر خوش ٿي ڪانيو فقير کي نار واري پوٺي تي 50 ايڪڙ زمين رهائش لاءِ ڏني. جتي هن وقت هي قبيلو رهائش پذير آهي. لال چند موجب ته هر سال سنڌي اَسو واري مهيني ۾ نار جي پوٺي تي ڪانيو فقير جو ميلو لڳندو آهي، جتي سڄي سنڌ مان سامي ايندا آهن. هن ٻڌايو ته ميلي وقت سامين جي ماڻهن جا برادري، سڱاوتي ۽ جهيڙي جهٽي وارا فيصلا هو ڪندو آهي، هر فيصلي جا ڪيس 20 هزار روپيا ملندا آهن. سامي قبيلي جون عورتون گهرن ۾ رليون ناهين ۽ پيرت پرين، سندن پوڙهيون عورتون ۽ پوڙها مرد خيرات وٺي گذارو ڪن. سامي ذات جا نوجوان هر سال ايران ملڪ وڃي خيرات وٺن ۽ ڏارا هٽي وڏو ناڻو ڪمائي ٻن ٽن مهينن ڪانپوءِ واپس موٽيو اچن. ڪانيو فقير سال 1988ع ۾ وفات ڪئي، سندس قبر ٽنڊوباگو شهر جي بچل شاهه قبرستان پرسان هندن جي قبرستان ۾ آهي.

## ڊاڪٽر فهميده مرزا

حيدرآباد جي قاضي خاندان جي سياستدان ۽ عبرت گروپ جي مالڪ، قاضي عبدالمجيد عابد جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر فهميده مرزا ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا سان شادي ڪرڻ ڪانپوءِ، پيءُ ۽ مڙس جيان پاڻ به سياستدان بنجي ويئي. ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا پاران بدين ضلع ۾ سياست ڪرڻ سبب، پ پ پاران ڪيس ڊاڪٽر مرزا جي روپوش هُئڻ ڪري ڪيس بدين ۽ گولاڙچي واري تڪ تان نامزد ڪري NA225 تان ڪيس اليڪشن لڙائي، ان تڪ تان پاڻ مسلسل پنج ڀيرا قومي اسيمبلي جي ميمبر چونڊبي رهي آهي. شهيد بينظير ڀُٽو جي شهادت کان پوءِ 2008ع جي اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي پاڪستان مان اڪثريت سان چونڊبون کٽي ويئي، بدين گولاڙچي ۽ ٽنڊوباگو جي گڏيل تڪ مان ڪامياب ٿيل ڊاڪٽر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهميده مرزا کي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي عهدي تي چونڊرايو ويو. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چونڊجڻ کان پوءِ ڊاڪٽر فهميده مرزا اسلامي ملڪن جي پهرين عورت اسپيڪر جو اعزاز ماڻيو هن کان اڳ اسلامي دنيا جي ملڪن ۾ ڪا به عورت ڪنهن ملڪ جي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر نه ٿي هُئي. ڊاڪٽر فهميده مرزا ايم اين اي سان گڏ اسپيڪر ٿي. هن اسپيڪر جي حيثيت ۾ بدين، گولاڙچي ۽ ٽنڊوباگو ۾ گهڻا ترقياتي ڪم ڪرايا. ضلع بدين جي شهرن ڪڍڻ، تلهار، ننڍو، ڪوسڪي، پنگريو، ملڪاڻي ۽ خيرپور کي سُئي گئس جي سهولت ڏياري. ضلع جي سوين ڳوٺن ۾ بجلي، روڊ، رستا اسڪول، پلون ۽ ٻين ڪمن سان گڏ سنا ترقياتي ڪم ڪرايا. ڊاڪٽر فهميده مرزا جي ڪوشش سان ايران حڪومت پاران ٽنڊوباگو جي مير غلام محمد ٽالپر جي تاريخي هاءِ اسڪول ۾ جديد بلڊنگ ۽ فرنيچر سان گڏ هڪ وڏو ڪانفرنس هال ٺهرايو ويو. ننڍو شهر ۾ پڻ ايران حُڪومت جي مدد سان عاليشان اسپتال تعمير ٿي. جيڪا سندس يادگار تحفي طور ياد ڪئي ويندي. ڊاڪٽر فهميدا مرزا اسپيڪر دوران ڪيترائي ڀيرا قائم مقام صدر پاڪستان جون ذميواريون ادا ڪيون. سندس اسپيڪر شپ جي دور ۾ آئين جي 18 ترميم پاس ٿي، جنهن ڪري هن ملڪ تان مارشلا جي تلوار لهي ويئي.

# ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا

جسٽس ظفر حسين مرزا جي گهر ۾ جنم ورتو. ذوالفقار علي مرزا جڏهن پڙهڻ لاءِ پيٽارو جي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ داخل ٿيو اتي سندس دوستي آصف علي زرداري سان ٿي. جڏهن پيٽارو مان پڙهي هي لياقت ميڊيڪل ڪاليج LMC ڄامشورو ۾ داخل ٿيو ته اتي هن جي دوستي ٽنڊوباگو جي ڊاڪٽر لڪاڏنو عباسي ۽ ڳوٺ پهاڙ مري جي ڊاڪٽر مظهر خواجه سان ٿي. LMC مان ڊاڪٽري پاس ڪري ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ڪراچي ۾ فوج ۾ ڊاڪٽر طور ڀرتي ٿيو. بعد ۾ PIA ۾ ڊاڪٽر ڀرتي ٿيو. جڏهن آصف علي زرداري بينظير ڀُٽو سان شادي ڪئي ته ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا آصف علي زرداري جي دوستي سبب سياست ۾ اچي ويو. 1988ع ۾ بدين گولاڙچي تڪ تان پ پ جي ٽڪيٽ تي ايم اين اي چونڊجي ويو. سندس بدين جي سياست ۾ اچڻ سان بدين ضلع ۾ وڏو ٻونچال اچي ويو. روائتي وڏيرن جي سياست جو سج لهڻ شروع ٿي ويو. شهيد بينظير ڀٽو جو حڪومتي تختو اونڌو ٿيڻ سان آصف زرداري ۽ ذوالفقار علي مرزا تي ڏکيا ڏينهن اچي ويا. جنهن بعد هي سالن تائين روپوشي جي حالت ۾ بدين ۾ هلندو رهيو. 2007ع ۾ جڏهن جنرل مشرف اليڪشن جو اعلان ڪيو ته بينظير ڀُٽو ڊاڪٽر ذوالفقار کي پي ايس 57 صوبائي تڪ ٽنڊوباگو لاءِ پ پ جو ٽڪيٽ ڏيئي اميدوار نامزد ڪيو. اليڪشن کان اڳ شهيد بينظير ڀُٽو جي جلسن ۽ ريلين جي سيڪيورٽي جو انچارج ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا هو. 27 ڊسمبر 2007ع تي شهيد بينظير


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽئو جي شهادت ڪان پوءِ 2008ع ۾ ٿيل عام چونڊن ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ٽنڊوباگو تي مخالف اميدوار سيد علي بخش عرف پپُو شاهه کي اليڪشن هارائي ايم پي اي چونڊجي ويو. جنهن بعد سنڌ ۾ ٺهيل پ پ جي حڪومت ۾ ڪيس گهرو کاتي جو وزير بنايو ويو. سنڌ جي گهرو کاتي جي وزارت دوران هن تعلقي ٽنڊي باگي جي هزارين بيروزگار نوجوانن کي نوڪريون ڏيئي روزگار تي لڳايو. ٽنڊي باگي جي سوين ڳوٺن ۾ بجلي، روڊ، رستا، پُلون ٺهرايون، ٽنڊوباگو ۾ هڪ وڏو عاليشان پبلڪ پارڪ، وڏو شادي هال ۽ نوجوانن لاءِ جديد طرز جو ورزش ڪرڻ واري جمنازيم سميت تعلقي جي ننڍين وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڏي تعداد ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا. سچ ڳالهائڻ تان ٽن سالن بعد جڏهن ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ۽ سندس پڳ مٽ يار آصف زرداري وچ ۾ اختلاف شروع ٿيا ته هن اقتدار جي ڪُرسي کي ٺُڏو هڻي گهرو وزارت سان گڏ ايم پي اي شپ تان به استعيفا ڏيئي ڇڏي آصف زرداري سان پُراڻي ياري ٽٽڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا تي سختين جا پهاڙ ڪيرايا ويا، سندس ملون بند ڪرايون ويون مورجهر واري بنگلي تي مٿس پوليس هٿان گهيراءُ ڪرايا ويا. ڪراچي سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ ڊاڪٽر مرزا ۽ سندس ساٿين تي اڻ ڳڻيا ڪيس داخل ڪري کيس جهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر هر وقت هي ثابت قدم رهيو ۽ نه جهڪيو. سندس ان بهادري ۽ دليري جي ڪري سنڌ جي ماڻهن کيس شير سنڌ جي خطاب سان نوازيو. هزارين سنائين سان گڏ هر انسان ۾ ڪجهه ڪميون به هونديون آهن. هي جنهن کي مٿي کڻندو آهي ان کي آسمان تي پهچائي ڇڏيندو آهي، جڏهن ڪو مٿس ڏکيو وقت ايندو آهي ته اهي آسمان تي پهتل ماڻهو سندس اڻ سڃاتل ٿي منهن موڙي هليا ويندا آهن. پر هن دل جي صاف ۽ شفاف شخص جو حسيني قافلو هلندو رهندو آهي.

## بئريسٽر حسنين مرزا

2011ع ۾ پ پ حڪومت سنڌ جي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جيڪو ٽنڊوباگو جي صوبائي تڪ تان چونڊيل ايم پي اي هو ان پاران وزارت ۽ ايم پي اي شپ تان استعيفا ڏيڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جو وڏو پُٽ بئريسٽر حسنين علي مرزا، والد جي خالي ڪيل سيٽ تي ضمني چونڊ ۾ سيد علي بخش شاهه عرف پپو شاهه کي هارائي ڪامياب ٿيو. هن به پنهنجي والد ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ امڙ ڊاڪٽر فهميده مرزا جي نقش قدم تي هلندي ٽنڊوباگو تعلقي ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ سوين بيروزگار نوجوانن کي نوڪريون ڏيئي روزگار سان لڳايو. 2013ع جي عام چونڊن ۾ پ پ جي ٽڪيٽ تي هن پيهر فنڪشنل ليگ جي اميدوار سيد علي بخش شاهه عرف پپو شاهه کي هارائي ايم پي اي ٿي ويو. جڏهن هي پيهر ايم پي اي ٿيو ته ان وقت پ پ چيئرمين آصف علي زرداري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا وچ ۾ شديد اختلاف هلي رهيا هئا. جنهن ڪري حسنين علي مرزا کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ حڪومت پاران ڪو بہ ترقياتي ڪم نہ ڏنو ويو ۽ نہ ئي ڪيس ڪا نوڪري جي سيٽ ڏني وئي.

## دلبر سنڌي

هڪ ٽپيدار ۽ زميندار جو دادلو پٽ جنهن جونالو تہ غلام محمد خواجہ آهي، پر سڄي سنڌ ڪيس "دلبر سنڌي" جي نالي سان سڃاڻي ٿي. پيءُ جي وفات ڪانپوءِ پنج سو ايڪڙ زمين سندس حصي ۾ ملي. اهو وڏو زميندار ۽ لکاپتي سيٺ هوندي بہ غريب ماڻهن جي محبت ۾ ڇڪجي عوامي سياست ۾ شامل ٿي ويو. وطن دوست پارٽي جي پليٽ فارم تان سياست جي شروعات ڪندڙ دلبر سنڌي ٽنڊوباگو ۾ پوليس هٿان ٽنڊوباگو جي لاڪ اپ ۾ تشدد سبب شهيد ٿيل رفيق ڪوسو جي قتل تي اهڙي تہ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي، جو ضلع انتظاميہ کي مجبور ٿي پنهنجي پٽي پائي پوليس آفيسرن تي شهيد رفيق ڪوسو جو ڪيس داخل ڪرڻو پيو. جڏهن قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسي جيئي سنڌ کي ڇڏي ترقي پسند پارٽي ناهي تہ بدين ضلع ۾ دلبر سنڌي پهريون ماڻهو هو جيڪو ڊاڪٽر قادر مگسي جي پارٽي ۾شامل ٿيو. سندس ڊاڪٽر قادر مگسي سان اهڙي محبت ٿي جو هن ڊاڪٽر قادر مگسي کي ٽنڊي باگي گهرائي وڏي جلسي ۾ سونو تاج پارايو. هن ڊاڪٽر قادر مگسي جي پارٽي جي ٽڪيٽ تي ٽنڊوباگو واري صوبائي تڪ تان چونڊ وڙهي پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو. جڏهن ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ٽنڊوباگو کي پنهنجو اليڪشني تڪ بنايو تہ دلبر سنڌي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي دليري ۽ بهادري کان متاثر ٿي ڊاڪٽر مرزا سان شامل ٿي ويو. 2005ع واري بلدياتي اليڪشن ۾ ٽنڊوباگو يوسي جي ناظم جي سيٽ تي چونڊ کٽي ڪامياب ٿي ويو. ٽنڊوباگو جي مقامي سياستدان سيد علي بخش شاهہ سان سخت مخالفت هُئڻ ڪري هن کي بہ پيرا جيل جي ياترا بہ ڪرڻي پئي. پ پ جي روائتي جيالن جي برعڪس ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ ڊاڪٽر فهميده مرزا پاران ڪيس مليل هڪ سئو کان وڌيڪ نوڪرين جي سيٽن مان هن هڪ بہ سيٽ وڪرو نہ ڪئي ۽ سموريون نوڪريون بنا ڪنهن فرق جي غريب ماڻهن جي اولاد کي سڏ ڪري ورهائي ڏنيون. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ٽنڊوباگو جا سمورا ماڻهو ڪيس دل سان پيار ڪن ٿا ۽ سندس عزت ڪن ٿا. ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا تي ساهہ گهوريندڙ هن نوجوان جي سدائين جذباتي سياست رهي آهي. ٽنڊوباگو جي هر مسئلي تي هي روڊن تي نڪري مظاهرن ۽ ڌرڻن هڻڻ ۾ دير نہ ڪندو آهي.

## سردار ڪمال خان چانگ

ڪمال خان چانگ جو سهرو محمد يوسف چانگ چانگن جو سردار هو. سندس وفات بعد سرداري جي پڳ ڪمال خان چانگ کي ٻڌرائي وئي. سردار ڪمال خان چانگ جيڪو سياسي طور تي ڪڏهن ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جو شاگرد هو جڏهن مشرف جي دور ۾ضلع بدين جي ناظمي جي چونڊ ۾ڊاڪٽر فهميده مرزا جو ضلع ناظم وارو فارم رد ٿيڻ سبب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڪورنگ اميدوار سردار ڪمال خان چانگ جو ٻاگ ڪلي ويو ۽ هي پ پ پاران ضلعي ناظم جو اميدوار ٿي ويو. ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي ڏاهپ ۽ محنت جي ڪري سردار ڪمال خان چانگ ضلع ناظم جي چونڊ کٽي بدين جو ضلع ناظم بنجي ويو. سردار ڪمال خان چانگ جيڪو انتهائي سادي طبيعت ۽ تڏي دماغ وارو انسان آهي، ان ضلع ناظم جي حيثيت ۾ ساحلي پٽي جي ملاحن سان رينجرس جي آزار تي ڀرپور ساٿ ڏيئي سندن جدوجهد ۾ ساٿ ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ ملاحن کي تاريخي ڪاميابي ملي. مشرف جي مارشلائي دور ۾ هي حساس ماڻهو ڪڏهن به ڏاڍ اڳيان نه جهڪيو . هن کي مشرف جون ڌمڪيون ۽ لالچون خريدي نه سگهيون. سندس اهڙي بهادري واري ڪردار تي ٽنڊوباگو جي صحافين سردار ڪمال خان چانگ کي مڃتا طور تي سونو تاج پارايو. ان وقت سردار ڪمال خان چانگ ملڪ جو پهريون ضلع ناظم هو، جنهن کي ڪنهن سِول سوسائٽي پاران تاج پارايو ويو هو. هن پنهنجي ناظمي واري دور ۾ ضلع اسيمبلي مان ڪالا باغ ڊيم خلاف قرارداد پاس ڪرائي سنڌ جي حلالي فرزند جي لسٽ ۾ مٿي نالو لکرايو. 2013ع جي عام چونڊن ۾ هن کي پ پ پاران NA224 تان اليڪشن ۾ بيهاريو ويو. وڏو تڪ هجڻ سبب پهچي نه سگهڻ باوجود تڪ جي عوام سندس شاندار ماضي کي ڏسندي ڪيس وڏي ليڊ سان اليڪشن ۾ ڪامياب ڪري ايم اين اي بنايو. اڄ به سردار ڪمال خان چانگ ضلع بدين جي ماڻهن جي خدمت ڪري پيو.

## سيد علي بخش شاه عرف پپو شاه

ٽنڊوباگو کان 12 ڪلوميٽر پري ڳوٺ وهڻائي ۾ سيد عبدالرسول شاهه عرف سيد ابن شاهه جي حويلي ۾ جنم وٺندڙ سيد علي بخش شاهه عرف پپو شاهه کي بدين ضلع جي سياست ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. هن کان سواءِ ٿيندڙ اليڪشن، اليڪشن نه پر سليڪشن هوندي آهي. 1985ع ۾ بدين جي صوبائي تڪ تان غير جماعتي چونڊن ۾ ڪامياب ٿي سيد پپو شاهه بدين ضلع جي سياست ۾ پنهنجا پير پختا ڪري ڇڏيا. 2003ع جي مشرف دور واري ٿيل چونڊن ۾ ٽنڊوباگو جي صوبائي تڪ تان پ پ جي اميدوار مرحوم عبدالڪريم پرگڙي کي چونڊن ۾ هارائي ايم پي اي چونڊجڻ کان پوءِ صوبائي وزير بهبود آبادي بنيو. سندس وزارت دوران هن تڪ ترقياتي ڪم ڪرايا. سندس وزارت واري دور ۾ ان وقت جو ملڪي صدر جنرل پرويز مشرف سندس دعوت تي وهڻائي شريف پهچي وڏي جلسي کي خطاب ڪيو ۽ ٽنڊوباگو تڪ لاءِ وڏا اعلان ڪيا، جن ۾ بجلي جي گرڊ اسٽيشن، آءِ ٽي ۽ ڊگري ڪاليج وغيره شامل آهن. جڏهن ته ان کانسواءِ سيد پپو شاهه جي ڪوشش سان ٽنڊوباگو کي سئي گئس جي سهولت ملي. هن پنهنجي والد مرحوم سيد عبدالرسول شاهه جي نالي سان ٽنڊوباگو ۾ 38 لکن جي لاڳت سان ڊجيٽل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائبريري سنڌ حڪومت ڪان نهرائي. جڏهن ته مير غلام محمد ٽالپر پاران قائم ڪيل عورتن جي ويم گهر جيڪو عمارت ڪرڻ سبب ڪيترن سالن ڪان بند پيل هو جي نئين عمارت منظور ڪري نهرائي ۽ ان سان گڏو گڏ ٽنڊوباگو جي سوين ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا. سيد پيو شاھ جنهن جي سياست سدائين پيپلز پارٽي خلاف رهي آهي ۽ هي سياست ۾ اچڻ ڪان وٺي 2014ع تائين پيپلز پارٽي جي اميدوارن سان اليڪشن ۾ مقابلو ڪندو رهيو آهي، اهو اوچتو 2015ع ۾ پنهنجي سدائين مخالف جماعت پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو. سندس اهڙي فيصلي تي سندس تڪ جا ووٽر پڻ حيران ٿي ويا.

## بي بي ياسمين شاھ

سيد علي بخش شاھ عرف پپو شاھ جي گهر واري بيبي ياسمين شاھ جو نالو بدين ضلع جي اهم ۽ مک سياستدانن ۾ شمار ٿئي ٿو. بيبي ياسمين شاھ سيد پپو شاھ سان شادي ڪرڻ ڪانپوءِ سياست جي ميدان ۾ لهي پئي ۽ مشرف جي دور حڪومت ۾ به پيرا پاڪستان جي اعليٰ ايوان سينيٽ جي ميمبر رهي آهي. هن پڻ سيد پپو شاھ جيان ٽنڊوباگو لاءِ وڏيون وڏيون اسڪيمون منظور ڪرائي انهن تي ڪم ڪرايو. سندس ڪوشش سان ٽنڊوباگو ۾ پبلڪ پارڪ، شادي هال، لائبريري باگو واھ تي پلون ۽ ڪيترن ئي اونداهن ڳوٺن کي بجلي جي سهولت سان روشن بنايو ويو. بيبي ياسمين شاھ به پنهنجي ور سيد پپو شاھ جيان انتهائي مانيٽي ۽ ٿڌي مزاج واري سياستدان آهي. وٽس ويندڙ ڪم لاءِ ڪنهن به تڪ جي ماڻهو کي خالي دلاسو ڏيئي واپس نه ڪندي آهي جيڪڏهن ڪم سندس وس ۾ نه هوندو ته ان کي صاف چئي ڇڏڻ سندس عادت آهي.

## حاجي سائين بخش جمالي

ڳوٺ حاجي سونو خان جمالي ۾ حاجي راڻو خان جمالي جي گهر ۾ 1965ع ۾ جنم وٺندڙهڪ ڳوٺاڻو ٻار جڏهن پيدا ٿيو ته ڪنهن به اهو نه سوچيو هو ته ڪو هي وڏو ٿي ان حيثيت تي پهچندو. پنهنجي ڏاڏي حاجي سونو خان جمالي جون سِڪون لاهيندڙ حاجي سائين بخش جمالي پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان 1978ع ۾ پنجون درجو پاس ڪيو ته سندس دِل وڏيڪ پڙهڻ بجاءِ زميندارى ڪرڻ کي ترجيح ڏني. 1982ع تائين هن ننڍپڻ جي وهيءَ ۾ راند روند ڪرڻ بجاءِ سڄو ڏينهن پنهنجي زمينن تي پيو گهمندو هو 1983ع ۾ مائٽن ۽ دوستن جي زور پرڻ تي هن هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو ۾ داخلاءَ ورتي. هاءِ اسڪول ۾ داخلاءَ وٺڻ کان پوءِ پڙهڻ ۾ ايڏو ته هوشيار ٿي ويو جو ڇهين درجي کان ڏهين درجي تائين مسلسل پنهنجي ڪلاس جو مانيٽر ٿيندو رهيو. بي اي تائين تعليم حاصل ڪندڙ هن نوجوان جي دل ۾ ذهن ۾ اوچتو سياست جو گهوڙو ڊوڙڻ شروع ٿي ويو ۽ هن مشرف جي حڪومتي دور ۾ مڪاني ادارن جي ٿيندڙ چونڊن ۾ پنهنجي اباڻي يونين ڪائونسل چيرالو مان ناظم جي سيٽ تي فارم ڀرايو ۽ چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻي. ارباب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاندان سان وڏن جي پُراڻي دوستي سبب جڏهن ارباب غلام رحيم سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو تہ سياسي طور تي ان سان شامل ٿي ويو. 2005ع جي ناظمن واري اليڪشن ۾ پيهر ارباب گروپ ۽ خوشحال پاڪستان پليٽ فارم تان چونڊ وڙهي، يونين ڪائونسل سارنگ فقير مان ناظم چونڊجي ويو ۽ سندس پاڻ سردار غلام رسول جمالي کي ٽنڊو باگو جو تعلقہ نائب ناظم چونڊرائين. هن 2007ع ۾ يو سي ناظم جي سيٽ ڇڏي 2008ع واري صوبائي چونڊن ۾ تعلقي بدين مان ايم پي اي جي چونڊ وڙهيو ۽ 2013ع جي چونڊن ۾ وري ارباب گروپ پاران سندس ڳوٺ واري تڪ تان P.S56 تلهار جي صوبائي سيٽ تي چونڊ وڙهيو پر ٿي پيرا ڪامياب ٿي نہ سگهيو. ڪجھ وقت ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا سان سياست ۾ گڏ رهندڙ حاجي سائين بخش جمالي 2015ع ۾ سردار ڪمال خان چانگ ۽ فريال ٽالپر جي چوڻ تي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو هن وقت ڪيس پيپلز پارٽي ضلعي بدين جي قيادت ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. هن وقت پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تان هڪ دفعو پيهر پنهنجي ڳوٺ واري يونين ڪائونسل سارنگ فقير ڪلهوڙو مان ضلعي ڪائونسل بدين جو ميمبر چونڊيل آهي، سندس وڏو پٽ خان صاحب جمالي ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 3 مان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي جنرل ڪائونسلر جي سيٽ تي ڪامياب ٿيو آهي. حاجي سائين بخش جمالي وڏي زميندار سان گڏ ٽنڊوباگو جو ڪامياب واپاري پڻ آهي، ٽنڊوباگو شهر ۾ سندس سي اين جي پمپ ۽ رائس مل بہ آهي. سياسي طور تي سندس سڄو خاندان سياست ڪري ٿو جنهن ۾ سندس پاڻ اڳوڻو تعلقي نائب ناظم سردار غلام رسول جمالي، عطا حسين جمالي، شاهنواز جمالي ۽ سندس پٽ خان صاحب جمالي پيپلز پارٽي جا مقامي سياستدان آهن.

## ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل:

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل 1940ع ۾ ٽنڊو باگو ۾ چراغ الدين مغل جي گهر ۾ پيدا ٿيو سندس والد ان وقت ٺيڪيداري ڪندو هو .هن پرائمري تعليم ٽنڊوباگو جي پرائمري اسڪول مان پاس ڪري پنجين درجي ۾ ٽنڊوباگو جي تاريخي لارينس مدرسي ۾ داخل ٿيو جتان ڇهين درجي ۾ اچڻ کان پوءِ ڪيس سندس استاد حيدرآباد پٺي ويو ۽ هن کي ڪينٽومينٽ هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو .جتان مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ هن سنڌ يونيورسٽي جام شورو مان انٽر پاس ڪرن کان پوءِ 1960ع سنڌ يونيورسٽي مان پهرين پوزيشن سان بي اي پاس ڪئي. 1962ع ۾ ايم اي پاس ڪرڻ کان پوءِ هن کي ترڪي جي حڪومت پاران ريسرچ ڪرڻ لاءِ اسڪالر شپ ملي، 1967ع ۾ هن ترڪي جي انقره يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪري، واپس اچي سنڌ يونيورسٽي ۾ نوڪري ڪئي، ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪيترو عرصو مسلم هسٽري ڊپارٽمينٽ ۽ پاڪستان اسٽيڊي ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين رهيو آهي.هي ترڪي ۾ پاڪستان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪلچرل ڪائونسلر ٿي رهي چڪو آهي.2005ع ۾پاڻ قائد اعظم اڪيڊمي جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو آهي. ان ڪانسواءِ هن انگريزي،سنڌيءَترڪي زبان ۾ڇهه ڪتاب پڻ لکيا اهن. هن ترڪي ڪان سواءِ 23 يورپي ملڪن جو پڻ دوروڪيو آهي. ڪيس انگريزي، ترڪي، اردو،سنڌيءَ پراڻي ترڪي ٻولي تي عبور حاصل آهي.ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل وڏو تعليمي ماهر ۽ بهترين اديب آهي.پاڻ هن وقت ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ۽ ريسرچ حيدرآباد جوڊائريڪٽر آهي.

## پون سنڌي

سنڌي ادب ۾"سنگتراش" جهڙي ڪهاڻي لکندڙڪهاڻيڪار، پلوڙ شاعرءِ ڪيمسٽري جي ڄاڻو پون داس پٽ جيرامداس ٽنڊي باگي ۾پيارنهن جنوري 1954 ۾ جنم ورتو. ايم ايس سي ڪيمسٽري، ايم اي اڪنامڪس ۽ ايل ايل بي جي تعليم حاصل ڪري، ڏهين مارچ 1981ع ۾ بحيثيت ڪيمسٽري جو ليڪچرار مقرر ٿيو. ڏهين جنوري 2014ع ائسوسيئٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيو. هن ادبي کيتر ۾ عالمي ادب مان پرڏيهي ڪهاڻين بابت جيڪي ترجما ڪري ڪتاب ڇپرايا آهي، اهو سندس وڏو ڪارنامو آهي، پرڏيهي ڪهاڻين جي ترجمن ۾" گوري گهاگهر ۽ گوندر" ڪهاڻين جو ڪتاب 1985ع ۾ ڇپيو جنهن جو ٻيو شمارو 2015ع ۾ مارڪيٽ ۾ آيو آهي. "ستارن جي پوياں ڊوڙندڙ شخص" پرڏيهي ڪهاڻيون ڪتاب 2015ع ۾ ڇپيس، "درد ٻٽيو دلربا" 2015ع ۾ ڇپيو "محبت ماريا ماٿهو" پرڏيهي ڪهاڻيون 2016ع ۾ ڇپيو. "روح جون رولاڪيون" ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون ٻه 2016ع ۾ ڇپيو اٿس، ڪهاڻين جي پنج ڪتابن سميت "سندري سپنا ۽ صليب" سندس شاعري جو ڪتاب 1986ع ۾ ڇپيو. ان ڪان سواءِ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ڇپيل ڪالم، ادبي خط، مضمون، شاعري، ڪهاڻيون، پرڏيهي ادب جا ترجما، ڊائري جا ورق ۽ سفرناما ڇپيا اٿس. منهنجو سائين مسلسل 1968ع ڪان اڄ ڏينهن تائين، لکندو ۽ سنڌي ادبي سنگت، سگا ۽ اولڊ بوائز ايسوسيشن ٽنڊوباگو ۾ پنهنجون خدمتون ڪتب آڻيندو رهيو آهي، پاڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊوباگو سگا برانچ ٽنڊوباگو ۽ اولڊ بوائز ايسوسيشن جو باني ميمبر رهيو آهي. سندس ادبي کيتر ۾ سڃاڻپ پون سنڌي واري تخلص طور ٿيل آهي، لارينس مدرسو جي باني، لاڙ جي ابي مير غلام محمد خان ٽالپر جي حياتي بابت مقالن ۽ مضمونن ۽ شاعري تي مشتمل ڪتاب "هٿڙا مانجهي مرٽا ناهن" ٻه پون سنڌي جو مرتب ڪيل آهي. بهترين مقرر آهي، سندس دوستي جو حلقو پڻ وسيع آهي.سندس شاعري مان ڪجهه سٽون ياد ٿيون اچن:

هر ڪو پنهنجي مفاد لاءِ ٿو مري

حق صداقت لاءِ ڪو مري تہ ڏسون

ٻين ڪي هر ڪو سچ چوي ٿو مگر

پاڻ ڪي پيي ڪو سچ چوي تہ مڃون.

## پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ

تنڊوباگو لڳ ڳوٺ پهاڙ مري ۾ محمد يوسف ميمڻ جي گهر ۾ 1960ع ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسماعيل ميمڻ پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪري تنڊوباگو ۾ مير غلام محمد ٽالپر جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو تہ شهيد پتو جي محبت جي ڪري هي سپاف ۾ شامل ٿي ويو. ايم اي اسلاميات ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ هي تعليم کاتي سان واڳجي ويو. 1985ع ۾ بي ايڊ ۽ 2000ع ۾ ايم ايڊ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ترقي ڪري ايچ ايس ٽي ٿي ويو جنهن اسڪول ۾ هن تعليم ورتي، ان اسڪول ۾ نوڪري ڪرڻ ڪان پوءِ هن ڪي مير غلام محمد جي اسڪول ۽ مير جي شخصيت سان عشق ٿي ويو. جڏهن مير غلام محمد ٽالپر جي اسڪول جو درجو وڌي هائير سيڪنڊري اسڪول ٿيو تہ محمد اسماعيل ميمڻ بہ H.S.T مان سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ٿي ويو. ڪيترو وقت ان هنڌ استاد رهڻ ڪانپوءِ هي ان درسگاهہ جو پرنسپال بنجي ويو. مير غلام محمد ٽالپر جي هن وڏي مدرسي کي بهترين نموني سان هلائڻ ۾ هن جي تعليم دوستي سان گڏ مير غلام محمد سان عشق ۽ هن شهر جي نوجوانن جي مستقبل کي بهترين بنائڻ واري خواهش هن کي هر وقت اسڪول جي مسئلن کي حل ڪرائڻ ۽ جاڪوڙڻ تي اتساهيندي رهندي هئي، لاڙ جي عظيم شخصيت مولوي حاجي احمد ملاح جي علمي ۽ ادبي زندگي کان متاثر ٿي هن مولوي حاجي احمد ملاح جي قرآن مجيد جي منظوم ترجمي ”نورالقرآن“ تي 16 سالن تائين لڳاتار تحقيقات ڪري ان تي هن P.HD ڪئي. هي لاڙ خطي جو پهريون اسڪالر آهي، جنهن مولوي حاجي احمد ملاح جي هن ڪارنامي تي P.HD ڪئي آهي. محمد اسماعيل ميمڻ ڪيترائي سال هن اسڪول جي خدمت ڪرڻ کان پوءِ هتان سياست جي ور چڙهي بدلي ٿي ويو آهي ۽ هن وقت کوسڪي جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ پرنسپال آهي.

## محمد عثمان راهوڪڙو

جڏهن آئون نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس ان وقت تنڊوباگو هاءِ اسڪول ۾ هڪ اهڙي سانوري رنگ جي ڇوڪري سان ملاقات ٿي، جيڪو هر 10 منٽ کان پوءِ پن جي پيڙي

ڪيڏي ڏڪائي، رڳو قومپرستي تي پيو ڳالهائيندو هو. ڦڙدو جمالي جي پرسان رهندڙ وڏيري دورو راهوڪڙو جو پوٽو ۽ وڏيري احمد راهوڪڙي جو پيو نمبر پٽ محمد عثمان راهوڪڙو وڏيراڻي ۽ زميندار گهراڻي ۾ پيدا ٿيڻ باوجود هن ۾ قومپرستي جو جذبو تمام گهڻو هو. 1988ع کان پوءِ جڏهن عثمان راهوڪڙو صحافت جي شعبي ۾ داخل ٿيو ته هن کي صحافت سان جنون جي حد تائين عشق ٿي ويو. ”ڪاوش“ اخبار جي نڪرڻ کان وٺي اڄ تائين هي ڪاوش گروپ سان لاڳاپيل آهي. هن صحافت ۾ هن وڏو نالو ڪمايو آهي، جتي هن ڪيترائي صحافتي شاگرد پيدا ڪيا آهن، اتي هن ڪيترائي صحافتي دشمن به پيدا ڪيا آهن. جيڪي ساڙس صحافتي دشمني جي بنياد تي ساڙ رکن ٿا. ٽنڊوباگو جي صحافت ۾ عثمان راهوڪڙو جي صحافت کان سواءِ اونداهه آهي، اڄ به هن جا شاگرد صحافي ٽنڊوباگو ۾ وڏي نالي وارا صحافي آهن. پر سندس صحافت اڄ به عثمان راهوڪڙو جي مرهون منت آهي. عثمان راهوڪڙو صحافت سان گڏ بهترين شاعر اديب ۽ مقرر آهي، هن پريس ڪلب جي بنياد کان وٺي ايڪتا، سماجي ڪمن ۽ تعليم لاءِ وڏيون ڪاوشون ڪيون آهن. بدين ضلع جي تاريخي ماڳن تي تمام گهڻي تحقيق ڪري ان تي اسٽوريون ۽ ڪالم لکيا آهن، هن کي تاريخ سان وڏي دلچسپي آهي، جنهن ڪري سندس 2014ع ۾ ڇپيل ڪتاب ”سڪو سنڌو ڪنارا رُنا“ ۾ هن لاڙ علائقي جي تاريخ جي حسن کي خوبصورتي سان لکيو آهي. سندس 2015ع ۾ ڇپيل ٻي ڪتاب ”مٽي جا مور ماڻهو“ ۾ هن 133 شخصيتن تي پروفائيل لکيا آهن. سوني هار ۽ نازبو جي خوشبوءِ جهڙي ڇوڪري جي وڇوڙي، شريڪ حيات فاطمه عرف ڦاپو امڙ رڪيت جي موت هن کي جهوري وڌو آهي. پوءِ به خاموش نه ويٺو آهي.

## سائين ضرار رُستماڻي

ٽنڊوباگو جي مشهور شخصيت ۽ بئنڪ مئنيجر علي اڪبر رستماڻي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ضرار علي رستماڻي. جيڪو ننڍي هوندي کان انتهائي جذباتي ۽ چيڙاڪ طبيعت جو هوندو هو. ننڍي هوندي خانداني طور تي ڪرڪيٽ جو تمام گهڻو شوقين ۽ بهترين بالر هو. پروچاڻي ذهن سبب هار کي برداشت ڪري نه سگهندڙ هن شخص جڏهن تعليم مڪمل ڪئي ته استادي پيشي ۾ اچي ويو. نه رڳو ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيو پر والد کي چئي ٽنڊوباگو ۾ اورينٽ پبلڪ اسڪول نالي پنهنجو نجي اسڪول قائم ڪيو. امام غزالي سان عشق واري عقيدت رکندڙ شخص جي گهر ۽ آفيس ۾ ادبي ڪتابن سان الماڙيون ڀريل آهن. چاندي جهڙي وارن وارو سائين ضرار رستماڻي ڪچهري جو ڪوڏيو فقير منش انسان آهي، ساڻس ڪچهري ڪندڙ ماڻهو جو مٿو چڪرايو ڇڏي. سمنڊ جيڏي ڄاڻ رکندڙ 50 سالن جو هي شخص ڏسڻ سان ڪو وڏو عالم دين لڳندو آهي. اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ پنهنجي ليڪچر کي شاهه جي بيت سان شروع ڪندڙ هي استاد مولوي حاجي احمد ملاح جو شيدائي آهي. هن مولوي حاجي احمد ملاح جي سڄي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪلام کي

سهيڙيُ ”ڪُليات احمد“ نالي سان ڇپرايا آهن. تعليم ۽ ادب سان واڳيل هن جي مثالي شخصيت آهي، ڪيس عربي، فارسي، اردو، سنڌي، سرائيڪي ۽ انگريزي ٻولين تي وڏي مهارت حاصل آهي.

## منظور سمون

ٽنڊوباگو شهر مان وهندڙ باگي واهه جي ڪپ تي محمد اسحاق سمون جي گهر ۾ 12 اپريل 1976ع تي جنم ورتائين. ٽنڊوباگو جو يگانو شاعر منظور سمون جڏهن ماءُ جي جهولي مان نڪري هلڻ جيڏو ٿيو ته، ڪيس سندس گهر ۾ والد جي ڏاريل ٻڪرين جي ننڍڙن ڦرڙن ۾ ڪائنات جو سمورو حُسن ڏسڻ ۾ آيو. ائين سڀ ڪان پهرين منظور سمون جي انهن ننڍڙن ۽ خوبصورت ڦرڙن سان دوستي ٿي. جڏهن هن جواني ۾ قدم رکيو ته قدرتي حُسن هن جي دل جي هر تند ۾ رچي ويو ۽ هي هر خوبصورت اک جو عاشق بنجي ويو. ٽنڊوباگو شهر جيڪو سنڌ راڻي ۽ مير باگو جي عشق سان اڏيل شهر آهي، ان شهر ۾ پيدا ٿيڻ ڪري منظور سمون تي سنڌ راڻي ۽ مير باگي جي عشق اهڙو ته اثر ڪيو آهي، جو هن جي دل ۾ محبوب جي عشق ڪان وڌيڪ ڌرتي جو عشق وسي ٿو. هن جي شاعري جا لفظ برف جهڙا ٿڌا ۽ ٽانڊن جهڙا گرم محسوس ٿيندا آهن. هن جي شاعري ۾ منظر، تصور ۽ تشبيهون پڙهندڙ جي دماغ کي گهمائي ڇڏينديون آهن. ٽنڊوباگو پريس ڪلب جي دوستن پاران سنڌ راڻي ۽ مير باگي تي ڪرايل ادبي سيمينار ۾ منظور سمون جڏهن پنهنجي شاعري ٻڌائي رهيو هو ته اسٽيج تي ويٺل سنڌ جي عظيم شاعر، مرحوم حسن درس پنهنجي ڪُلهن ۾ پيل اجرڪ لاهي منظور سمي کي پارائي ڪيس ميڄتا ڏني. شاعري ۽ نثر ۾ منظور جون 5 تصنيفون ڇپيون آهن، جن ۾ ”اويناش“، ”منظور سولي تي“، ”تنهنجي ئي خيال ۾ شاعره “ ۽ سنک مڙوئي سور“ شامل آهن. منظور سمون جي سنڌ راڻي ۽ مير باگي جي پس منظر ۾ لکيل نظم جون ڪجهه سِٽون هن ريت آهن.

(1)

مير باگو:

منهنجي ڪنهن تي به ميار ناهي
منهنجي ڏک جو پنهنجو انداز آهي
هاشميءَ جو هُبڪارون تو ۾
مگر منهنجي زندگي هڪ راز آهي.

(2)

سنڌ راڻي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلابي رات جو اگڙ چنڊ جھومڪ جھڙو
سرگرم وجود تو تخت تاج ٽڏيا
اھي اميراڻا انگل رھزن رواج ٽڏيا.
اڄ بہ ساڳيو آھي سجڻ چنڊ جھومڪ جھڙو

(3)

ھڪڙي آھي سونيتي سنڌراڻي شاھہ ديواني جي مور متي ۾ سُتل
شام جڻ ڪا باڳي جي چورائجي ويئي نگاھون ڏس اڄ ڪٿي آھن ڪتل

## محمد حسن بليدي

هوئن تہ دنيا ۾ بيشمار انسان هلندا رهن ٿا پر ڪي شخصيتون اهڙيون بہ هونديون آهن، جن جو اعليٰ ڪردار جو نقش دائمي حيثيت اختيار ڪندو آهي، سائين محمد حسن بليدي جي شخصيت بہ اهڙن فردن مان آهي . سائين محمد حسن بليدي هڪ صاحبِ بصيرت استاد ۽ اُتاهون انسان آهي. سندس خُلق خلوص ۽ اعليٰ شخصيت پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ٽنڊوباگو پرسان ديھ ڪاڪ 2 ۾ حاجي محمد خان بليدي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سائين محمد حسن بليدي ننڍپڻ کان تمام گهڻو هوشيار ۽ درويشانہ طبيعت جو مالڪ هئڻ ڪري، ڪڏهن بہ ڪنهن کي ايذاء يا تڪليف نہ پهچائي. ڀارنهن ڪلاس پاس ڪري سائين محمد حسن بليدي 1962ع ۾ پرائمري استاد ڀرتي ٿيو. پاڻ هڪ ڏينهن بہ اسڪول ڊيوٽي کان واندو نہ ويٺو ۽ جيڪي استاد شاگردن جي زندگي تي هميشہ لاءِ اثر قائم رکندا آهن، سائين محمد حسن انهن استادن مان هڪ آهي، سندن پيار ۽ محبت جو تہ ڪاٿو ڪري نہ سگهبو. پاڻ محبت جا اُٿا ساگر آهن. 21 سالن تائين مختلف ڳوٺن ۾ ٻارن کي پڙهائڻ کان پوءِ، ترقي ملي تہ پاڻ 1983ع ۾ سعودي عرب جي سهڪار سان سنڌ صوبي ۾ کليل مسجد اسڪولن مٿان ريسيور پرسن ( آربي) مقرر ٿيا. ان دوران پاڻ تمام وڏي محنت سان پنهنجي ڊيوٽي کي عبادت سمجهي ادا ڪندا هئا ۽ اسڪولن جو جائزو وٺندا هئا. ڪافي ناڻائو استادن جي اک ۾ ڪنڊو بڻجي ويا. پر تنهن هوندي بہ هي اهڙن استادن کي اولاد وانگر سمجهائيندا رهندا هئا. هن پنهنجي دور ۾ مختلف ڳوٺن ۾ نوان اسڪول کولرايا. سندن آفيسر سدائين سندس عزت ۽ احترام ڪندا هئا ۽ ڪائونس تعليم جي بهتري لاءِ صلاحون وٺندا هئا. ان کان اڳ پاڻ (پ ٿ الف) پرائمري استادن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ تنظيم ضلع بدين جا سينئر نائب صدر رهيا. 1982ع ۾ جماعت اسلامي ضلع بدين جي امير مولانا شمس الحق مگسي جي هدايت تي مولانا مودودي رحہ جا ڪتاب ” خطبات، دينيات، تفهيم القرآن “ پڙهڻ کان پوءِ، پاڻ جماعت اسلامي کان تمام گهڻو متاثر ٿي، جماعت اسلامي ۾ شامل ٿيا ۽ تنظيم اساتذه پاڪستان سان تعلق هئڻ ڪري پاڻ تنظيم جي مرڪزي ڪميٽي جا ڏهہ سال عهديدار رهيا. ان کان سواءِ سائين محمد حسن بليدي رٽائر ٿيڻ تائين آربي ايسوسيئيشن ضلع بدين جو صدر رهيو. رٽائر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيڻ بعد پاڻ ڇهه سال تائين جماعت اسلامي ضلع بدين جو امير رهيو. ان سان گڏ شعبہ جهاد ڪشمير جو صوبائي صدر پڻ رهيو آهي. درد دل رکندڙ هن انسان دوست شخصيت جي مالڪ، پيرسني جي حالت ۾ ڪشمير ۾ آيل زلزلي کان سواءِ 2011ع جي برساتي ٻوڏ ۾ جيڪو جماعت اسلامي جي پليٽ فارم تان برسات متاثرن جي خدمت ڪئي، اها ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهجي، ان دوران ٽنڊوباگو ۾ جماعت اسلامي جي رليف ڪيمپ ۾ غريب نياڻين جي اجتماعي شادين وارو ڪاج بہ ٽنڊوباگو جي ماڻهن کان ڪڏهن بہ وسري نہ ٿو سگهي . جيترو سائين محمد حسن بليدي شفيق انسان آهي، اوترائي سندس فرزند نيڪ ۽ صالح آهن. سندس دوستي جو حلقو تمام گهڻو وسيع آهي جن ۾ سائين بيگ محمد رستماڻي مرحوم، سائين غلام رسول پنهور مرحوم، علي اڪبر رستماڻي مرحوم، عبدالرسول چانگ، سائين قمرالدين قاضي مرحوم، ٺٺومل موروا ڻي، احمد خان لغاري مرحوم، ڪريم بخش لغاري مرحوم، علي محمد لوهار

**مير محمد حسن عرف حاجن ٽالپر** : پاڻ ٽنڊوباگو جا وڏو زميندار ڪاروباري شخص آهي، پاڻ ڪيترو وقت سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ٿي رهيو آهي. هي ڪافي سال صحافت سان بہ منسلڪ رهيو آهي. سندس بہ پٽ مير محمد بخش ۽ مير عمير خان بہ زميندار ۽ ڪاروباري ماڻهو آهن. مير محمد بخش 2015ع جي اليڪشن ۾ بوسي ڪڍهرو مان ضلع ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو آهي.

**مير لطف علي ٽالپر**: ٽنڊوباگو جو وڏو زميندار ۽ نهايت شريف قسم جو انسان آهي، هن وقت حيدرآباد ۾ رهي ٿو هن کي ٽالپرن جي تاريخ سان وڏي دلچسپي آهي، سندس فرزند مير منير احمد ٽنڊوباگو ۾ زميندار ي جو ڪم سنڀالي ٿو.

**مير فراز احمد ٽالپر**: پاڻ مير نورحسين ٽالپر جو فرزند ۽ ٽنڊوباگو تعلقي جي سٺي زميندار هئڻ سان گڏ سٺو سماجي ورڪر ۽ قانون جو ماهر آهي، ڪيترائي ظلم جا ستايل ماڻهو ان کان قانوني صلاحون وٺن ٿا .

**مير عبدالحسين عرف مير ڪاشف ٽالپر**: مير نياز حسين جو وڏو فرزند ۽ پ پ پ ٽنڊوباگو سٽي جو صدر آهي، مير ڪاشف سٺي سياستدان سان گڏ سٺو زميندار پڻ آهي. ميرباگي سان محبت هئڻ ڪري، هن پنهنجي وڏي پٽ جو نالو ميرباگو خان رکيو آهي.

**مهدي محمد خواجہ**: پاڻ ٽائون ڪميٽي جا سابق چيئرمين، وڏا زميندار آهن سندس ڪوشش سان ٽنڊوباگو شهر ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ٿيا. جن ۾ ٽنڊوباگو ۾ پوسٽ آفيس جي موجوده بلڊنگ، ٽيليفون ايڪسچينج، سئي گئس، پبلڪ لائبريري، روڊ رستا، آءِ ٽي ڪاليج وغيره.

**عرفان مهدي خواجہ:** آغا خان ڪائونسل ٽنڊو طريل جو صدر آهي. آغا خان ڪائونسل ۾ صحت، تعليم ۽ اسڪائوٽنگ ۾ هي بهترين ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. ادب ۽ تاريخ جي علم جي چڱي ڄاڻ آهس، غريبن جو مددگار آهي.

**منظور لاڪاٽي** : پاڻ ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جا سابق ايڊمنسٽريٽر ۽ سٺا سماجي اڳواڻ آهن.

**سيٺ رسول بخش خواجہ:** پنگريو شهر ۾ وڏو ڪارخانو اٿس ۽ سٺو زميندار آهي، سندس اڪيلوپٽ رحيم خواجہ جواني ۾ حادثي سبب وفات ڪري ويو. هي نهايت رحم دل ۽ سخي آهي.

**حاجي قربان علي خواجہ** : ٽنڊوباگو جو مشهور سماجي ۽ مذهبي اڳواڻ آهي. بهترين مرثيہ گو رهيو آهي. سندس وڏو پٽ اقبال احمد خواجہ سيشن جج ۽ سڪندر علي خواجہ سٺو وڪيل آهي.

**ارشاد علي خواجہ:** مرحوم سيٺ حبيب الله خواجہ جو پٽ ۽ ٽنڊوباگو جو واپاري اڳواڻ ۽ بهترين سماجي اڳواڻ آهي. هن ڪي فيصلن جو ماهر چيو وڃي ٿو.

**قادر نواز ميمڻ:** سيٺ محمود ميمڻ جو پٽ 2001ع جي ناظمي واري اليڪشن ۾ پ پ پ ۽ مسلم ليگ کي هارائي يوسي ٽنڊو باگو جو ناظم چونڊجي ويو. اليڪشن 2015ع ۾ يوسي مير غلام محمد ٽالپر تان مرزا گروپ مان ضلع ڪائونسل تي چونڊ کٽي اٿس.

**سڪندر علي ميمڻ** : 2005ع جي چونڊن ۾ پ پ پ پاران يوسي ٽنڊوباگو جو نائب ناظم چونڊيو ويو ۽ 2008ع ۾ تعلقي ناظم پير حامد علي شاهہ راشدي کي عدم اعتماد ذريعي هٽائڻ سبب ڪيس تعلقہ ناظم ڪيو ويو. اليڪشن 2015ع ۾ ٽنڊوباگو ٽائون ڪميٽي جي وارڊ 5 تان ڪائونسلر چونڊيو ويو آهي. سندس تعلق مرزا گروپ سان آهي. سٺي زميندارين سان گڏ سندس ٽنڊوباگو ۾ رائس مل آهي.

**حاجي احمد ميمڻ:** هي ٻہ ڀيرا ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو چيئرمين رهيو آهي، سياسي طور تي اڳي سيد علي بخش عرف پپو شاهہ سان گڏ هو. هن وقت پ پ ۾ آهي، هن پنهنجي چيئرميني جي دور ۾ شهر ۾ سٺا ڪم ڪرايا.

**جيوت رام وڪيل** : ٽنڊوباگو هندو پنچائت جو صدر آهي ۽ سٺو وڪيل هئڻ سان گڏ بهترين سوشل ورڪر آهي.

**راجا پون** : ٽنڊوباگو جو اهڙو نوجوان آهي جنهن پنهنجي ذهن سان پاڻ کي ۽ پنهنجي خاندان کي آسمان جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي. هي غريبن ۽ بي سهارا ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽائيندو آهي. اهڙن غريبن، بيمارن ۽ لاچار ماڻهن جي دعائن سان سدائين پئسن ۾ ڪيڏندو رهندو آهي.

**ديوان هيمون مل** : سرڳواسي تاري مل جو پٽ پنهنجي پيءُ جو سڪون لاهي ٿو. هي غريبن ۽ بيمارن جي مدد ڪري گهڻيون دعائون ماڻي پيو. ڏکي ويل ۾ هر ڪنهن جي مدد ڪندو آهي.

**ڏالو مل موتي** : سندس شمار حيدرآباد جي مشهور وڪيلن ۾ ٿئي ٿو،هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پزير آهي. سندس وڏو پٽ اشوڪ ڪمار وڪيل،هڪ پٽ ڊاڪٽر ۽ هڪ پٽ جج آهي.

**ڊاڪٽر ساڌو رام**: هي ٽنڊوباگو جو سينئر ڊاڪٽر آهي. هر ماڻهو سان کلي ملندڙ هن شخص ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڀاڙو نہ ٻوليو آهي.

**نانا جهامن**: شهر جي هر مسئلي تي درد دل رکندڙ۽ ڪچهري جي ڪوڏيئي هن شخص جي زندگي سدائين پين ڪي جدو جهد جو درس سيڪاريندي گذري آهي. ٽنڊوباگو ٽائون ڪميٽي جو وائيس چيئرمين ۽ واپاري اڳواڻ رهيو آهي.

**ڊاڪٽر جمن ڪٽي**: ٽنڊوباگو جو سينئر ڊاڪٽر آهي، سرڪاري نوڪري مان رٽائرمنٽ کان پوءِ پنهنجي نجي اسپتال هلائي ٿو. ادبي ڪتاب پڙهڻ ۽ بحث مباحثا ڪرڻ ۾ اڳيان اڳيان رهيو آهي.

**لقمان شيدي**: ايگريڪلچر کاتي ۾ آفيسر رهيو سدائين منهن تي مرڪ هوندي اٿس ڪل يوڳ ۾ چرچا ڪندڙ هن شخص کي ڪاوڙ ڪڏهن ويجهو نہ آئي آهي. ڊاڪٽر هري جي اسپتال تي روزا اچي ڪچهري ڪرڻ سندس معمول بنيل آهي. اليڪشن 2015ع ۾ وارڊ 1 تان مرزا گروپ طرفان چونڊ کٽي ٽائون ڪميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو آهي.

**فيض اديجو**: استاد سان گڏ سماجي اڳواڻ آهي. پنهنجي آفيس تي ادبي محفلون، سماجي پروگرام ڪرائڻ جو ماهر آهي. ٽنڊوباگو ۾ شمع ڊوولپمينٽ نالي سان اين جي او هلائي ٿو.

**غلام علي خاصخيلي**: استادن جي تنظيم پ ٿ الف جو اڳواڻ ۽ سٺو سماجي ورڪر آهي. اڪثر استادن جا فائيل هٿ ۾ کنيو استادن جا ڪم پيو ڪرائيندو آهي.

**محمد رحيم زئور**: پاڻ ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو بہ پيرا ڪائونسلر رهيو آهي. سندس والد مرحوم فتح محمد زئور بيل گاڏيون ناهڻ جو پلو ڪاريگر هو.

**علي نواز رُستماڻي**: هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو ۾ ڊرائنگ ٽيچر جي نوڪري ڪري رٽائر ٿيو پاڻ ڊرائنگ جو ڪاريگر حسابن ۽ جڳهين جي نقشن ناهڻ جو ماهر آهي.

**محمد صالح ڪڇي**: پاڻ يو سي ٽنڊوباگو جو سابق ڪائونسلر رهيو آهي. پراڻي شاهي بازار ۾ سندس (آڏين) اڏ ڪوپ چانه واري مشهور هوٽل هئي.

**پروفيسر محمد خان سمون**: بهترين طبيعت وارو ايجو ڪيشن جو آفيسر آهي، مشڪل ۾ قاتل ڪو بہ ماڻهو وٽس لنگهي ويو تہ ان جي هر طرح جي مدد ڪندو آهي ۽ سٺي نموني ڪيس صلاحون ڏيندو آهي. سنڌ جي سٺن تعليمي آفيسرن ۾ هن جو شمار ٿئي ٿو.
**مولوي گل محمد حيدري**: مذهبي اڳواڻ ۽ ذاڪر اهل بيت آهي، پاڻ هڪ سٺو استاد پڻ آهي، گڏو گڏ اهل تشيع جي ذاڪرن ۾ شمار ٿئي ٿو.
**محمد عيسيٰ سمون**: هن جو وڏن عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو مسجد حيدر ڪرار ۾ هر جمع تي نماز کان اڳ پاڻ خطبو پڙهندو آهي ۽ مذهبي جلسن ۾ وڏي مقرر طور خطاب ڪندو آهي. فقہ سميت عربي، فارسي جو ماهر آهي.
**قاري عبدالواحد فاروقي** : ٽنڊو باگو جو وڏو عالم آهي، سندس ڪوشش سان باگو واهہ جي ڪپ تي قائم ڪيل ديني مدرسو ٽنڊو باگو ۾ هلي رهيو آهي، جتي ٻارن کي ديني تعليم پڻ ڏني وڃي ٿي.
**مولوي عبدالرزاق هالو**سندس ٽنڊو باگو جي بخاري پڙ پرسان وڏو ديني مدرسو آهي، جتي ٻهراڙي جا ٻار ديني تعليم حاصل ڪن ٿا. پاڻ مشهور عالم دين آهي.
**مولوي محمد حنيف سومرو**: ميرن جي مسجد جو پيش امام آهي، انتهائي سادي طبيعت جو مالڪ آهي، 12 ربيع الاول تي سندس اڳواڻي ۾ جشن والادت نبي صہ جو وڏو جلوس ڪڍيو وڃي ٿو.
**علي مراد زئور**: پ پ پ تعلقي ٽنڊو باگي جو گهڻي عرصي کان صدر رهندو پيو اچي، هن جي سادي طبيعت آهي، ڪيترا پيرا پارٽي جي ڪري سختيون بہ سٺيون اٿس، هن وقت مارڪيٽ ڪميٽي جو ايڊمنيسٽريٽر آهي،
**صوفي ڪلو مل**: ٽنڊو باگو تعلقي جو سٺو زميندار ۽ وڪيل آهي، هن ٽنڊو باگو جي گرناري مندر تي هڪ مهاجر پاران قبضو ڪرڻ تي وڏي جدوجهد ڪري مندر تان قبضو ختم ڪرا يو. هي ضلع ڪائونسل بدين جو ميمبر رهڻ سميت ف ليگ جو اڳواڻ آهي.
**عــارف زئــور**:عوامي تحريڪ جو پراڻو ڪارڪن ۽ سٺو سياسي اڳواڻ آهي، شهر جي هر مسئلي تي اڳيان اڳيان هوندو آهي.
**ڊاڪٽر دوست محمد چانڊيو**: انساني حقوق جو اڳواڻ صحافي ۽ سماجي اڳواڻ آهي، وڏي محنت ڪري سٺي اسپتال ناهڻ تي ڪيترن ماڻهن جي اک ۾ ڪنڊو بنيل آهي، مظلومن سان ٿيندڙ ڏاڍ تي خاموش نہ ويهندو آهي.
**لڪاڏنو جت**: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جو حافظ آهي، جڏهن ڪنهن ادبي ڪچهري ۾ شاهہ جا بيت پڙهندو آهي تہ پاڻ وجد ۾ اچي ويندو آهي.

**سليمان امر سومن:** خوبصورت شاعر سميت قومپرست ڪارڪن، صحافي ۽ ڪرڪيٽ جو سٺو رانديگر رهيو آهي، هن وقت سمورا مشغولا ڇڏي صرف زمينداري ڪري پيو.
**مقبول هاليپوٽو:** نئين ٿهي جو خوبصورت شاعر ۽ نثر نگار آهي، سندس شاعري پڙهڻ سان خوبصورت تشبيهن ۾ ماٺهو گم ٿيو وڃي.
**شاهد حميد شيدي:** مانيٺي طبيعت وارو هي انسان نئين ٿهي جو بهترين شاعر آهي، سندس نالو پيلوڙشاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو.
**پير بخش صابر شيدي:** ٽنڊوباگو جي شيدي برادري جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ سميت پاڻ سٺو شاعر آهي، محمد صديق مسافر جي شخصيت سان ڪيس تمام گهڻو پيار آهي.
**ڊاڪٽر گلزار علي خواجه** : ٽنڊوباگو جو هڪ بهترين ڊاڪٽر هئڻ سان گڏ غريب دوست انسان آهي. غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ هن کي سڪون ملي ٿو. تمام گهڻا سماجي ڀلائي جا ڪم ڪيا اٿس.
**زرينہ بلوچ** : سياسي طور تي فنڪشنل مسلم ليگ سان تعلق رکندڙ، سابقہ تعلقہ ۽ يوسي ڪائونسلر رهي آهي، سٺي سوشل ورڪر آهي، شهر ۾ ٿيندڙ ادبي ۽ سماجي پروگرامن ۾ حصو وٺندي رهندي آهي.
**خالد بلوچ** : هي ڪرڪيٽ جو انتها جو شوقين ۽ سٺو پوليس آفيسر آهي، هن وقت ٽنڊومحمد خان ۾ ڊي ايس پي طور تي مقرر ٿيل آهي. ان ڪانسواءِ رستماڻي ايجوڪيشن سوسائٽي جو چيئرمين پڻ آهي.
**صلاح الدين رُستماڻي:** هي پڻ پوليس جو بهترين آفيسر آهي ۽ ان سان گڏ ڪرڪيٽ جو سٺو رانديگر آهي، هن وقت ٽنڊو غلام حيدر ٿاڻي تي ايس ايڇ او مقرر آهي.
**محرم عرف بالو شيدي:** ننڍي هوندي ڪرڪيٽ جو وڪيٽ ڪيپر هو شاگردي واري دور ۾ سپاف جو سرگرم ڪارڪن هو شهيد پنوجي شهادت تي جلوس ڪيڻ ڪري جيل بہ ويو پي آئي اي ۾ نوڪري سبب ڪيترائي ملڪ گهمي ڏٺائين، رٽائرمينٽ کان پوءِ زمينداري ڪري پيو.
**شفيق الرحمن شيدي** :سندس تمام ذهين شاگردن ۾ شمار ٿئي ٿو هن وقت تيل ڪمپني ۾ سٺي عهدي تي پهتل آهي، سٺي نوڪري ۽ وڏو پگهار هئڻ باوجود هر ڪنهن سان خوش اخلاقي سان ملندو آهي.
**رئيس عبدالحميد پرڳڙي** : پنهنجي برادري جي غريب نوجوانن کي تعليم ڏيارڻ سميت پنهنجي پٽن ۽ نياڻين کي سٺي تعليم ڏياري، ٽنڊوباگو ۾ پهريون پيٽرول پمپ کوليو جتي ڏهاڪن تائين سياست جو مرڪز هوندو هو. پاڻ ٽنڊوباگو جي مشهور شخصيت آهي.

**نياز احمد پرڳڙي** : نازڪ ۽ نفيس طبيعت جو مالڪ آهي تندوباگو جي صحافت ۽ سماجي ڪمن ۾ هن جو ڪردار وسارڻ جهڙو نه آهي. پيپلز پارٽي جي ڪري جيل به ڪٽي آيو پر وقت سان گڏ ساڻس پارٽي به وفا نه ڪئي.
**امين سنڌي** : تندوباگو جو نوجوان شاعر, صحافي آهي ڪيترا ڀيرا پريس ڪلب جي اهم عهدن تي چونڊبو رهيو آهي, گڏو گڏ اين جي اوز ۽ سماجي ڪمن ۾ سنڌس سٺو ڪردار رهيو آهي, پاڻ سٺو مقرر ۽ سبزي جي واپارين جو صدر آهي, هن وقت تعمير سنڌ اخبار جو رپورٽر آهي.
**نصرالله جروار**: پراڻو قومپرست ڪارڪن ۽ تندوباگو جي سينئر صحافي هئڻ ڪري ڪيترا ڀيرا پريس ڪلب جو صدر رهيو آهي. ان سان گڏ جاڪوڙي رپورٽر آهي, قومپرست سياست دوران سکر جي جيل جي ياترا به ڪري آيو هن وقت سياسي طور تي فنڪشنل مسلم ليگ ۾ آهي.
**يار محمد خاصخيلي** : پ پ پ ضلع بدين جو اڳوڻو جنرل سيڪريٽري ٽائون ڪميٽي تندوباگو جو چيئرمين به رهيو آهي, ڪيترائي ڀيرا جيل ڪاٽڻ سبب هن کي ڪامريڊ به سڏيندا آهن.
**نارائڻ ڪاپڙي**: تعلقه ڪائونسل تندوباگو جو ملازم هئڻ سان گڏ قانون جي وڏي ڄاڻ رکي ٿو انگريزي لکت جو وڏو ڄاڻو آهي.
**وڪيل احسان علي خواجه** : هي بدين ضلع جو سٺو وڪيل آهي. شادي ڪرڻ کان اڳ ڪيترائي سال ڪئنيڊا ۾ نوڪري ڪندو هو پر هن وقت تندوباگو ۾ رهائش پذير آهي ۽ وڪالت ڪري ٿو.
**روپو ربياري** : تندوباگو ۾ جنس جو واپاري هئڻ سان گڏ پنهنجي برادري ۽ ذات جي وڏي ڄاڻ رکي ٿو رباري ذات جون 50 کان وڌيڪ نکون ۽ پاڙن سميت وڏي ڄاڻ جو مالڪ آهي.
**پٽيل اڪبر سمون** : مرحوم نصير ٽپيدار جو پٽ فيصلا ڪرڻ جو ماهر سمجهيو وڃي ٿو گهٽ پڙهيل هئڻ باوجود وڏي ڄاڻ رکي ٿو. هي ڪجهه وقت صحافي رهيو آهي.
**شاهنواز خان جمالي**: تندوباگو جو وڏو زميندار هئڻ سان گڏ سٺي شخصيت جو مالڪ آهي ۽ يارن جو يار آهي.
**سردار غلام رسول جمالي** : اڳوڻو تعلقه نائب ناظم , گهوڙن جو شوقين ۽ ميلن ۾ گهوڙو ڊوڙائڻ جو پلوڙ سوار آهي.
**عطا حسين جمالي** : پاڻ تندوباگو جي سياسي شخصيت سان گڏ فيصلا ڪرڻ جو ماهر سمجهيو وڃي ٿو.
**انتظار مهدي خواجه** : پاڻ خواجه جماعت جو صدر مذهبي اڳواڻ آهي, ۽ تر جو مشهور زميندار آهي, هر ڪنهن سان پيار سان ملڻ ڪري ڪيس هر ڪو عزت ڏيندو آهي. 2015ع

جي چونڊن ۾ يوسي پهاڙ مري تان ضلعي ڪائونسلر طور ڪامياب ٿيو آهي.

**مولوي عبدالڪريم ٻليدي**: پاڻ ٽنڊوباگو جي نئون آباد ۾ ديني مدرسو هلائڻ سان گڏ جماعت اسلامي ضلع بدين جو نائب امير ۽ سرگرم اڳواڻ آهي. شهر جي هر مسئلي ۽ احتجاج ۾ شهرين سان گڏ هوندو آهي.

**مولوي علي احمد ٻليدي** : پاڻ ٽنڊوباگو شهر جو جماعت اسلامي جو امير آهي، هاءِ اسڪول ڪوسڪي ۾ استاد آهي ۽ بهترين مقرر آهي، پاڻ اڪثر پنهنجي برادري ۾ سائين محمد حسن ٻليدي سان گڏ فيصلي ۽ برادري جي ٻين معاملن ۾ هوندو آهي، زميندار پڻ آهي.

**مختيار احمد بڪاري**: استادن جي تنظيم ماتا جو ضلع اڳواڻ رهيو آهي، ان سان گڏ سياسي ۽ سماجي ڪارڪن آهي، هميشہ جدوجهد ڪندي نظر ايندو آهي.

**عابد حسين رُستماڻي** : وقت کان اڳي رٽائر ٿي وقت سان وڏي ويڙهه ڪائيندڙ انسان آهي. ڪجھ وقت صحافت سان لاڳاپو رکڻ کان پوءِ صحافت ڇڏي ڏنائين.

**ڏاڙهون مگڻهار**: ٽنڊو باگو جو سٺو شاعر ۽ فنڪار آهي، سياسي، سماجي پروگرامن ۾ گيت ڳائي محفل کي جهومائيندو آهي.

**محمد اسماعيل ڪنيار**: هي پرائمري استاد هئڻ سان گڏ ٽنڊوباگو ۾ ٽُٽل هڏن کي جوڙڻ جو ماهر ڪاريگر آهي. ايڪسري کان سواءِ ڏسي ٻڌائيندو آهي تہ هڏ ٽٽل آهي يا نڪتل آهي. ان کانسواءِ هي ڪنيار اتحاد جو مرڪزي اڳواڻ پڻ آهي.

**عبدالرزاق خاصخيلي**: هي پرائمري اسڪولن مٿان سپروائيزر آهي ۽ بہ پيرا انچارج اسٽنٽ ڊسٽرڪٽ آفيسر رهيو آهي. تعليم کاتي ۾ سندس وڏو نالو آهي.

**ڊاڪٽر لڪاڏنوڪلهوڙو**: هي ڪرڪيٽ جو رانديگر ۽ غريب گهراڻي جو فرد وڏي محنت ڪري ڊاڪٽر بڻيو ڪيترائي سال ڪراچي ۾ ڊاڪٽري ڪرڻ کان پوءِ هاڻي ٽنڊوباگو ۾ اسپتال هلائي ٿو.

**سعيد اختر سمون**: پنهنجي وقت جي ذهين شاگردن ۾ شمار ٿئي ٿو محنت ۽ جفا ڪشي سان پاڪستان نيوي ۾ڀرتي ٿيو. جتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن وقت دبئي ۾ پرائويٽ نوڪري ڪري ٿو.

**ڀيشم ڪمار آزاد** : پرائمري استاد سان گڏ وڏو سماجي اڳواڻ آهي. شهر جي هر مسئلي تي کلي دل سان ڳالهائڻ سندس عادت آهي. سندس شمار ٽنڊوباگو جي سٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو.

**مير محمد عباسي**: هي هاءِ اسڪول خليفو قاسم ۾ ايچ ايس ٽي استاد سان گڏ علم ۽ ادب سان گهڻو چاهه رکي ٿو. روز لائبريري تي وڃڻ سندس مشغولي آهي.

**ڪامريڊ رفيق مگڻهار**: پيپلز پارٽي ٽنڊو باگو سينئر نائب صدر آهي، ڪيس شهيد ڀٽو جي پارٽي سان تمام گهڻو پيار آهي، پارٽي تي ڏکيا ڏينهن اچڻ ڪري به ڪڏهن مايوس نه ٿيو. پارٽي لاءِ پاڻ ۾ سندس پٽ جيل ياترا به ڪري چڪا آهن.

**عبدالستار ميمڻ**: پرائمري استادن جي تنظيم پ ٽ الف جو اڳواڻ ۽ پ پ جو جيالو ورڪر آهي، پ پ ۽ استادن جي تنظيم ۾ سچ ڳالهائڻ ۽ سچ چوڻ تي سدائين اڳواڻن جي اک ۾ ڪنڊو هوندو آهي.

**انور علي خواجه** : سابق ڪائونسلر ۽ سماجي ورڪر آهي، نئون آباد محلي ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ وڏي جاکوڙ ڪندو رهي ٿو.

**اشفاق احمد ميمڻ** : هي ٽنڊوباگو جو زرعي دوائن جو واپاري ۽ مذهبي اڳواڻ آهي، وڏي محنت ڪري زرعي دوائن ۾ نالو ڪيايو اٿس.

**ڊاڪٽر نذير احمد ڀرڳڙي** : ٽنڊوباگو جي سياسي شخصيت ۽ سنو ڊاڪٽر آهي، مرزا گروپ سان تعلق اٿس.

**سيد خدا ڏنو شاهه** : هن صحافت جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي، پشاور ۾ ڪي ٽي اين ۽ ڪاوش لاءِ رپورٽنگ ڪرڻ کان پوءِ هن وقت ڪراچي ۾ صحافت ڪري ٿو سندس نالو سنڌ جي مشهور صحافين ۾ شمار ٿئي ٿو.

**راڻو عمراڻي ڪڇي**: ٽنڊوباگو جو جهونو اخباري هاڪر ۽ پراڻو صحافي آهي، سندس بس اسٽاپ تي پڪوڙن جو دڪان آهي.

**سُريش ڪمار وڪيل**: ٽنڊوباگو جي پراڻي اسٽامپ وينڊر ”ماڌو جي“ جو پٽ ۽ ٽنڊوباگو جو سنو وڪيل آهي.

**عاطف خواجه** : ٽنڊوباگو ۾ ڪمپيوٽر جو ڪم ڪندڙ مشهور نوجوان آهي، ننڍي عمر ۾ ڪمپيوٽر جي ڪم ۾ وڏي مهارت حاصل اٿس.

**امتياز گل ميمڻ** : ٽنڊوباگو جي گڊس ڪمپني سنڌ شهباز جو مالڪ آهي. سيد پيو شاهه جي ساجي ٻانهن سمجهيو ويندو آهي.

**عمر فاروق رُستماڻي**: ڪرڪيٽ جو بيحد شوق رکندڙ هي شخص ڪيترو وقت ڪرڪيٽ ايسوئيشن ضلع بدين جو اڳواڻ رهيو. هن وقت نيشنل بئنڪ ٽنڊوباگو جو مئينجر آهي.

**سيٺ انور علي خواجه**: ٽنڊوباگو جو وڏو زميندار ۽ آبادگار اڳواڻ آهي، پاڻ مارڪيٽ ڪميٽي جو چيئرمين پڻ رهيو آهي.

**منور تبسم کتري** : سدائين کلندڙ چهري وارو هي شخص ٽنڊوباگو جو پلوڙ شاعر، سريلو ڪمپيئر ۽ سنو استاد آهي، پاڻ هن وقت هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊوباگو ۾ استاد آهي.

**غلام قاسم خاصخيلي**: ٽنڊو باگو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف جو اڳواڻ ۽ سٺو زميندار آهي. ڪيس اليڪشن وڙهڻ جو ماهر سمجهيو وڃي ٿو. سندس ذهانت جي ڪري سندس پينل هميشھ اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيو وڃي.

**شبير احمد خاصخيلي**: هڪ سٺي استاد سان گڏ راڳ جو چاهڻو ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندو آهي. وٽس ٽنڊو باگو جي پراڻن ڪردارن جا قصا ۽ ڪهاڻيون لکت ۾ موجود آهن.

**محمد اشرف سومرو**: ننڍي هوندي کان ڪرڪيٽ راند جو شوقين هو 1979ع شهيد ذوالفقار ڀٽو کي ڦاسي اچڻ تي احتجاجي جلوس ڪڍڻ تي ڪيس پوليس گرفتار ڪيو، ڪيس ان وقت جي مليٽري ڪورٽ بدين سزا ٻڌائي سينٽرل جيل حيدرآباد موڪلي ڇڏيو. هن پ پ جي شاگرد ونگ سپاف ۾ سرگرم ڪارڪن طور ڪردار ادا ڪيو ڪيس پ پ سٽي جو جنرل سيڪريٽري بہ چونڊيو ويو هن وقت نيشنل بئنڪ بدين برانچ ۾ گريڊ ون ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي.

**راجڪمار لوهاڻا**: ٽنڊو باگو شهر جو هي نوجوان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ مهينا زميندار ي ڪرڻ کان پوءِ پوليس ۾ صوبيدار ڀرتي ٿيو. هن وقت انسپيڪٽر جي عهدي تي پهتو آهي، هي هڪ سٺو پوليس آفيسر آهي.

**قاضي سڪندر اعظم**: وقت جو ڀلو ڪرڪيٽر ۽ فاسٽ بالر نيشنل بئنڪ ۾ نوڪري ملڻ کان پوءِ ترقي ڪندي مئنيجر جي عهدي تي پهتو آهي، هن وقت تلهار برانچ ۾ مئنيجر آهي.

**والي حيدر ميمڻ**: يو بي ايل بينڪ جي مختلف برانچن ۾ مئنيجر ٿي رهيو. سماجي ڪمن ۾ سوشل ورڪر طور اڳيرو رهيو آهي. هي ٽنڊو باگو جي تاريخي مير غلام محمد خان ٽالپر جي اسڪول جي پراڻن شاگردن جي تنظيم اولڊ بوائز ايسوسيئيشن جو ڪيترن سالن کان وٺي صدر رهندو اچي.

**غلام اڪبر خواجه** : تيل ڪمپني ۾ آفيسر آهي، هي ڪيتري عرصي کان اولڊ بوائز ايسوئيشن جو عهديدار رهندو اچي ۽ سماجي ڪمن ۾ سرواڻي وارو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.

**حسين بخش چانهيو** : مائيٽي طبيعت ۽ خوبصورت شخصيت وارو انسان آهي، هن وقت پي آئي اي ۾ آفيسر آهي، نوڪري سبب دنيا جا ڪيترا ملڪ گهميو آهي، پاڻ اولڊ بوائز ايسوئيشن سان ڪيتري عرصي کان وابستہ رهندو پيو اچي.

**مظفر حسين خواجه**: ٽنڊي باگي جي اهڙي شخصيت آهي، جيڪو ذڪي ويل ۾ ماڻهن جي مدد ڪندو رهي ٿو. تعليم کاتي ۾ سپروائيزر آهي، سندس سگا ۾ بهترين خدمتون سرانجام ڏنل آهن. بهترين شخصيت ڪري يارن جو يار آهي.

**شير علي خواجه** : ٽنڊوباگو جو پراڻو صحافي آهي، پهرين ڏينهن کان عبرت اخبار سان واڳيل رهيو آهي. هي پريس ڪلب ٽنڊوباگو جو صدر به رهيو آهي.
**شڪيل خواجه** : هي تعلقه آفيس ٽنڊوباگو ۾ اڪائونٽنٽ جي نوڪري ڪري ٿو، سنڌس سٺي ۽ بهترين ڪردار جي ڪري شهر جا ماڻهو سنڌس عزت ڪن ٿا.
**ظهير احمد ميمڻ**: هي ڪنهن وقت صحافت ڪندو هو پر ڪنهن سبب جي ڪري صحافت ڇڏي ڏنائين، هن وقت تعلقه آفيس ٽنڊوباگو ۾ واٽر سپلاءِ جي ملازمن جو انچارج ۽ تعلقه آفيس ۾ آفيسر آهي.
**اشفاق احمد ميمڻ**: ٽنڊوباگو جي تاريخي اسڪول ۾ ايڇ ايس ٽي آهي، اسڪول ۾ ٿيندڙ هر پروگرام ۾ پاڻ اڳيرو هوندو آهي. ان سان گڏ سگا ۽ گسٽا جو اڳواڻ آهي.
**امين ميمڻ**: هاءِ اسڪول ٽنڊوباگو ۾ ايڇ ايس ٽي استاد آهي ۽ اسڪول جا فارم پڙهڻ ڪتاب ورهائڻ وارو ڪم سنڌس حوالي آهي.
**غلام شبير لغاري** : هي ٽنڊوباگو جو نوجوان صحافي ۽ سنو شاعر آهي ، پير سائين پاڳاري جو مريد ۽ عقيدت مند آهي. سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو باگو جو عهديدار آهي، ادبي پروگرامن سماجي ڪمن ۾ بهرو وٺندو رهي ٿو ۽ سنو مقرر آهي.
**انور علي بُليدي**: ٽنڊوباگو جي تاريخي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ عربي جو استاد آهي، ڪوبه غريب ماڻهو هن وٽ لنگهي ويندو آهي ته پاڻ هر طرح جي هن جي مدد ڪندو آهي ، نئون آباد محلي جي ترقياتي ڪمن لاءِ هميشه جدوجهد ڪندو رهندو آهي.
**ڊاڪٽر مُراد بلوچ**: هي ٽنڊوباگو جو هوميوپيٿڪ جو ڊاڪٽر آهي، سنڌس اسپتال ٽنڊوباگو جي ڊاڪٽرس گلي ۾ آهي، ڊاڪٽري سان گڏ هي هڪ بهترين سماجي سڌارڪ پڻ آهي.
**محمد خان ملاح**: هي ٽنڊوباگو جي نامور استادن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو، نوڪري تان رٽائر ڪرڻ کانپوءِ ملاح ذات جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندو رهيو آهي هن وقت ملاح اتحاد ٽنڊوباگو جو صدر آهي. سنڌس پٽن مان محمد يوسف ملاح تعليم کاتي ۾ سپروائيزر رهي رٽائر ٿيو آهي نظير احمد پرائمري استاد آهي ۽ رشيد احمد صحت کاتي ۾ سٺي عهدي تي مقرر آهي.
**ڊاڪٽر وقار احمد ميمڻ**: هي ٽنڊوباگو جو سنو ڊاڪٽر آهي، سنڌس اسرار ڪلينڪ آهي، سنڌس گهرن واري ڊاڪٽر سائره وقار پڻ زنانه بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر آهي. ايماندار ۽ غريبن جو همدرد آهي.

## مددي ڪتاب ۽ حوالا

| جريان نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ |
|---|---|---|
| .1 | تاريخ ماڙڪاڻي ٽالپر بلوچ | محمد حنيف مهر ڪاڇيلوي |
| .2 | قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو | مرزا قليچ بيگ |
| .3 | تاريخ لب مهراڻ | خدا داد خان |
| .4 | سُڪو سنڌو ڪنارا رُنا | عثمان راهوڪڙو |
| .5 | مٽي جا مور ماڻهو | عثمان راهوڪڙو |
| .6 | ٽلهار جي تاريخ | عبدالشڪور ڪتري |
| .7 | تحفة الڪرام | مخدوم امير احمد |
| .8 | پيرون چونديم پاند ۾ | محمد طالب لوهار |
| .9 | سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ | ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو |
| .10 | آئينہ قديم سنڌ | شمس الدين رُڪن |
| .11 | تاريخ سنڌ (اردو) | عبدالحليم شرر |
| .12 | پيرائتي سنڌ ڪٿا | ايم ايڇ پنهور |
| .13 | تصوير سنڌ | ايم ايڇ پنهور |
| .14 | سنڌ جي ريجاڻي تاريخ | ايم ايڇ پنهور |
| .15 | خليفو نبي بخش قاسم جي شاعري | پروفيسر قادر بخش مگسي |
| .16 | سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون، قومون ۽ قبيلا | اياز ڀاڳت |
| .17 | ڪُليات مسافر | محمد صديق مسافر |
| .18 | ڪيئي ڪتاب | رئيس ڪريم بخش نظاماڻي |
| .19 | تاريخ ٽالپر دور حڪومت | ميرزا عباس علي بيگ |
| .20 | لاڙ جا ماڳ ۽ مڪان | محمد سومار شيخ |
| .21 | بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ | محمد سومار شيخ |
| .22 | ڊگڙي جي تاريخ | اڪرم قمبراڻي |
| .23 | ماتلي جي تاريخ | محمد رمضان چيڙ |



جيتري قدر موضوع واري شهر ٽنڊو باگو جي تاريخ جو تعلق آهي، ان بابت ڪافي تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪٿي ڪٿي صرف لفظ ٽنڊو باگو پڙهجي ٿو، پر انور عباسي تحقيق جي کوٽ واري ماحول ۾ ٽنڊو باگو جي پُراڻي ماضي جي اُپٽار ڪندي جيڪو مواد ڪتاب جي صورت ۾ سامهون آندو آهي، ان جي مطالعي بعد ليکڪ جي ڪاوش ۽ اڻ ٿڪ محنت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. سندس ان وکر کي تاريخ جي ورقن ۾ اهم حيثيت ضرور ملندي. انور علي عباسي ٽنڊو باگو شهر جي تاريخ جي حوالي سان پسماندگي واري کوٽ جو بخوبي ادارڪ ڪندي جيڪو تحقيق لاءِ پورهيو ڪيو آهي، ان مان سندس علم ۽ ادب سان عشق جو ناتو نمايان نظر اچي ٿو. جيئن ته منهنجو مصنف سان بنهه ويجهو تعلق رهيو آهي، هن جي علمي اُڃ ڏسندي مون کي يقين آهي ته هي اجان به وڌيڪ تاريخ جي دُنيا ۾ پنهنجي قلم ذريعي حسين باب رقم ڪندو. شل سندس اُها تڙپ ۽ جاکوڙي طبيعت وڌيڪ کيس لکڻ جي دُنيا ۾ اڳتي سگهارو ليکڪ ۽ تاريخ دان بڻائي.

فتح محمد شهزاد "فتح" ٽيبو
چيف ايڊيٽر هفتيوار اخبار ولهار حيدرآباد